
# بهشت ۽ دوزخ

## ۽ ٻيون ڪهاڻيون



سنڌيڪار: ولي رام ولڀ

**سنڌي ادبي بورڊ**

# بهشت ۽ دوزخ

## ۽ ٻيون ڪهاڻيون

[ننڍي کنڊ جي مختلف ٻولين جي ڪهاڻين جو مجموعو]

ترجمو ۽ ترتيب:

**ولي رام ولڀ**

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄامشورو سنڌ

2004ع

هن ڪتاب جا جملي حق ۽ واسطا مترجم وٽ محفوظ آهن

ڪاپي رائيٽ © 2004ع سنڌي ادبي بورڊ

چاپو پهريون        ڊسمبر 2004ع        تعداد 1000

**BAHISHT AIEN DOZAKH, AIEN ƁIYOON KAHANIYOON**

Heaven and Hell, and Other Stories

(A Collection of Short Stories of Different Languages from Sub Continent)

Translation & Compilation: Vali Ram Vallabh

Composing: Rano Meghwar- Sooraj Printers, Hyderabad

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت: هڪ سؤ ڏهه روپيا

[Price: Rs. 110-00]

**ملڻ جو هنڌ:**

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد

(فون نمبر 633679)

Email Address: sindhiab@yahoo.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ★ ڇپائيندڙ پاران | | 5 |
| ★ دل جون ڳالهيون ڪرڻ جهڙو عمل (مترجم جا ويچار) | | 8 |

## انگريزي ڪهاڻيون:

| | | |
|---|---|---|
| 1- ڪرما | خوشونت سنگهه | 11 |
| 2- همسفر | رسڪن بانڊ | 16 |
| 3- لاوارث لاش | ايس-ڪي-رامپال | 20 |
| 4- منهنجو جنوني پٽ | حنيف قريشي | 27 |

## اردو ڪهاڻيون:

| | | |
|---|---|---|
| 5- منحوس | سعادت حسن منٽو | 42 |
| 6- نٽ جو بار | واجده تبسم | 47 |
| 7- معمار | حميد ڪاشميري | 60 |
| 8- سمنڊ بيمار آهي | آصف فرخي | 66 |
| 9- عشق ڪرين، ته شادي نه ڪر | حليم بروهي | 78 |

## بنگالي ڪهاڻيون:

| | | |
|---|---|---|
| 10- مِينُو | رابندرناٿ ٽئگور | 87 |
| 11- تِلوتوما | بَن ڦُول | 90 |
| 12- ڪارو پاڻي | علاؤالدين الآزاد | 98 |

## تامل ڪهاڻيون:


| | | |
|---|---|---|
| 13- ڏينهن ڏٺي جو سپنو | ايل-ايس-رامامرتم | 104 |
| 14- متي | ايل-ايس-رامامرتم | 110 |
| 15- ڊونگ | اڪيلن | 118 |
| 16- چترڪار | سَرسُنو | 124 |


## پنجابي ڪهاڻيون:


| | | |
|---|---|---|
| 17- هيءَ ڪهاڻي ناهي | اَمرتا پريتم | 129 |
| 18- پيميءَ جا ٻار | سنت سنگهہ سيکُون | 138 |


## گجراتي ڪهاڻيون:


| | | |
|---|---|---|
| 19- بهشت ۽ دوزخ | ڏومر ڪيتُو | 142 |
| 20- ٽي روپ | مِليانِل | 152 |
| 21- ممي نہ هجي تہ..... | سروج ترويدي | 160 |
| 22- شال | رسيڪ مهتا | 166 |


## مليالم ڪهاڻيون:


| | | |
|---|---|---|
| 23- فِرج | اي.ايم. ڪووُر | 183 |
| 24- جنم ڏينهن | وئڪم محمد بشير | 190 |
| 25- ڊارلنگ | ذڪريا | 203 |


## هندي ڪهاڻيون:


| | | |
|---|---|---|
| 26- ٽي خط | اقبال فرحت اعجازي | 206 |
| ★ هن مجموعي جا ڪهاڻيڪار | | 216 |

# ڇپائيندڙ پاران

ڪنهن به صحتمند ۽ صالح مُعاشري جي تشڪيل لاءِ ضروري آهي ته اُهو معاشرو نه رڳو مسلسل جاڪوڙ ۾ رهي، پر اهو پڻ لازمي آهي ته اهڙو سماج دُنيا جي ٻين سماجن سان لهه وچڙ ۽ رابطي ۾ هُجي. ڇاڪاڻ جو جينن مختلف نسلن جي ميلاپ سان تندرست انسان پيدا ٿين ٿا، تيئن مختلف ثقافتن، روايتن، ٻولين ۽ رسمن جو هڪٻئي سان سنبنڌ، ترقي پسند ۽ سگهارن سماجن کي جنم ڏئي ٿو. دُنيا جي تاريخ اهڙن بيشمار مثالن سان ڀري پئي آهي، جيئن ڪي بُڌائين ٿا ته وڏيون وڏيون تهذيبون فقط انهيءَ ڪري ٽڪجي (آخرڪار زوال پذير ٿي) پيون، جو اُنهن پاڻ کي "انفراديت جي هَٺ" ۾ قيد رکندي دُنيا سان رابطا ٽوڙي ڇڏيا. اهي ٻين قومن جي علمي خزانن شاندار روايتن ۽ خيالن ۾ ڀائيواري ڪرڻ بجاءِ اجتماعي طرح "نرسيت" جو شڪار ٿي ويون، جنهنڪري وقت گُذرندي فقط سندن شاندار ماضي ئي ياد ڪرڻ جوڳو رهيو.

قومن جي زندگيءَ ۾ جتي سياست، معيشيت ۽ ٻين شعبن جي اهميت تسليم ٿيل آهي، اُتي ادب، علم ۽ آرٽ جي شعبي کي به نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ڇاڪاڻ جو ادب ڪنهن به معاشري جو هڪ اهڙو آئينو آهي، جنهن ۾ قومون پنهنجو اصل چهرو سُڃاڻي اڳيرائي ڪنديون آهن. ڪنهن به قوم جو اهو آئينو فقط تڏهن جرڪي صاف شفاف ٿئي ٿو، جڏهن اُن جي واڌ ويجهه ۾ ٻين قومن، نسلن ۽ ڌرتين جي ادبي ۽ علمي روايتن کي به شامل ڪيو وڃي. اها هڪ ثابت حقيقت آهي ته ڪنهن به معاشري جي ڪا به ادبي يا علمي تحريڪ، تيستائين سگهاري ۽ شاندار نٿي بڻجي سگهي، جيستائين اُهو معاشرو سڄي دُنيا ۾ ڦهليل پنهنجي دؤر جي غير معمولي ۽ معياري فڪري تحريڪن سان واسطيداري نٿو رکي. چين، سنڌ، مصر، ايران، عراق، يونان ۽ روم سميت دُنيا جون مڙئي عظيم تهذيبون، پنهنجي دؤر جي صحتمند لاڙن جو اثر وٺڻ ڪانپوءِ ئي عظمت ۽ ڪامرانيءَ جي درجي تي پهتيون. اڄوڪي مغرب جي ترقي ۽ سرسيءَ ۾ به جتي اُتان جي رهاڪُن جي محنت ۽ جاڪوڙ جو حصو آهي، اُتي ابن رُشد، ابن سينا ۽ جابر بن حيان سميت بيشمار مسلمان سائنسدانن، محققن، اديبن ۽ شاعرن وغيره جو به ڪردار آهي. انهن مسلم عالمن جا لازوال شاهپارا اسپين ۽ ٻين ذريعن معرفت جڏهن ولن پهتا، تڏهن ئي اولهه جي مُلڪن ۾ "جاڳرتا" جي تحريڪ ذريعي هڪ نئين عهد جي آبياري ممڪن ٿي.

ماضيءَ جي سنڌ پڻ اهڙين صحتمند روايتن کي جنم ڏنو. گذريل هزارين سالن

جي تاريخي پسمنظر ۾ ئي سنڌ پاڻ کي دُنيا سان نہ ڳنڍي رکيو، پر ويجهي ماضيءَ ۾ پڻ سنڌ واپار، ثقافت ۽ ادب جي حوالي سان پاڻ کي عالمي برادريءَ سان واڳي رکيو. شايد صدين جي انهيءَ سڀنڌ جو تاثير هجي، جو ويهين صديءَ جي جديد سنڌي ادب جو تہ بنياد ئي ترجمہ نگاريءَ سان ٿيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انگريزن جي سنڌ ۾ آمد کان پوءِ سنڌي ٻولي ۽ اُن جي ادب جي نئين سر جوڙجڪ ٿيڻ واري مرحلي دوران، مرزا قليچ بيگ، پرسرام جيٺمل گلراجاڻي، ميلارام سنگت رام، پياري لال چاڀڙيا، ديوان ڪوڙي مل ۽ ساڌو هيرانند سميت اُهي سوين سنڌي اديب ۽ عالم هئا، جن جديد مغربي تهذيب ۽ ادب جي نئين سنڌ سان آشنا ڪرائي، سنڌ ۾ فڪري، سماجي ۽ معاشي ترقيءَ جا بُنياد رکيا. هنن سنڌ پريمين ٻين ٻولين جي جديد ورثن جا ترجما ڪري، سنڌي ادب جي خزاني ۾ بي بها موتين جو اضافو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي سنڌي ادب ۾ ترقي پسند نظرين ۽ روشن خياليءَ جي تحريڪ سگهاري ٿي. انهيءَ تحريڪ سنڌي عوام جي اهنجن، آزارن ۽ مسئلن جي دُرست عڪاسي ڪرڻ سان گڏوگڏ، عام ماڻهوءَ جي ذهني تربيت لاءِ بہ هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ورهاڱي کانپوءِ واري سنڌ ۾ پڻ سنڌي دانشورن ۽ اديبن نئين دنيا جي عالمي نظرين پنهنجن بزرگن جيان جديد فڪري تحريڪن ۽ ادبي روايتن جو گهرو تاثر ورتو ۽ انهن نظرين، فڪري روين ۽ ادبي روايتن جو سنڌ سان تعارف ڪرائيندي، ترجمن جي صورت ۾ نئين سنڌ جي اڏاوت لاءِ پَرَسا هيا. ان ڏس ۾ جناب محمد ابراهيم جويو، عثمان علي انصاري، پروفيسر اڪرم انصاري، مخدوم اميراحمد، تنوير عباسي، نياز همايوني، سومار علي سومرو، محمد حنيف صديقي، اياز قادري، رسول بخش پليجو، رشيد احمد لاشاري، رشيد ڀٽي، فضل احمد بچاڻي، احسان بدوي، علي احمد بروهي، نورالدين سرڪي ۽ ٻين سان گڏ وليرام ولڀ صاحب جي فخر جوڳي ڪردار کي ساراهڻ کانسواءِ نٿو رهي سگهجي. هنن قلم جي صاحبن ٻين ٻولين جي خزانن کي سنڌ واسين آڏو نروار ڪري، اڄوڪي دؤر جي بيشمار ذهنن کي تبديل ڪرڻ ۾ سرسي ماڻڻ سان گڏ، سوين سنڌين کي قلم کڻڻ ۽ اُن قلم جو مناسب استعمال ڪرڻ جو فن سيکاريندي، درجنين اديب، شاعر ۽ محقق سنڌ کي ارپيا آهن.

وليرام ولڀ صاحب سنڌ جي ترجما نگارن جي اهڙي سٽ ۾ انهيءَ ڪري بہ اهم جاءِ والاري ٿو، جو سندس پورهيي جو تسلسل اڄ بہ جيئن جو تيئن قائم دائم آهي. هُن صاحب گُذريل چاليهن سالن کان نهايت ئي محنت طلب مستقل مزاجيءَ ۽ مڪمل ڪمٽمينٽ سان ننڍي کنڊ توڙي باقي دنيا جي ادبي ۽ فڪري لاڙن کي سنڌي ٻوليءَ سان

سلهاڙينديِ، پنهنجي قلم کي ڪنهن بہ عُذر يا ٿڪاوٽ جو شڪار ٿيڻ نہ ڏنو آهي. اهڙو دؤر، جنهن ۾ سنڌ سياسي ۽ سماجي طور انتشار جو شڪار رهندي آئي آهي ۽ سرڪاري توڙي عوامي سطح تي ثقافتي ۽ ادبي سرگرمين جي پُنپيرائي ساراهہ جوڳي طريقي سان ممڪن نہ رهي آهي، تڏهن وليرام ولڀ جهڙا قلمڪار ذات ۾ انجمن يا فرد جي روپ ۾ ادارا بڻيا رهيا آهن. هن صاحب عالمي توڙي ايشيائي ادب منجهان نہ رڳو ڏهہ شاهڪار ناول ترجمو ڪري پنهنجي هم وطن پڙهندڙن کي آڇيا آهن، پر ڪئين مضمونن ۽ مقالن سان گڏ عالمي ادب منجهان ادبي سؤ بهترين مختصر ڪهاڻيون چونڊي، اُنهن جي ترجمن سان سنڌي ٻوليءَ ۽ اُن جي چاهيندڙن کي مالامال ڪيو آهي. سندس انهيءَ جاکوڙ جي نتيجي ۾ سنڌ جا هزارين نوجوان نہ رڳو ذات ۽ ڏانءَ جو جائزو وٺندي پنهنجي ادبي قدڪاٺ جو دُرست اندازو لڳائي سگهيا آهن، پر گڏوگڏ ٻين ٻولين جي علمي خزانن ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺڻ بہ سکيا آهن. ترجمي نگاريءَ جي فن ۾ تخليقي عنصر کي سگهارو ڪندي، اصل ليکڪ جي تصور کي ڪاريگريءَ ۽ ڪاملتا سان پنهنجن پڙهندڙن ڏانهن مُنتقل ڪرڻ ۽ خيال کي لفظن جي آهنگ ۾ سموئي احساساتي ڪيفيتن کي عقلي ادراڪ سان سلهاڙڻ جو هُنر، پنهنجي پورٽتا سان وليرام صاحب وٽ موجود آهي. ان ڪري سندس پڙهندڙ جي ذهن ۽ دل جي وچ ۾ ادراڪ جو خوبصورت توازن پيدا ٿي پوي ٿو ۽ سندس ترجمن ۾ فن، فڪر ۽ احساس هڪبئي سان سلهاڙجي پڙهندڙ وٽ ڪنهن بہ قسم جي تشنگي يا [illegible]نپ جي اوسر تي بندش هٽي چڏين ٿا.

اوهان جي هٿن ۾ موجود ڪهاڻين جو هيءُ مجموعو "بهشت ۽ دوزخ ۽ ٻيون ڪهاڻيون" پڻ وليرام صاحب جي ڪرشماتي ترجمن جو هڪ دلفريب تحفو آهي. جنهن ۾ لائق مترجم مختلف ٻولين جي ڪهاڻين کي سنڌيءَ جو روپ ڏيئي، پڙهندڙ کي نون ڪردارن، منظرن ۽ ڪيفيتن سان آشنا ڪرائيندي، مختلف قومن جي ثقافتي ۽ معاشرتي ورثن کان بہ آگاهي ڏئي ٿو. موضوعن ۽ ڏانءَ ۽ ذات جي رنگارنگ سٽربين جهڙو ڏيک ڏيندڙ هيءُ ڪهاڻين جو مجموعو، سنڌ واسين لاءِ هڪ اهڙو تحفو آهي، جيڪو اجنبيت جي پردن کي چاڪ ڪري، اسان کي انسانذات جي گڏيل ڪائناتي احساسن ۽ ڪيفيتن سان سنگت ڪرائڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

چام شورو، سنڌ

14 شوال 1425هجري

بمطابق

27-نومبر 2004ع

انعام الله شيخ

سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

# دل جون ڳالهيون ڪرڻ جهڙو عمل

## ('بهشت ۽ دوزخ، ۽ ٻيون ڪهاڻيون' مجموعي تي مترجم جا ويچار)

آئون ترجمي ڪرڻ ڏانهن ڪيئن لڙيس ۽ اُن ۾ منهنجي دلچسپي ڪيئن پيدا ٿي، اِن لاءِ مون کي پنهنجو ماضي ڦلهورڻو پوندو. آئون جڏهن گذريل صديءَ جي پنجاهه واري ڏهاڪي دوران پنهنجي ڳوٺ (هاڻي مٺي شهر) ۾ هاءِ اسڪول جو شاگرد هئس، تڏهن ڪتاب پڙهڻ، مضمون لکڻ ۽ شاعري ڪرڻ جو شوق هوندو هو. 59-1958 ۾، مئٽرڪ جي امتحان ڏيڻ کان پوءِ، رزلٽ اچڻ تائين، وقت ئي وقت هوندو هو، جنهن دوران گهمڻ ڦرڻ، دوستن سان ڪچهريون ڪرڻ ۽ ڪتاب پڙهڻ کان سواءِ ٻي ڪا خاص مشغولي نه هوندي هئي. انهن ئي ڏينهن ۾ مون کي گجراتي ٻوليءَ جي ڪهاڻي 'بهشت ۽ دوزخ' پڙهڻ جو اتفاق ٿيو. منجهس موضوع جي پيشڪاري، شدت ۽ اثر ايڏو زوردار محسوس ڪيم، جو مون اُن جو ترجمو ڪري ٿماهي 'مهراڻ' ۾ ڇپڻ لاءِ موڪلي ڏنو. ڪافي عرصي کان پوءِ، هڪ ڏينهن محترم شمشير الحيدريءَ جو پوسٽ ڪارڊ مليو، جنهن ۾ ڪهاڻيءَ کي 'مهراڻ' جي ايندڙ پرچي ۾ شايع ڪرڻ جي اطلاع سان گڏ، ڪهاڻيءَ جي اصل ليکڪ جي نالي جي ڄاڻ ڏيڻ لاءِ چيل هو. منهنجي خوشيءَ جي حد نه هئي ۽ تڙتڪڙ ۾ ڪهاڻيءَ جي ليکڪ جو نالو 'سُمترانندن پنت'، جيڪو هنديءَ جو وڏو شاعر ليکيو وڃي ٿو، لکي موڪليم ۽ اهڙي ريت اها منهنجي پهرين ترجمو ڪيل ڪهاڻي ٿماهي 'مهراڻ' جي 1962 جي پهرئين شماري ۾ ڇپي. مون کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ۽ افسوس گهڻو پوءِ تڏهن ٿيو، جڏهن اها ڪهاڻي منهنجي نظرن مان ٻيهر گذري، جنهن ۾ ڪهاڻيڪار جو نالو 'ڌومر ڪيتو' لکيل هو، جنهن کان آئون پهريون ڀيرو واقف ٿيس. جيئن ته ڪهاڻي ڇپڻ کي ڪيل عرصو گذري چڪو هو ۽ مون کي پنهنجي غلطيءَ هميشه ڪُٽڪندي رهندي هئي، تنهنڪري سوچيو هئم ته انهيءَ درستيءَ کي ڪنهن مرحلي تي ريڪارڊ تي ضرور آڻيندس.

نيٺ مون کي نه رڳو ڪهاڻيڪار جي درست نالي استعمال ڪرڻ جو موقعو هن ڪتاب "بهشت ۽ دوزخ، ۽ ٻيون ڪهاڻيون" وسيلي حاصل ٿيو، بلڪ خوشي انهيءَ ڳالهه جي اٿم ته ساڳي ڪهاڻيءَ جي عنوان سان منسوب هيءُ مجموعو شايع ٿي رهيو آهي. اهڙي ريت هن ڪتاب جي وسيلي مون کي نه رڳو پنهنجي غلطيءَ جي اعتراف ۽ اُن کي درست ڪرڻ جو موقعو ملي ويو، پر انهيءَ ادبي شخصيت محترم

شمشير الحيدري جي ادبي صلاحيت ۽ دوررس نگاهہ کي ميڃتا ڏيڻ جي فرض ادائيءَ جو بہ موقعو نصيب ٿيو، جنهن مون کي سنڌي ادب جي ميدان ۾ هڪ مترجم جي حيثيت سان متعارف ڪرايو هو.

هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون- ۽ ٻيون بہ ڪيتريون ئي ڪهاڻيون، جيڪي ڪتابي صورت ۾ منظرِ عام تي نہ آيون آهن- مون باقاعدي رٿابندي هيٺ ڪنهن مجموعي يا انٿالاجيءَ لاءِ نہ چونڊيون هيون. پر گذريل چاليهارو ورهين کان مختلف ڪهاڻيون پڙهندي، اٿين ئي ڪڏهن ڪا اهڙي ڪهاڻي پڙهيم، جيڪا وٺي ويئي يا دل جي اندرئين تهہ کي ڇُهي ويئي تہ بروقت ترجمو ڪري ڇڏيندو هئس ۽ وقت بوقت شايع ٿيندڙ رسالن/ ڪتابي سلسلن طرفان گهُر ڪرڻ تي ڪين ڏيئي ڇڏيندو هئس. اهڙي طرح ڪهاڻين جو هڪ وڏو ذخيرو گڏ ٿي ويو، جنهن جو اڌ ٻن سون کان بہ مٿي ٿيندو. پوءِ، ڪڏهن وقت ملڻ تي، جڏهن اُهي ڪهاڻيون ٻيهر پڙهڻ جو موقعو مليو تہ منجهانئس انهيءَ ساڳئي تاثر واري ڪيفيت جو تجربو ماڻيم، جيڪو پهريون ڀيرو پڙهڻ ۽ ترجمو ڪرڻ وقت ماڻيو هئم. لمحا زندگيءَ ۾ هڪ ڀيرو اچي، گذري ويندا آهن ۽ پوءِ خاص حوالي سان ياد ايندا رهندا آهن. انهن جي ٻي ڳالهہ آهي، اُهي بہ اَملهہ ٿيندا آهن. پر جيڪي تخليقون، ورهين جون نديون اُڪري سگهن ٿيون، انهن سان گڏ ڪنهن ڪناري تي ويهي ڳالهيون ڪرڻ سياويڪ عمل آهي. آئون سمجهان ٿو تہ ڪنهن تخليق کي پنهنجي دل جي چوڻ تي، پنهنجي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ، ساڻس دل جون نِنڍيون نِنڍيون ڳالهيون ڪرڻ جهڙو عمل آهي.

هونئن تہ ڪوبہ خيال، جڏهن لفظن جي لِبِڪن مان گذري ٿو تہ ڪيترن ئي هنڌن ان ڪٽبو ۽ ڇنڊبو ويندو آهي ۽ ڪٿين ڀيرا زخمجي بہ ويندو آهي، پر پوءِ بہ ترجمي جي لفظن مان گذارڻ دوران ساڻس ڪيترن ئي هنڌن تي نياءُ نٿو ٿئي. پر اهو بہ سچ آهي تہ جيئن دل کي ڇُهڻ لاءِ جسم تي پاتل ڪپڙا تہ نہ هيو، جسم بہ وچ ۾ نٿو اچي، تيئن دل جي راز جهڙيون ڳالهيون لفظن جي محتاجيءَ کي قبولي بہ نٿيون قبولين.

آئون سمجهان ٿو تہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪهاڻيون پنهنجي انفرادي رنگ ۾ هردم تازيون آهن ۽ دل تائين پهچڻ جي سگهہ رکن ٿيون. منجهن انساني اعليٰ قدرن ۽ آدرشن ڏانهن آگر ڏس ٿيل آهي؛ سچ لاءِ سنگهرش ڪرڻ جي ترغيب ڏنل آهي ۽ سينيءَ ۾ محبت ڀريو لهجو هڪجهڙو ڌڙڪي ٿو.

اهڙين ئي منهنجين ترجمو ڪيل 20 ڪهاڻين جو مجموعو 'ٽين دنيا جون ڪهاڻيون' (1980)، 10 ڪهاڻين جو مجموعو 'تڪل سَريت ۽ ٻيون ڪهاڻيون' (1983) هندي ۽ اُردوءَ جي 72 ڪهاڻين تي مشتمل 'نيڻ تارا ۽ ٻيون ڪهاڻيون'

(2003) شايع ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي نندي ڪنڊ جي ائن ٻولين جي 26 ڪهاڻين تي مشتمل هيءُ مجموعو 'بهشت ۽ دوزخ، ۽ ٻيون ڪهاڻيون' اوهان جي هٿن ۾ انهيءَ آس ۽ ڀروسي سان ڏيندي خوشي ٿئي ٿي تہ وس آهر اِهو سلسلو جاري رکندو ايندس، بشرطيڪ اوهان جي دلچسپي ۽ ساٿ رهيو.

هن مجموعي جي ڪهاڻين جي باري ۾ وڌيڪ اهو چوڻو اٿم تہ اهي سڀ جون سڀ ڪهاڻيون، پنهنجين ٻولين جون نمائنده ڪهاڻيون قطعي ناهن، پر ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اهي سٺيون ڪهاڻيون آهن، جيڪي مون پنهنجي پسند موجب، پنهنجي دل جي چوڻ تي ترجمو ڪيون آهن. جڏهن هن مجموعي لاءِ انهن ڪهاڻين کي سهيڙڻ جي شروعات ڪيم تہ منجهانئن ڪيترين جون ڪاپيون بہ مون وٽ موجود نہ هيون ۽ نہ وري ياد هو تہ ڪهڙي هنڌ ڇپيون هيون. انهن کي ڳولي هٿ ڪرڻ، اُتارڻ ۽ انهن جون فوٽو ڪاپيون ڪرائڻ جي ڪم ۾ منهنجين ڌيئرن- پشپا مُرلي، گوري ليلا، پٽر ڪمليشور ۽ نُهن انيتا جي جانفشاني ۽ جاکوڙ جو وڏو دخل آهي، جن جو آئون دل سان قدر ڪريان ٿو.

هتي آئون اهو ٻڌائڻ بہ ضروري ٿو سمجهان تہ هي مجموعو پنهنجي موجوده شڪل ۾ اَچڻ ممڪن نہ ٿئي ها، جيڪڏهن منهنجي نُهن/ ڌيءُ انيتا ڪمليشور پنهنجي دستوري گهرو ڪم ڪار ۽ اسڪولي ڪمن جي نگرانيءَ سان گڏ، هن مجموعي جي سهيڙ ۾ ۽ پروف چيڪ ڪرڻ جهڙن خُشڪ، محنت طلب ۽ ٿڪائيندڙ ڪمن ۾ منهنجو هٿ نہ ونڊائي ها. آئون سندس خوشين ۽ ڪاميابين لاءِ آسروند ۽ دعاگو آهيان.

پلا آئون پنهنجي زندگيءَ جي ساٿياڻي هريءَ جي هميشہ جي ساٿ ۽ سهڪار کي ڪيئن ٿو نظرانداز ڪري سگهان، جنهن هر گهڙي منهنجو هر طرح خيال رکيو ۽ مون کي اهڙو ماحول مُيسر ڪري ڏنو جو آئون هن ڪم مان پار پئجي سگهيس.

آئون پنهنجي گهٽگهري دوست ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي پبليڪيشن انچارج حفيظ قريشيءَ جو ٿورائتو آهيان، جنهن ابتدائي مرحلي ۾ هن مجموعي جي باري ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي انتظاميہ کي ڇاڻ ڏئي ڪين ڇپائيءَ لاءِ آماده ڪيو.

آئون سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري محترم انعام شيخ جو وڙ ڪيئن ٿو وساري سگهان، جنهن ادب ۾ ترجمن کي اهميت ڏيندي، هن مجموعي کي احسن طريقي سان ڪتابي صورت ۾ آڻڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي.

28 آڪٽوبر 2004
B-44، شريف اسڪوائر،
حسين آباد، حيدرآباد-71000
فون: 0221-851331

ولي رام ولڀ

# ڪرما

(انگريزي)

## خوشونت سنگهه

سر موهن لال وڏي ناٽ ۾ بناوٽي انداز سان فرسٽ ڪلاس ويٽنگ روم جي آئيني ۾ پنهنجي شڪل ڏٺي. آئينو غالباً هندستان جو ٺهيل هو ۽ اُن جي پُٺ تان مسالو ڪيترن ئي هنڌن تان لٿل هو، جنهنڪري ڏنڊلو ٿي چڪي هو. انهيءَ ڏنڊ جو ئي اثر هو جو سر موهن لال انهيءَ آئيني کي رحم جي نظر سان ڏسي رهيو هو ۽ دل ئي دل ۾ آئيني کي چئي رهيو هو، 'تون هن مُلڪ جي هر گندي شيءِ جهڙو گندو آهين.'

آئيني وراڻيو، 'پوڙها، تون صحيح چوين ٿو،' ۽ پوءِ هُن چڻ کلي ڏنو هجي.

سر موهن لال پنهنجي گهڙيءَ ۾ ڏٺو ۽ پوءِ ٻاهر اچي چيائين، "ڪو آهي؟"

هڪ بيرو ڊوڙندو ڊوڙندو آيو. سر موهن لال هڪدم آرڊر ڏنو: "هڪ ننڍو پيگ کڻي اَءُ." ۽ پوءِ هوُ اچيِ پنهنجي آرام ڪُرسيءَ تي ويهي رهيو.

ويٽنگ روم کان ٻاهر سر موهن لال جو سامان رکيو هو ۽ هڪ لوهه جي پيٽيءَ تي سر موهن لال جي ڳوٺاڻي عورت ويهي پان کائي رهي هئي. هوءَ لڇمي هئي. هوءَ هڪ اخبار کي توڙي موڙي پنکو ٺاهي، پنهنجو پاڻ کي هو ڪري رهي هئي. ڪيس هڪ ميري سيري ساڙهي پاتل هئي، سندس نڪ ۾ چمڪدار ڪوڪو جهرمر ڪري رهيو هو ۽ سندس ٻانهن ۾ ڪافي سون جا ڪنگڻ پيل هئا.

"زنانو پاسو ڪهڙو آهي؟" لڇمي هڪ قُليءَ کان پڇيو.

"جتي پليٽفارم ختم ٿئي ٿو، اُتي آهي." "قُلي وراڻيو ۽ لڇمي جي اشاري تي سڀ سامان، پنهنجي پاڻ تي لڏي، هڪ طرف ڏانهن هلڻ لڳو. پوءِ اُهي اُنهيءَ هنڌ آيا، جتي عورتن جي ويهڻ جو انتظام هو.

لڇمي ٻوءِ پنهنجي لوهي پيٽيءَ تي ويهي رهي ۽ هڪدم ڦليءَ کي چيائين، ”ڇا هتي ٽرينون ٻرجي ايندڙيون آهن؟“

”اڄ ڪلهه هر ٽرين ٻريل اچي ٿي، پر اوهان کي ٻيبي زناني گاڏي ۾ جاءِ ملي ويندي.“

”مون کي نيرڻ ڪائي ڇڏڻ گهرجي.“ ائين چئي لڇمي پنهنجي مانيءَ جي هڙ کولي، اُن مان مانيون ڪڍيائين ۽ انبڙيءَ جي آچار سان کائڻ لڳي.

”ادي تون اڪيلي سفر ڇو ٿي ڪرين؟“ ڦلي سوال پڇيو.

”نه ادا، مون سان گڏ منهنجو ڪرما به آهي. هو وڏو بئريسٽر ۽ حڪومت جو وڏو آفيسر آهي. فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪندو آهي. هن وقت به هوُ فرسٽ ڪلاس ۾ ويهي شراب پي رهيو آهي. هو سفر ۾ مون کي پنهنجي گاڏي ۾ نه ويهاريندو آهي، اِن ڪري جو مان هندستاني جاهل عورت آهيان. انگريزي پڙهي ڪونه ڄاڻان، جڏهن ته منهنجي ڪرما جو واسطو انگريزن ۽ وڏن وڏن هندستانين سان آهي. مان سائس گڏ زناني انٽر ڪلاس ۾ سفر ڪندي آهيان.“ لڇمي وراڻيو ۽ ٻوءِ يڪساهي شروع ٿي ويئي، ”آئون انگريزن جا طور طريقا نه ڄاڻان.“

لڇمي سر موهن لال جي بنگلي جي مٿين حصي ۾ رهندي هئي. موهن لال سائس ملڻ لاءِ تمام ورلي مٿي ايندو هو. ڪيس لڇميءَ جي غريب ۽ جاهل مائٽن جو هتي اچڻ پسند نه هو، انهيءَ ڪري اُهي سائن ملڻ لاءِ نه ايندا هئا.

هو ڪڏهن ڪڏهن رات جي وقت مٿي ايندو هو ۽ لڇمي کي ڪجهه هدايتون ڏيندو هو، جن کي هوءَ پورو ڪندي هئي، اِن ڪري جو هو سندس ڪرما هو.

سگنل ڊائون ٿي ويو. ٽرين اچي ويئي. لڇمي پنهنجي نيرڻ ڪائي ختم ڪري، گرڙي ڪيائين، هٿ منهن ڌوتائين ۽ زناني گاڏي جي پرسان آئي. اتفاق سان اُتي جڳهه خالي هئي. ڪيس دروازي جي پرسان آسانيءَ سان سيٽ ملي ويئي. سيٽ تي ويهڻ کان پوءِ هن پنهنجي ساڙهيءَ جو پلو کولي ڦليءَ کي به آنا ڪڍي ڏنا. ڦلي پيسا وٺي هليو ويو ۽ لڇمي پنهنجي پاندان مان پان ڪڍي، اُن تي ڪاٿو ۽ چونو لڳايو ۽ پوءِ سوپاري ۽ تماڪ وجهي منهن ۾ رکي چٻاڙڻ لڳي.

ٽرين جي اچڻ سان سر موهن لال تي ڪوبه اثر نه ٿيو. هوُ اسڪاچ

پيئندو رهيو. انهيءَ وچ ۾ هن ڦُليءَ کي چيو تہ هو فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمنٽ ۾ سامان رکي ڪيس ٻڌائي. هن هر ڪم پنهنجي حڪم مطابق چاهيو ٿي. هن هندستاني ٻولي تمام گهٽ ڳالهائي ٿي بلڪ هميشہ انگريزي ئي ڳالهائيندو هو. هن هندستانيءَ کي غلامن جي زبان سمجهيو ٿي. سندس هر طور طريقو انگريزن جهڙو هو ۽ جڏهن ڪو ڪيس چوندو هوتہ سر موهن لال، اوهان تہ بلڪل اَنگريزن وانگر انگريزي ڳالهايو ٿا تہ هو خوش ٿيندو هو. ماڻهو عموماً ڪيس ائين چوندا بہ هئا.

ٽرين ۾ جيڪڏهن ڪو انگريز نہ ملندو هو تہ هو ڳالهہ ٻولهہ شروع ڪرڻ ۾ جلدي نہ ڪندو هو، بلڪ پهرين "دي ٽائيمس" ڪڍي پڙهڻ شروع ڪندو هو. هو اخبار کي اهڙي طرح رکندو جو اُن جو نالو ماڻهن ڏانهن هوندو هو. پوءِ جڏهن ڪو ڪانئس اخبار گهرندو هو تہ هو وڏي خوشيءَ سان اهو چوندي ڪيس ڏيندو هو تہ هن سڀ پڙهي ڇڏي آهي، ۽ اُتان ئي سندس ڳالهہ ٻولهہ جي شروعات ٿي ويندي هئي.

ڪڏهن ڪڏهن سندس خوبصورت ٿاءِ ۽ "دي ٽائيمس" ٻين کي متاثر نہ ڪنديون هيون تہ هو پنهنجو گولڊن سگريٽ ڪيس ڪڍي، اُن جا سگريٽ ڦوڪڻ شروع ڪندو هو. اُن وقت ڪيس اهو زمانو ياد ايندو هو، جڏهن هن پنج سال انگلينڊ ۾ گذاريا هئا. اُتي هوُ زبردست قسم جا لباس پائيندو هو. هوُ رات پڪاڊلي سرڪس جي طوائفن جي هنج ۾ گذاريندو هو، پر جڏهن لڇميءَ سان ڪيس پنهنجي ازدواجي زندگيءَ جو خيال ايندو هو تہ ڪيس نفرت ٿي ويندي هئي. لڇميءَ جو وڏيل وڏو گول پيٽ ۽ بدبودار ساڙهي سندس نظرن سامهون اچي، سندس ذهن کي گندو ڪري ڇڏيندي هئي.

جڏهن بيري اچي ٻڌايس تہ سندس سامان فرسٽ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ ۾ رکيو ويو آهي تہ هو وڏي شان سان اُٿيو ۽ ڪنڌ سيڌي هلندو پنهنجي ڪمپارٽمنٽ ۾ پهتو. پر اُتي ڪوبہ نہ هو. سندس دل وسامي ويئي. هن هڪ ٽٽو ساهہ کنيو ۽ هڪ سيٽ تي ويهي وري "دي ٽائيمس" پڙهڻ لڳو جيتوڻيڪ اُن کان اڳ بہ هو اها اخبار ڇهہ يا ست ڀيرا پڙهي چڪو هو.

ٿوري دير کان پوءِ هن دريءَ کان ٻاهر جهاتي پائي ڏٺو. پليٽفارم تي ڏاڍي رش هئي. اوچتو هن ڏٺو تہ ٻہ انگريز فوجي سندس ڪمپارٽمنٽ ڏانهن اچي رهيا هئا. سندس چهرو خوشيءَ وچان چمڪڻ لڳو. هن دل ئي دل ۾ سوچيو تہ هو انهن انگريز فوجين جي آجيان ڪندو، چاهي اُهي سيڪنڊ

ڪلاس جا پيسنجر هجن. جيڪڏهن ائين ٿيو ته هوُ گارڊ کي چئي، انهن ٻنهي کي پنهنجي ڪمپارٽمينٽ ۾ ويهاريندو.

انهن ٻنهي مان هڪ فوجي آخري ڪمپارٽمنٽ ڏانهن وڌي آيو ۽ دريءَ ۾ اندر سيٽ لاءِ واجهائڻ لڳو. اُتي صرف سر موهن لال ويٺل هو ۽ باقي سيٽون خالي پيون هيون. اُهو فوجي، ٻئي ساٿيءَ کي رڙ ڪندي مخاطب ٿيو:

"مسٽر بِل، هتي جڳهه آهي."

ٻيو فوجي جلدي اُتي آيو. دريءَ ۾ هن سر موهن لال کي ڏٺو ۽ پنهنجي ساٿيءَ کي چوڻ لڳو، "هن ڪاري هندستانيءَ کي هتان ڪان ٻاهر ڪڍ."

ٻئي فوجي هڪدم اندر آيا ۽ سر موهن لال کي گهوري ڏسڻ لڳا. جنهن جي اڌ چهري تي مسڪراهٽ ۽ اڌ تي احتجاج هو. هن ٻئي فوجيءَ جو جملو ٻڌي ورتو هو، جنهن کيس ڪمپارٽمنٽ مان ٻاهر ڪڍڻ جو چيو هو.

جِم چوڻ لڳو، "بل هن ئي ڪمپارٽمنٽ ۾ اسان جي رزرويشن آهي- فوجين لاءِ رزرويشن."

پوءِ ٻئي فوجي گڏجي سر موهن لال تي ڪاهي آيا: "هتان ڪان هڪدم ٻاهر نڪر، يُو مئَن."

"منهنجي ڳالهه ته ٻڌو، سر!" سر موهن لال آڪسفورڊ واري لهجي ۾ انگريزي ڳالهائڻ لڳو. ٻئي فوجي، جيڪي کيس ڪٽي ٻاهر اُڇلائڻ وارا هئا، هڪدم روڪجي ويا. کين محسوس ٿيو ته واقعي موهن لال جي ڳالهائڻ جو لهجو آڪسفورڊ جهڙو هو. پر پوءِ به انگريزن جهڙي ڳالهه ڪٿي هئي. سندن ڪن اصلي لهجي کان واقف هئا. انهيءَ وچ ۾، اتفاق سان ٽرين وِسل ڏني ۽ گارڊ سائي جهنڊي لهرائڻ شروع ڪئي.

ٻنهي بنا وڌيڪ سوچڻ جي، بلڪ جلديءَ سان سر موهن لال جو سامان هڪ هڪ ڪري پليٽفارم تي اُڇلائي ڇڏيو، ايتري قدر جو "دي ٽائيمس" جو تازو پرچو به!

سر موهن لال وري انگريزيءَ ۾ چيو، "اسٽوپڊ... نان سينس... مان اوهان ٻنهيءَ کي به گرفتار ڪرائيندس." ڪاوڙ وچان هوُ ڏڪي رهيو هو.

انهن فوجين مان هڪڙي چيو، "يو بلئڪ مئَن، شٽ يوئر ڊرٽي مائوٿ." اهو چئي هن سر موهن لال جي منهن، تي فوجين واري زوردار ٿڦڙ هڻي ڪڍي.

ٻي وسل جو آواز اچي ويو. ٻنهي فوجين سر موهن لال کي اُٿاريو، پهرين

متي ڪنيو ۽ پوءِ انهن ڪيس پليٽ فارم تي اڇلائي ڇڏيو. هوُ تڙندو ڦاٻڙندو پنهنجي سوٽ ڪيس تي اچي ويٺو ۽ مايوسي ڀريل نظرن سان ان ٽرين کي ڏسڻ لڳو، جنهن اسپيڊ ورتي هئي ۽ پليٽفارم ڇڏڻ واري هئي.

گارڊ اڃا تائين سائي جهنڊي ڏيکاري رهيو هو. سر موهن لال ڏاڍي مايوس انداز سان ڏسي رهيو هو.

ٻئي طرف لڇمي، سندس زال، جنهن جي ساڙهي مان ڪيس بصر ۽ ٿوم جي بدبوءِ محسوس ٿيندي هئي، وڏي ٺاٺ سان انٽرڪلاس ۾ پنهنجي هندستان جي عورتن سان گڏ ويٺي پان چٻاڙيو. سندس نڪ جو ڪوڪو هيٺئر بہ چمڪي رهيو هو ۽ جيئن ئي ٽرين پليٽفارم ڇڏيو، ليڊي سر موهن لال يعني لڇمي دريءَ کان منهن ٻاهر ڪڍي، پان جي ٿڪ وات مان ڪڍي اڇلي ۽ پوءِ پنهنجي پان چٻاڙڻ ۾ مصروف ٿي ويئي. ❑❑❑

# همسفر

(انگريزي)

## رسڪن بانڊ

مان ريل ۾ روهڻ ڏانهن پئي ويس. جنهن گاڏي ۾ مان ويٺو هوس، رستي تي اُن ۾ هڪ ڇوڪري اچي چڙهي. جيڪي ڪيس ريل تي چڙهڻ آيا هئا، اُهي سندس ماءُ- پيءُ ٿي لڳا. ڪين سندس آرام جو گهڻو اونو پئي لڳو. ماڻس ڇوڪريءَ کي وچور سان پئي سمجهايو تہ ڪيس سامان ڪٿي رکڻو هو، درين کان ٻاهر نہ نهارڻو هو ۽ ڌارين سان ڳالهائڻ کان ڪيئن بچڻو هو.

جيئن تہ مان انڌو هوس، تنهنڪري اهو ٻڌائڻ مشڪل آهي تہ هوءَ ڪيئن ٿي لڳي، پر اها سُڌ هئم تہ ڪيس پيرن ۾ چپل پاتل هئا، جن جو ترو فرش سان لڳي جيڪو آواز پيدا ڪري رهيو هو، اهو مون کي ڏاڍو وڻيو هو.

”اوهين سڌو ديرادوُن ٿيون وڃو؟“ جيئن ئي ريل اسٽيشن تان ڇُٽي تہ مون پڇيو.

مان ضرور ڪنهن اونداهي ڪُنڊ ۾ ويٺل هوندس، ڇاڪاڻ تہ منهنجي آواز ڪيس ڇرڪائي ڇڏيو هو. هوءَ ٿورو حيران ٿي ويئي ۽ چيائين، ”مون کي سُڌ نہ هئي تہ ٻيو بہ ڪو ويٺو آهي.“

عام طرح ڇٽي نظر وارا پڻ پنهنجي اڳيان آيل شيءِ کي ڏسي نہ سگهندا آهن. ڪين ڏسڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ هوندو آهي. پر منهنجي خيال ۾ جيڪي ڏسي نہ سگهندا آهن، اُهي پنهنجن باقي حواسن سان گهڻو ڪجهہ ڏسي سگهندا آهن.

”مون پڻ توکي پهرين ڪونہ ڏٺو.“ مون چيو. ”پر توکي اندر گهڙندي ٻُڌم.“ مون کي ڊپ هو تہ متان پاڻ کي سندس سامهون ظاهر ڪري وجهان، تہ مان ڏسي نٿو سگهان. مون سوچيو، جيڪڏهن پنهنجي سيٽ تي ويٺل هوندس تہ ائين ڪرڻ ۾ ڏکيائي نہ ٿيندي.

”مان سهارنپور تي لهنديس،“ ڇوڪريءَ چيو. ”منهنجي چاچي مون کي

اُت ونڻ ايندي. اوهين ڪيڏانهن ٿا وڃو؟"

"هتان ديرادوُن ويندس ۽ پوءِ مسوُري،" مون وراڻيو.

"اوهه، ڪيڏا نہ خوش نصيب آهيو! ڪاش مان بہ مسُوري ويندي هجان! مون کي جبل ڏاڍا وڻندا آهن. خاص ڪري آڪٽوبر ۾."

"ها، اهو صحيح وقت آهي،" مون چيو. مون کي اهو وقت ياد آيو، جڏهن مان مسوُري ويو هوس. "جهنگلي ٻوٽن سان ڍڪيل ٽڪريون، سج جو وڻندڙ تڙڪو ۽ رات جو ٻاهه جي مچ اڳيان ويهي برانڊيءَ جي ڍُڪ جو لطف. ٽورسٽن جي هلئي وڃڻ کان پوءِ رستا خاموش ۽ گهڻو ڪري ويران ٿي ويا هئا."

هوءَ خاموش هئي ۽ مون کي لڳو تہ منهنجن لفظن کيس ڇهيو هو، يا هن مون کي عاشق مزاج ديوانو سمجهيو هو. اُن مهل مون کان چُڪ ٿي وئي جو مان پڇي ويٺس: "ٻاهر ڪهڙو نظارو آهي؟" کيس ان سوال ۾ ڪا عجيب ڳالهہ نظر نہ آئي. ڇا کيس اڳيئي سُڌ هئي تہ مان ڏسي نٿي سگهيس؟ پر سندس ٻئي سوال منهنجي شڪ کي دور ڪري ڇڏيو: "اوهين پاڻ دريءَ مان ٻاهر ڇو نٿا ڏسو؟" هن ڏاڍي سياويڪ لهجي ۾ پڇيو.

برٿ تي سولائيءَ سان مُڙي دريءَ جي تاڪيءَ لاءِ هٿ هنيم. دري کليل هئي. مون دريءَ تي پنهنجو منهن اهڙي ريت آندو ڄڻ ٻاهريون نظآرو پسندو هجان. پنهنجي مَن جي اک سان، تار جي ٿنڀن کي اک ڇنڀ ۾ ڊوڙندي ڏٺم.

"تو ڏٺو،" مون همٿ ڪئي، "تہ وڻ ڊوڙندا پيا وڃن، ۽ اسين هڪ هنڌ بيٺل پيا ڏسجون."

"ائين تہ هميشہ ٿيندو آهي،" هن چيو.

مان دريءَ تان هٽي آيس ۽ ڇوڪريءَ ڏانهن منهن ڪيم. ائين اسين ڪجهہ دير چپ ڪيو ويٺا رهياسين. "اوهان جو چهرو ڏاڍو دلچسپ آهي،" مون راءِ ڏني. مون ۾ همٿ وڌندي پئي وئي، پر اها هڪ بچاءُ واري راءِ هئي، جو ورلي ڇوڪريون خوشامد پسند نہ ڪنديون آهن.

هن خوش مزاجيءَ سان ٽهڪ ڏنو- صاف، گهنٽين جي آواز جهڙو سُريلو ٽهڪ. "ائين چوڻ سٺو آهي،" هن چيو، "مان تہ ماڻهن کان اهو ٻڌي ڪَڪ ٿي پيئي آهيان تہ منهنجو چهرو سهڻو آهي!"

'اوهہ، تہ اوهان جو چهرو سهڻو آهي،' مون سوچيو ۽ زور سان چيم: "دلچسپ چهرو، سهڻو بہ ٿي سگهي ٿو."

"اوهين ڏاڍا شرارتي آهيو!" هن چيو. "پر ايڏا گنڀير ڇو آهيو؟"

"اسين جلد ئي اوهان جي اسٽيشن تي پهچڻ وارا آهيون،" مون ٿورو اُبهرو ٿي چيو.

"شُڪر آهي جو اهو ننڍو سفر هو. مون کان ريل ۾ پن ٽن ڪلاڪن کان وڌيڪ سفر برداشت نہ ٿيندو آهي."

پر مان رڳو ڪيس ڳالهائيندي ٻُڌڻ لاءِ ڪيتري بہ دير تائين ويهڻ لاءِ تيار هوس. سندس آواز ۾ جبلن مان وهي ايندڙ نديءَ جي پاڻيءَ جهڙو چمڪو هو. جيئن ئي هوءَ گاڏيءَ مان لهي هلي ويندي، تہ اسان جي هيءَ مختصر ملاقات بہ وساري ڇڏيندي؛ پر باقي سفر ۾ ۽ سفر کان پوءِ اها مون وٽ سانڍيل رهندي.

انجڻ جي سيٽي وڳي. ريل جي ڦيٿن جي آواز ۽ رواني‌ءَ ۾ تبديلي اينهي ويئي. ڇوڪري پنهنجو سامان کڻڻ لاءِ اُٿي. سُتَ نہ اٿم تہ سندس وارن جي چوٽي ٿيل هئي يا اُهي سندس ڪُلهن تي ڇڙيل هئا، يا مورڳو ننڍا ڪٽيل هئا.

ريل هوريان هوريان اسٽيشن ڏانهن وڌندي پئي ويئي. ٻاهر پليٽفارم تي قلين ۽ گهورڙين جي هوڪن جو گوڙ هو ۽ در جي پرسان تکو زنانو آواز، جيڪو پڪ سان ڇوڪريءَ جي چاچيءَ جو هو.

"ڇڱو، الله واهي!" ڇوڪري موڪلائيندي چيو.

هوءَ منهنجي بلڪل ويجهو بيٺي هئي، ايترو ويجهو جو سندس وارن جي خوشبو پئي آئي. مون چاهيو تہ پنهنجو هٿ مٿي کڻان ۽ سندس وارن کي ڇُهان. پر هوءَ اڳيان وڌي ويئي. هاڻي فقط سندس خوشبو اُتي پئي ڦري، جتي هوءَ ڪجهہ دير اڳ بيٺي هئي.

در تي ڏاڍو گوڙ هو. هڪ شخص، جيڪو اندر گهڙي آيو هو ۽ هٻڪندي معذرت پئي ڪيائين. پوءِ در ٺڪاءَ سان بند ٿي ويو ۽ دُنيا ۾ اڳي وانگر اونداهي ڇانئجي ويئي. مان پنهنجي برٿ ڏانهن مُڙيس، گارڊ سيٽي هنئي ۽ گاڏي اڳتي اسهڻ لڳي.

ريل رفتار پڪڙي، ڦيٿن پنهنجو راڳ ڪنيو. اسان جو گاڏو ڪنجهڻ ۽ لُڏڻ لڳو. مون دري ڳولهي لڌي ۽ اُن جي سامهون ويهي ڏينهن جي روشني ڏسڻ لڳس، جيڪا منهنجي لاءِ اوندهہ کان سواءِ ڪجهہ نہ هئي. هڪ ڀيرو وري مون کي وري اُهائي راند ڪيڏڻي هئي پنهنجي نئين همسفر سان.

"مون کي افسوس آهي جو مان اهڙو موهيندڙ همسفر ناهيان، جهڙو

هاٺي هتان هيٺ لهي ويو آهي!" هن گفتگو شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي چيو.

"هوءَ دلچسپ ڇوڪري هئي،" "مون چيو. "اوهين ٻڌائي سگهو ٿا، هن جا وار ڀُوري يا ڪارا هئا يا ڪي ڪٽيل ۽ ننڍا؟"

"مون کي ياد نٿو اچي،" هن ورائيو. سندس آواز مان هو مُنجهيل ٿي لڳو: "مون سندس اکيون ڏٺيون نه ڪي وار. هُن جون اکيون ڏاڍيون سهڻيون هيون، پر اُهي هُن جي ڪم جون نه هيون- هوءَ بلڪل انڌي هئي. سندس اکيون تو نه ڏٺيون؟" ❑❑❑

ڪان ٻڌو هو. جيڪي پنهنجي پنهنجي حياتيءَ جي پڇاڙڪن پلن ۾ سندس نالو وٺي ڪيس ٻاڏائيندا هئا ۽ پوءِ سندس پيشاورانہ جهٽڪو ڪين خاموش ڪري ڇڏيندو هو.

ٻيڙيءَ جي هڪ ٻي ڦوڪ پريائين تہ وري ڪنگهہ ٿيڻ لڳس ۽ پوءِ ٻنا ڏندن واري لبي وات ۾ ڪانگهارو ڳڏ ڪري ٿڪيائين. لالٽين ٽمٽائي رهي هئي ۽ هن پنهنجون نظرون پيٽ ۾ ڪپائي ڇڏيون.

اهو پيشو ڪيس ورثي ۾ مليو هو.

پٽس جيل جي وڏي صاحب جي بنگلي ۾ پنگي هو. جيل جي عمارت اڃا نئين نئين ٺهي هئي، ڦاسي ڏيڻ واري جلاد جي ضرورت هئي، پر ڪوبہ اها نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار نتي ٿيو. وڏي صاحب سندس پيءُ کي ڏيڇاري، ڌمڪائي ۽ لالچائي نيٺ اهو ڪم قبول ڪرائي ورتو. پر ڦتوءَ جي ماءُ ڪيس ڇڏي ويئي. ڪيس پاپي ۽ قاتل مڙس سان هڪ ئي بستري تي سمهڻ منظور نہ هو. ڪيس اهڙي پيءُ جو پٽ بہ قبول نہ هو. ڦتوءَ کي اڪيلائپ، ٻي گهر ۽ رد ڪيل، هئڻ جي احساس چرڪائي وڌو. يڪدم خيال آيس تہ سندس ڏکن جو ڪارڻ گذريل جنم جا خراب عمل هئا. پوءِ پنهنجي جنم جا سمورا ڪرم ياد ڪري هوُ ڏکي ٿيو.

ڇا ڪيس چوٽڪارو نصيب ٿيندو؟

سوين ايذايل، پگهر ۾ ٻڏل روح سندس ڪوٺڙيءَ کي گهيري آيا ۽ جناتي آوازن ۾ پڇڻ لڳا: ’اسان کي سڃاڻين ٿو ڦتو؟‘

روشني پنهنجن پڇاڙڪن پساهن ۾ هئي. هن غير شعوري طور تي وٽ سوري مٿي ڪئي. لالٽين جو گلوب دونهاتجي ويو هو ۽ منجهانئس ڏيڇاريندڙ آواز ٿي نڪتو. ڦتو کي پگهر اچي ويو. هن جلدي ڪجهہ ڦوڪون پڙهيون جيئن وهم ڪڍي سگهي.

هي مردار ڪنگهہ! هن هڪ وڏو ڪانگهارو اُڇليو. ماضيءَ جي اونداهي مان هڪ تمام پراڻو واقعو روشن تروري وانگر وڌندو آيو. هڪ برهمڻ کي ڦاسيءَ لاءِ آندو ويو هو. هُن مندر ۾- پوتر استان ۾، ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان پنهنجي زال جو گلو دٻائي ماري ڇڏيو هو. جو مقامي زميندار سان ناجائز تعلقات هيس. هو ساڻس پڇي نتي سگهيو، تنهنڪري گيديپڻي واري ڪاوڙ ۾ اچي انهيءَ معصوم عورت جو گلو دٻائي ماري ڇڏيائين. بهرحال هو

پنهنجي نموني بهادر ضرور هو. هو قبولدار ٿيو. پنهنجي ڏوهي هجڻ تي ثابت قدم رهيو ۽ شان سان ڦاسي ڪائي ويو. ٻئي طرف ڦتو ڏاڍو هڪيو هو. اهو ڏسي، انهيءَ نوجوان برهمڻ وچ ۾ مشڪي چيو هُس، ”تون پنهنجو ڪم شروع ڪر ڦتو! زندگي ۽ موت انسان جي هٿ ۾ ناهن. تون پنهنجو فرض پورو ڪر، مون کي پنهنجي ڪَئي جو ڦل ڀوڳڻو آهي.“

پهريون ڀيرو ڦتو کي محسوس ٿيو تہ هو پاپي ناهي. هن تہ فقط پنهنجو فرض ٿي پورو ڪيو.

لالٽين جي وَٽ ساندهہ ٻري رهي هئي ۽ ڦتو پنهنجي سوچ ۾ گم هو. هِن ناٽڪ ۾، جو وري وري پئي رونما ٿيو، سندس ڪهڙو ڪردار هو؟ ذهن کي آخري لوڏو آيس.... ڏوهي قتل جو قبولدار ٿيو، پوليس پڪڙي وٺي ويئي، وڪيل دليل پيش ڪيا، جج صاحب سزا ڏني، سرڪار رحم کان انڪار ڪيو.... ۽ ڪيس ڦاسي جي تختي جو رسو ڇڪڻ لاءِ مزوريءَ تي سڏيو ويو. ٻيا پيشا معزز هئا، پر سندس پيشو عزت ڀريو نہ هو. ڇو؟ انهيءَ جو وٽس ڪو خاطر خواهہ جواب نہ هو.

ماڻهو ڪيس بد روح وانگي ڇو ٿا سمجهن؟ هو بلڪل عام ساهوارن جيئن بلڪ ٻين کان بهتر هو. هن ڪنهن کي بہ ذاتي لطف يا لالچ وچان نٿي ماريو. هن اهو ڪجهہ ڪيو ٿي جيڪي ڪانئس ڪرايو ٿي ويو. هو چاهڻ جي باوجود ڪنهن تي رحم بہ نٿي ڪائي سگهيو...

ماضيءَ جي ڏنڌ ۾ ٻہ عورتون اُڀري آيون. منجهانئن هڪ ڦاسي جي سزا مليل قاتل جي ماءُ هئي. قاتل کي ٻئي ڏينهن صبح جو ڦاسي اچڻي هئي. ساڻس گڏ سندس پنهنجي ماءُ هئي. هوءَ ٽيهن ورهين کان پوءِ وٽس آئي هئي! پهرين ڇڻي پنهنجي پٽ جو پڇڻ نہ، ٻر وٽس عجيب التجا کڻي آئي هئي.

”نٿو منهنجو هڪڙوئي پٽ آهي،“ ڏوهيءَ جي ماءُ ڏکي رهي هئي. ”سرڪندڙ ڦندو ٽورو ڍرو نہ ڪري سگهندين، جيئن منهنجو پٽ نہ مري؟“ شرابي، جواري ۽ قاتل جي ماءُ پنهنجي نياڳي پٽ لاءِ سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار هئي. پر سندس پنهنجي ماءُ ساڻس- پنهنجي رت سان، ڳالهائڻ ۾ شرمسار هئي، جيتوڻيڪ هو هڪ ايماندار شخص هو.

انهيءَ ٻڍي عورت کي آٿت ڏيندي، هن چيو هو، ”جيئن تون چئين ٿي، تيئن مان نٿو ڪري سگهان، امان. پر تون مون کي پنهنجو ئي پٽ سمجهہ.“

ٻئي پوڻتي هٽي ويون هيون، جڻ ڪين ڪنهن ڏنگي وڌو هجي.

”مون توکي اڳ ۾ ئي نہ چيو هو؟“ سندس ماءُ نيٺ ڳالهايو هو، پر ساڻس مخاطب نہ هئي. هن مٿس ڦهر ڀري نظر وڌي هئي ۽ پوءِ ٻئي هليون ويون هيون.

پر هاڻي وقت بدلجي ويو هو. گهٽيئي نوجوان سندس رٽائر ٿيڻ کان پوءِ سندس جاءِ تي اچڻ لاءِ آتا هئا. پيسن جي وڏي اهميت هئي. پگهار کان سواءِ هر ڦاسيءَ جا ڏهہ رپيا جدا ٿي مليا. ڏينهن ۾ ٽي ڦاسيون معنيٰ ٽيريلن جي هڪ قميص. هو طنزيہ مرڪيو، ۽ سندس هٿ بي اختيار پنهنجي گهرو ڪتريل ڪپڙي کي ڇهي ويو.

پر پيسو ئي تہ سڀ ڪجهہ نہ هو. اهو نوجوان هڪ شاهوڪار ماڻهن جو پٽ هو، جنهن پنهنجي ديس تان سر قربان ڪري ڇڏيو. مشڪل سان ويهارو ورهين جو ٿيندو. هن ڦاسيءَ جي تختي تي نعرو هنيو هو: ’انقلاب زنده آباد!‘ ڪيڏي بهادريءَ سان مون کي گلي لڳايو هئائين! شينهن جي جگر وارو سورهيہ مرد! سندس منهن جي آخري مرڪ، ڦتوءَ جي سڀ کان وڏي اميد جو خزانو آهي. ماڻهن چيو ٿي تہ پٽس جي وڏي زمينداري هئي ۽ سرڪاري خطاب پڻ مليل هئس، پر هن سيني کي لت هڻي ڇڏي ڏنو.

ڦاسي واري ڪاهيءَ ۾ ڦتو سندس لٽڪندڙ پير گلي لڳائي چميا هئا ۽ ايڏو رُنو هو جو لڙڪن سان پير ڌوپجي ويا هئا. هن پنهنجي زندگي ديس تان قربان ڪري ڇڏي. جوانيءَ جو موت! انهيءَ ڏينهن ڦتو پنهنجي ڪوارٽر مان ٻاهر ئي نہ نڪتو، انهيءَ ڪري نہ تہ ڪيس جلوس جو خطرو هو، پر ڀهريون ڀيرو هن محسوس ڪيو هو تہ هو گنهگار هو.

هن هڪ ٻي ٻيڙي دکائي.

آزاديءَ کان پوءِ هو انهيءَ نوجوان جي سماڌيءَ تي ويو هو. جيئن ئي اتي خاموش بيٺو هو تہ انهيءَ وچڙيل آتما جو پاڇو سندس اکين اڳيان اُڀري آيو هو ۽ مرڪندي پڇيو هئائين، ”ڦتو ڪيئن آهين؟ پاڻ کي ڏوهي نہ سمجهہ. مان مري نٿو سگهان. ۽ اهو بہ نہ وسارج تہ آخري ڌاڪو پار ڪرائڻ ۾ تو منهنجي مدد ڪئي هئي.“ ۽ ڦتو زور سان سُڏڪڻ لڳو هو.

هاڻي ڪيس هيرو ياد آيو. هن شراب پي جهيڙو ڪيو هو ۽ ٽي قتل ڪري وڌا هئائين، ۽ پوءِ ڦاسيءَ کان پوءِ پنهنجي لاش کي شراب سان وهنجارڻ جي خواهش ڪئي هئائين. ڦتو پنهنجي مرڪ روڪي نہ سگهيو هو.

ڪيڏو عجيب عمل هو جو آخري خواهش انهيءَ شيءِ لاءِ ڪئي هئائين جنهن ڪيس ڦاسيءَ جي تختي تي آڻي بيهاريو هو.

سندس پنهنجي آخري خواهش ڪهڙي هئي؟

هن پنهنجو اندر گهنڊي ڦولهيو پر ڪوبه جواب ڳولهي نه سگهيو. آخري خواهش! ماڻهن جا انهيءَ باري ۾ عجيب ويچار هئا. هڪ پيري ڦاسيءَ جي هڪ تماشبين ڪانئس انهيءَ شخص جي آخري خواهش بابت پڇيو، جنهن کي هن تازو ڦاسي ڏني هئي. سندس انهيءَ اشتياق ڀري خواهش تي هن چڙي رڙ ڪري وراڻيو هو: ”هن جي خواهش آهي ته ڪانئس پوءِ توکي ڦاسي چاڙهيو وڃي.“ پڇندڙ شخص چرڪي ڏانهس مورڪتا وچان گهوريو هو ۽ ڦتو بيزاريءَ سان اڳيان وڌي ويو هو.

آخري خواهش! ڏوهيءَ جي آخري خواهش اها آهي ته ڪيس بنا دير جي ڦاسيءَ جي نياڳي گهڙيءَ تان گذاريو وڃي. جيل جي ڦاسيءَ واري ڪوٺڙيءَ کان ڦاسي گهاٽ تائين چند گهڙيون، صدين جي دائري ۾ ڦهلجي وينديون آهن. اهو فقط جلاد ئي ڄاڻي ٿو.

ها، هاڻي اها ڪيس آخري ڦاسي ڏيڻي آهي ۽ پوءِ ڪانئس ڪوبه اهڙو احمقاڻو سوال نه پڇندو. ڪير به ائين نه پڇندو ته ڏوهيءَ کي ڦاسي ڪيترن ڏينهن کان پوءِ ڏيڻ ۾ ايندي؟ يا ڦاسيءَ جو مقرر وقت ڪهڙو آهي؟ ڇا ائين صحيح هو ته جيڪڏهن مقرر وقت کان هڪ منٽ به دير ٿي وڃي ته ڏوهيءَ جي سزا مهمل ٿي ويندي؟ احمق! ڄڻ جيل جا ڪارندا انساني گهڙيال آهن.

۽ اها هئي ريشمي ڏوريءَ جي ڪهاڻي.

ڦتو موت آڻيندڙ ريشمي ڏوريءَ سان رومانوي مشابهت تي طنزيه کليو. ڀلا موت جي ريشم جو نرم گلاب جي نزاڪت سان ڪهڙو لاڳاپو؟ ڄڻ ڦاسيءَ جو تختو ڪنهن ٻار جو ريشمي ڌاڳو ٻڌل پينگهو هجي يا ڦاسي ملندڙ شخص بليڪ مارڪيٽ مان الله ڏوري خريدي خوش ٿي بي صبريءَ سان پڇيو هجي، ’هن سان مون کي ڦاسي ڏيڻ پسند ڪندين، ڦتو؟‘

ڦتوءَ کي انهيءَ مذاق جي پوائنٽي سوچ جي ايرندڙ منظر مان ڏاڍو لطف محسوس ٿيو.

پوءِ ڪيس اڌڙوٽ عمر وارو بابو ياد آيو، جنهن هڪ پيري ڪانئس ڦاسيءَ واري ڪاٺ جي تختي جو ٽڪر گهريو هو. ماڻهن جي اعتقاد مطابق

اهو ڪنهن سنڌي عورت لاءِ ڪمائتو ٿيندو آهي. ڀلا تختو جيڪو ماڻهوءَ جي مردانگي جو موت آڻي ٿو، اهو ڪيئن ٿو تخليق جي قوت پيدا ڪري سگهي؟ ڦتوءَ کي انهيءَ جي ڪارائتي هئڻ ۾ ذرو به وشواس نه هو، پر تنهن هوندي به ڪيس نااميد نه ڪيو هئائين.

جيل جي گهڙيال ٻن جا ٽڪاءَ هنيا. ڪيس چئين وڳي وڃڻو هو. جيتوڻيڪ ڪيس ڪا ڳڻتي نه هئي، پر هو ڪنهن مائسترو وانگي پنهنجي آگرين جي معمولي ڇهاءَ سان سنگيت جا سر ڇيڙي سگهيو ٿي. رات جي ٻي آرامي ۽ ٿڪاوٽ کان پوءِ به ڪيس ڪم جي ڳڻتي نه هئي. ڪيس پنهنجي نوڪريءَ جي خبر هئي. پر جنهن ڪيس گهڻو فڪرمند ڪيو هو، اها هئي سندس رٽائر ٿيڻ کان پوءِ زندگيءَ جي سوچ.

هن تازو هڪ فلم ڏٺي هئي، جنهن ۾ هڪ ڦاسيءَ جو منظر هو. جلاد جي شڪل ڏسي ڪيس ڏاڍو مزو آيو هو. اک ڇنڀ ۾ ڦاسي ڏيڻ. ڪيس عجيب ڪلٺهاب ڳالهه لڳي هئي.

انهيءَ تي ڪيس هڪ صلح پسند اُڌارا پئسا ڏيندڙ شخص ياد آيو، جنهن کي ڦاسي جي سزا آئي هئي ۽ ڦاسي اچڻ واري ڏينهن دل جي دوري سببان مري ويو هو. گوري جيل سپرنٽينڊنٽ، جيڪو قانون جو گهڻو پائبند هو، حڪم ڏنو هو ته سندس لاش کي ڦاسي ڏني وڃي. اهو بيوائتو ٻوڪ ٻريو ناٽڪ به ٿي وڃي ها، پر وقت سر سول سرجن مداخلت ڪئي هئي ۽ حيرت وچان چيو هئائين، ”مئل کي وري ڪيئن ماربو؟“

اهو پئسا ڏيندڙ شخص ڏاڍو بدشڪل هو، پر هڪ پٺاڻ، جنهن کي اڳي ڦاسي چاڙهيو هئائين، مرداني حسن جو مثال هو. ڦتو وري فيلسوفن وانگر سوچيو: ٻئي ڏوهي هئا- ٻئي قاتل- هڪ ايڏو خوبصورت ۽ هڪ ايڏو بدصورت! پر موت ٻنهي کي بي جان بنائي ڇڏيو. ڪرستان چوندا آهن: تون مٽيءَ مان جُڙيو آهين، نيٺ مٽي ٿي ويندين.

’منهنجي مٽيءَ جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟‘ ڦتو حيرت ۾ هو. هن ٻيڙيءَ جو اڌڙ ڪن تان ڪڍي وري دکايو ۽ ڊگهي ڦوڪ ڀريائين. پوءِ نڪ مان دونهان ڪڍندي ڪيس اهو ٻار ياد آيو، جنهن جي پيءَ کي ڦاسي ڏني ويئي هئي. ننڍڙي معصوم، پٽس جي خاموشيءَ کي چالبازيءَ واري راند سمجهيو هو ۽ ويجهو وڃي لاڏ وچان سندس ڏاڙهي سان کيڏڻ لڳو هو. سندس ڏاڏيءَ کيس ڇڪيندي رڙ ڪري چيو هو، ”پري ٿي، هيءَ هاڻي مٽي آهي.“ ننڍڙي

ٻار ڪيس گنڀيرتا سان درست ڪيو هو، ”هي ته وار آهن ڏاڍي، مٺي ڪٿي آهي؟“

جيل جي گهڙيال ٽن جا ٽڪاءُ هنيا.

روشني آهستي آهستي جهڪي ٿيندي ٿي ويئي. ڦتو سوچيو ته هاڻي آرام ڪرڻ سان دير ٿي ويندي. اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر اُٿي نه سگهيو. ڪوٺڙيءَ ۾ اونداهي هئي. هن محسوس ڪيو ته هو اٿاهه اونداهيءَ ۾ غرق ٿيندو ٿي ويو. پوءِ سموري طاقت گڏ ڪري ڪٽ تان اٿڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر اٿي نه سگهيو. ڪمري جا پاڇا گهرا ٿيندا ويا. گهڻي ڪوشش ڪان پوءِ هوُ اٿي وينو ۽ پير ٿڌي فرش تي لاتائين. سڀ ڪجهه ايڏو اونداهو ڇو هو؟ سندس اکين ۾ اوندهه ڇانئجي ويئي. ڪيس ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿي آيو. سندس نظر جواب ڏيئي ويئي. ڪنگهه جو دورو شروع ٿي ويس. هو پيٽو ٿي جهڪي پيو ۽ ٿيڪ اوڏيءَ مهل لالٽين وسامي ويئي.

”سائين،“ واربر ننڍاڪڙي جيلر کي اطلاع ڏنو، ”سائين، ڦتو مري ويو.“

”ڦاسي ڏيڻ کان اڳ مري ويو!“ جيلر عجب وچان فرض جي ڪوتاهي تي چڙندي چيو.

پراڻي واربر فيلسوفاڻي انداز ۾ چيو، ”سائين، موت ڪنهن جو ملازم ٿوروئي آهي.“

جيلر پنهنجي بي معنيٰ ڳالهه تي جاڳي پيو هو ۽ وزهڻ واري انداز ۾ چيائين، ”ٺيڪ آهي، اسان کي پيو ڪو بندوبست ڪرڻو پوندو.“ ٿورو ساهيءَ کان پوءِ وري چيائين، ”سزا واري شخص جا مائٽ لاش حاصل ڪرڻ لاءِ پهچي ويا هوندا. پر ننڍي صاحب کي چئينس ته ميونسپل ڪاميٽيءَ وارن کي فون ڪري ته هڪ لاوارث لاش کي ٺڪاڻي لڳائين.“ □□□

# منهنجو جنوني پُٽ

(انگريزي)

## حنيف قريشي

پيءُ لڪ چوري پنهنجي پُٽ جي ڪمري ۾ وڃڻ شروع ڪيو. هوُ اُتي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺو هوندو هو؛ رڳو اُن وقت اُٿندو هو جڏهن ڪيس پنهنجي روزمره جي ڳولا ۽ ڇنڊڇاڻ جي سلسلي ۾ ڪا نئين شيءِ يا ڪو نئون ڏس ملندو هو. ڪيس سڀ کان وڌيڪ حيرت انهيءَ ڳالهه تي هئي ته علي روزمره صفائي پسند ۽ سليقيمند ٿيندو پئي ويو. سندس ڪمرو، جنهن ۾ هميشه سندس ڪپڙا، ڪتاب، ڪرڪيٽ جون بئٽون ۽ وڊيو گيمز هيڏانهن هوڏانهن ٽڙيا پکڙيا پيا هوندا هئا، هاڻي صاف سٿرو ۽ نهايت ترتيب سان ٺهيل ٺڪيل نظر اچڻ لڳو هو. اُهو ڪمرو، جنهن ۾ ايترو ڪاٺ ڪباڙ پيو هوندو هو جو پير رکڻ جي به جاءِ نه هوندي هئي، اُتي هاڻي جڳهه ئي جڳهه هئي. ڪمرو ڏاڍو ٻهڪندي نظر ايندو هو.

شروع ۾ ته پرويز کي خوشي ٿي ته سندس پٽ بالغ ٿي ويو آهي ۽ ڇوڪراڻو بي پرواهي وارو نمونو ڇويان ڇڏي آيو آهي. پر هڪ ڏينهن ڪچري جي دٻي وٽ پرويز کي هڪ ڦاٽل پلاسٽڪ جو ٿيلهو نظر آيو. ٿيلهي ۾ پراڻن رانديڪن سان گڏ ڪمپيوٽر ڊسڪون، وڊيو ٽيپس، نوان ڪتاب ۽ نئين فيشن جا اُهي ڪپڙا به هئا جيڪي علي اڃا به ٿي مهينا اڳ ئي خريد ڪيا هئا. علي ڪو سبب ٻڌائڻ کان سواءِ ئي پنهنجي انهيءَ انگريز گرل فرينڊ سان به ملڻ ڇڏي ڏنو هو، جيڪا اڪثر سندن گهر به ايندي رهندي هئي. سندس پراڻن دوستن به ڪيس ٽيليفون ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو.

انهن عجيب و غريب حرڪتن جي باري ۾ پرويز اڃا تائين عليءَ سان ڳالهائي نه سگهيو هو. ڳالهائي ڇو نه سگهيو هو، اُن جي خبر پرويز پاڻ کي به نه هئي. ها ايتري خبر ضرور هئي ته هوُ پنهنجي پُٽ کان ڊڄندو هو. پٽس جتي اڪثر خاموش رهندو هو، اُتي هوُ وڏواتو به ٿيندو پئي ويو. هڪ ڀيري

پرويز هوٽل ٿي پڇي ورتو، ”تون هاڻي گتار نٿو وڄائين؟“ انهيءَ تي ڪيس هڪ پُراسرار پر منهن ٺوڙ جواب مليو: ”انهيءَ کان ٻه وڌيڪ اهم ڪم آهن ڪرڻ لاءِ.“

پرويز محسوس ڪندو هو ته سندس پٽ جو اهو سِنڪيپٽو سندس پنهنجي پاڻ سان ناانصافي آهي- اُهو جيڪو سندس پيءُ آهي ۽ سندس چڱي مَدي جو ذميوار آهي- هو انهن خرابين کان چڱي طرح واقف هو، جنهن جو شڪار ٻين ماڻهن جو اولاد ٿيا آهن. هو ڏينهن رات علي لاءِ ئي ته محنت ڪندو هو. هن عليءَ کي اڪائونٽنٽ ڪرڻ لاءِ سندس تعليم تي بي شمار پيسا خرچ ڪيا هئا. هُن عليءَ کي نئين کان نئون سوٽ خريد ڪري ڏنو هو. جيترن ڪتابن جي ضرورت هئي، اُهي خريد ڪري ڏنائينس ۽ ايڏو مهانگو ڪمپيوٽر خريد ڪري ڏنائين ۽ هيءُ رئيس جو پٽ آهي، جو اُهي سڀ گند جي ڍير تي ڦٽا ڪري رهيو آهي. پهرين گتار ويئي، اُن کان پوءِ ٽيليويزن، وڊيو پليئر ۽ پوءِ اسٽيريو سسٽم. هاڻي ڀتين تي ٻه پيلا داغ ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا هئا، جتي پهرين علي جون تصويرون ٽنگيل هيون.

پرويز جون ننڍون اڏامي ويون هيون. هاڻي هوُ ڪم جي وقت ٻه شراب پيئڻ لڳو هو. وسڪيءَ جي بوتل هاڻي اڪثر سندس هٿن ۾ هوندي هئي. نيٺ هن سوچيو ته هاڻي ته ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان صلاح ڪرڻ ضروري ٿي پيئي آهي جنهن کي ساڻس همدردي هجي.

پرويز ويهن ورهين کان ٽيڪسي هلائي رهيو هو. ڏهن سالن کان هو هڪ ئي فرم ۾ نوڪري ڪري رهيو هو. هن وانگر اڪثر ڊرائيور پنجابي هئا. اهي رات ئي جو ڪم ڪندا هئا جڏهن سمورا روڊ خالي هوندا هئا ۽ ڀاڙو وڌيڪ ملندو هو. اهي ڏينهن جو سمهندا هئا ۽ پنهنجين زالن کان پري پري رهندا هئا. اهي سڀ چڙي ڇانڊ ڇوڪرن جهڙي زندگي گذاريندا هئا. تاش کيڏيندا هئا، هڪٻئي سان ڇيڙڇاڙ ڪندا هئا، فحش لطيفا ٻڌائيندا هئا، پروارين هوٽلن تان ڪڙهائي گوشت گهرائي کائيندا هئا. سياست تي ڳالهيون ڪندا هئا ۽ پنهنجيون پريشانيون ونڊيندا هئا.

پر پرويز کي عليءَ جي باري ۾ پنهنجي دوستن سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ شرم ايندو هو. کيس ڊپ هو ته عليءَ جي انهن حرڪتن جو ذميوار کيس ڄاڻايو ويندو. هو ٻه انهن ماڻرن پيئرن کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو، جن جا پُٽ ڇوڪرين جي پويان نوَس نوَس ڪندا رهندا هئا، اسڪول نه ويندا هئا ۽

رولوَ ڇوڪرن جي گروهہ ۾ شامل ٿي ويا هئا.

ورهين کان پرويز پنهنجن ساٿين تي رعب رکندو پئي آيو تہ علي ڪيتري سُٺي ڪرڪيٽ کيڏي ٿو، ترڻ ۽ فٽ بال ۾ سندس کيڏو نالو آهي ۽ پوءِ پڙهائيءَ ۾ ڪيترو سٺو آهي ۽ اڪثر مضمونن ۾ اي گريڊ کٽي ٿو. هاڻي جيڪڏهن هوَ عليءَ کان اها توقع رکي ٿو تہ هوَ ڪا وڏي نوڪري ڪري، سٺي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ۽ پنهنجو گهر ٻار ناهي تہ ڇا ۾ غلط آهي؟ ائين ٿي پوي تہ هوَ دنيا جو سڀ کان وڌيڪ خوش قسمت انسان هوندو. سندس اهو خواب پورو ٿي ويندو جيڪو هن برطانيا ۾ ڪل خوشيءَ ۾ زندگي گذارڻ لاءِ ڏٺو هو. نيٺ ڪانئس ڪٿي غلطي ٿي؟

هڪ رات هوَ ٽيڪسين جي آفيس ۾ پنهنجن ٻن هَجائتن دوستن سان گڏ ويهي سلويسٽر اسٽالونَ جي فلم ڏسي رهيو هو تہ پنهنجي زبان کوليائين:

”مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي!“ هوَ ڦاٽي پيو. ”سندس ڪمري مان هڪ هڪ شيءِ غائب ٿيندي پيئي وڃي ۽ آئون ساڻس ڳالهائي بہ نٿو سگهان. اسان تہ پيءُ پٽ نہ، پر ٻائر هئاسين. ڪيس ڇا ٿي ويو آهي؟ مون کي ڇو تنگ ٿو ڪري هو؟“ پرويز پنهي هٿن سان پنهنجو مٿو جهليو.

هوَ پنهنجي اندر جي اوٻر ڪڍي رهيو هو تہ سندس دوست ڪنڌ لوڏي رهيا هئا ۽ اکين ئي اکين ۾ هڪٻئي کي اشارا ڪري رهيا هئا.

”تنهنجو ڇا خيال آهي، ڇا ٿيو آهي کيس؟“ هن سوال پڇيو.

انهيءَ سوال جو جواب کيس فاتحانہ مُرڪ سان مليو. اهي دوست ڄڻ سيڪجهہ سمجهي ويا هئا. ڳالهہ ڇٽي هئي- علي نشو واپرائڻ لڳو آهي ۽ نشي لاءِ پنهنجون سڀ شيون وڪڻي رهيو آهي، انهيءَ ڪري سندس ڪمرو خالي ٿيندو پيو وڃي.

”مان ڇا ڪريان؟“

پرويز جي دوستن کيس صلاح ڏني تہ هو عليءَ جي حرڪتن جي چوڪسي ڪري ۽ ساڻس سختي ڪري، نہ تہ اهو ڇوڪرو گهڻيون نشيدار شيون کائي مري ويندو يا ڪنهن کي قتل ڪري ڇڏيندو.

صبح جي ٿڌي هوا ۾ پرويز اُتان ٿڙندو ٻاهر نڪتو. ماٺهو سچ ٿا چون. هو ڊپ وچان ڏڪڻ لڳو. سندس پٽ ۽ نشئي.... قاتل؟

کيس اهو ڏسي اطمينان ٿيو تہ سندس گاڏيءَ ۾ ٻتينا ويٺي هئي.

عام طرح رات جي پوئين پهر ۾ سندس آخري گراهڪ پاڙي جون روبر

عورتون يا طوائفون هونديون هيون. ٽيڪسي ڊرائيور انهن عورتن کي چڱي طرح سڃاڻيندا هئا ۽ کين سندن دلالن تائين پهچائي ڇڏيندا هئا. رات جو دير سان فارغ ٿيڻ کان پوءِ اهي عام طرح ته گهرن ڏانهن هليون وينديون هيون، پر ڪڏهن ڪڏهن منجهانئن ڪا عورت ساڻس پيئڻ پيارڻ لاءِ سندس آفيس ۾ ويهي رهندي هئي ۽ ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو ڪا ڇوڪري ڪنهن ڊرائيور کي به خوش ڪري وٺندي هئي. انهيءَ کي چوندا آهن: سواريءَ جي بدلي ۾ سواري.

ٻٽينا پرويز کي ٽن سالن کان سڃاڻيندي هئي. هوءَ شهر کان ٻاهر رهندي هئي ۽ پنهنجي گهر ويندي ڪار ۾ هوءَ پرويز سان گڏ ئي ويهندي هئي. انهيءَ ڊگهي رستي ۾ پرويز کيس پنهنجي باري ۾ سڀڪجهه ٻڌائي ڇڏيو هو- هوُ ڪير آهي، سندس اُمنگ ۽ آرزو ڇا آهن، هوُ پنهنجي مستقبل جي باري ۾ ڇا ٿو سوچي. ٻٽينا به کيس پنهنجي باري ۾ ٻڌايو هو. اُهي راتين جو اڪثر ملندا رهندا هئا.

پرويز ٻٽينا سان اهي ڳالهيون به ڪندو هو جيڪي هو پنهنجي زال سان نه ڪري سگهندو هو. ٻٽينا به کيس پنهنجي راتين جون ڪارگذاريون ٻڌائيندي هئي. پرويز به ڄاڻڻ چاهيندو هو ته اُها رات هن ڪنهن سان گذاري. هڪ ڀيري پرويز کيس هڪ جهيڙاڪ گراهڪ کان بچايو به هو. انهيءَ کان پوءِ ئي اهي ٻئي ڄڻا هڪٻئي جو خيال رکڻ لڳا هئا.

ٻٽينا عليءَ سان ڪڏهن ملي ته نه هئي، پر سندس باري ۾ ايترو ٻڌو هئائين جو کيس چڱي طرح سڃاڻيندي هئي. انهيءَ رات جڏهن پرويز کيس چيو ته علي شايد نشو واپرائڻ لڳو آهي ته هن نه عليءَ کي گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ نه ئي پرويز تي ڪو الزام هنيو. بلڪ نرميءَ سان چيائين، "اهو ته اڪين مان خبر پئجي سگهي ٿي. اکيون ڳاڙهيون رهنديون هونديون، ماٺڪيون ڦهليل ڦهليل هونديون، علي ٿڪل ٿڪل لڳندو هوندو، کيس پگهر ايندو رهندو هوندو، جلدي جلدي مزاج تبديل ٿيندو هوندو. بس تون اهو ڏس."

اهي ڳالهيون ٻڌي پرويز کي جڻ تسلي ٿي ويئي.

هاڻي پرويز عليءَ تي نظر رکڻ شروع ڪئي. کيس خبر هئي ته ڪهڙين ڳالهين تي غور ڪرڻو آهي. هوُ ڏسي رهيو هو ۽ کيس پڪ ٿيندي ويئي ته حالتون ايڏيون وڏيڪ خراب نه ٿيون آهن.

عليءَ جي وات ۾ جيڪو به گرهه ويندو هو، پرويز اُن تي نظر رکندو

هو. هوَ ساٿس گڏ ٽي ويهندو هو ۽ ٿوري دير کان پوءِ سندس اکين کي گهوري ڏسندو هو. ڪنهن نہ ڪنهن بهاني پُٽس جو هٿ جهلي وٺندو هو ۽ ڏسندو هو تہ سندس هٿ گرم تہ ناهن. علي گهر ۾ نہ هوندو هو تہ پرويز کي موقعو ملي ويندو هو ۽ هوَ غاليچي جي هيٺان، عليءَ جي خانن ۾ خالي وارڊ روب جي پويان ڏسندو رهندو هو. هر شيءِ کي سنگهندو هو، هر شيءِ کي غور سان ڏسندو هو ۽ پتو لڳائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. ڪيس خبر هئي تہ هو ڇا ٿو ڳولي. ٻنينا ڪئپسول، سرنج، گوريون، پائوڊر ۽ وِڪس جون تصويرون ٺاهي ڏيکاريون هيون.

هر رات ٻنينا انتظار ڪندي هئي تہ پرويز ڪهڙي خبر آندي آهي. نيٺ ڪيترن ڏينهن جي جاچ جوچ کان پوءِ پرويز ڪيس ٻڌايو تہ علي راندين ۾ حصو وٺڻ بند ڪري ڇڏيو آهي، پر هوَ بلڪل صحتمند آهي. سندس اکيون صاف شفاف آهن. پرويز کي تہ ٻڌايو ويو هو تہ ڏوهہ جي احساس کان علي ڪانئس اکيون چورائيندو، پر هو بلڪل ائين نہ ڪندو هو، بلڪ ائين لڳندو هو تہ هوَ اڳي کان بہ وڌيڪ تندرست ۽ توانو ٿي ويو آهي ۽ سندس اندر ۾ ذري بہ چڙ نہ آهي. هوَ هر ڳالهہ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ لڳو هو. هوَ پنهنجي پيءُ جي ڳوليندڙ نظرن جو جواب اُن کان بہ وڌيڪ شڪايت ڀريل نظرن سان ڏيندو هو- اهڙين نظرن سان، جن ۾ ملامت بہ گڏ هوندي هئي، ايتري قدر جو پرويز کي محسوس ٿيڻ لڳندو هو تہ سندس پٽ نہ، هوَ پاڻ غلطيءَ تي آهي.

"۽ جسماني طرح بہ سندس اندر ۾ ڪا تبديلي نظر نٿي اچي؟" ٻنينا پڇيو.

"بلڪل نہ،" پرويز سوچيندي چيو. "پر هوَ ڏاڙهي وڌائي رهيو آهي."

هڪ رات پرويز ڪافي دير تائين ڪافيءَشاپ ۾ ويهي ٻنينا سان ڳالهيون ڪندو رهيو. اهو ڪافي شاپ رات تائين کليل رهندو هو. ٻنينا ۽ پرويز کي ويساهہ ڪرڻ تي دل تہ نٿي چيو، پر اهي انهيءَ نتيجي تي پهتا هئا تہ علي نشو نٿو ڪري، ڇو جو پرويز کي عليءَ جي ڪمري ۾ ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ ملي هئي، جيڪا نشي واري لڳندي هجي. انهيءَ کان سواءِ علي پنهنجو سامان وڪڻي نہ رهيو هو، بلڪ اهو اُڇلائي ڇڏيندو هو. ڪنهن کي ڏيئي ڇڏيندو هو يا خيرات وارن دُڪانن تي رکي ايندو هو.

پرويز هيٺ هال ۾ ويٺو هو تہ عليءَ جي ڪمري مان ٽائيم پيس جي الارم وڄڻ جو آواز آيو. هوُ پنهنجي ڪمري ڏانهن ڀڳو. سندس زال بستري

تي ويهي ڪو ڪپڙو سبي رهي هئي، هُن ڪيس جيو ۽"ماڻ ۾ ويٺي رهج، اُتجان نه!" جيتوڻيڪ هوءَ بلڪل آتي نتي ۽ نه ئي هڪ هڪ لفظ به ڳالهايو هو. پرويز دروازي جي چير مان پنهنجي پٽ کي ڏسي رهيو هو. سندس زال حيران ۽ پريشان ٿي ڪيس ڏسي رهي هئي.

پٽس وهنجڻ جي جاءِ ۾ ويو. پرويز اُن وقت تائين ليٽو پائي ڏسندو رهيو جيستائين پٽس وهنجڻ جي جاءِ مان واپس نه آيو. هُو ٻاهر نڪتو ته پرويز سندس دروازي سان ڪن لڳائي ڇڏيا. اندران ڪجهه پڙهڻ جو آواز اچي رهيو هو. پرويز جي سمجهه ۾ ته ڪجهه نه آيو، پر ڪيس تسلي ٿي ته ڪا ڳڙٻڙ ناهي. اها خبر پئجي ويئي ته هن پڪ ڪرڻ لاءِ ٻيهر وري ڪن لڳائي ڇڏو. ڇوڪرو نماز پڙهي دعا گهُري رهيو هو. جڏهن به هو گهر ۾ هوندو هو، پنج ئي وقت نماز پڙهندو هو.

پرويز لاهور ۾ ڄائو ڄپنو هو. جي سيني ٻارن کي قرآن پڙهايو ويندو هو. مولوي صاحب پرويز جي وارن ۾ رسي ٻڌي، رسيءَ جو هڪ ڇيڙو ڇت ۾ ٻڌي ڇڏيندو هو ۽ ڪيس ننڊ اچي ته رسيءَ جي ڇڪ سان سندس اک کُلي پوي ۽ هُو پنهنجو سبق ياد ڪري وٺي. پرويز تي اهڙو اثر ٿيو جو هُو مذهبي تعليم کان ئي پڇڻ لڳو هو. ٻيا ڊرائيور به سندس هم خيال هئا. بلڪ اُهي ته اُنهن اُستادن تي ٺوڪون هڻندا هئا جيڪي اُتان لڳهندا هئا. اهي چوندا هئا، هي سمجهن ٿا ته هو ماڻهن کي نيڪ ۽ پاڪ زندگي گذارڻ جو سليقو سيکاري رهيا آهن. جيتوڻيڪ خود انهن ۾ به عام انساني ڪمزوريون موجود آهن.

پرويز جيڪي ڪجهه ڏٺو هو، اهو سڀ ٻتينا کي ٻڌائي ڇڏيائين. ٽيڪسي-آفيس ۾ پنهنجن ساٿين کي به ٻڌايائين ته هن ڇا ڏٺو ۽ ڇا ٻڌو. سندس دوست جيڪي هر وقت ٺوهه ۾ لڳل هوندا هئا. هاڻي ماٺ ٿي ويا، اهي رکو انهيءَ ڪري ته عليءَ کي گهٽ وڌ نتي چئي سگهيا ته هُو مذهبي ٿي ويو آهي.

هڪ ڏينهن پرويز فيصلو ڪيو ته هڪ رات موڪل ڪجي ۽ پٽ سان ڏگهو سير ڪجي. سير ڪرڻ وقت ساڻس کُلي ڳالهيون ڪري سگهجن ٿيون. هُن چاهيو ٿي ته ساڻس سندس ڪاليج جي باري ۾ ڳالهيون ڪري. سندس پڙهائي ڪيئن پئي ٿئي؟ سندس ڪهڙا ڪهڙا دوست آهن؟ ۽ اُهي ڇا

ڪندا آهن؟ هن پاڪستان ۾ رهندڙ پنهنجن مٽن مائٽن جي باري ۾ به ڪيس ٻڌائڻ چاهيو ٿي. سڀ کان وڌيڪ ته هن اهو چاهڻ گهريو ٿي ته عليءَ جو مذهب ڏانهن لاڙو ڪيئن ٿيو- بٽينا ڪيس انهيءَ ڪي روحاني بُعد يا زندگيءَ جو روحاني پهلو چوندي هئي- ته علي زندگيءَ جو اهو روحاني پهلو ڪيئن ڳولي لڌو؟

پر پُٽس سائس گڏ هلڻ کان انڪار ڪيو. پرويز کي ڏاڍو رنج پهتو. علي چئي ڏنس، "مون کي ڪم سان وڃڻو آهي." پرويز ڏاڍو زور ڪيس- ڪيس سمجهايائين ته پيءُ جو چيو مڃڻ کان وڌيڪ اهم ڪم ٻيو ڪو نٿو ٿي سگهي- پر علي نه مڙيو.

ٻئي ڏينهن پرويز سڌو گهٽيءَ جي موڙ تي پهتو، جتي بٽينا مينهن ۾ پُسي رهي هئي. ڪيس ڏکيي ڳڙيءَ جا جُوتا، لنبو اسڪرٽ ۽ ڏکيي برساتي پاتل هئي. هوءَ ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي لالچ ڀريل نگاهن سان ڏسي رهي هئي ۽ جيڪو به سندس ڀرسان گذريو ٿي، جلديءَ سان پنهنجي برساتي اُن جي اڳيان کولي ڇڏيائين ٿي.

"جلدي ويهه، جلدي ويهه." پرويز چيس.

اهي وٺن جي جهڳٽي واري ڪليل ميدان ڏانهن هليا ويا ۽ اهڙي هنڌ گاڏي بيهاريائون اڳي صاف ميدان ميلن ۾ پکڙيل هوندو هو ۽ جهنگلي هرڻن ۽ گهوڙن کان سواءِ ڪين ڏسڻ وارو ڪوبه نه هوندو هو. اهي اُتي اڪيون پوٽي ليٽي پوندا هئا ۽ سوچيندا هئا. ته ها. زندگيءَ انهيءَ جو نالو آهي. پر هڪ ڏينهن پرويز ڏڪي رهيو هو ته بٽينا ڪيس پنهنجي ياڪر ۾ ڀري ورتو.

"ڇا ٿيو؟"

"مون کي پنهنجي زندگيءَ جو سڀ کان خوفناڪ تجربو ٿيو آهي."

بٽينا پرويز جي مٿي تي هٿ گهمائڻ لڳي. هو ٻڌائڻ لڳو ته ڪالهه شام جو هوُ عليءَ سان گڏجي هوٽل ويو هو. اجا هوُ کاڌي جو مينو ڏسي ئي رهيو هو ته ويٽر، جيڪو پرويز جو واقف هو، سندس پسند جي وسڪي کڻي آيو. هوُ شراب ڏسي ڀهريون ڀيرو پنهنجي پٽ جي سامهون اهڙو ته وائڙو ٿيو جو ڪائنس اُبتا سُبتا سوال پڇڻ لڳو. هوُ سوچڻ لڳو ته ڪائنس پڇيس ته ڇا هوُ انهيءَ ڪري پريشان آهي جو سندس امتحان ٿيڻ وارا آهن- پر زبان مان هڪ لفظ به نه نڪتس. گهبراهٽ ۾ هُن پنهنجي ٿاءِ ڍري ڪئي ۽ جلدي جلدي

پوپوڊم ڪاٽڻ لڳو. پوءِ وسڪيءَ جو ڍڳهو ڍُڪ پيتائين.

اڃا هوُ ڪجهه چوڻ ٿي وارو هو تہ علي خراب منهن ٺاهي ڪانئس پڇيو. "اوهان کي خبر ناهي تہ شراب حرام آهي؟"

"هُن مون سان بدتميزيءَ سان ڳالهايو هو." پرويز ٻٽينا کي چيو. "مون کي ايڏي ڪاوڙ آئي جو دل ۾ آيو تہ کيس اُتي ئي دڙڪا ڏيان تہ پنهنجي پيءُ سان ڪهڙي طرح ڳالهائبو آهي؟ پر مان خاموش رهيس."

پرويز عليءَ کي چيو تہ هو ورهين کان ڏهہ ڏهہ ٻارنهن ٻارنهن ڪلاڪ ڪم ڪري رهيو آهي. آرام يا تفريح لاءِ بہ مشڪل سان ئي وقت ملندو آهي. "مون ڪڏهن موڪل نہ ڪئي. جيڪڏهن ڪڏهن ڪڏهن شراب پيئان ٿو تہ ڪهڙو گناهہ ڪريان ٿو؟"

"پر اهو حرام آهي." پٽس چيو.

"مون کي خبر آهي." پرويز ڪُلها اُڀا ڪيا.

"۽ جوا ڪرڻ بہ حرام آهي."

"پر اسان بہ آخر انسان آهيون."

پرويز جڏهن بہ وسڪيءَ جو ڍُڪ ڀريو ٿي تہ پٽس منهن ڦتايو ٿي ۽ نرڙ ۾ گهنج وڌو ٿي. پرويز بہ چڙي پيو ٿي. علي جيترو منهن ٻچڙو ٿي ڪيو، هن اڃا بہ ڍڳهي چُسڪي ورتي ٿي. ويٽر کين خوش ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو گلاس آڻي رکيو. پرويز کي خبر هئي تہ مٿس نشو چڙهي رهيو هو، پر هوُ پيئندو پئي ويو. عليءَ جي چهري جو رنگ بدلجي رهيو هو. هو حقارت ۽ ڪراهت وچان پنهنجي پيءُ کي ڏسي رهيو هو. لڳو ٿي ڄڻ هو پنهنجي پيءُ کان نفرت ڪري رهيو هجي.

ڪاڏو ڪائيندي اوچتو پرويز جو غصو ڦاٽي پيو. هن طيش ۾ اچي پليٽ فرش تي هنئي. هوُ ميز پوش بہ ڇڪي اُڇلائڻ وارو هو، پر ويٽر ۽ ٻيا ماڻهو ڏانهس ڏسي رهيا هئا. انهيءَ ڪري هُن پاڻ کي روڪي ورتو. هوُ ڪيئن برداشت ڪري سگهيو ٿي تہ سندس ئي پٽ کيس چڱي مدي جو فرق ٻڌائي. کيس خبر هئي تہ هو خراب ماڻهو ناهي، کيس چڱي مدي جي خبر آهي. ها، ڪجهہ اهڙيون ڳالهيون آهن، جن تي هو خود بہ شرمسار ٿيندو هو، پر هن عزت ۽ شرافت سان زندگي گذاري هئي.

"تون ٻڌاءِ، مون کي ٻچڙايون ڪرڻ جو وقت ئي ڪڏهن مليو؟" هن عليءَ کان سوال پڇيو. پٽس ڌيمي لهجي ۾ آهستي آهستي کيس سمجهايو تہ

"اوهان زندگيءَ ۾ ڪڏهن نيڪيءَ جي رستي تي نہ هليا. اوهان هميشہ شريعت جي پڃڪڙي ڪئي آهي."

"مثال طور؟" پرويز رڙ ڪري پڇيو.

مثالن لاءِ عليءَ کي وڏيڪ سوچڻو نہ پيو. لڳو ٿي ڄڻ هو انهيءَ سوال جي انتظار ۾ هو. هن چيو، "ڇا اوهان سوئر جا پاوا نٿا کائو؟"

پلا پرويز انڪار ڪيئن ڪري سگهيو ٿي جو کيس اُهي پرڪٽا ڪڙڪ بيڪن ڏاڍا پسند آهن، جنهن تي گهڻيون مشروم رکيل هجن. گڏ وري سرنهن جي چٽني ۽ تريل ڊبل روٽيءَ جي سلائسن ۾ ان جو سينڊوچ نهيل هجي، بلڪ هو تہ هر روز انهيءَ جي نيرن ڪندو هو.

علي پرويز کي ياد ڏياريو تہ "اوهان تہ اميءَ کان بہ زوري سوئر جي ساسيج ٺهرائي هئي. هن انڪار ڪيو هو تہ اوهان کيس دڙڪا ڏنا هئا تہ تون پنهنجي ڳوٺ ۾ نہ ويٺي آهين، هيءَ انگلنڊ آهي. اسان کي ائين ئي رهڻو آهي جيئن هتي ماڻهو رهن ٿا."

پرويز غصي ۾ ڏڪڻ لڳو ۽ هن ڪاوڙ ۾ اچي هڪ ٻي وسڪي گهرائي.

"اصل مسئلو اهو آهي،" علي چيو. هو ميز تي اجا اڳيان جهڪي پيو. انهيءَ رات پهريون ڀيرو سندس اکيون بہ ڳاهائي رهيون هيون. "تہ اوهان پوري طرح مغربي تهذيب ۾ رڱجي ويا آهيو."

شراب جو ڍُڪ پرويز جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. کيس لڳو تہ سندس ساهہ پوساٽجي ويندو. "مغربي تهذيب ۾ رڱجي ويو آهيان؟" پرويز روئڻهارڪي آواز ۾ چيو. "پر اسان هتي ئي تہ رهون ٿا."

"مغرب جا هيماديت پرست اسان کان نفرت ڪن ٿا، پاپا،" علي چيو. "اوهان هنن سان ڪيئن محبت ڪري سگهو ٿا جيڪي اوهان کان نفرت ڪندا هجن."

"پوءِ...." پرويز بيزار ٿي چيو، "تنهنجي خيال ۾ انهيءَ جو حل ڇا آهي؟"

عليءَ کي شراب جي نشي جي ضرورت نہ هئي. هو پنهنجي پيءُ سان ائين مخاطب ٿي چئي رهيو هو ڄڻ ڪنهن مجريل ميڙ کي خطاب ڪري رهيو هجي ۽ پنهنجي ڳالهين جي روانيءَ سان انهيءَ ميڙ جو غصو تڏو ڪرڻ چاهيندو هجي. کيس قائل ڪرڻ چاهيندو هجي تہ سموري دنيا ۾ اسلام جو جهنڊو ئي لهرائيندو، ڪافر جهنم جي باهہ ۾ سڙندا ۽ يهودين ۽ عيسائين جي پاڙ پٽجي ويندي. مغرب رياڪارن، بدڪارن، هم جنس پرستن، نشئين ۽

طوائفن جو اڏو آهي.

علي ڳالهائي رهيو هو تہ پرويز دريءَ کان ٻاهر ڏسي رهيو هو تہ ڇا هوُ سچ پچ لنڊن ۾ ئي وينو آهي.

"اسان هيستائين ڏاڍو برداشت ڪندا آيا آهيون، پر هاڻي جيڪڏهن ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ ختم نہ ٿيو تہ پوءِ انهيءَ جي خلاف جهاد ٿي ٿيندو."

"پر ڇو، آخر ڇو؟" پرويز چيو.

"انهيءَ جو اجر اسان کي جنت ۾ ملندو."

"جنت؟"

پرويز جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. سندس پٺ ڪيسٽ چئي رهيو هو، "هاڻي بہ اوهان توبهہ ڪري وٺو."

"پر ڇو؟" پرويز چيو.

"اوهان توبهہ ڪريو. پنهنجي لاءِ دعا گهُرو. مون سان گڏ عبادت ڪريو،" علي زور سان چيو.

پرويز ڄلدي بل ڏنو ۽ پنس کي وٺي ٻاهر نڪتو. هوُ انهيءَ کان وڌيڪ نٿي ٻڌي سگهيو. ڪيس ائين لڳي رهيو هو ڄڻ عليءَ جي اندر ۾ ڪنهن ٻئي جو آواز سمائجي ويو هجي. سندس اندر ڪو ٻيو ڳالهائي رهيو هجي.

رستي ۾ علي ڪار ۾ پويان وينو ڄڻ هوُ ڪا سواري هجي. "اهڙي ڪهڙي شيءِ هئي، جنهن توکي اهڙو بنائي ڇڏيو آهي؟" پرويز سوال پڇيو، پر سندس اندر ۾ هڪ ڊپ بہ هو تہ شايد اُن جو ذميدار هوُ خود بہ هو. "ڇا ڪو خاص واقعو ٿيو آهي، جنهن کان تون متاثر ٿيو آهين؟"

"هن ملڪ ۾ رهڻ ئي ڪافي آهي انهيءَ لاءِ."

"پر مون کي تہ انگلنڊ پسند اهي،" پرويز چيو ۽ سامهون آئيني ۾ عليءَ کي ڏٺائين. "هتي توهان کي هر ڪم جي آزادي آهي."

"اهائي تہ مشڪل اهي،" علي ورائيو.

ورهين کان ڪار هلائڻ کان پوءِ، اُن وقت پرويز کي محسوس ٿيو تہ هوُ سڌو نٿو ڏسي سگهي. هن ڪار کي هڪ لاريءَ سان ٽڪر هنيو. سندس ڪار جي سائيڊ مرر ٽٽي پيئي. هوُ خوش قسمت هو جو پوليس واري ڪين نہ روڪيو، نہ تہ پرويز پنهنجي لائسينس کان وانجهجي وڃي ها ۽ گڏوگڏ سندس نوڪري بہ وڃي ها.

گهر پهتا تہ ڪار مان لهندي پرويز ٿاٻڙيو ۽ روڊ تي ڪري پيو. سندس

هتن ۾ رهڙون لڳيون ۽ پتلون ڦاٽي پيئي. هوَ ڏاڍي مشڪل سان خود ئي اُٿي بيٺو. پٽس سندس هٿ جهلڻ جي ڪوشش به نه ڪئي.

پرويز بٽينا کي چيو ته هو نماز پڙهڻ لاءِ تيار آهي جيڪڏهن سندس پٽ انهيءَ سان خوش ٿئي ٿو. ”جيڪڏهن منهنجي نماز سان سندس بي رحم نظرون منهنجي چهري تان هٽي سگهن ٿيون ته مان انهيءَ لاءِ به تيار آهيان. مون کي ته افسوس انهيءَ ڳالهه جو آهي ته منهنجو پنهنجو پٽ مون کي چوي ٿو ته تون جهنم ۾ ويندين.“

انهيءَ ڏينهن ته پرويز بلڪل ئي چريو ٿي پيو، جڏهن علي کيس ٻڌايو ته هن پنهنجي پڙهائي ختم ڪري ڇڏي آهي. پرويز پڇيس، ”چو؟“ ته نهايت حقارت مان جواب مليس، ”مغربي تعليم مذهب ڪان دشمني سيکاري ٿي، ۽ هڪ اڪائونٽنٽ جي زندگيءَ ۾ عورتن سان ملڻ، شراب پيئڻ ۽ وياج وٺڻ عام ڳالهه آهي.“

”پر انهيءَ ۾ ڏاڍي سٺي پگهار به ته ملندي آهي،“ پرويز کيس قائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ”ڪيترن ئي سالن ڪان تون انهيءَ لاءِ محنت ڪري رهيو آهين.“

علي چوڻ لڳو ته هاڻي هو جيلن ۾ وڃي رضاڪارانه ڪم ڪندو. ”اُتي غريب مسلمان قيدي غلاظت ۽ گناهن جي ماحول ۾ پنهنجو ايمان بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن.“

پنهنجي ڪمري ۾ وڃڻ ڪان اڳ، علي پنهنجي پيءُ ڪان سوال پڇيو ته هوَ ڏاڙهي ڇو نٿو رکي. گهٽ ۾ گهٽ مڇون ئي ڪٽي رکي.

”مون کي ته ائين ٿو لڳي ته مون پنهنجو پٽ وڃايو آهي،“ پرويز بٽينا کي چيو.“ مان اهو برداشت نٿو ڪري سگهان ته منهنجو پنهنجو پٽ مون ڏانهن ائين ڏسي، ڄڻ مان ڏوهي هجان. هاڻي مون سوچي ڇڏيو آهي ته مون کي ڇا ڪرڻو آهي.“

”ڇا ڪرڻو آهي؟“

”مان کيس صاف صاف چئي ڇڏيندس ته پنهنجو جاءِ نماز ويڙهي ۽ گهر مان نڪري وڃي. اهو ڪم مون لاءِ ڏاڍو مشڪل ته ٿيندو، پر اڄ رات مان اهو ڪري رهندس.“

”تون ايترو جلدي مايوس ڇو ٿي وئين؟“ بٽينا چيو. ”گهڻا نوجوان ان

طرح جي عقيدن ۽ وهمن ۾ ڦاسي پوندا آهن، پر انهيءَ جو اهو مطلب ناهي ته هوُ هميشه اهڙو ئي رهندو.“ هن چيو ته پرويز کي ڳهرجي ته عليءَ کي پاڻ سان گڏ رکي.

پرويز به مجي ورتو ته هوءَ نيڪ چوي ٿي، جيتوڻيڪ هُن چاتو ٿي ته هاڻي هوُ پنهنجي پُٽ سان گهڻو پيار نٿو ڪري سگهي. پهرين به هو جيڪو پيار ڪري رهيو هو، اُن لاءِ ئي پٽ ڪڏهن سندس ٿورائتو ٿيو آهي.

ايندڙ ٻه هفتا پرويز پنهنجي پُٽ جون زهر ڀريون نظرون ۽ ساڙيندڙ ڳالهيون برداشت ڪندو رهيو. هُن عليءَ سان سندس عقيدي جي باري ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جڏهن به سندس واتان ڪا اهڙي ڳالهه نڪرندي هئي، جنهن ۾ ٿوري به نڪته چيني هوندي هئي ته علي نهايت تڪائي سان اُن جو جواب ڏيندو هو. هڪ ڀيري علي پرويز کي چيو، ”اوهين ته گورن اڳيان منٿون ميڙون ڪندا آهيو، نڪ گسائيندا آهيو، انهن جي اڳيان پنيان ٿيندا رهندا آهيو، پر مان پنهنجو پاڻ کي ذليل نه ڪندس. اوهان کي خبر آهي ته مغرب کان ٻاهر به دنيا آهي، جيتوڻيڪ مغرب پنهنجو پاڻ کي هميشه سيني ڪان مٿيرو سمجهندو رهيو آهي.“

”توکي ڪهڙي خبر؟ تون ته ڪڏهن انگلنڊ کان ٻاهر ويو ئي ناهين.“

علي اُن جو جواب حقارت ڀريل نگاهن سان ڏنو.

هڪ رات، اٽا ٻڪ ڪرڻ کان پوءِ ته هن جي وات مان شراب جي بوءِ نٿي اچي، پرويز ڪاڏي جي ميز تي عليءَ سان گڏ ويهي رهيو. هن سوچيو هو ته علي اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو هوندو ته هُن ڏاڙهي رکي آهي. پر علي ائين وينو رهيو ڄڻ هن سندس ڏاڙهي ڏٺي ئي نه هئي.

اُن کان هڪ ڏينهن اڳ، پرويز ٻٽينا کي چيو هو ته سندس خيال ۾ مغرب جا ماڻهو ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي ضرور اندر ۾ خالي محسوس ڪندا هوندا. انسان کي زنده رهڻ لاءِ بهرحال ڪنهن فلسفي جي ضرورت ٿيندي آهي.

”ها، اهو سنو جواب ٿي سگهي ٿو.“ ٻٽينا چيو هو. ”تون ڪيس ضرور ٻڌاءِ ته تنهنجي زندگيءَ جو فلسفو ڇا آهي. پوءِ ڪيس خبر پوندي ته دنيا ۾ ٻيا عقيدا به موجود آهن.“

گهڻو سوچڻ کان پوءِ، پرويز ڪجهه چوڻ لاءِ وات کوليو. پٽس ڪيس

ائين ڏسي رهيو هو چڻ هو ڪانئس ڪنهن ڳالهه جي توقع ئي نه ڪري رهيو هجي. ڏڪندڙ آواز ۾ پرويز چوڻ شروع ڪيو، "انسان کي ٻين جي عزت ڪرڻ گهرجي. خاص طور تي ٻارن کي پنهنجي ماءُ پيءُ جي ضرور عزت ڪرڻ گهرجي." ڪن لاءِ ڪيس ائين لڳو چڻ عليءَ تي سندس ڳالهين جو اثر ٿي رهيو آهي. انهيءَ سان سندس همٿ ٻڌائي ۽ هو ڳالهائيندو رهيو: "هن دنيا ۾ اهائي هڪ زندگي آهي. مان جڏهن مرندس ته مٽيءَ ۾ ڳري سڙي ويندس. منهنجي قبر مان گاهه ۽ گل ٻوٽا اُپرندا. پر منهنجي ڪانه ڪا شيءِ بهرحال زنده رهندي."

"اها ڪهڙي ريت؟"

"مان ٻين ماڻهن ۾ زنده رهندس. مثال طور تنهنجي اندر."

اهو ٻُڌي پٽس جي چهري تي ايذاءُ ڀريل ڪيفيت ظاهر ٿي.

"۽ تنهنجي ٻارن ۽ تنهنجي پوٽن پوٽين ۾." پرويز جلدي جلدي چيو. "پر جيستائين اسان هن دنيا ۾ آهيون، اسان کي هن زندگيءَ جو پورو پورو فائدو وٺڻ گهرجي."

"فائدو وٺڻ مان اوهان جو ڇا مطلب آهي؟" پٽس پڇيو.

"مطلب اهو آهي ته توکي زندگيءَ جو مزو وٺڻ گهرجي، ٻين کي تڪليف پهچائڻ کان سواءِ."

علي چيو، "عياشي ته اهڙي ڪڏ آهي، جنهن جو ڪوبه تهه ناهي."

"مان اهڙي عياشيءَ جي ڳالهه نٿو ڪريان. مان ته خوبصورت زندگيءَ جي ڳالهه پيو ڪريان."

"سموري دنيا ۾ اسان جا ماڻهو ظلم ۽ جبر جو شڪار آهن،" علي وراڻيو.

"مون کي خبر آهي،" پرويز چيو. جيتوڻيڪ کيس بلڪل خبر نه هئي ته اسان جي ماڻهن سان عليءَ جو ڇا مطلب آهي. "پوءِ به زندگي زنده رهڻ لاءِ آهي."

"هن دنيا ۾ حق ۽ صداقت جو هڪ ئي سچو رستو آهي. اسان کي انهيءَ رستي تي هلڻ گهرجي. سڄي دنيا ۾ لکين ڪروڙين ماڻهو منهنجا هم عقيده آهن. اوهان جو ڇا خيال آهي ته اوهين سچا آهيو ۽ اُهي سڀ ڪوڙا آهن؟" ان سان گڏ ئي علي اهڙين شعلا وسائيندڙ نظرن سان پرويز کي ڏٺو جو هو اڳتي ڪجهه ڪچي نه سگهيو.

ڪيترن ئي شامن کان پوءِ ٻٽينا هڪ گراهڪ کي نپٽائڻ کان پوءِ پرويز سان گڏ ڪار ۾ وڃي رهي هئي ته هڪ گهٽيءَ ۾ هڪ ڇوڪرو نظر آيو. هو پيدل پئي ويو.

"هوَ منهنجو پٽ آهي،" پرويز پنهنجو چهرو سخت ڪندي چيو. هوَ شهر جي هڪ غريب پاڙي مان لنگهي رهيو هو، جتي ٻه مسجدون هيون.

ٻٽينا عليءَ کي ڏسڻ لاءِ مڙي. "آهستي هل. آهستي هل. پُنهين شڪل جو سهڻو آهي، تو تي ويو آهي. پر هن جي چهري تي اعتماد توکان گهٽو آهي. اسان هتي بيهي نٿا سگهون؟"

"ڪنهن جي لاءِ؟"

"مان هن سان ڳالهائڻ چاهيان ٿي."

پرويز ڪار موڙي ۽ علي جي پرسان روڪي ڇڏيائين.

"گهر پيو وڃين؟" پرويز پڇيس. "ڪافي فاصلو آهي. اچ اچي ويهه."

پُتس ڪند جهٽڪيو ۽ پويان ويهي رهيو. ٻٽينا اڳيان ويٺي هئي. پرويز کي احساس ٿيو ته ٻٽينا کي ڪافي لنڊو اسڪرٽ پاتل هو. پڙڪائيندڙ منڊيون ٻه آڱرين ۾ پاتل هيون ۽ هلڪو نيرو آءِ شيڊو لڳل هو. کيس ٻٽينا جي لباس تي لڳل تيز خوشبو جو احساس ٻه ٿيو، جنهن کي هوَ ڏاڍو پسند ڪندو هو. اها خوشبو سموري ڪار ۾ پريل هئي.

پرويز تيزيءَ سان ڪار هلائي رهيو هو. ٻٽينا عليءَ کان پڇيو، "ڪٿان کان پيو اچين؟"

"مسجد کان،" هن وراڻيو.

"۽ پڙهائي ڪيئن پيئي ٿئي؟ محنت پيو ڪرين نه؟"

"تون ڪير ٿيندي آهين مون کان پڇڻ واري؟ علي چيو ۽ دريءَ کان ٻاهر ڏسڻ لڳو. پوءِ اهي پيڙ ۾ ڦاسي پيا ۽ ڪار بيهي رهي. ٻٽينا بي خياليءَ ۾ پرويز جي ڪلهي تي پنهنجو هٿ رکي ڇڏيو.

"تنهنجو پيءُ سٺو ماڻهو آهي. ڏاڍو پريشان رهي ٿو، تنهنجي ڪري. هُو پنهنجي جان کان ٻه وڌيڪ توکي پيار ڪري ٿو."

"اڇا؟ تنهنجو خيال اهي ته مون سان پيار ڪري ٿو؟" علي پڇيس.

"ها، بلڪل،" ٻٽينا چيو.

"ته پوءِ هي تو جهڙي عورت کي پنهنجي ڪلهي تي هٿ ڇو ٿو رکڻ ڏئي؟"

ٻٽينا ڪاوڙ ۾ ڳاڙهي ٿي عليءَ ڏانهن ڏٺو. ڇوڪرو طيش ۾ گرم ٿي

ڪيس ڏسي رهيو هو.

”مون جهڙي عورت مان تنهنجو ڇا مطلب آهي؟ ۽ تون مون کي اهڙي ڳالهه ڇو ٿو چوين؟“ هن چيو.

”توکي خبر آهي تہ تون ڪهڙي عورت آهين. “علي چيو، ۽ پنهنجي پيءُ ڏانهن مڙي چيائين، ”مون کي هيٺ لاهہ.“

”هرگزنہ.“

”تون فڪر نہ ڪر، مان تي لهان،“ بٿينا چيو.

”نہ، تون بہ نٿي لهي سگهين،“ پرويز چيو. پر اُن وقت بٿينا هلندڙ ڪار مان ٽپو ڏيئي ڇڏيو. هو پهرين بہ ائين ڪندي رهي هئي. پوءِ هوءَ روڊ تان اٿي ۽ ڀڄڻ لڳي. پرويز ڪار روڪي ڪيس ڏاڍا سڏ ڪيا. پر هوءَ روڊ جي ٻئي طرف وڃي ڇُڪي هئي.

پرويز عليءَ کي وٺي گهر پهتو. رستي ۾ هن هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو. گهر پهچندي ئي علي سڌو پنهنجي ڪمري ۾ گهڙي ويو. هاڻي پرويز لاءِ اخبار پڙهڻ يا ٽيليويزن ڏسڻ بہ مشڪل ٿي پيو هو. ايتري قدر جو هو هڪ هنڌ تي ويهي بہ نٿي سگهيو. هو شراب پيئندو پئي ويو.

نيٺ ڪانئس رهيو نہ ٿيو ۽ هو مٿي هليو ويو. سندس سمجهہ ۾ ڪجهہ نٿي آيو تہ هوُ ڇا ڪري. هوُ عليءَ جي ڪمري اڳيان هيڏانهن کان هوڏانهن ۽ هوڏانهن کان هيڏانهن چڪر ڏيڻ لڳا. پوءِ هن ڪمري جو در کوليو. علي نماز پڙهي رهيو هو.

عليءَ کي انهيءَ سڪون سان نماز پڙهندي ڏسي، پرويز آپي کانڀ ٻاهر نڪري ويو. هن اڳيان وڌي زور سان ٿڏو هنيو. پوءِ عليءَ کي ڳچيءَ کان جهلي ڪيس زور سان گيهليو ۽ منهن تي زور سان ٺونشو هنيائين تہ هوُ وڃي پوئتي ڪريو. پرويز پوءِ ڪيس ٿڏا هڻڻ شروع ڪيا. عليءَ جي وات مان رت وهڻ لڳو. پرويز بہ سهڪي رهيو هو. ڪيس خبر هئي تہ سندس پُٽ قبضي کان ٻاهر نڪري چڪو آهي، پوءِ بہ هوُ ڪيس ماريندو رهيو. علي پنهنجي پاڻ کي بچائڻ جي بلڪل ڪوشش نٿي ڪئي ۽ نہ ئي سندس مقابلو ڪري رهيو هو. هوُ خاموشيءَ سان مار کائي رهيو هو. سندس اکين ۾ ڏپ جو نالو نشان بہ نہ هو.

پوءِ هن پنهنجا رتورت ٽيل چپ کوليا ۽ چيائين، ”ڏسو، جنُوني ڪير آهي؟“ □□□

# منحوس

( اردو )

سعادت حسن منٽو

نعيم گهمندو گهمندو هڪ باغ ۾ لنگهي ويو، ڪيس اتان جو ماحول ڏاڍو پسندو آيو. ڇپر تي ليٽي هن پاڻ سان ڳالهائڻ شروع ڪيو: "ڪيڏي نه وڻندڙ فضا واري جاءِ آهي... حيرت آهي جو اڄ تائين منهنجين نظرن کان اوجهل رهي هئي... نظرون... اوجهل..."

ايترو چئي هوُ مشڪيو. "نظر هوندي به شيون نظر نٿيون اچن... آهه نظر جي هي بي نظري! دير تائين هوُ گاهه تي ليٽيو رهيو ۽ ٿڌاڻ محسوس ڪندو رهيو، پر سندس خود ڪلامي جاري هئي: "هي نرم نرم ڇپر ڪيڏي نه فرحت بخش آهي. اکيون پيرن جي ترين ۾ هليون ٿيون وڃن... ۽ هي گل... هي گل ايڏا خوبصورت ناهن جيتري انهن جي خوشبوءِ آهي. هر شيءِ جيڪا هرجائي آهي، خوبصورت ٿئي ٿي. هرجائي عورت، هرجائي مرد... ڪجهه سمجهه ۾ نٿو اچي. هي خوبصورت شيون پهريائين پيدا ٿيون يا خوبصورت خيال... هر خيال خوبصورت ٿئي ٿو پر مصيبت اها آهي ته هر گل خوبصورت نٿو ٿئي. مثال طور هي گل!" هن اتي هڪ گل ڏانهن ڏٺو ۽ پاڻ سان ڳالهائڻ جاري رکيائين: "هي گل هُن تاري تي اوچي ڳاٽ بيٺو آهي. ڪيڏو نه مزيدار ٿو لڳي. بهرحال هي جاءِ خوب آهي... هڪ تمام وڏو دماغ لڳي ٿي... روشني به آهي ۽ پاڇولا به آهن... ائين محسوس ٿئي ٿو ته هن وقت مان نه، بلڪ هي جاءِ سوچي رهي آهي..وڻندڙ فضا واري جاءِ، جيڪا اڄ تائين منهنجين نظرن کان اوجهل رهي....

انهيءَ کان پوءِ نعيم محبت ڀريو ڪو غزل ڳائڻ شروع ڪيو. اوچتو موٽر جي هارن جو کهرو آواز سندس دل جي ساز جون سڀ تارون جهنجهوڙي ٿو ڇڏي. هو ڇرڪ کائي اٿي ٿو ۽ ڏسي ٿو ته هڪ موٽر پاسي کان بيٺي آهي ۽ هڪ وڏين مڇن وارو ماڻهو ڏانهس ڦهري نگاهن سان ڏسي

رهيو آهي. انهيءَ مهل واري ماڻهو گجي پڇيو "اڙي تون ڪير آهين؟"

نعيم، جيڪو پنهنجي نشي ۾ سرشار هو، ڇرڪ ڀريو: هي موٽر هن باغ ۾ ڪٿان آئي؟

مهل واري ماڻهو، جيڪو انهي باغ جو مالڪ هو، ٻڙٻڙايو: ڏسڻ ۾ ته شريف ماڻهو لڳي ٿو، پر هتي ڪيئن گهڙي آيو... ڪيڏي اطمينان سان ليٽيو هو ڄڻ باغ پڻس جو هجيس. پوءِ هن وڏي آواز ۾ نعيم کي سڏيندي چيو، "اڙي ڪجهه ٻڌين ٿو؟"

نعيم جواب ڏنو "سائين ٻڌان پيو... اڃو اڃو ڏاڍي وڻندڙ فضا واري جاءِ آهي. "باغ جو مالڪ سڙي ويو. "وڻندڙ فضا جا پُٽ... هيڏانهن اچ."

نعيم ليٽي پيو. "ادا، مون کان اٿيو نٿو ٿئي، تون خود ئي هلي اَءُ، خدا جو قسم، ڏاڍي دلفريب جاءِ آهي، تنهنجا سڀ ٿڪ لهي ويندا."

باغ جو مالڪ موٽر مان ٻاهر نڪتو ۽ ڪاوڙ ۾ ڀرجي نعيم جي پرسان آيو. "اُٿ هتان."

نعيم جي ڪنن کي سندس تکو آواز ڏاڍو ڏکيو لڳو. "ايترو زور سان نه ڳالهاءِ... اچ، هتي منهنجي پرسان ليٽي پئو، بلڪل خاموش، جهڙي طرح مان ليٽيو پيو آهيان، اکيون بند ڪري ڇڏ، پنهنجو سمورو جسم ڍرو ڇڏي ڏي، دماغ جون سڀ بتيون وسائي ڇڏ. پوءِ جڏهن تون انهيءَ اونداهيءَ ۾ هلندين ته تنهنجون ڳوليندڙ اکيون غير ارادي طور تي اهڙيون بتيون روشن ڪنديون جن جي وجود کان تون بلڪل بي خبر هئين... اچ، مون سان گڏ ليٽي پؤ."

باغ جي مالڪ هڪ کن لاءِ سوچيو ۽ نعيم کي چيائين، "چريو ٿو لڳين."

نعيم کليو. "نه... تو ڪڏهن چريا ڏٺا به ناهن. منهنجي جاءِ تي جيڪڏهن هتي ڪو چريو هجي ها ته هو انهن وڪريل ٻوٽن ۽ ٽارين تي ٻارن جي ڳلن وانگر لٽڪيل گلن مان ڪڏهن مطمئن نه ٿئي ها... چريائپ اطمينان جو نالو ناهي منهنجا دوست... پر اچ، پاڻ چريائپ جون ڳالهيون ڪريون..."

"بڪواس بند ڪر... نڪري وڃ هتان."

"اڙي تون ڪير آهين؟... وڏو ڪو بدتميز آهين."

باغ جي مالڪ کي ڪاوڙ اچي وئي. هُن پنهنجي ڊرائيور کي سڏيو ۽

چيائين تہ هو نعيم کي ڏکا ڏيئي باغ مان ٻاهر ڪڍي.

جڏهن نعيم ٻاهر وڃي رهيو هو تہ هن گيٽ تي هڪ بورڊ ڏٺو جنهن تي لکيل هو: ”بنا اجازت اندر اچڻ منع آهي.“ هُو کليو، ”حيرت آهي جو هي باغ منهنجين نظرن کان اوجهل رهيو. نظر هوندي بہ شيون نظر نٿيون اچن... آهہ، نظر جي هي بي نظري!“

اُتان کان نڪري، نعيم تصويرن جي هڪ نمائش ۾ هليو ويو جيئن پنهنجو ذهني ٿڪ دور ڪري سگهي.

هال ۾ داخل ٿيندي ئي ڪيس عورتن ۽ مردن جو جهُرمٽ نظر آيو، جيڪو ديوارن تي لڳل پينٽنگز ڏسي رهيو هو.

هڪ شخص ڪنهن پارسي عورت کي چئي رهيو هو، ”مسز فوجدار، هي پينٽنگ توهان ڏٺي؟“ مسز فوجدار تصوير کي هڪ نظر ڏسڻ کان پوءِ، اُتي بيٺل هڪ عورت ڏانهن غور سان ڏٺو ۽ انهيءَ مرد کي، جيڪو غالباً سندس ٽيڻ وارو مڙس هو، مخاطب ٿي چيائين، ”ڏسين ٿي... شيرين ڪيڏي نہ نهي نڪي آئي آهي؟“

هڪ نوجوان عورت هڪ نؤ عمر ڇوڪريءَ کي چئي رهي هئي، ”ثريا، هتي اچي تصويرون ڏس... تون هتي بيهي ڇا ٿي ڪرين؟“

ثريا کي تصويرن سان ڪائي دلچسپي نہ هئي. اصل ۾ ڪيس پنهنجي بواءِ فرينڊ سان ملڻو هو. هڪ اڌڙوٽ عمر جو مرد، جنهن کي پينٽنگس سان ڪائي دلچسپي ڪانہ هئي، پنهنجي اڌڙوٽ عمر دوست کي چئي رهيو هو، ”بِلي زڪام سبب اچي نہ سگهي آهي. اوهان کي تہ خبر آهي تہ ڪيس پينٽنگس سان ڪيڏي نہ دلچسپي آهي. هاڻي تہ هو پاڻ تمام سٺيون تصويرون ٺاهي وٺندي آهي، ٿيون ڏينهن پينسل ۽ ڪاغذ کڻي پنهنجي ننڍي پاءُ جي سائيڪل جي تصوير ٺاهيائين... مان تہ دنگ رهجي ويس.“

نعيم پرسان بيٺو هو، هن هلڪي طنز سان چيو، ”هوبهو سائيڪل لڳندي هوندي.“

ٻئي دوست ڏسندا رهجي ويا تہ هي ڪير بدتميز آهي. منجهائن هڪ ڇٽي هڪدم ئي نعيم کان پڇيو، ”اوهان ڪير آهيو؟“

نعيم هڪو ٻڪو ٿي ويو ”... مان... مان؟“

”مان مان ڇا ٿو ڇئين... ٻڌاءِ تہ تون ڪير آهين؟“

نعيم پاڻ سنڀالي چيو، ”اوهان ٿورو ڌيرج سان پڇو... مان توهان کي

ٻڌائي سگھان ٿو."

"تون هتي ڪيئن آئين؟"

نعيم جو جواب مختصر هو: "جي پيدل"

عورتن ۽ مردن، جيڪي آس پاس تصويرون ڏسڻ بدران الائي ڪهڙين ڳالهين تي تبصرو ڪري رهيا هئا، کلڻ شروع ڪيو... ايتري ۾ نمائش جو منتظم آيو. ڪيس جڏهن نعيم جي گستاخي جي باري ۾ ٻڌايو ويو ته هن تمام ڪڙي انداز ۾ ڪانئس پڇيو، "تو وٽ ڪارڊ آهي؟"

نعيم ڀورائي وچان چيو، "ڪارڊ؟.... ڪهڙو ڪارڊ؟ پوسٽ ڪارڊ؟"

منتظم پنهنجي لهجي کي ڪڙڪ بنائيندي نعيم کي چيو، "بنا اجازت تون اندر هليو آئين... ٻڌ هتان هاڻي جو هاڻي."

نعيم هڪ تصوير کي دير تائين ڏسڻ چاهيو ٿي، پر ڪيس اوچتو اتان نڪرڻو پيو. هُو سڌو پنهنجي گهر ويو. دروازي کي کڙڪايائين ته سندس نوڪر فضلو ٻاهر نڪتو. نعيم ڪانئس پڇيو، "ڇا مان اندر اچي سگھان ٿو؟"

فضلو هڪ ٻڪو ٿي ويو. "سائين... سائين... هي توهان جو پنهنجو گهر آهي، اجازت ڇا جي؟"

"نعيم ڪيس چيو، "نہ فضلو، هي منهنجو گهر ناهي، هي گهر جيڪو مون کي سک ميسر ڪري ٿو، منهنجو ڪيئن ٿي ٿو سگهي. مون کي هاڻي هڪ نئين ڳالهہ جي خبر پيئي."

فضلو ادب وچان پڇيو، "ڪهڙي سائين؟"

نعيم چيو، "اهوئي تہ هي گهر منهنجو ناهي. البت هن جو گند ڪچرو ۽ سڀ غلاظتون منهنجون آهن... اهي سڀ شيون جنهن مان مون کي بيزاري ٿئي ٿي، منهنجون آهن، پر اهي شيون، جن مان مون کي راحت ملي ٿي، اهي ڪنهن ٻئي جون... خدا ڄاڻي ڪنهن جون آهن... مان هاڻي ڊڄان ٿو. ڪنهن سٺي شيءِ کي پنهنجي چوندي ڊپ ٿو ٿئيم. هي پاڻي منهنجو ناهي؛ هي هوا منهنجي ناهي؛ هتي آسمان منهنجو ناهي؛ هو ڪمبل، جيڪو مان سياري ۾ اوڍيندو آهيان، منهنجو ناهي. انهيءَ ڪري جو مان انهن مان راحت طلب ڪندو آهيان... فضلو وچ تون بہ منهنجو ناهين..."

نعيم فضلو کي ڪابہ ڳالهہ ڪرڻ نہ ڏني. هوُ هليو ويو.

رات جا ڏهہ وڄي چڪا هئا... هيرا منڊيءَ جي هڪ ڪوٺي تي "پيئا ٻِن ناهين آوت چين" جا ٻول اُڏري اچي رهيا هئا.

نعيم انهيءَ ڪوٺي تي هليو ويو. اندر مجرو ٿي رهيو هو. هن چائنٺ تي بيهي زور سان انهي ڳائڻيءَ کان پڇيو، ”ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟“

ڳائڻي گانو بند ڪيو ۽ نعيم کي چيائين، ”اچو اندر اچو. تشريف رکو. اوهان اجازت ڇو ٿا گهرو؟“ نعيم اندر داخل ٿيو. هن مجرو ٻڌڻ وارن ٽن چئن مردن ڏانهن ڏٺو ۽ طوائف کان پڇيائين، ”هنن صاحبن کي ڪو اعتراض تہ نہ ٿيندو؟“

طوائف مشڪي چيو، ”هنن کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو... هوڏانهن مسند تي ويهو... هان هي وهاڻو وٺو.“

نعيم ويهي رهيو. هُن ڪمري جو جائزو ورتو ۽ طوائف کي چيائين، ”هي ڪيڏي نہ سٺي جاءِ آهي.“

طوائف گنڀير ٿي ويئي. ”اوهان مون تي چٿر ڪرڻ آيا آهيو....“ هي سٺي جاءِ آهي، جنهن کي شريف ماڻهو حد کان وڌيڪ گندي سمجهن ٿا.“

نعيم وراڻيو، ”هي سٺي جاءِ انهيءَ ڪري آهي، جو هتي ’بنا اجازت اندر اچڻ منع ناهي‘ جو بورڊ ٽنگيل ناهي.“ اهو ٻڌي طوائف ۽ سندس مجرو ٻڌڻ وارا تماشائي سڀ کلڻ لڳا. نعيم ائين محسوس ڪيو تہ هيءَ دنيا هڪ اهڙي قسم جي طوائف آهي، جنهن جو مجرو ٻڌڻ لاءِ هن قسم جا منحوس ماڻهو اچن ٿا. ■■■

# نَٽ جو بار

(اردو)

واجده تبسم

مان بہ ڪنوار ٿيندیس.

مان بہ ڪنوار ٿيندیس.

اها منهنجي ننڍپڻ جي ڳالهہ آهي. مان تڏهن ننڍڙي هيس. انهيءَ زماني ۾ زندگيءَ جو ڪو چٽو تصور منهنجي ذهن ۾ نہ هو. مان، امان سان گڏ ڪنهن شاديءَ ۾ ويئي هيس. زيور، ريشمي ڪپڙا ۽ سرهاڻ سان پيريل سهڻي ڪنوار ڏسي بس مون هڪدم فيصلو ڪري ورتو هو تہ مان بہ ڪنوار ٿيندیس! پر ٿوري ئي دير ۾ ٻاهر جڏهن نڪاح پڙهجڻ جو گوڙ شروع ٿيو ۽ ڪنوار نئين سر سينگارجڻ لڳي. تڏهن ساهوري جي طرف وارين زالن مان ڪا هڪ، جيڪا سيِن ڪان بدن ۾ ٿلهي ۽ ڳوري هئي، پنهنجن هٿن ۾ تولي سوا ڪن جي وزني نـٿ ڪٺي آئي (۽ ڪجهہ اهڙي طرح جڻ ڪنوار ڪا بي جان شيءِ هجي) ۽ ڪنوار جي نازڪ نڪ ۾ ڪٺي وڌائين. هاءِ! اهو نازڪ چهرو، ننڍڙو ۽ سنهڙو نڪ ۽ انهيءَ تي نـٿ جو بار...!! مان سڄي زندگي اها سنگدل گهڙي وساري نٿي سگهان، جڏهن نـٿ جي بار ڪان ڪنوار جي چهري جو رنگ پڪل صوف جهڙو ٿي ويو هو ۽ نڪ ائين ڳاڙهو ٿيو هو جڻ اجهو ٿو هاڻي رت ٽمي.

۽ تڏهن مون فيصلو ڪيو تہ مان ڪڏهن ڪنوار نہ ٿيندیس... مان ڪڏهن شاديءَ نہ ڪندیس! هي نـٿ جو بار ڪيڏو ڳورو ٿئي ٿو! ۽ هي ساهورن جو زالون ڪيڏيون بي حِس ۽ ظالم ٿينديون آهن. نہ نہ، مان هي ظلم سهي نہ سگهندیس. مان شادي ئي نہ ڪندیس. مان ڪڏهن نـٿ نہ پائيندیس!

پر ڇوڪريون ڪيتريون معصوم ۽ اڻڄاڻ ٿيون ٿين! صرف ڇوڻ ۽ سوچڻ سان ڇا ٿو ٿئي. عورت جو جنم ورتو آهي تہ نـٿ تہ پائڻي ئي پوندي،

اهو بوجو تہ سَهڻو ئي پوندو ۽ ائين ئي ٿيو. جڏهن مان وڏي ٿيس تہ گهر ۾ منهنجي شاديءَ جي ڳالهہ ٻولهہ ٿيڻ لڳي. مان ڏاڍو تڙپيس تہ مون تي ظلم نہ ڪريو، خدا جي واسطي مون کي منهنجي پيڪن جي آڳنڌ ۾ کيڏڻ ڇڏي ڏيو، پر مان عورت هيس نہ...؟؟

ٻاهر نڪاح ٿي ويڻ جو گوڙ ٿيو ۽ منهنجي ساهوراڻي عورتن مان هڪ ڄڻي آئي منهنجو ريشمي ڳاڙهو گهونگهٽ پاسي ڪيو ۽ ڪجهہ اهڙي بي درديءَ سان ڄڻ مان انسان ئي نہ هيس، هڪ وزني نٿ منهنجي نڪ ۾ وڌائين. منهنجو ننڍڙو نڪ ۽ سوا تولي جي ڳوري نٿ- نڪ ڳاڙهو ٿي هڪ پاسي جهڪي پيو ۽ مان سڏڪا ڀري روئڻ لڳيس تہ مون نٿ جو بار ڇو کنيو؟ تڪليف جي شدت کان منهنجو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو ۽ مان سوچڻ ۽ روئڻ لڳيس تہ ڇا انهيءَ کان بہ ڳؤرو ڪو بار ٿيندو هوندو؟

ريشمي ڪپڙن، گلن ۽ زيورن جي بار کان منهنجي چيلهہ جهُڪي وئي هئي. هاڻي ڏولي دروازي تي اچي پهتي هئي ۽ موڪلاڻيءَ جو وقت ٿي ويو هو. ڪنهن مون کي سهارو ڏيئي اُتاريو.

"اٿ ڌي، هل. هِن گهر ۾ تون مهمان هئين، هاڻي توکي پنهنجي اصلي گهر وڃڻو آهي."

مون آهستي قدم کڻڻ چاهيو. اڙي، هي پير اڳتي ڇو نٿا وڌن؟ منهنجي پيرن ۾ زنجير بہ تہ ناهي، پوءِ؟ پوءِ هنن قدمن کي اڳتي وڌڻ کان ڪنهن روڪيو آهي؟ جاري ۾ رکيل گڏيون، جن کي هڪ عرصي کان ڇهيو نہ هئم، سامهون اچي بيهي رهيون... "اسان روڪيو آهي توکي- ڇو راڻي اسان کي ڇڏي وڃي رهي آهين؟ وساري تہ نہ ڇڏيندينءَ...؟"

گڏ کيڏيندڙ ڀاءُ، جيڪو مون کان عمر ۾ ورهيہ بہ وڏو هوندو، پر ساڻس ڪڏهن نہ پيئي، جنهن سان ننڍن جهڙو ورتاءُ ڪيم، لڙائي جهڳڙو ئي ڪيم، صلح ڪڏهن نہ، ڄڻ دل هاري پلؤ پڪڙي اچي بيٺو هجي.

"توکي منهنجا بلور ڪسڻ ۽ لڪائي رکڻ جو ڪيڏو نہ چاهہ هو، مان هاڻي ڪيڏڻ بہ چاهيان تہ پيار مان ڪير مون کي سڏيندو؟ ڪير ڪسيندو، ڪير لڪائيندو؟ هو ڏس ڪنڊ ۾ ڪيترا نہ بلور پيا آهن، ڪير ڪيڏندو پر...؟ ۽ هنن اکين ۾ چتائي نهار، ڪيترا نہ لڙڪ جرڪن پيا! ڇا انهن کي وساري ڇڏيندينءَ ادي ...؟

چاندي جي مڌر گهنڊين وانگر وڄندڙ، کِلڻين ساهيڙين، جن سان گڏ

زندگي جو هر پيار ونڊيم، ڏک ورهايم، سک پريا پل ڪاٽيم. بي آواز صدا سان پڇڻ لڳيون:

”گهوٽ جي ديس وڃي پلجي ته نه ويندينءَ...؟ ٻڌو اٿئون ته جنهن ديس ڏانهن تون وک وڌائي وڃي رهي آهين، ڏاڍو رنگين آهي. انهن جي رنگينيءَ ۾ وڃائجي، ڪڏهن هِن دلين جو خيال نه ڪندينءَ، جن توسان گڏ گذاريل گهڙين کي زندگيءَ جي معراج سمجهيو هو.“

اهي ڪهڙا آواز آهن...؟ اها ڪهڙي طاقت آهي، جيڪا مون کي منهنجي وڌندڙ وک کي روڪي رهي آهي. مون کي وڃڻو آهي... مون کي ته انهيءَ ديس وڃڻو آهي، جنهن جي هر گهٽي اڻ ڏٺل، هر راهگذر اجنبي ۽ هر رستو منهنجي لاءِ نئون آهي. پر مون کي وڃڻو آهي. مون کي نه روڪيو خدا جي واسطي...

مون ڏاڍي همت سان وک وڌائي... هي منهنجي پيڪن جي چائنٺ جي مٽي! هي چائنٺ، جتي مون پنهنجي معصوم زندگيءَ جا سترهن ورهيه گذاريا... اتي ئي رهي مون گوڏن ڀر گسڪڻ سکيو، اتي ئي ننڍڙن پتڪڙن پيرن سان ڀِريون ڀيرو قدم قدم سنڀالي هلڻ سکيو... هن هنڌ منهنجي دل ڀِريون ڀيرو محبت جو نالو ٻڌو... هاڻي هيءَ چائنٺ منهنجي لاءِ پرائي ٿي ويندي... ڪنهن کي خبر آهي ته وقت جو ڦيڙو ۽ بي رَحم هٿ مون کي ڪهڙين انداهين وادين ۾ ڪٽي اچليندو. ڪنهن کي خبر آهي ته مان وري ڪڏهن انهيءَ چائنٺ تي قدم رکنديس به يا نه... اڄ اي پوتر مٽي، مان توکي پنهنجي سينڌ ۾ ڀريان. تون مون کي افشان کان به پياري آهين.

منهنجي ننڍڙي ڀيڻ... مون ڏانهن هيئن پنهنجون معصوم اکيون ڪٽي نه نهار، جو مون همت ڪري جيڪا وک کنئي آهي اُها وري پوئتي موٽي نه اچي... ويندڙن جي راهن ۾ لڙڪن جا تارا نه اُجلائجن. منهنجي پياري ڀيڻ، مسڪراهٽ جا ڪجهه گل اچلائجن، جيئن منهنجون راهون مهڪي پون ۽ مان آهستي آهستي انهيءَ راهه تان وڌندي وڃان، جنهن جي تصور کان ئي منهنجي دل ڪنبي رهي آهي.

ياپي، منهنجي سکي... مون زندگيءَ ۾ توکان ڪجهه به ڪين گهُريو آهي... اڄ جيڪي گهُران، اهو ضرور ڏجان... بس، پنهنجو هي لڙڪن ڀريل چهرو هوڏانهن ڦيرائي ڇڏ... منهنجي ياد ۾ روءِ نه ياپي... منهنجي ياءُ کي تو پرکيو ناهي؟ ڪيس توسان ڪيترو پيار آهي؟ هو ڪڏهن تنهنجي ڳالهه نه

تاريندو. جڏهن توکي منهنجي ياد ستائي ته هڪ سانوري سهڻي شام جو ڀاءُ کي منهنجي ساهورن موڪلي ڏج ڀايي! توکي ناهي خبر ڀايي، ڀيڻ کي پنهنجن ڀائرن تي ڪيڏو فخر هوندو آهي.. ڪيڏو ناز...!! منهنجي سدا سهڻي ڀاءُ کي ڏسي، منهنجي ساهورن جا سڀ ماڻهو ڏسندا رهجي ويندا. ڪو مون کي روڪي نه سگهندو. مان توسان گڏ پينگهه لڏڻ، سير ڪرڻ، سانوڻ جا گيت ڳائڻ ضرور اينديس ڀايي، پر هن وقت منهنجي منزل ڪوٺي ته ڪر.. مون ڪان تنهنجا هي لڙڪ نٿا ڏٺا ٿين ڀايي!

نه امان نه... خدا جي واسطي تون سامهون نه اچ. ڏس نه، مون پنهنجيون اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن. مون ڪان تنهنجو اهو حال نٿو ڏٺو ٿئي. منهنجين اکين جي سامهون، منهنجي گذريل زندگيءَ جو هڪ هڪ پَل ڇڻ موٽي آيو آهي... اُها تون ئي ته آهين جيڪا راتيون جاڳندي رهي آهين. مان بيمار ٿيان، تون مون کي وندرائين. مون مٽيءَ ۾ راند ڪري پنهنجا ڪپڙا گندا ڪيا ته تون وهنجاري مون کي گڏي وانگر سنواريندي رهينءَ... تو مون کي الف ب پ پڙهڻ سيکاريو، جيئن مان زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ ڪنهن کان پوئتي نه رهجي وڃان. هي منهنجن ننڍڙن هٿن جون ٻچايل، آڏيون ٽيڏيون ۽ ٽڪنديون چوڪنديون مانيون، جيڪي تون فخر سان هڪ هڪ کي ڏيکاريندي رهينءَ ته هي منهنجي لاڏلي پهريون دفعو پچايون آهن. هي منهنجون گڏيون، جن جي شادي وهانءُ ۾ تو دلچسپي ورتي... ۽ هاڻي هي منهنجي جواني ڏانهن وڌندڙ قدم... ۽ تنهنجو ڳڻتين ڀريو چهرو! بس ڪيئن نه ٿئي، جوان ڇوڪري پنهنجي گهر وڃي سکي ٿئي. منهنجين پوٽيل اکين جي سامهون هر واقعو اُڀري آيو آهي. امان... هاڻي هزارين منٿن ڪان پوءِ، اُهو پل آيو آهي جو تنهنجي مٿي جو بار هلڪو ٿيو آهي. هاڻي هن پل منهنجا قدم نه ڏڪاءِ امان... منهنجا ڪُلها نازڪ آهن ۽ بار بيحد ڳؤرو...!!

ڪيترا تير ۽ هڪ نازڪ دل...! نه ڄاڻان ڪيئن ڏوليءَ تائين پهچنديس... ڳؤرن قدمن سان مون ڏوليءَ ۾ قدم رکيو... شرنائيءَ جو آواز وڌيڪ درد ڀريو ٿي ويو. منهنجي پيڪن وارين عورتن موڪلاڻي جو گيت ڇيڙيو ۽ ڏولي اُڃي وڃڻ لڳي... آهستي آهستي... ڪهارن ڪلهن تي ڏولي کنئي... هڪ قدم... ٻيو قدم... مون پردو پاسيرو ڪري ليئو پاتو... هاڻي هي سڀ گهٽيون پرايون ٿي وينديون... مون ڏاڍي درد وچان اکيون کڻي نهاريو... اڙي هي اوندهه ۾ ڪير بيٺو آهي...؟ هٿن سان گهڙي گهڙي هي

ڪير اکيون اگهندو وچي رهيو آهي؟! اڙي هي تہ بابا آهي!! بابا! تو تہ هميشہ ائين ئي چيو هو تہ مان پنهنجي لاڏليءَ کان سواءِ زنده رهي نہ سگهندس. امان کلي ڪجهہ ملول ٿي چوندي هئي، ”وڏن وڏن راجائن، مهاراجائن پنهنجون ڌيئون نہ ويهاريون تہ اسان ڪهڙي قطار ۾ آهيون.“

هُو ڦڪي کِل کليو... ”نہ نہ، پنهنجي ايڏي دل ڪانهي...“

بابا... بابا... هاڻي مان تنهنجين اکين اڳيان توکان پري ٿي رهي آهيان ۽ تون وڏي مون کي ڳراٽڙي بہ نٿو پائين... هاڻي صبح جي پُرنور اُجالي سان گڏ ڪير منهنجي مٿي تي هٿ رکي مون کي ننڊ مان جاڳائيندو... اُٿ پٽ، عبادت جو وقت ٿي ويو آهي. سيئي جهرڪيون بہ جاڳيون آهن.

بابا هاڻي نہ تون هوندين، نہ هي آڱنڊ هوندو ۽ نہ وري هي جهرڪيون، جن تي هر ڏيءَ کي ناز هوندو آهي، غرور هوندو آهي تہ هي منهنجي پيڪن جون رهواسي آهن. هاڻي مان هونديس، زندگيءَ جون ڏکيون اڪيليون راهون هونديون ۽ هي ڪوڙو ۽ ڳوڙو بار... هڪدم ڪهارن هڪ موڪلائيءَ جو لوڪ گيت ڇيڙيو ۽ قدم بقدم تيز تيز هلڻ لڳا... پيڪن جون گهٽيون، در ديوارون، پاڻ پيڻ، سکيون ساهيڙيون سڀ پري ٿيڻ لڳا... ۽ امان بہ، جنهن کان سواءِ زندگيءَ جو ڪو تصور ئي نہ هو... ۽ پيو بابا بہ، جنهن جي پيايي کي منهنجي ضرورت هئي... پري کان ڏڪائيندڙن درد ۾ ٻڏل، لڙڪن سان ڳوڙو آواز آيو:

”ڪهارو! ٿورو آهستي... آهستي... مون پنهنجي ڌيءَ کي ڏاڍن نازن سان نپايو آهي. ڪيس لوڏو نہ ڏجو.“

لڙڪن جي مينهن سان گڏ منهنجي نٿ جو بار ڀيڻو ٿي ويو... هيستائين مان سوچي رهي هيس تہ ڇا نٿ جي بار کان بہ ڪو وڏو بار ٿئي ٿو... هاڻي سمجهہ ۾ آيم تہ جدائي جو بار تہ انهيءَ کان بہ وڏيڪ ٿئي ٿو...!! وڏيڪ ڳوڙو...!!

مان پنهنجو گهر بار، ماءُ پيءُ، سڀ ڇڏي ساهوري گهر اچي ويس. مون تہ اهو ڏٺو هو تہ نيون نيون ڪنوارون، محبت ڪندڙ گهوٽن کي حاصل ڪري، پنهنجو ماضي، پنهنجو سيڪجهہ وساري ڇڏينديون آهن ۽ جڏهن ساهورن کان پيڪن موٽنديون آهن تہ نئين زندگيءَ جون خوشيون سندن چهرن تي پونم جو چنڊ بنجي جڳمڳائينديون آهن، روپ ڀيڻو ظاهر ٿيندو آهي، پر نہ ڄاڻان ڪهڙي شيءِ مان منهنجي تعمير ٿي هئي، جو مان پنهنجي

ماضيءَ کي وساري نہ سگهيس. ٻهريائين تہ منهنجي نئين هئڻ ڪري ڪنهن ڪجهہ ڪين ٿي چيو ۽ چيائون ٿي تہ اڳتي هلي پاڻيهي سڀ ڪجهہ وساري ڇڏيندي، پر جهڙي طرح سج جيئن جيئن مٿي چڙهندو ويندو آهي تہ انهيءَ ۾ گرمي ۽ تيزي وڌندي ويندي آهي، تيئن منهنجي يادن جي سج جي گرميءَ ۾ تيزي وڌندي ويئي.

شاديءَ کي چند مهينا گذريا هئا تہ خدا مون کي زندگيءَ کي نئين طرح پرکڻ جو موقعو ڏنو ۽ منهنجي تصور ۾ انهن رنگين ۽ وڻندڙ ٻِڪارن جي گونج ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳي، جيڪا سڄي ۾ سڄي آڳنڌ کي بہ زندگيءَ سان ڀري ڇڏيندي آهي. شايد اهوئي هڪ پل هو جيڪو مان پاڻ سنڀالي سگهيس ٿي ۽ پنهنجين يادن ۽ ماضي جي خوشين سان توريان ها تہ خوشيون جيتي وڃن ها. جو هڪ ڏينهن مان جلدي جلدي ڪنهن ڪم سان ڊاڪٽر تان لهي رهي هيس تہ پير ترڪي پيو ۽ منهنجي ڪرندي ئي منهنجين خوشين جي جنت بہ سُنسان ٿي ويئي... مان پنهنجو اهو ڪرب، اهو دک ڪڏهن بہ لفظن ۾ بيان ڪري نہ سگهنديس ۽ مان جيڪا سمجهي ويئي هيس تہ زندگيءَ ۾ نٽ جو بار ئي سڀ کان ڳؤرو ٿيندو آهي، اهو سمجهڻ تي مجبور ٿيس تہ انهيءَ بار کان ڳؤرا ٻيا بہ ڪئين بار آهن. منهنجي دل مون سان وري اُهوئي پراڻو سوال ورجايو.

جڏهن زندگيءَ ۾ ايترا دک پريا پيا آهن تہ عورت آخر هي نٽ جو بار کڻي ئي ڇو ٿي...؟ معمول موجب منهنجي دل کي ڪو جواب نہ سُجهيو.

اُهو دک، جنهن منهنجي دل لاءِ، منهنجي زندگيءَ لاءِ خوشين جا دروازا بند ڪري ڇڏيا، اهڙو نہ هو جو ايترو آسانيءَ سان ٻلجي وڃان، پر ڪنهن جي همدرديءَ جي بدران اهي لفظ ٻڌڻا پون:

"ڪنوار نياڳي آهي...!"

"ڪنوار جو پير هن گهر ۾ سياڳو ناهي"

منهنجي دل ڪڇجي ويئي ٿي. دل چاهيو ٿي تہ وڃان، امان ۽ بابا جي گلي لڳي، جيءَ کولي لڙڪ لاڙيان... انهن ئي ڏينهن ٻاپيءَ جو خط آيو تہ بابا جي طبيعت خراب رهڻ لڳي آهي، هوَ توکي ڏاڍو ياد ٿو ڪري... مان ڏاڍي تڙپيس، پر وڃي نہ سگهيس... اونهاري جي ٻارينڌڙ پيهريءَ جو، جڏهن سڀ سمهي رهندا هئا تہ مان ورانڊي جي ٻوئين چبوتري تي ويهي انهن ننڍڙين جهرڪين کي حيرت سان تڪيندي رهندي هيس، جن تي ڪا پابندي ڪانہ هئي، جن جي جيءَ جتي چاهيو ٿي، اُتي اڏري ويون ٿي. اُهي آزاد ۽

خودمختيار هيون، پر مان جهرڪي نہ هيس، انسان هيس، جنهن جون پنهنجيون مجبوريون هونديون آهن. هيڏي وڏي گهر ۾، جيڪي سيني ڪان وڌيڪ منهنجي ويجهو هئا، حالتن جي ڪري اُهي ئي وڌيڪ دور ٿي ويا. سندن نوڪري شهر ۾ هئي. جاءِ جو مناسب انتظام نہ هئڻ سببان، اُهي مون کي ساهورن ۾ ئي ڇڏي ويا هئا ۽ ائين مان بلڪل بيوس ٿي ويس.

گهڻا اُداس ڏينهن ائين گذريا ۽ وقت هڪ ڀيرو مون کي قائل ڪري ڇڏيو تہ جنهن بار کي تون ڪنوار ٿيندي تمام ڳؤرو سمجهندي هئين، دنيا ۾ انهي کان بہ ڀيا ڪئين ڳؤرا بار آهن ۽ خاص طور تي مؤت جو بار... جيڪو توکان، پنهنجي جيءَ کان، وڌيڪ چاهيندڙ پيءُ کي ڇني ڌار ڪري ڇڏي ٿو ۽ تون ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهين... جڏهن مان تمام ننڍڙي هيس ۽ بابا تمام وڏو هو، تڏهن هُو امان کي ڪلي چوندو هو، "جڏهن مان وڌيڪ ٻڍو ٿي ويندس ۽ منهنجي ڌي وڏي ٿي ويندي ۽ مان کٽ تي پيو ڪنگهندو رهندس ۽ ڪم ڪرڻ کان معذور ٿي ويندس، تڏهن منهنجي ڌي منهنجي ٻڍاپي جي لٺ بنجي ويندي. هوءَ ڊوڙي ڊوڙي منهنجو هر ڪم ڪندي، منهنجي هر ضرورت جو سامان وٺي آڻي ڏيندي، چانهہ پياريندي، سوپاري ڪارائيندي ۽ مان ويهي سوچيندس تہ اولاد ڏيئي خدا ڪيڏو وڏو سک ڏي ٿو، جو منڊو هئڻ تي بہ انسان کي پيرن جي نہ هئڻ جو احساس نٿو رهي، لوُلو ٿيڻ تي هٿن جي نہ هئڻ جو احساس نٿو رهي ۽ نظر وڃائڻ سان بہ اوندهہ نٿو محسوس ڪري، بلڪ چانڊوڪي ٿو ڀسي.

انهيءَ چانڊوڪيءَ جي اُميد کڻي بابا موت جي اونداهين راهن ۾ وڃائجي ويو، جيڪا هُن مون سان منسوب ڪري رکي هئي... گهر ۾ ڀي ڀيڻ بہ هئي، ڀاڃائي بہ هئي، ننڍو ڀاءُ بہ هو ۽ وڏو ڀاءُ بہ، پر مان وڏي ڌيءَ هيس، جنهن سان ماءُ پيءُ هر اڻ ٿيٽي آس ٻڌي رکندا آهن. هي ڏک! هي بار!!

ڏينهن گذرندا آهن تہ غمن جو احساس بہ ختم ٿيڻ لڳندو آهي، نہ تہ جيڪر انسان جي دل ڦاٽي نہ پوي! پر مان کهڙي مٽيءَ مان جُڙي هيس جو غم مليو ۽ اهوئي مقدر بنجي پيو. مون کي پنهنجي پاڻ تي غصو ايندو هو ۽ سوچيندي هيس تہ مان ڀين وانگر ڇو نہ آهيان؟ مان غمن کي تعويذ بنائي ڇو ڳچيءَ ۾ پايان ٿي... منهنجي سوال جو منهنجي دل وٽ ڪو جواب نہ هو... شايد اها ڳالهہ هجي تہ انتهائي ننڍپڻ ۾ شادي ۽ ڪنوار بنجڻ جو ڏکوئيندڙ

تصور ذهن ۾ ويٺو هو. اهو سينيءَ تي ڇانيل رهجي ويو ۽ نت جي انهيءَ بار، جنهن ڪنوار جو چهرو تڪليفن ڪان خراب ڪري ڇڏيو هو. منهنجي زندگيءَ ڪان هر خوشيءَ کي پري ڪري ڇڏيو. ڪنهن کي ڪهڙي خبر!

زندگي هڪ ڀيرو مون تي وري مهربان ٿي. فرشتن مون کي واڌائي ڏني ته "هاڻي تنهنجن قدمن هيٺ وري جنت تعمير ٿئي ٿي... پاڻ سنڀالجان." مان ڪير جي ڪانئيل لسيءَ کي ڦوڪون ڏيئي پيئڻ لڳيس. مان ائين احتياط سان قدم کڻڻ لڳيس ڄڻ شيشي جي محل ۾ هلي رهي هجان. ماءُ بڻجڻ جي اولين خوشيءَ ڪان مان انهيءَ وهم جي ماريل محروم رهجي ويس ته "ڪٿي وري نه ڪري پوان، ترڪي نه پوان..." پر خدا مون تي مهربان هو، جو مون نون مهينن جو اهو ڏکيو سفر تمام آساني سان طئه ڪري ورتو. پر هڪ ڀيرو وري مون کي پتو پيو ته نت جي بار ڪان ڳؤرو ٻه ڪو بار ٿيندو آهي... ۽ جڏهن مان ماءُ بڻجڻ لڳيس ته سموري دنيا جا درد مون ۾ هڪ هنڌ سمائجي ويا... ۽ مان اهو سوچڻ تي مجبور ٿيس ته انهيءَ درد ڪان وڏو درد ڪوبه ناهي... انهيءَ بار ڪان ڳؤرو ڪو بار ناهي... ماءُ بڻجڻ جو بار!

مان هڪ ننڍڙي گڏڙيءَ جي ماءُ بڻجي ويس، جيڪا مون وانگي نه چاهڻ جي باوجود به ڪنهن اجنبي ديس ۾ وهانئجي ويندي، جنهن جي پيرن ۾ به پابنديون جون زنجيرون هونديون، جيڪا رکي رکي پنهنجن ڀيڪن، پنهنجن ابائن، پنهنجين سکين ساهيڙين ۽ ڪتنب قبيلي کي ياد ڪندي، پر وڃي نه سگهندي... پر مان ائين ڇو ٿي سوچيان؟ خدا نه ڪري جو ڪابه ڇوڪري مون وانگر اُداسين کي پنهنجو مُقدر بنائي! اهو غلط آهي، مون کي ائين سوچڻ نه گهرجي. مون کي خوش رهڻ گهرجي- مان خوش رهنديس.

مان ۽ هُو ته ڏاڍو خوش هئاسين. اسان جي محبت جي تڪميل جو، اسان جي گڏي، جيئرو جاڳندو ثبوت هئي، پر سس، نثانن ۽ ٻين کي پٽ جي آرزو هئي. ائين دنيا کي ڏيکارڻ ڪاڻ ته خوش ٿيا پر انهن جي چهرن تي صاف لکيل هو ته "ڪنوار جو پير، ڪنوار جو سوڻ سٺو نه ٿيو... هُن ته ڏيءَ کي ڄڻيو آهي، جيڪا بهرحال هڪ نه هڪ ڏينهن پرائي ٿي ويندي.

پر مان تن، من ۽ ڌن سان پنهنجي ننڍڙيءَ کي پالڻ ۽ وڏو ڪرڻ لڳيس، اهو دک ياد ڪرڻ ڪان سواءِ ته زندگي مون سان اُهوئي سلوڪ ڪندي، جيڪو منهنجي ماءُ سان هُن ڪيو هو.

هاڻي ڪيس ترقي ملي ويئي هئي ۽ حڪومت طرفان وڏو گهر به. ماءُ پيءُ ۽ گهر وارن جي نگاهن جي طنز کي نظرانداز ڪري، هوُ مون کي به پاڻ سان گڏ وٺي ويو. زندگيءَ ۾ پهريون گهمرو خوشيءَ جو احساس ٿيم. پر اهائي نياڳي دل ۾ اهائي سندس سوچ! جڏهن هُو آفيس هليو ويندو هو ۽ مان سيني ڪمن کان واندي ٿي ننڊڙيءَ کي سمهاري ڇڏيندي هيس، تڏهن ماضيءَ جي هر هر ياد نانگ بنجي ڏنگيندي هئي ۽ مان سوچيندي هيس ته آخر هر عورت نٽ جو بار ڇو ٿي ڪٽي.

زندگيءَ ۾ اهو آسرو ڪيڏو آٿت ڀريو ۽ اطمينان بخش هو ته هُن مون تي ڪنهن به نموني جي پابندي لاڳو نه ڪئي. مون کي جڏهن پيڪن جي ياد ستائيندي هئي ته هوُ خوشيءَ سان پيڪن ۾ پهچائي ايندو هو ۽ پوءِ واپس وٺي ايندو هو... مون کي جنهن شيءِ جي ضرورت ٿيندي هئي، اها هو پاڻمرادو پوري ڪندو هو... مان ڪئين گهمرا پيڪن ويس به، پر پريشان ڪندڙ احساس جيءَ سان چنبڙيل رهيو. گذرندڙ سالن منهنجي آڳنڌ کي وڏيڪ سرسبز ڪري ڇڏيو. هاڻي مان ٽن ڇوڪرين جي ماءُ هيس. وسوسا ۽ وهم وڏيڪ ۽ مستقبل جو فڪر انهي کان سواءِ... ۽ نه ڄاڻان ڪيترا گهمرا دل اهو سوال مون کان پڇيو ۽ مان خاموش ٿي رهيس ۽ خبر نه اٿم ته ڪيترا ڀيرا مون دل ۾ اهوئي سوال ورجايو هوندو، پر مجبور دل جي اهائي لاجوابي...!

هڪ ڀيرو وري بهار منهنجي چمن ۾ جهومي ۽ مان هن دفعي ڳاڙهي ڳِتول پٽ جي ماءُ بنيس. هن ڀيري دل هڪ اڻڄاتي ۽ بي پناهه خوف کان ڏڙڪي اٿي. ڪيتريون مائرون آهن، جيڪي ڪيترن پٽن کي جنم ڏين ٿيون پر جوانيءَ کان پيراپي جو سفر طئه ڪندي، ڇا اُهي اهو به سوچينديون آهن ته ڪين هن لٺ کان پيراپي ۾ ڪو سهارو ملندو به يا نه...؟ مون ڪيترائي گهر ڏٺا هئا، جتي مائرن پنهنجي جگر جو خون پياري پياري پٽن کي پاليو، سک ڀريو هر پل پاڻ لاءِ حرام ڪيو. ڪڏهن پٽن جي آڱر ۾ سور به ٿيو ته ماءُ جو ڪليجو ڪپجي ويو، پرَ شاديءَ کان پوءِ انهن ئي پٽن پنهنجي نئين ڪنوار جو منهن ڏٺو ۽ مائرن کي ائين پلجي ويا، جيئن راهه ۾ پيل پٿر کي ماٿهو بي پرواهيءَ سان پير سان ٺڏيندو آهي. انهن خيالن جي ايندي ئي مون پهريون گهمرو پنهنجو پاڻ کي جيءَ ڀري بيمار ڪيو... ڇا تو زندگيءَ ۾

ڪڏهن سک سان رهڻ سکيو ئي ناهي؟ ڇا تون سوچي به سگهندينءَ ته دنيا ۾ جيڪڏهن جنت جو تصور به ڪٿي آهي ته اهو اهو ئي تنهنجو گهر ٿي سگهي ٿو، جتي بيحد چاهيندڙ مُڙس آهي، گڏين جهڙيون پياريون نياڻيون آهن ۽ ننڍڙو گڏو به، جيڪو تنهنجي گهر جو ڏيئو آهي، تنهنجي ٻڍاپي جو سهارو آهي، تنهنجي اميدن جو مرڪز. تنهنجي خوشين جو امين...! پر مان ڪيتري مجبور هيس؟

پوءِ به ڍپ ۾ دل و جان سان ننڍڙي گڏي کي نپائڻ ۽ سنڀالڻ لڳيس ۽ اُهي ارمان ڀريا ڏينهن رات... جڏهن هُن ننڍڙي منهن مان پهريون دفعو "امان" چيو... جڏهن هو پهريون ڀيرو گهمرو رانديڪو پڇي پوڻ تي روئي پيو... جڏهن پهريون دفعو ننڍڙا پٽڪڙا پير کڻي هلڻ جي ڪوشش ڪيائين... جڏهن پهريون دفعو پنهنجي ننڍڙي هٿ سان ماني پور منهن ۾ وڌائين... ۽ اهي سڀ لمحا منهنجي دل ۾ قيد ٿي رهجي ويا ۽ زندگيءَ کي سڀ کان ڏکيا ته اهي لمحا لڳا، جڏهن مون پنهنجي ٿڃ ڇڏائي، ڪيس بوتل جو کير پيارڻ لڳيس. مان پنهنجو کير پياريندي هيس ته منهنجي دل ۾ اِهو غرور، اها پنهنجائپ ۽ اها عظمت محسوس ٿيندي هئي ته اها مان ئي ته آهيان جيڪا خدا کان پوءِ، هن جي زندگيءَ لاءِ جوابدار آهيان. مان ڪنهن ڪم ۾ لڳل هوندي هيس ۽ کير پيارڻ ۾ ذري دير ٿي ويندي هئي ته هو ننڍڙا ننڍڙا گوڏا گسڪائي منهنجي پويان اُچڻ لڳندو هو ۽ منهنجي دل کي اهو احساس زندگي بخشيندو رهندو هو ته مان هڪ زندگيءَ جي لاءِ ڪيڏي اهميت رکان ٿي، مان ڪيڏي عظيم آهيان! پر کير ڇڏائڻ کان پوءِ، منهنجو پٽ مون کان بيگانو ٿي رهڻ لڳو... هاڻي ڪيس بک لڳي ٿي ته پنهنجين ڀينرن وٽ وڃي، ڪجهه نه ڪجهه کائي وٺندو هو ۽ پوءِ راند ۾ لڳي ويندو هو... ها البت رات منهنجي مامتا کي هزار غرور بخشيندي آئي، جڏهن هو منهنجي ٻنان سمهندو ئي نه هو ۽ مان رکي رکي سوچيندي هيس: اي خدا، ڪانه ڪا ڳالهه، ڪونه ڪو سلسلو ائين باقي رکج، جيئن منهنجو ۽ هن جو تعلق نه ٽٽي. نياڻين جو ڇا آهي، چار ڏينهن رهي پنهنجي پنهنجي گهرن هليون وينديون... ڌيئرن سان ڀلا ڪنهن دل لڳائي آهي...؟ منهنجي آرزوئن جو مرڪز ته اهوئي چراغ آهي، انهي کي سدا ٻرندو رکجان. هن جيءِ روشني گهٽ نه ڪجان...!

ظالم وقت... بي رحم وقت ڪيئن گذرندو آهي. ڪنهن جي دل جي

وسوسن جو. انديشن جو خيال ڪرڻ کان سواءِ بس هليو وڃي ٿو. ڏسڻ ۾ محسوس بہ نٿو ٿئي. روز اهائي صبح ٿئي ٿي، اُهوئي اجالو، اُهوئي سج. رات پنهنجي پلؤ ۾ اُهوئي تارن جو جهرمٽ آڻي ٿي، چنڊ اڳي وانگر چمڪندو آسمان تي اُڀري ٿو. سڀڪجهہ اهوئي هجي ٿو پر ڪيڏو غير محسوس طور تي... ائين جيئن ننڍڙيون ڪومل مکڙيون جوانيءَ جو روپ ڌارين ٿيون... ۽ جوان دَم ڀڏاپي ڏانهن ائين مائل ٿيندا آهن، جو اکين جون چمڪندڙ بجليون مڌم مڌم پئجي وينديون آهن ۽ وقت، اُهوئي ظالم وقت، جنهن خوابن جي سبزه زار تي هوريان هوريان قدم رکي ڪڏهن حسين لمحن جي بشارت ڏني هئي، هاڻي آهستي آهستي قدم کڻندو آواز ڏي ٿو... مان اڄي ويو آهيان... مان اڄي ويو آهيان. ۽ وقت جو روپ مٽائي هڪ ٻڍي جي ويس ۾ منهنجي سامهون بيٺو هو، ۽ وري هڪ دفعو منهنجي سُڪون کي لوڏي ويو... اڙي... اسان ايڏو جلدي ٻڍا ٿي وياسين. مون ڏکي ڏانهس ڏٺو... هو پنهنجن اڇن وارن واري مٿي سان هڪ آرام ڪرسي تي ٽڪل نظر آيو ٿي. ٽن ٽن ڌيئرن جي جدائيءَ جو غم هڪ پيءُ جي چيلهہ ڀڃي ڇڏڻ لاءِ تمام ڪافي آهي. پوءِ ڌيئر بہ کهڙيون، جيڪي ميناڻن وانگر هر دم ڇهڪنديون هيون، مٺا ٻول ٻولينديون ٿي رهنديون هيون... مون ڏانهس پريل دل سان ڏٺو ۽ ڳوري آواز ۾ چيم:

”رڳو توهان جون ٽي ڌيئر توهان کان جدا ٿيون آهن، جو دنيا کان منهن موڙي ڇڏيو اٿو... پوءِ اهو بہ تہ سوچيو تہ اسان جو پٽ، جيڪو اسان جي دل جو سهارو آهي... اها تہ دنيا جي ريت آهي... ڌيئرن جي ڪمي هميشہ نُهرن پوري ڪئي آهي.“ اهو ٻڌي هڪدم سندس چهرو چمڪي اٿيو.

۽ پوءِ اسان پنهنجي دل جا سڀ ارمان ڪڍيا... زندگيءَ جو اهو سهارو جيڪو خدا کان پوءِ سڀ کان وڏو سهارو هو، مٿس اسان پنهنجي زندگيءَ جي سڀ ڪمائي لٽائي ڇڏي... هاڻي گهر ۾ هڪ ننڍڙي خوبصورت ڇم ڇم ڪندڙ ڪنوار هئي... ”ٽن ٽن ڌيئرن جي شادي ڪرائڻ جو اهو ڳورو بار ڇا نُهن اچڻ سان هلڪو ٿي پوندو...“ مون ٻڏندڙ آواز سان پنهنجي دل کان پڇيو.

خبر ناهي تہ هميشہ جي ساٿياڻي اداسي مون تي اها ڳالهہ ظاهر ڪئي يا حقيقت هئي تہ مون کي محسوس ٿيو تہ ڪنوار کي هي گهر پسند ناهي... نہ گهر، نہ گهر وارا ٻُڍا... ها مڙس جي ڳالهہ ٻي هئي، هُو سراسر سندس ئي

هو. جڏهن ٻئي گڏ هوندا هئا تہ ڏاڍيون گهڻيون ڳالهيون ڪندا هئا. ڪل ۽ پيار جا مڌم مڌم شرميلا آواز ڪنن ۾ حسين سازن وانگر گونجندا رهندا هئا، پر پٽ جي آفيس وڃڻ کان پوءِ گهر ۾ سناٽو ڇانئجي ويندو هو... ڪنوار پنهنجي ڪمري ۾ پئي ڪتاب پڙهندي هئي يا وري سوئا ۽ نٽننگ کڻي ويهندي... وتس نندڙو مهمان جو اچڻ وارو هو.

۽ هڪ ڏينهن منهنجي دل اُهو غم سٺو، جنهن منهنجي ڇيلهہ جهڪائي ڇڏي. نوڪرياڻي ٻن ڏينهن کان بيمار هئي ۽ موڪل تي هئي... منهنجي طبيعت بہ نيڪ نہ هئي. پٽم آفيس مان اچي چانهہ گهُري تہ ڪنوار راڻي گرجندي چيو:

”هاڻي ڇا مون کي نوڪرياڻين وانگر ڪم ڪرڻو پوندو، جڏهن تہ گهر ۾ سيئي آرام ڪندا رهن.“

سيئي...؟ منهنجي ذهن تي وڄ ڪري... مان ۽ هو، بہ پوڙها... جيڪڏهن اسان آرام بہ ڪيو تہ ڪهڙي زيادتي هئي؟ ڇا سڄي زندگي اسان ڍڳن وانگر وهيا نہ هئاسين...؟ ڇا هن ٻڍاپي ۾ هاڻي اسان ايتري آرام جا بہ حقدار ناهيون، جو نوڪر بيمار رهي تہ نُهن چانهہ ٺاهي پياري...؟ نہ اهو ناممڪن آهي. اهو زندگي جو بار آهي جو نٽ جي بار کان گهڻو ڳؤرو آهي... بهر صورت، بهرحال انهيءَ کي کڻڻو ئي آهي... کڻڻوئي پوندو... ترس پٽ! مان تنهنجي ٻڍڙي ماءُ تنهنجي لاءِ چانهہ ٺاهيان ٿي، مون توکي جنم ڏنو آهي، مون توکي پالي تاتي وڏو ڪيو آهي، مان تنهنجي ماءُ آهيان نہ، تنهنجي خوشين جي نگهبان، تنهنجي ننڍي وڏي هر ضرورت جو خيال رکندڙ!

۽ مان پنهنجي ٻڍاپي جو بار کڻي رڌڻي ڏانهن وڌي ئي هيس تہ هڪدم مون کي زور سان چڪر اچي ويو ۽ مان هڪدم هيٺ ڪري پيس. منهنجي ڪرندي ئي تيزيءَ سان ڪمري جو دروازو کليو ۽ وچ جي ڦڙتيءَ سان منهنجو پٽ مون ڏانهن ڊوڙيو... ”امان، اڙي امان، تون ڪري پئينءَ. منهنجي امان...“ ۽ هُن هڪدم مون کي پنهنجي ٻانهن ۾ ائين کڻي ورتو جيئن مان کو گل هئس.

سڄي زندگي جنهن سوال مون کي پريشان ڪري منهنجون خوشيون ڇني ورتيون هيون، مون کي اڄ ان جو جواب پاڻيهي ملي ويو... ڇا هر عورت نٽ جو بار انهيءَ ڪري نٽي کڻي تہ ٻڍاپي ۾ ڪيس اولاد جو سهارو ملي...؟ اهو سهارو جيڪو دنيا ۾ خدا کان پوءِ سڀ کان وڏو سهارو ٿئي

ٿو... ماءُ پيءُ جي پيدا‌ئِي جو بار کڻڻ لاءِ اهڙن ئي مضبوط ۽ محبت ڀريل هٿن جي ضرورت ٿئي ٿي نہ...؟ ڇا اهو پل اهڙو ناهي، جنهن تي سموري زندگيءَ جا سڀ غم قربان ڪيا وڃن...؟ ڇا ڪا عورت نٽ جو بار کڻي گهاٽي ۾ رهي آهي...؟ رهي سگهي ٿي...؟

مون اکيون کولي ڏٺو... منهنجي پٽ جي اکين ۾ لڙڪ هئا. مون کي هوش ۾ ڏسي هو بيتابيءَ سان ڪڇيو: "امان... منهنجي امان... منهنجي سٺي اما... تون ٺيڪ تہ آهين نہ...؟ ڪٿي چوٽ تہ نہ آئي...؟

مون پنهنجن ڪمزور هٿن ۾ هن جو چهرو جهليو ۽ منهنجي جنم جنم جو اُڃايل روح سيراب ٿي ويو...!! ــ ــ ــ

# معمار (اردو)

## حميد ڪاشميري

هن جي باري ۾ ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي تہ هوءَ ڪير آهي، ڪٿان آئي آهي ۽ ڪڏهن آئي آهي. عرصي کان هوءَ روڊن تي پنهنجي چرپائپ جو مظاهرو ڪري رهي هئي. پهريائين پهريائين تہ سندس وار تمام ڊگها هئا، چيلهہ تائين بي ترتيبيءَ سان پکڙيل. پر جيئن انهن ۾ چيڙهہ ڇمندو ويو تيئن وار ويا گسندا ۽ ڪرندا ۽ پوءِ رولو ڇوڪرن سندس وار پٽي ڪيس تقريباً گنجي ڪري ڇڏيو. سندس اصلي رنگ شايد ئي ڪنهن ڏٺو هجي. مَٽَ جي تهن سندس جسم تي ڪيترائي تهہ چاڙهي ڇڏيا هئا. سندس مٽ وارو چهرو تنور جي ٻريل ماني ۽ سڪل پاپڙ جهڙو لڳو ٿي ۽ سندس مٿيان ٻہ ڏند هيٺين چپ کان ٻاهر نڪري ڪاڏيءَ تائين اچي ويا هئا. سندس جسم تي پاتل ڇيٿڙا صدين پراڻي ڪنڊر مان نڪتل ٿي لڳا ۽ سندس مٽ وارو جسم مختلف هنڌن تان سندس ڇيٿڙن مان جهاتي پائي رهيو هو ۽ اُن مان نڪرندڙ بدبوءِ ۽ ساڙ جا سلسلا ڦهلجي ٿي ويا ۽ واٽهڙو نفرت وچان نڪ جهلي گذري ويندا هئا.

”هڪ پيسو.“ هو رستي ويندڙ ڪنهن بہ شخص جو پلؤ پڪڙيندي هئي ۽ جواب ۾ واٽهڙو عام طور پلؤ ڇڏائي نڪري ويندا هئا ۽ هوءَ وڏو ٽهڪ ڏيئي پويان چوندي هئي ”ٽررررر...“ ۽ جيڪڏهن ڪو ٽارڻ خاطر ڪيس آنڪ ڏيئي بہ ڇڏيندو تہ بہ عجيب قسم جون ڳالهيون پيئي ڪندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ آنڪ تي ٽڪ هڻي ڏيندڙ جي منهن ۾ اڇليندي هئي ۽ پوءِ ڊوڙي وڃي زمين تان ڪٽي وٽيءَ ۾ وجهندي هئي. واٽهڙو سندس عادتن کان چڱي طرح واقف ٿي چڪا هئا. ڪيئن ڀيرا ڪيس وچ بازار ۾ ماريو بہ ويو پر سندس انهي چرپائپ ۾ ڪو فرق نہ پيو ۽ جڏهن ڪير واري هڪ ڏينهن چؤسول تي بيهي ماريو تہ مارڻ کان ٿوري دير بعد هڪ راهہ ويندڙ آمريڪي

عورت جي ڪن ۾ ايڏي زور سان ڪوڪ ڪيائين. جو اها عورت ڪِرندي ڪِرندي وڃي ٻچي ۽ هيءَ ڪپڙي جي ڪنهن رانديگر وانگر ٽپندي ڪڏندي رانن تي هٿ هڻندي، منهن مان طبلي وڄڻ جو آواز ڪندي، گهٽيءَ ۾ غائب ٿي ويئي... انهن ٽي ڏينهن ۾ ٻين پنندڙ فقيرن ۾ هن جي خلاف نفرت جا جذبا ڀڙڪي اٿيا ۽ هو ڪيس پنهنجي لاءِ مصيبت جو سبب سمجهڻ لڳا.

فقيرن جي خيال ۾ هو سندن ڏهن مهينن جي تنظيم کي تباهه ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺي هئي. ڏهه مهينا اڳ، جڏهن ملڪي ۽ غير ملڪي ماڻهن کي تنگ ڪرڻ جي سلسلي ۾ فقيرن کي شهر نيڪالي ڏيڻ ۽ پنڻ کي قانون جي خلاف قرار ڏيڻ جا افواهه گرم هئا، تڏهن پنندڙ فقيرن کي ڳڻتي اچي ورتو. هو لڪي لڪي گهٽين ۾ گهمڻ لڳا ۽ نيٺ هفتي کن جي ڊوڙ ڊڪ کان پوءِ، هڪ رات سيئي پنندڙ فقير شهر کان ڪجهه فاصلي تي هڪ ٻنيءَ ۾ گڏ ٿيا ته جيئن پنهنجي مستقبل لاءِ گڏجي ڪجهه سوچي سگهن. ٻني ڀرجي وئي هئي ۽ فقير ٻنيءَ کان ٻاهر، ايرندي طرف ڪچي رستي تائين ۽ اولهه طرف پٽ کان پري، چراگاهه تائين پهچي چڪا هئا ۽ ائين محسوس ٿي ٿيو ڄڻ شهر تي ڪنهن بمباري شروع ڪري ڇڏي هجي ۽ سموري آبادي جان بچائڻ خاطر ٻنين ڏانهن ڀڄي نڪتي هجي. انڌن ۽ ڪاڻن جي آبادي. لولن ۽ لنگڙن جي آبادي... ٻوڙن، مفت خورن، محتاجن، يتيمن ۽ ڪوڙهين جي آبادي... پنندڙن جي سموري آبادي اچي رهي آهي هڪ طوفان وانگر. ڪافي رات گذرڻ کان پوءِ جڏهن فقيرن جي اچڻ جو سلسلو گهٽ ٿيو ته غير منظم طريقي سان فقيرن جو اجلاس شروع ٿيو. ڀهريائين ته وڏو گوڙ ۽ هنگامو هو. هر شخص پنهنجي پنهنجي ٻولي ڳالهائي رهيو هو ۽ پنهنجي پنهنجي سوچ مطابق پنهنجي راءِ قائم ڪري، ٻين کي مڃائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪري رهيو هو. پر انهيءَ طرح سان جڏهن ڪو مسئلو حل ٿيندي نظر نه آيو تڏهن فقيرن جي انجمن ڀهريون دفعو وجود ۾ آئي ۽ فقيريو، جيڪو ڀهريائين ئي فقيرن ۾ هر دلعزيز هو، اتفاق راءِ سان فقيرن جي انجمن جو وڏيرو چونڊيو ويو. پوءِ هن وڏي آواز ۾ هڪ تقرير ڪئي، جنهن کي سيني فقيرن داد ڏنو ۽ پسند ڪيائون. پوءِ هن روزيءَ جي وسيلي جو قسم ڏيئي سينيءَ کان وعدو ورتو ته اهي آئيندي ڪڏهن به ڪنهن واٽهڙوءَ کي تنگ نه ڪندا ۽ اهو ڏيندڙ جي مرضيءَ تي منحصر هوندو ته هو پنندڙ کي خيرات ڏي يا نه ڏي ۽ اهو به طئه ٿيو ته هو شهر جو گشت صرف خميس کان سواءِ، شهر

جي مختلف هنڌن تي ڪندا ۽ بازارن ۾ پنندڙ فقيرن کي انجمن سزا ڏيڻ جي مستحق ٿيندي. انهيءَ تي فوري عمل ٿيو ۽ انجمن ڪجهه مک ۽ تندرست فقيرن کي شهر جي مختلف هنڌن تي غير پنندڙن جي ويس ۾ مقرر ڪيو ته جيئن انجمن جي اصولن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ خلاف قدم کڻي سگهجي.

ڪجهه ڏينهن ۾ ئي فقيرن جي پنڻ جي طريقي ۾ ڪافي حد تائين سڌارو اچي ويو. فقير صرف خميس ڏينهن شهر ۾ ڦرڻ لڳا ۽ اهو به اڳي وانگر ٽولين ۾ نه. بلڪ تنظيم سان قطار ڪري، دڪانن جي سامهون گذرندا ۽ پئسو پئسو وٺندا اڳتي هليا ويندا. وڏن وڏن دڪانن تي فقيرئي پنهنجو هڪ هڪ ماڻهو ڇڏيو هو ته جيئن ڪو فقير دوڪو ڏيئي ڪنهن کان وڌيڪ پئسا وٺڻ جي ڪوشش نه ڪري ۽ خود فقيريو ڪنهن وڏي دڪان تي لٺ کڻي پهريدار وانگر بيٺو هوندو هو ۽ ڪنهن به فقير کي قطار مان ٻاهر نڪرڻ نه ڏيندو هو. دڪاندار سندن تنظيمي صلاحيتن کان خوش ٿي، ڪين هڪ پئسي جي بدران ٻه پئسا به ڏيئي ڇڏيندا هئا ۽ فقير وري فوجي انداز ۾ شڪريئي جو سلام ڪندا هئا. انهن ڏينهن، غير ملڪي ماڻهن پنندڙن جي ڊگهين قطارن جون ڏاڍيون تصويرون ورتيون ۽ تنظيم ۽ پنڻ جي ترقي يافته طريقي کي خوب ساراهيو ۽ پنندڙن پنهنجين صلاحيتن کي داد ملندو ڏسي پنهنجي تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بنايو ۽ ڏينهون ڏينهن منظم ٿيندا ويا.

پر جنهن خطري جو ڪين شروع ۾ ئي احساس هو، اهو احساس ڌهن مهين کان پوءِ وڌيڪ شديد ٿيندو ويو، جو اها ڇري عورت سندن ڪيل ڪمائي تي پاڻي ڦيري رهي هئي ۽ سندن ڌهن مهين جي ڏينهن رات جي محنت سان ناهيل عمارت کي ڊاهڻ لاءِ سنبري هئي. تنهنڪري پنندڙن سندس خلاف ڪارروائي شروع ڪئي ۽ خود بدناميءَ کان بچڻ خاطر ڪيس شهر مان ڪيڻ جا طريقا سوچڻ لڳا. اجا هو ڪو رستو ڳولي نه سگهيا هئا ته هڪدم پوليس جي مشينري حرڪت ۾ آئي ۽ پنندڙن کي پنهنجو آئيندو اونداهو ڏسڻ ۾ آيو. فقيرن جون گرفتاريون تيزيءَ سان ٿينديون رهيون. هر خميس تي گاڏيون ڀري شهر کان ٽيهه ميل پري ريگستان ۾ فقيرن کي ڇڏيو ٿي ويو. عرصي کان آواز بلند ٿي رهيا هئا: "وٺي وڃو. انهن کي شهر کان ٻاهر وٺي وڃو. هي ڪاڪوس جي گندگيءَ کان به وڌيڪ غليظ آهن، مڪروح آهن، ناپاڪ آهن، ڪوڙهه جي بيماري ٿا ڦهلائين. سندن اهڙي طرح

شهر ۾ گهمڻ خطرناڪ آهي. هي سماج ۽ انسانيت تي بدنما داغ آهن. هي انڌا، ڪاڻا، لولا، لنگڙا ۽ ڪوڙهيا، مفلوج، سنهڙا ۽ ڏنڊا مشتنڊا، ٿلها ٿنيرا ۽ جوان- انهن سينيءَ کي شهر نيڪالي ڏيو. ڪين بند گاڏين ۾ بند ڪري شهر کان پري، تمام پري اڇلايو ۽ بارود جي هڪ ئي ڌماڪي سان ختم ڪريو يا ڪنهن جهاز ۾ ويهاري اونهي سمنڊ ۾ اڇلي غرق ڪريو. ڪجهه ڪريو، خدارا ڪريو. پر انهن ڪوڙهين کان شريف ۽ سفيد پوشن کي نجات ڏياريو جو هو هڪ هٿ سان ڇيد وارو پيسو وٺن ٿا ۽ انهيءَ هٿ سان ڪوڙهه جا جيوڙا ڦهلائين ٿا."

گرفتارين جو اهو سلسلو ٻن مهينن تائين جاري رهيو. فقير رڙيون ڪندا رهيا. پر پوليس پنهنجو فرض ادا ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي. هو ريگستان مان ٽيهه ٽيهه ميل پيدل هلي واپس شهر اچڻ لڳا ۽ شهر پهچندي ئي ڪين وري گرفتار ڪري واپس موڪليو ويندو هو. پر چري عورت کي ڪير به گرفتار ڪري نه سگهيو، هوءَ هر دفعي بچي ٿي ويئي. هن پوليس وارن کي گاريون ڏنيون، سندن منهن تي ٿڪيو، رڙيون ڪيائين، رنائين، پٽيائين ۽ ڪنهن نه ڪنهن نموني بچي ويئي. هُوءَ هئي به ايتري غليظ جو پوليس خود ڪيس نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس سندس ئي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو. هو منهن مان گِگون ڳاڙيندي، بدبودار ڪنگهارا ڇڏيندي، ڦٽ ڀاٽ ۽ ڇؤسولن تي هلندي وتندي هئي ۽ پنندڙن چواڻي ته پنڻ جي پيشي کي بدنام ڪري رهي هئي. جڏهن ڪنهن ليڊر جي آمد جي سلسلي ۾ روڊ 'بلاڪ ڪيو ويندو هو ته هوءَ پهريدار جي قطار کي چيريندي، منهن مان هارن جو آواز ڪڍندي، روڊ جي ٻئي طرف وڃي هنگامو مچائيندي هئي. جڏهن مجموعو هڪ آواز ۾ "زنده باد" جو نعرو لڳائيندو هو ته هوءَ اڪيلي "مرده آباد" جو نعرو هڻندي ۽ هر طرف جڏهن "مرده آباد" جا نعرا لڳايا ويندا هئا ته هوءَ "زنده آباد" جا نعرو لڳائيندي هئي، ڪنهن روڊ جي وچ تي آڏو ليٽي ٽرئفڪ جو رستو روڪي ڇڏيندي هئي ۽ ڪو ڪانسٽيبل ڪاوڙ ۾ ٻويان ڊوڙندو هُس ته بجليءَ جي رفتار سان اٿي ڀڄي ويندي هئي. ٽورو پري پنهنجا وڏا مڪروه ڏند ڪڍي ڪانسٽيبل جا ويچارا ڪيندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڊوڙندي ڊوڙندي، هڪدم سينو تاڻي بيهي رهندي هئي ۽ سندس

پيچو ڪندڙ ڪانسٽيبل سندس مڪروه جسم ۽ ڇيٽڙن کي ڇهڻ به پسند نه ڪندو هو.

گرمي، ٻاهر وَسائيندڙ جهولي ۽ سرد هوائن ۾ هوءَ انهن رودن ۽ فٽ پاٿن تي ڊوڙندي رهي، هر موسم ۾ هر حال ۾. سردين ۾ سندس ڏند وڄندا رهيا. گرمين ۾ سندس ٻرندڙ جسم تي داغ ٿيندا رهيا. رت ۽ پُون به وهندو رهيو ۽ نفرت جو هڪ سيلاب چوطرف وڌندو رهيو پر هن جي چريائپ ۾ ڪابه ڪمي نه آئي. هوءَ ڇتي ڪتي وانگر رودن تي ڊوڙندي رهي. ڀڄندي رهي، پر جلدي هڪ اهڙو دور آيو جو ماڻهن ڏٺو ته چري عورت گهٽ ڊوڙون ٿي پائي، گهٽ گاريون ٿي ڏئي ۽ گهٽ هنگامو ٿي مچائي ۽ نه ٿي ڪيڏانهن گهٽو وڃي ٿي. بس پنهنجي وڌندڙ پيٽ کي پنهنجن ٻنهي هٿن ۾ ڪٺي هڪ ڇيڙي کان ٻي ڇيڙي تائين آهستي آهستي هلندي هئي ۽ هر واٽهڙوءَ کي چوندي هئي:

”هڪ پيسو!“

۽ جڏهن ڪو ماڻهو پئسو نه ڏيندو هو ته اهستي چوندي هئي:

”ترررر....“

سندس رفتار ڏينهون ڏينهن گهٽبهي ويئي ۽ پيٽ وڌندو رهيو. جسم مان نڪرندڙ بدبو وڌيڪ تيز ٿي ويئي، ڇهري تي مَرَ جي تهن ۾ ڦوٽون پونديون رهيون. جنهن گهنجيل ڇهري کي وڌيڪ وحشتناڪ بنائي ڇڏيو هو. رولو ڇوڪرا ڪيس صبح شام ڇيڙيندا رهيا ۽ چٿرون ڪندا رهيا.

”تنهنجي پيٽ ۾ ڪنهن جو ٻار آهي؟“ ڪو ڇوڪرو شرارت ڪري چئي ڀڄي ويندو هو... ۽ هوءَ چوندي هئي:

”تنهنجو آهي. تنهنجي پيءُ جو آهي.“

هن هر شخص کي اهو جواب ڏنو. ڪنهن سنجيدگي سان پڇيو يا شرارت سان، وٽس اهوئي جواب هو:

”تنهنجو آهي. تنهنجي پيءُ جو آهي.“

۽ هوءَ انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڇا ٿي چئي سگهي. ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪيس ڏسي نفرت وچان منهن ڦيرڻ وارن، رات جي اونداهيءَ ۾ سندس پاسي ۾ گهاريو هوندو. سندس ٻار جو ڪو ته پيءُ هوندو. پر دعويٰ ڪنهن به نٿي

ڪٿي ۽ نہ ڪنهن انهيءَ موضوع تي ڳالهہ ٿي ڪئي. نہ ڪنهن بنگلي جي ڪنهن رئيس، نہ جهوپڙي ۾ رهندڙ ڪنگال، نہ آفيس جي ڪنهن ڪلارڪ، نہ سنيما جي مڪراني، نہ ڪارخاني جي مزدور ۽ نہ ئي ڪنهن عزتدار..... سڀ ڪانئس بدستور نفرت ڪندا رهيا ۽ هوءَ نفرتن، ٺڪن ۽ ٻُجن جو سهارو وٺندي، آهستي آهستي روڊ تي گشت ڪندي رهي ۽ آخر هڪ ڏينهن سندس گشت بہ بيهي ويو ۽ هو ٽاهڙجي فٽ پاٿ تي ڪِري پيئي ۽ بولاٽيون کائيندي ڪنجهڻ لڳي ۽ ماڻهن انهيءَ فٽ پاٿ جي حصي تان هلڻ بہ ڇڏي ڏنو.

شام جي اونداهيءَ ۾ جڏهن آمد و رفت ڪجهہ قدر گهٽ ٿي، تڏهن هوءَ درد جي پيڙا کان رڙيون ڪري رهي هئي ۽ سندس چيخون بلند ٿينديون ويون.... پوءِ هوءَ زور سان رڙيون ڪرڻ لڳي..... ۽ پاڙي وارا سڄي رات ننڊ ڪرڻ لاءِ سڪندا رهيا.... ۽ ٻي رات، جڏهن هو روئي روئي ٿڪجي خاموش ٿي ويئي تڏهن سموري پاڙي ڪي آرام آيو.

صبح جو جڏهن ماڻهن جي آمد و رفت شروع ٿي، تڏهن هڪ هٽ جيڏو، ننڍڙو، ڳريل ۽ سڙيل ٻار وساٺل آواز ۾ اُوان اُوان ڪندي ڏٺو ويو ۽ چري عورت رڙهي رڙهي ٻار کان ڪافي پري نڪري ويئي هئي.

رتوڇاڻ ڪري ڇڏيو هو. آئون ڇرڪي اُٿي وينس، پر اُٿي به نه سگهيس. لاچار ٿي هڪدم بستري تي ڌهي پيس. ڇاتيءَ تي بوج هو. نڙيءَ ۾ سوُٽ اُڀري ۽ سوُر ڏُڪ ڏُڪ ٿي نڙيءَ ۾ ڪوڙاڻ پيرڻ لڳو. لهندي لهندي زور سان ڊوڙيو ۽ پوءِ بيهي ويو. پر سوُر بيٺو ڪونه. اهو وري موٽي آيو، اڳي کان وڌيڪ طاقت سان، جڻ ڪنهن منهنجي ٻڇيءَ کي ٻنهي ڪَهرن هٿن ۾ گهيري ورتو هجي. سوُر اهڙي زور سان بوج وجهي رهيو آهي جو لڳم ته اجهو ٻڇي ٽٽي پوندي، ڪاڪڙو ڦاٽي پوندو، ٻڇيءَ جون رڳون تاڻجي ڦوڪجي وينديون ۽ پوءِ ڦاٽي پونديون. مون گهبرائجي رڙيون ڪرڻ چاهيون: امان، امان، ائين نه ڪر، توکي خدا جو واسطو، ائين نه ڪر، پر منهنجو ساهه گهٽجي رهجي ويو. نڙيءَ مان خرخراهٽ جي آواز کان سواءِ ڪوبه آواز نه نڪتو، ۽ اهو گهٽيل آواز ڦاسجي منهنجي ٻڇيءَ ۾ وڪڙ وجهڻ لڳو، ان کي ٻڪوڙڻ لڳو.

پر امان منهنجو آواز نه ٻڌو. هن منهنجي ڳالهه نه ٻڌي. ٻڇي جڻ انهيءَ بوج کان سيڙجڻ لڳي هجي. هاڻي اهو منهنجي برداشت کان ٻاهر ٿيندو پئي ويو.

ڪچي ننڊ جو شڪ ڪڏهوڪو ختم ٿي ويو هو. مون چادر لاهي هڪ پاسي ڪري ڇڏي ۽ بستري تان اُٿڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس. ڪمري جي ميري اونداهي، ڊنڊ وانگر اکين ۾ ڦهلجي رهي هئي. اُٿي ڪمري جي ٻتي ٻارڻ به ڏاڍي ڏکي لڳي رهي هئي. ٻڇي هئي، جنهن ۾ تاڻ وڌندي پئي ويئي. پر مون کي ڪجهه به، ڪوبه ڏسڻ ۾ نه پئي آيو.

منهنجي خرخراهٽ کان بستري جي ٻئي طرف هوءَ ڇرڪي ويئي. سندس اک منهنجي ڪنجهڻ جي ڪري نه کُلي هئي، ڇو جو هوءَ اڳيئي جاڳيل هئي. سندس اکين ۾ ننڊ نه، جڻ مرچ پريل هئا ۽ هوءَ اکيون مهٽي رهي هئي. ڏاڍي مشڪل سان ڪنڌ ڦيري مون ڏانهس منهن ڪيو. ميري اونداهيءَ ۾ به اهي اکيون ڳاڙهيون ڏسڻ ۾ پئي آيون ۽ پاڻيءَ سان پريل... هوءَ سهڪي رهي هئي.

ڇاتيءَ ۾ ساهه سميٽيندي هُن اٽڪي اٽڪي چيو، "هتي ڪجهه آهي!" سندس آواز ٽُٽي اونداهيءَ ۾ ڦهلجي رهيو هو: "هتي ڪجهه آهي... هتان هلو، ڀڄو!"

اونداهيءَ ۾ اکيون ڦاڙي آئون ڏانهس ڏسندو رهيس. سندس مهاندو به

صاف هو. ڦاٿل ڦاٿل آواز ۾ هتن سان مهتجنڌڙ اُهي ڳاڙهيون ڳاڙهيون اکيون... آواز گونجي رهيو هو: "پڇو! ڪجھ آهي..."

نالي ڪان بہ پهرين، سندس هڪ موجودگي هئي. امان ڪان سواءِ... سندس آواز ڪوڪلو ٿيو، پوءِ ٿتي پيو. اهو پيهر نہ پڌٿو پوي، انهيءَ ڊپ مون ڪي بستري ۾ ڏڪي چڏيو. مون پنهنجي ڳچيءَ تي هٿ گهمائي ڏنو... اُن تي ڪنهن جي آڱرين جي پڪڙ نہ هئي، پر دٻاءُ اهڙي طرح جو هو جو... مشين سان ٽڪرائجندي چپل پائڻ لاءِ پير وڌايم، پر پير جو آڱوٺو اُن جي پٺيءَ جي سِڌ ۾ نتي آيو، هر هر ٻاهر نڪري ٿي ويو. لڏندو لمندو رهيس. سور زڪجي تہ شيون بہ پنهنجي جاءِ تي قائم رهن. پر اُها گهُٽ جاري رهي ۽ اهڙي طرح چپل اڏ اٽڪائي، اڌ گهيلي اُٿيس. ڪمري جي دهشت ۾ التجا پريل اڌ ڏيگهہ طئہ ڪندي، سندس بستري تائين آيس. منهنجي موجودگيءَ ڪان بي خبر، هوءَ اکيون مهتيندي پٽي ويئي ۽ منهن ئي منهن ۾ ڪجھ پُٽڪندي پئي ويئي. مون سندس ڪلهو جهلي لوڏيو. ٿڌي مٽيءَ جي بي جان ڍِڳ وانگر هوءَ پنهنجي جاءِ تي ويٺي ويٺي ئي ڪِرڻ لڳي. مون سهارو ڏيئي اُتاريو ۽ دروازي ڏانهن وڌياسين. جتي دروازو هجڻ گهرجي ها، اُتي گهُپ اونداهي هئي. ڪُنجي ڪلفَ ۾ ئي لڳل هئي ۽ اُن جو ٿڌو ڏاتو جدا نظر پئي آيو. دروازو ڪلندي ئي هڪ اُبڙڪو آيو ۽ اسين ڪنهن نہ ڪنهن طرح ڪِرڻ ڪان بچندا ڪمري مان ٻاهر آياسين. نالي ڪان پهرين، هتي اُن جي هڪ موجودگي هئي. امان ڪان سواءِ... اسان کي اُن ڪان بچڻو هو. اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي، اُن جو اندازو بہ نہ هو. اسان ڪيڏانهن وڃي سگهون ٿا، اها خبر نہ هئي. ڪنهن طرح اُن ڪان بچي سگهون، جيڪا ڪمري ۾ اچي ويئي هئي، جيڪا گهر ۾ پرجي رهي هئي.

آئون ڪنگهي رهيو هئس. هن جي اکين مان پاڻي وهي رهيو هو. سمهيل ٻارن کي ڪپڙن جي هڙ وانگر پوئين سيٽ تي اُڇلي، گاڏيءَ کي چرين وانگر هلائڻ شروع ڪري ڏنم. مون کي هوش بہ نہ هو تہ مون ڪنهن کي ڪلف هنيو آهي ۽ ڪتي گهر کي هوئڻ ئي ڇڏي ڏنو اٿم. بس ايترو اندازو هئم تہ گاڏيءَ جو رُخ اِڳي ئي شهر ڏانهن هو، سمنڊ جي مخالف رُخ ۾.

اسان اجا گهر ڪان نڪتا ئي هونداسين تہ مون کي احساس ٿيو تہ هوا چيري رهي هئي. مون هٿ وڌائي گاڏيءَ جو شيشو مٿي ڪيو. آئون هر حرڪت اهڙي طرح ڪري رهيو هئس ڄڻ ننڊ ۾ هلي رهيو هجان. اکيون

اونداهيءَ ۾ ڏسڻ جون چڱي طرح عادي بہ نہ ٿيون هيون ۽ گاڏيءَ جي رفتار تيزي بہ اختيار نہ ڪئي هئي جو تمام ويجهو پاسي کان نڪرندڙ هڪ گاڏيءَ جي هارن مون کي ڇرڪائي ڇڏيو. تيزيءَ سان بريڪ هڻڻ ڪري روڊ جي ٻجريءَ تي ٽائر چرڙاٽ ڪيو ۽ هارن وڄڻ لڳا. آئون گاڏيءَ هلائيندي هلائيندي روڪجي ويس. اُن وقت ڏپ جو احساس ٿيو. هڪ اُبڙڪو ساهہ سان گڏ آيو. پوءِ ڄڻ ناسوُن مرچن سان ڀرجي ويون. منهنجون اکيون بہ سڙڻ لڳيون ۽ منجهانئن پاڻي وهڻ لڳو. ڏپ جو اُبڙڪو ايڏو تيز هو جو نڪ ۽ نڙي ۾ ڀرجڻ لڳو. مون وات بند ڪري ڇڏيو ۽ چپ ڀڪوڙي ڇڏيا. ڏپ گاڏيءَ ۾ ڀرجي رهي هئي، جنهن کان بچڻ ڏکيو ٿي پيو هو. گهاٽي، گهري ڏپ ۽ ايتري نرم جو چاقوءَ سان ڪپي وڃي، پر چاقو وانگر نڪ ۽ نڙيءَ کي کُرچي ڇڏي. نہ، اها گهاٽي بہ نہ هئي، اُن جا ڇلها هئا. جيڪي رکي رکي هوا ۾ ڦهلجي رهيا هئا ۽ نڪ ۾ لهندا پئي ويا. منهنجا ٻئي هٿ اسٽيئرنگ وهيل کي جهلڻ جي بدران اکين کي مهٽي رهيا هئا تہ پاسي کان هڪ گاڏيءَ تيزيءَ سان بريڪ هڻيو ۽ زور سان روڪيائين. نہ تہ منهنجي گاڏي تہ اُن سان ٽڪرائجي وڃي ها. مون ڇرڪي ڏٺو تہ ايتري ئي ڀرسان هڪ ٻي گاڏي هئي، اُن جي ڀرسان هڪ ٻي... اڳ واري گاڏي اڃا هلي بہ نہ هئي تہ پويان هڪ ٻيءَ اچي رهي هئي. اُن جي ڊرائيور بہ ڄڻ هارن تي هٿ رکي ٻيو سڀ وساري ڇڏيو هو.

روڊ گاڏين سان ڀريل هو. سڀيئي ماڻهو سمنڊ کي پُٺي ڏيئي شهر ڏانهن مُنهن ڪري رهيا هئا. هوا ٻُوري هئي ۽ ڏپ برداشت کان ٻاهر... مون هاڻي امان جي باري ۾ بلڪل نٿي سوچيو. گاڏيءَ جي اڳيان گاڏي اچي ويئي هئي. ماڻهن پنهنجون گاڏيون روڊ تان لاهي ڪچي ۾ آڻي ڇڏيون هيون. هارن رانڀيات ڪري رهيا هئا. ٻنهي طرفن کان گاڏين جي اچ وڃ جاري هئي. پوليس جي سپاهي جو ڪو پتو نہ هو ۽ نہ وري ٽريفڪ وارن جو. ماڻهو چرين وانگر نڪري پيا هئا. روڊ گاڏين ۽ ماڻهن سان ڀربا پئي ويا ۽ ڄڻ انهن جي ئي رفتار سان اُها نرم ڏپ بہ اچي رهي هئي، دونهين وانگر ڦهلجندي، ساهہ ۾ ملي دل کي ڪچو ڪندڙ ۽ اکيون ساڙيندڙ ڏپ. اُها اُنهيءَ طرف کان اچي رهي هئي، جتان کان اُهي سڀ اچي رهيا هئا.

"هن سمنڊ کي گدلو ڪري ڇڏيو آهي." ڪنهن هلندڙ گاڏيءَ جي دريءَ مان منهن ڪڍي چيو. مون هن جو اڌ آواز ٻڌو، اڌ نہ ٻڌو. ڪو ٻار

هوندو، ناراض ۽ ڪاوڙيل، جنهن کي خبر ٻه ناهي ته ڪانئس سندس ٻالڪپڻ جو سمنڊ کسيو ويو آهي.

پر مون کي انهيءَ ڳالهه تي سوچڻ جو موقعو ئي نه مليو. ٽرئفڪ جو سپاهي خبر ناهي ڪٿان ظاهر ٿي سيٽي وڄائي رهيو هو ۽ آڏين ٽيڏين ڦاٿل گاڏين کي هڪ ئي طرف مُڙڻ لاءِ اشارو ڪري رهيو هو. جيڏانهن گهٽو اڳي ڪان ڦاٿل گاڏين جي قطار جي ڪري مڙڻ ممڪن ئي نه هو. گاڏي ڪجهه انچ سِرڪي ٿي ته خبر پيئي ٿي ته سِي وِيو ۽ درخشان جي اندرين گهٽين مان ماڻهو ايڏي تيزي ۽ ايڏي تعداد ۾ نڪتا آهن جو روڊ گاڏين سان پرجي ويا آهن. سپاهي سيٽيون وڄائيندو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄندو پئي ويو. ڏانهس ڪنهن خاص ڌيان نٿي ڏنو. ماڻهو هڪ ٻئي کي ٻڌائي رهيا هئا ته اهو زهري گيس جو فوجي حملو آهي ۽ نه ڪا جنات. ڪلفٽن جي سامونڊي ڪناري تي ڦاٿل اُن جهاز مان تيل وهي رهيو آهي، جنهن جي تصوير ڪالهه رات بي- بي- سي وارن ٽي- ويءَ تي ڏيکاري هئي يا شايد ڪنهن انڊين چئنل تي- ٽي- ويءَ جي تصوير حقيقت بنجي ويئي. اُن تي ويچار ڪرڻ جو ڪنهن وٽ وقت هو. اصل ڳالهه ته اها هئي ته انهيءَ جاءِ ڪان نڪرون، ٽرئفڪ جي هن چرپر ڪندڙ رش مان ٻاهر اچون. ماڻهو رڙيون ڪري رهيا هئا؛ گوڙ ڪري رهيا هئا ۽ هارن بي روڪ وڄائي رهيا هئا. اهي ماڻهو جن جون گاڏيون ٽڪرائجي ويون هيون، هٿين پوڻ تي لهي آيا هئا ۽ اڳ واري گاڏيءَ مان هڪ عورت جي اُلٽي ڪرڻ جو آواز اچي رهيو هو.

آئون شهر سان گڏوگڏ سمنڊ جي ڪناري تان هلندو اچي رهيو هئس. شهر ۽ سمنڊ مون کي انهن ٻن بيمارن جهڙا لڳا، جن کي اسپتال ۾ بسترن جي کوٽ جي ڪري هڪٻئي سان گڏ سمهاريو ويو هجي. ڪنهن کي پرواهه هئي ته انهن جي انفيڪشن ٻه ساڳي آهي يا نه ۽ ڇا ٻنهي جا لاش اسپتال مان گڏ ئي ڪنيا ويندا. ڦڪو چهرو، لهساٽيل رنگ ۽ رت چوسيل سلهه ۾ ورتل جسم... ٻنهي هڪٻئي کي بيمار ڪري ڇڏيو هو ۽ هاڻي هڪ ئي بستري تي هڪٻئي جا ڳوڙها ساهه ڳڻي رهيا هئا... مون کي خبر نه هئي ته ڪيترن ئي ڏينهن لاءِ منهنجي اها سمنڊ جي آخري جهلڪ هئي.

هاڻي ڪيس نه ڏسي سگهندس جو سمنڊ منهنجين شامن ۾ مليل هو ۽ جنهن تي ڦهلجندڙ اُجالي جي ڪرڻي سان منهنجو ڏينهن اُپرندو هو؛ جنهن

جي هوائن ۾ منهنجا وار وکرندا هئا ۽ جنهن جي لاهه ۽ چاڙهه ۾ منهنجي پنهنجي موڊز جو Swing نظر ايندو هو. جڻ هي دوست وڇڙي رهيو آهي ۽ خبر به نٿي پوي ته ڇو، ڪيترن ڏينهن لاءِ.

پر مون کي فڪر سمنڊ جو نه، امان جو هو. منهنجي هيئن واپس اچڻ تي هوءَ ڇا ڪندي. گهر ۾ مون کي قبول ته هن ڪري ورتو هو، انهيءَ ڪري جو اُن وقت انهيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو نه هو ۽ ڪراچيءَ جي سمنڊ جي ڪناري تي تيل بردار جهاز مان Oil Spill جي خبر وڏن لفظن ۾ ٻي صبح جو اخبارن جي پهرين صفحن تي ڇپجي چڪي هئي. هيڏي رات گذرڻ تي ڳاڙهين اکين، وکريل وارن سان دروازي جي گهنٽي وڄائيندي ڏسي، هن ڪجهه به نه ڇيو. دروازو کولي هڪ پاسي تي بيٺي، اُها کهڙي ڳالهه آهي جيڪا مون کي هتي وٺي آئي آهي. نڪي هن پڇيو ۽ نه ئي مون ٻڌايو. منهنجي لاءِ ٻڌائڻ به مشڪل هو، جو مون کي خود انهيءَ مهل خبر نه هئي (چڱي طرح ته هاڻي به خبر ناهي) ۽ بس اهوئي غنيمت لڳي رهيو آهي ته هن اهو نه ڇيو ته فالتو ماڻهو گهر ۾ نه اچن. ڪنڌ جهڪائي آئون اندر آيس ۽ انهيءَ ڪنڊ ۾ ويٺس، جيڪا ٽيليويزن جي سامهون منهنجي مستقل سيٽ بنجي ويئي هئي. هتي هڪ فائدو اهو هو ته هر ڪلاڪ ڪان پوءِ خبرون ٻڌڻ سان گڏوگڏ مون کي خبر پئجي سگهي ٿي ته سمنڊ جي بيماري مون کي گهر جي چائنٽ تي ٻيهر پهچائي ڇڏيو آهي.

سمنڊ ته بس هڪ بهانو آهي.

سمنڊ هٽان ڇيهو پهچڻ کان اڳ، مان امان کان پهتل صدمو سهي چڪو آهيان، پر آئون اُن جو قصوروار ڪيس ڪنهن طرح نٿو چئي سگهان. هن ته ڪيترائي ڀيرا موقعو ڏنو، پر مون ئي موٽ نه ڏني. ”وري اچي ويو ٻاڙي وارن جي سر تي روئڻ؟“ هوءَ رات جو دير سان دروازو کوليندي ئي شروع ٿي ويندي هئي، ”اڙي مان چوان ٿي، رُلڻ پنڻ ڇڏي ڏي. ڪو ڌنڌو روزگار ڪر، چار پيسا ڪمائڻ جو هُنر سک، ڪيستائين جُتيون گسائيندو ڦرندو رهندين ۽ ننڍي ڀاءُ جو منهن ڏسندو رهندين؟“

هڪ ريلو آيو ٿي ۽ مان ڀڳهربو ويس ٿي. هاڻي ته سندس هڪ هڪ لفظ سان هري ويو هئس: ”صبح کان ئي روئٽي شڪل ڪنيو پيو گهمين؛ اها جيڪڏهن ڪو ڏسي ته سارو ڏينهن ماني نصيب نه ٿئيس. وار ڪٽاءِ، ڏاڙهي

لاهه، رات جا ڪپڙا مٿاءِ. ٻہ ڏينهن ٿي ويا آهن. چِڪهاٽا ڪپڙا لاهڻ جو وڳو وٺندين ڇا؟ ياد نہ اٿيئي، اڄ ننڍيءَ ڀاءُ جي ساهرن وارا اچڻا آهن؟ ايندڙ ويندڙ جو لحاظ نٿو ڪرين تہ سيٺن جو تہ شرم ڪر. ڀاڻ تہ ڪنهن ڪرم جو هُئين ڪونہ. ڪيترا ڀيرا چيو اٿم تہ خيالي پلاءُ ڪائڻ ڇڏي ڏي. اهي رولو اولاد جي جاءِ نٿا وٺي سگهن. اهي تہ خود بيماري آهن."

ٿي- ويءَ جي اڳيان اُنهي سيٽ تي وينو هئس مان. خبر ناهي تہ انهن نڪ چاڙهيو يا امان پيشبندي ڪئي. "اجهو توري دير ۾ جڳهہ ڪلي پوندي، فالتو ماٺهو ٻاهر هليا وڃن." مون ڏانهن مُنهن ڪري هوءَ چئي رهي هئي. مان اُتيس ۽ انهيءَ ڏينهن سمنڊ ڏانهن هليو ويس.

سمنڊ منهنجي عادت نہ هو. مون لاءِ نڪاٽو بہ نہ هو. اوڏانهن وڃڻ مون ٻيهر شروع ڪيو هو جو بيڪار، بي مصرف قدم ڪڻڻ ۽ موٽڻ لاءِ گنجائش گهٽي هئي. سمنڊ بہ بي محابو هو، اهوئي ٻالڪپڻ ۾ ڏٺل وائٺل ۽ گڏ ڪيڏيل سمنڊ. اُن وقت سمنڊ سان واسطو بابي جو هو. هاڪس بي جي هڪ هٽ جي وراندي ۾ اُس ڪائڻ، پٽرائين ڏاڪڻين تان لهي واريءَ تي اچڻ، پيهي ويندڙ پيرن سان ساڙيندڙ واريءَ تي هلڻ، آڱرين سان واريءَ تي نالو لکڻ ۽ اکرن جي هيٺ مٿانهين ۾ پاڻي پرجندي ڏسڻ، واريءَ جا گهرڙا ناهڻ، بالٽيءَ مان اُن ۾ پاڻي اوتڻ ۽ واريءَ جي پِٽين تي سِپيون سجائڻ، اُٺ جي سواري ڪرڻ ۽ لهرن تي ٽپندڙ ڪينهوءَ سان گڏ پري تائين پاڻيءَ ۾ هليو وڃڻ، ايتري قدر جو دانهون ڪندڙ امان ننڍڙو نشان بنجي وڃي... ٿرماس ۾ چانهہ ۽ ٽوڪريءَ ۾ سينڊوچ پري، هر آچر تي بابي جي هَٽ تي ڪيترين ئي شامن جو سڄ سمنڊ جي لهرن ۾ ٻڏندي ڏٺو اٿم، جو اُن جو رجندڙ، لرزندڙ عڪس هاڻي بہ اکين ۾ سمايل آهي. بابي جي آڱر جهلي انهيءَ سمنڊ جي ڪناري پري تائين هليو وڃڻ، ڪلندي مرڪندي بابو طرح طرح جا منهن ناهڻ، ڳلن ۾ هوا ڦوڪي آواز ڪڍڻ، بي تُڪا مزاحيہ شعر پڙهڻ ۽ ڳانا ٻڌائڻ:

اينا مينا ڊيڪا

ڊائي ڊاما نيڪا

رام پام پوچ، رام پام پوچ

لهرن جي لاڳيتي شور سان گڏ، انهن جي آواز جو لاهہ چاڙهہ مون کي هاڻي بہ ياد آهي ۽ هر ڀيري لهرون اهوئي گيت مون کي ٻڌائيندڙيون رهنديون آهن. بابي جي مرڻ کان پوءِ سمنڊ ساٿ ڇڏي ڏنو هو. اسان کي ايڏي اٿاهہ پاڻيءَ

ويو هو. يا وري اهو پهرين ئي نقصان رسيل جهاز هو، جو پوري احتياطي جانچ پڙتال کان سواءِ، هڪ وڏي رقم جي ڏيڻ کان پوءِ، حڪام جي اجازت وٺي هيڏانهن اچي ويو هوَ ۽ پوءِ حادثي جو شڪار ٿي ويو هو. ڇا ٿيو هو، اها پوري طرح ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي. شهر جا ماڻهو بہ خبرن مان ٽڪرا ڳنڍي بس اندازو ئي لڳائي سگهيا هئا. ڪين رڳو ايتري خبر هئي تہ اُن مان تيل وهي رهيو آهي ۽ اهو ڪناري تي تباهي مچائي رهيو آهي. انهن سيني قياس آرائين ۽ اندازن کان پري، سمنڊ جي وچ ۾ بيٺل، لهرن سان ٽڪرائيندڙ اهو جهاز ڪنهن بدروح جو پاڇولو لڳي رهيو هو- اڪيلو، خالي، اونداهو....

ڪناري تي جهاز کي ڏسڻ لاءِ گڏ ٿيندڙ ماڻهن جو اهو ميڙ بہ وکري ويو هو. جيڪو شروع جي هڪ اڌ ڏينهن رات وهامڻ تائين اُتي گڏ ٿي رهيو هو. شهر وارن کي جيڪو نئون تماشو مليو هو، پوليس ڪين روڪي ڇڏيو. آئون اڪيلو ئي هن طرف هلندو ويس، جتي پوليس نہ هئي. ڳوري هوا اچا بہ ساهہ کڻي رهي هئي ۽ پاڻيءَ جي چمڪ ڪاراڻ مائل هئي. واريءَ ۾ قدمن جا نشان نهي رهيا هئا ۽ آئون انهن جي ترتيب ڏسندو هليو پئي ويس. هلندي هلندي پير ڪنهن نرم شيءِ سان ٽڪرائجي ويا. مون ڇرڪي ڏٺو: اهو پکي هو. جيڪو اُتي مئو پيو هو. سندس ڇهنب مضبوطيءَ سان بند هئي ۽ ويڪرن ويڪرن کنڀن تي تيل جي ڪاراڻ جهلڪي رهي هئي.

هوَ نہ اُڏري سگهيو، نہ تري سگهيو. ڪيڏي تڪليف سان مئو هوندو، مون سوچيو ۽ واپس مُڙي ويس.

”ماڻهن کي گهرجي تہ ساموندي تفريح گاهن ڏانهن مُنهن نہ ڪن. متبادل هنڌن ڏانهن وڃن، جيستائين سمنڊ کي تفريح لاءِ پيهر کوليو نٿو وڃي.“ حڪومت جي ذريعن جو اهو اعلان ريڊيو ۽ ٽي- ويءَ تان هر هر نشر ٿيڻ لڳو. هڪ ڪن لاءِ بہ آئون اُن تي ويساهہ نہ ڪري سگهيس. ماحولياتي گدلاڻ ۽ ساموندي جيوت کي نقصان جا تفصيل تہ منهنجي سمجهہ کان ٻاهر هئا. باقي ايتري مون کي خبر هئي تہ اهو رڳو تفريح گاهہ جي عارضي بندش جو معاملو نہ هو. مون کي انهن بي شمار ماڻهن جو ڌيان آيو، جيڪي انهيءَ سمنڊ جي حوالي سان پنهنجو روزگار حاصل ڪندا آهن، سڏي طرح ئي سهي. ڪناري تي نهيل هوٽلن جا ٻئرا، مداري ۽ بندر جو تماشو ڏيکاريندڙ، گهوڙي سواري ڪرائيندڙ، فقير، ڦوڪڻن وارا، بندوق جو نشانو لڳرائڻ وارا، ڪيسا ڪٽيندڙ، طوائفون، ڪدڙا، قسمت جو حال ٻڌائيندڙ، بوٽ

پالش ڪندڙ، آئيس ڪريم وڪڻندڙ، رڪشا ٽئڪسي هلائيندڙ... هاڻي اهي پنهنجي روزي ڪمائڻ لاءِ ڇا ڪندا. سمنڊ ڪان سواءِ؟ ماڻهن ڪي اوڏانهن وڃڻ ڪان روڪڻ لاءِ پوليس موبائيل تي ميگافون جي انهيءَ آواز ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هو. مون کي لڳو ڄڻ شهر جو سمنڊ ڪين امان جي آواز ۾ چئي رهيو هجي: فالتو ماڻهو ٻاهر هليا وڃن، هيڏانهن مُنهن نه ڪن. اهو اعلان ٻڌي سندن جسم جي ٻه سموري طاقت روڪجي ويندي. نه چُرڻ جي طاقت رهندي، نه وري اُٿڻ جي مجال. مون فيصلو ڪيو ته هاڻي آئون روز وٽس ويند ں جو سمنڊ بيمار آهي. سمنڊ سان ملاقات جو ڪوبه وقت ناهي.

مون کي جڏهن موقعو ملندو هو ته آئون سمنڊ سان ملڻ لاءِ هليو ويندو هئس. امان ايندي ويندي ڏسي رهي هئي، پر اُن وقت تائين هن ڪجهه نه چيو. مون مُنهن تي ٻَڌڻ لاءِ اُهو اڇو ڪپڙو ڪنيو. جنهن ڪان سواءِ سمنڊ جي پرسان ڪنهن کي اچڻ جي اجازت نه هئي. عجيب لڳو مون کي، ڄڻ پليگ يا ڪنهن وچڙندڙ مرض ۾ ورتل ماڻهو کي ڏسڻ وڃي رهيو هجان. پر مون اهو منهن تي لڳايو ۽ ڏپ ڪان بچڻ لاءِ نڪ سُڪوڙي پنهنجي گهر پهتس.

گهر خالي پيو هو. اوڙي پاڙي جي گهرن ۾ هڪ اڌ ڪو ماڻهو هو. ماڻهو ڄڻ اُنهيءَ وسنديءَ کي ڇڏي هليا ويا هئا. آئون پنهنجي گهر جي بالڪونيءَ ۾ ويهي رهيس ۽ واندو هئڻ سبب جهوٽا کائڻ لڳس. مون ڏٺو ته سمنڊ ويجهو اچي رهيو آهي. منجهانئس ڏپ نه پئي اچي، بلڪ منجهس ڪشش آهي. مون هڪ ٻيرو وري خواب ڏٺو ته آئون انهيءَ ڪم ۾ رڌل آهيان. جنهن کي انگريزيءَ ۾ محبت ڪرڻ چوڻ لڳا آهن. سمنڊ خوبصورت ۽ زورآور. وٽس سُپردگي هئي، سورهيائي هئي. هو نرم بڻجي ديجي ويو ٿي، سخت بڻجي ويو ٿي، بدمست بڻجي اڳيان وڌي آيو ٿي، بي اختيار ٿي ويڙهجي ويو ٿي، سندس ڇپ کلي پيا ٿي، هنج وسيع ٿيڻ لڳي ٿي. ڇاتي ويڪري ٿي ويئي ٿي ۽ هينيون جسم ڏڪڻ لڳو ٿي. هيءُ سمنڊ محبت ڪرڻ لاءِ ڪافي گهٽو هو.

در تي ٺڪاءُ ٻڌي مون بالڪونيءَ مان ليئو پاتو. هن اُجاڙ وسنديءَ ۾ ڪير ايندو؟ سمنڊ دروازي تي بيٺو هو. هو منهنجي گهر پهچي ويو هو. مون ٻاهر نڪري ڏٺو. گهٽيءَ ۾ پري پري تائين ڪوبه نه هو. مون جلديءَ سان دروازي جي تاڪي کولي ڇڏي. مون ڏانهس ڏٺو ته سندس دعوت ڏيندڙ اکيون مُرڪي رهيون هيون. مان ڏانهس وڌيس ته سندس ڇپ پيهي ويا، ڄڻ

هو هڪ وڏي ڪاهي هجي، ٻسيل ۽ گهرائيءَ ۾ ڪُلنڊڙ، جيڪا ڇُمين جي آلاڻ سان ڀرجڻ لاءِ آتي هئي.

پر انهن ماڻهن جو انڪار، مسلسل ۽ بيحد اصرار سان گڏ هو. هڪ ڪان هڪ اعليٰ آفيسر جو انٽرويو ٽي- ويءَ چينلز تي نشر ٿي رهيو هو، جنهن ۾ هو مسلسل چئي رهيا هئا تہ اهو وقتي حادثو آهي. تفريح گاهہ جلدي کوليا ويندا... هڪ اهم آفيسر ماڻهن جي ڀُٽنيءَ جي سموري ذميداري غير ملڪي نشريات تي وڌي هئي: "انهن جي دعويٰ غلط آهي. ماڻهو بيمار ٿي نہ پيا آهن. ڪجهہ مڇين ۽ پکين ڪان سواءِ ڪو نقصان نہ ٿيو آهي. هڪ ٺي ڪيون آهي، جنهن کي هو هر هر ڏيکاري رهيا آهن. سرڪاري تحقيقات جاري آهي. عوام کي اپيل ڪئي وڃي ٿي...."

منهنجا پير پاڻمرادو هلڻ لڳا. بالڪونيءَ جون ڏاڪڻيون لهي آئون سمنڊ جي ڪناري ڏانهن هليو آيس. ساهہ گهُٽيندڙ ڏپ ۽ اکين جي ساڙيندڙ تيزي هوا مان ڇٽي نہ هئي. پر هن ڀيري ٻي ڪا شيءِ مون کي اوڏانهن وٺي وڃي رهي هئي. شهر جي اُتي ڏِس ۾، سمنڊ ڏانهن. جتان جتان ريتي ڪنئي ويئي هئي، اُتي ڪڏون ٺهي ويون هيون. جيڪي اُس جي چمڪ ۾ اجا وڏيڪ بدنما لڳي رهيون هيون. ڪنهن ڪڏ ۾ پاڻي ڀرجي ويو هو ۽ هڪڙي ۾ مئل مڇيون. سمنڊ جي ڦيڻ سان گڏ آيل ننڍين ننڍين مڇين کي پوئتي موٽندڙ سمنڊ واريءَ تي ٺي ڇڏي ويو هو، جڻ سمنڊ پنهنجا لاش ٻاهر ڪڍي رهيو هجي. ڪناري تي هر وقت لامارا ڏيندڙ سرڻين نہ انهن کي ڪاڏو ۽ نہ ٺي وري جهنگلي ڪُتن منجهن مُنهن وڌو. انهن جي ڀرندڙ ڍير جي ڏپ ڦهلجي ويئي هئي. انهيءَ ڪڏ ڪان ٿورو اڳتي مون هڪ مئل ڪيون ڏٺو، اهو بہ مٽيءَ ۾ اڌ پيهي ويل هو ۽ اُن ڪان اڳتي هڪ سي گل.

مون ماسڪ هٽائي پنهنجو اُگهاڙو چهرو انهن جي سامهون ڪري ڇڏيو ۽ هٿ ٻڌي بيهي رهيس. مون کي سُڌ پئجي ويئي هئي تہ مون کي ڪٽي هئڻ گهرجي ۽ ڪهڙي حالت ۾. هاڻي مون کي هن بيمار سمنڊ جي نگهباني تي مقرر ڪيو ويو آهي. مون سمجهي ورتو تہ مان مري ويو آهيان: منهنجو شهر مري ويو آهي؛ منهنجي شهر جو سمنڊ مري ويو آهي؛ هن جا ڪنارا مري ويا آهن. سوين مڇيون، ڪيون، ساموندي پکي، ڪيڪڙا، آبي ٻوٽا... مرڻ ڪان پوءِ بہ اسين ورهين تائين ڇڙيون هٿندي، سڏڪا ڀريندي، مرندا رهنداسين ۽

امان جو آواز گونجندو رهندو... فالتو ماڻهو، ٻاهر...

هڪ ٻيرو وري مون سمنڊ ڏانهن ڏٺو. هوءَ مون کي هڪ مار کاڌل ٻار جهڙو لڳي رهيو هو، جيڪو دڙڪو کائيندي روئڻ لڳو هجي. سڏڪا بند نٿي ٿيس. لڙڪن ڇهري تي ميري ليڪ آڻي ڇڏي هئي. نڪ مان سِنگهه وهي وات ۾ وڃي رهي هئي، جنهن تي مکيون ٻوڻياٽ ڪري رهيون هيون.

انهيءَ بيمار ٻار جا لڙڪ ڪير اُگهندو؟ سمنڊ ڏانهن امان تہ اچڻ کان رهي...

مون شهر ڏانهن پٺ ورائي ڇڏي ۽ سمنڊ ڏانهن منهن ڪري اڳتي وڌندو ويس. هاڻي سمنڊ منهنجي سامهون آهي. ■■■

# عشق ڪرين، تہ شادي نہ ڪر (اردو)

حليم بروهي

مان هڪ مڙس جي زال آهيان. اسان هڪٻئي کي چاهيو هو. بي انت چاهيو هو ۽ پوءِ شادي ڪئي هئيسون. شادي کان اڳ اسان هڪٻئي جو منهن ڏسڻ لاءِ آتا هوندا هئاسين ۽ جڏهن ملندا هئاسين تڏهن هڪٻئي جو منهن تڪيندا رهندا هئاسين. شادي اسان لاءِ هڪ آڪٽ عشق بنجي آئي ۽ شادي کان ڪئين ورهيہ پوءِ بہ اسان جي چاهت ۾ ڪو ڦيرو نہ آيو. پر ڪجهہ هو جو غلط هو. جو مون ڏاڍي دير کان پوءِ محسوس ڪيو ۽ جيڪي جڏهن محسوس ڪيم تڏهن ڏاڍي شدت سان محسوس ڪيم.

جيڪي غلط هو. اهو مون پهريون ڀيرو تڏهن محسوس ڪيو. جڏهن منهنجو مڙس مون کي پنهنجي هڪ دوست وٽ ڇڏي، پاڻ فقط پنجن منٽن لاءِ ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪتو هو. منهنجي مڙس فقط پنج منٽ لڳايا. پر اهي پنج منٽ منهنجي لاءِ قيامت بنجي آيا. اهي پنج منٽ مون کي ٻڌائي ويا، مون کي محسوس ڪرائي ويا تہ اهو ڇا هو جو غلط هو. اهو ڇا هو جو مان محسوس تہ ڪندي هيس پر سمجهي نہ ٿي سگهيس تہ منهنجي شادي شده زندگيءَ ۾ ڇا غلط آهي. اهي پنج منٽ مون کي اهو زمانو ياد ڏياري ويا، جڏهن مان ۽ منهنجو مڙس هڪٻئي جي منهن ڏسڻ لاءِ آتا هوندا هئاسين، اهي پنج منٽ مون کي اهو زمانو ياد ڏياري ويا، جڏهن مان ۽ منهنجو مڙس ڪلاڪن جا ڪلاڪ هڪٻئي جا منهن تڪيندا رهندا هئاسين، اهي پنج منٽ مون کي اهو زمانو ياد ڏياري ويا، جڏهن اسان جون نگاهون هڪٻئي جي ڇهري تان نہ هٽنديون هيون ۽ هٽڻ نہ چاهينديون هيون، اهي پنج منٽ منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ کي هڪ ڀيرو وري تيز ڪري ويا. مون انهيءَ شخص ڏانهن ڏٺو. هو ڪنڌ جهڪائي چانهہ پي رهيو هو. مون سوچيو تہ ڪيس ڪا خبر ئي ناهي تہ هيڏانهن منهنجي دل تي ڪا وڄ ڪري هئي.

اهڙا ٿي پنج منٽ، مون کي انهيءَ شخص سان، مهينن کان پوءِ وري مليا. هن ٻيري هن غلطي ڪئي جو اک ڪٽي مون ڏانهن ڏٺائين، يا وري مون غلطي ڪئي جو ڪيس گهوري ڏسي رهي هيس. هو ڇرڪيو ۽ تڙپيو به ضرور هوندو، پر مٿان منهنجو مڙس اچي ويو ۽ منهنجو ساهه منجهندي منجهندي اصل منجهي پيو.

مون کي هيڪلائي محسوس ٿيڻ لڳي. مون کي پنهنجي مڙس جو ساٿ نه هئڻ جهڙو لڳو ۽ مون کي اهو وقت ياد اچڻ لڳو. جڏهن مان ڪنواري هيس ۽ لڪي لڪي ساڻس ملندي هيس، جيڪو هاڻي منهنجو مڙس هو. مان وري تڙپڻ لڳيس. منهنجي دل ۾ وري اُٿ تڻ اٿڻ لڳي، بلڪل ائين ڄڻ مون کي بک هجي، ڄڻ منهنجو روح اڃيو هجي. ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ آيو ٿي ته ٻاهه ڏيئي ڇڏيان پنهنجي اڃايل روح کي، جيڪو ٻاهه بڻجي پنهنجي پيٽ ۽ نڙيءَ ۾ رهيو پيو هو.

۽ پوءِ رات منهنجي لاءِ پيڙا بڻجي ويئي، جيڪا نه وهامي ٿي ۽ نه وهامندي نظر آئي ٿي. منهنجو مڙس نانگ وانگر مون سان وراڪبو پيو هوندو هو ۽ منهنجو اڃايل روح ڇوڙ جيئن رڙهندو رهندو هو، سڏڪندو رهندو هو. ڏينهن منهنجي لاءِ مونجهارو بڻجي منهنجي ڇاتي تي مڱ ڏريندو هو. مون کي پاڻ کان نفرت ٿي ويئي. پنهنجن ٻارن کان نفرت ٿي ويئي. پنهنجي مڙس کان نفرت ٿي ويئي. شاديءَ جي ڇهن سالن جو خيال مون کي گار وانگر خراب لڳڻ لڳو ۽ مان پنهنجي ٻاهه ۾، پڇرندڙ دل سان مشڪندي رهيس ۽ پنهنجي مڙس کي هلائيندي رهيس.

مون هڪ ڀيرو عشق ڪيو هو، فقط هڪ ڀيرو ۽ جنهن سان عشق ڪيو هئم، انهيءَ سان شادي ڪئي هئم. پر هاڻي مون کي اها خوشبوءِ ستائڻ ۽ تڙپائڻ لڳي، جيڪا شادي کان اڳ مون کي پنهنجي مڙس جي خطن مان ايندي هئي. هاڻي مون کي اهي نگاهون ياد اچڻ لڳيون، جن سان منهنجو مڙس شادي کان اڳ مون کي تڪيندو هو، هاڻي مون کي اهي هٿ ياد اچڻ لڳا، جيڪي جهجهڪندي مون سان الجهي ويندا هئا؛ اهي چپ ياد اچڻ لڳا، جيڪي ٻرندڙ ڪوئلو بڻجي منهنجي اکين ۽ ڳلن تان ترڪندا، منهنجي چپن سان چنبڙي پوندا هئا ۽ مون کي اهو گرم ساهه ياد اچڻ لڳو، جيڪو منهنجي ڇهري تي لڳندو هو ۽ جنهن جي لهس خاطر مان ڪوڙ ڳالهائيندي هيس، اوسيئڙي ۾ ويهندي هيس، تڙپندي هيس، ترسندي هيس.

چيو، ”مان توکان پنهنجي چاهت جو جواب وٺڻ لاءِ نه آيو آهيان، مون کي جواب اڳي ئي مون کي خبر آهي ته تون به مون کي پيار ڪرين ٿي. مان فقط شروعات ڪرڻ آيو آهيان.“ منهنجي دل هڪدم بغاوت تي لهي آئي ۽ چيم، ”مان اهڙين ڳالهين ٻڌڻ جي عادي ناهيان. تو مون کي غلط سمجهيو آهي. توکي اهڙيون ڳالهيون ڪندي شرم اچڻ کپي. مان تنهنجي دوست جي زال آهيان.“ سندس چهري جو رنگ ڦري ويو ڇڻ ڪيس سورهن آنا پڪ هجي ته مان سندس پيار جي اقرار جو انتظار ڪري رهي هيس. مون کان پڇڻ لڳو: ”پلا مان ويهي سگهان ٿو؟“ منهنجي دل کو جواب ڏيڻ نٿي چاهيو ۽ مون ڪيس کو جواب نه ڏنو.

هو ويٺو رهيو. ۽ پوءِ چوڻ لڳو: ”مون ائين نه چيو آهي ته کو تون اهڙيون ڳالهيون ٻڌڻ جي عادي آهين ۽ مون کي اهڙيون ڳالهيون ڪندي برابر شرم اچڻ گهرجي. تون منهنجي دوست جي زال آهين پر مان ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو. منهنجي سربستي ڳالهه ٻڌ ته سهي، خراب لڳي ته سهي وڃجانءِ، فقط ايترو ڄاڻ ته مون توکي غلط ڇو سمجهيو، ڇو مون کي پڪ هئي ته تون به مون کي چاهين ٿي. منهنجي فقط اها ڳالهه ٻڌ. فقط هڪ ڀيرو. اڄ کان پوءِ تو وٽ منهنجو اچڻ به خراب محسوس ٿيندو. توکي به ۽ مون کي به. منهنجي پوري ڳالهه ٻڌ. فقط هڪ ڀيرو، فقط هڪ ڀيرو تون منهنجي زيادتي برداشت ڪر، فقط هڪ ڀيرو تون منهنجي بيهودگي گوارا ڪر.“ منهنجي دل چيو ته مان ماٺ رهان ۽ ڪجهه نه چوان. پوءِ هو هڪدم چوڻ لڳو: ”مان توکي پيار ڪريان ٿو ۽ منهنجي خيال ۾ تون به مون کي پيار ڪرين ٿي. مون کي پڪ هئي ته تون مون کي پيار ڪرڻ ڏاران رهي نٿي سگهين ۽ مون وٽ منهنجي انهيءَ ابتي سبتي پڪ ۽ خيال جو دليل به آهي. تون فقط هڪ ڀيرو منهنجي ڳالهه سهجان. مون کي ايترو چوڻ ڏينم ته مون اها غلطي ڇو ڪئي، مون کي چوڻ ڏينم ته مون اها بيهودگي ڇو ڪئي ۽ مان ڇو هيئن بيوقوفي ڪرڻ تي سنيري آيو آهيان. هوئنئن به ته بيٺي بيٺي گهٽو ڪجهه چوان پيو ۽ تون مون کي ٻڌي به ته رهي آهين.

ڇڻ پريان تمام پريان ڪنهن مون تي تهمت ڌري هجي، مان منجهي پيس ۽ سمجهي نه سگهيس ته اها تهمت ڪهڙي هئي، ڪنهن لڳائي هئي ۽ اها تهمت هئي به يا ڪا تهمت ئي نه هئي، فقط منهنجو کو خيال هو، کو وهم هو. مون صوفي ڏانهن اشارو ڪيو ۽ هو ائين ويهي رهيو ڇڻ ڪڏهن

ڪنهن صوفي تي وينو ئي نہ هجي.

"مون کي سڌ آهي تہ تو هڪ ٻيرو عشق ڪيو هو." هڪ هڪ لفظ. هن ائين چوڻ شروع ڪيو ڄڻ مان ڪا ٻار هجان ۽ هو مون کي سمجهائي رهيو هجي. "پنهنجي مڙس سان عشق ڪيو هوءِ، جنهن سان عشق ڪيو هوءِ ۽ اهو اڄ تنهنجو مڙس آهي پر تو عشق ڪيو هو، جنهن جي مون کي خبر هئي. مون بہ عشق ڪيو هو، هاڻي مان بہ شادي شده آهيان ۽ منهنجي زال بہ آهي جنهن کي مون ڪڏهن پيار ڪيو هو، جنهن سان مون ڪڏهن عشق ڪيو هو، پر هاڻي مان وري عشق ڪرڻ لاءِ تڙپان ٿو. هاڻي مان وري هڪ ٻيرو تڙپڻ لاءِ تڙپان ٿو. تون بہ مون وانگي انسان آهين، مون کي اهو سمجهڻ لاءِ ڪوبہ سبب ناهي تہ تون بہ ساڳي طرح محسوس نٿي ڪرين جهڙي طرح مان محسوس ڪريان ٿو. مون کي اهو سمجهڻ لاءِ ڪو سبب ناهي تہ تنهنجي دل بہ ائين نہ چاهيندي هوندي، جيئن منهنجي دل چاهي ٿي. مون کي اهو سمجهڻ لاءِ ڪو سبب ناهي تہ تنهنجي دل بہ عشق ڪرڻ لاءِ ائين نہ تڙپندي هوندي، جيئن منهنجي دل تڙپي ٿي.

هاڻي مان تڙپيس نٿي. هاڻي منهنجي دل ۾ آيو تہ ڪيس هڪ چماٽ وهائي ڪڍانس. عشق ڪان، پيار ۽ چاهت بهتر لفظ آهن. "مان غلط فهميءَ ۾ نہ رهندو آهيان، مان غلط فهميءَ ۾ رهڻ نٿو چاهيان. مون کي خبر آهي تہ منهنجي زال ڇا سوچيندي هوندي، ڇا چاهيندي هوندي. هوءَ اهوئي سوچيندي ۽ چاهيندي جيڪي مان چاهيان ۽ سوچان ٿو، جيڪي تون چاهيندي ۽ سوچيندي آهين. منهنجي زال بہ تہ آخر عشق ڪيو هو، مون ۽ تو وانگر. مون کي خبر آهي تہ تنهنجو مڙس توکي چاهي ٿو بلڪل ائين جيئن تون ڪيس چاهين ٿي، پر هن بہ تہ توسان عشق ڪيو هو، سندس دل بہ ڪنهن ٻئي سان عشق ڪرڻ چاهيندي هوندي ۽ هاڻي شايد هوءَ ڪنهن ٻئي سان عشق ڪرڻ چاهيندي هوندي ۽ هاڻي شايد هو ڪنهن ٻئي سان عشق ڪندو بہ هوندو. اسان جيڪڏهن هڪ ٻيرو عشق ڪري ويهندا آهيون، هڪ ئي هنڌ جا محدود ٿي رهجي ويندا آهيون."

اهو الزام هو منهنجي مڙس جي اخلاق تي. مون ڪيس گهوري ڏٺو پر هو اصل نہ ترسيو. "اسان عشق ڪيو هو. عشق ۾ تيزي هوندي آهي، زيادتي هوندي آهي، گرمي هوندي آهي، هڪ باهہ هوندي آهي، جنهن جا اسان عشق ۾ رهي عادي ٿي ويندا آهيون ۽ اها باهہ شاديءَ ڪان پوءِ ٿڌي ٿي ويندي آهي.

اسان عشق ۾ رهي انهيءَ جي تيزي، زيادتي، گرمي ۽ باهه جا عادي ٿي ويندا آهيون ۽ شاديءَ کان پوءِ- جيڪڏهن شادي انهيءَ سان ٿي وڃي، جنهن سان اسان عشق ڪيو هجي- انهيءَ گرمي ۽ باهه جي گهٽتائي اسان کي شدت سان محسوس ٿيڻ لڳندي آهي. جيڪڏهن اسان عشق ڪنهن ٻئي سان ڪيو هجي ها ۽ شادي ڪنهن ٻئي سان ڪئي هجي ها ته اسان اجا تائين عشق جي باهه ۾ پچري رهيا هجون ها ۽ اسان کي اسان جي زندگيءَ ۾ ڪا کوٽ محسوس نه ٿيڻ لڳي ها."

ڏاڍي ٻوسات ۾ هوا جي ڪنهن هلڪي لهر وانگر مون کي سندس انهيءَ ڳالهه ۾ هلڪو سچ محسوس ٿيو. هاڻي پتو پيم ته مون کي سندس ڳالهين کان بي انتها نفرت ڇو ٿي رهي هئي. مون کي سندس هر هر عشق چوڻ خراب ٿي لڳو. هاڻي هو چئي رهيو هو: "عشق ۾ اسان انهيءَ فرد جي اهميت وڏيڪ سمجهندا آهيون، جنهن سان اسان عشق ڪندا آهيون ۽ انهي ئي فرد سان شادي ٿيڻ کان پوءِ اسان محسوس ڪرڻ لڳندا آهيون ته عشق ۾ انهيءَ فرد جي ڪا اهميت نه هئي. عشق ۾ اهميت فقط عشق جي هوندي آهي، فقط انهن احساسن جي هوندي آهي، جن سان اسان انهيءَ فرد کي محسوس ڪندا آهيون. اهميت فقط انهيءَ محسوس ڪرڻ جي هوندي آهي، جنهن سان اسان انهيءَ فرد کي محسوس ڪندا آهيون ۽ نه انهيءَ فرد کي جيڪو الف جي بدران ب هجي ته به ڪو فرق نه پوندو هجي، عشق ۾ رهي اسان انهيءَ فرد جا نه، پر انهيءَ جذبي جا عادي ٿي ويندا آهيون، جنهن سان اسان انهيءَ فرد کي چاهيندا آهيون."

هاڻي مون کي ڏانهس، سندس ڳالهين ڏانهن، وڌيڪ ڌيان ڏيڻو ٿي پيو. مان اهڙيون ڳالهيون، جيڪي هو چئي رهيو هو، ٻڌڻ جي عادي نه هيس. منهنجو ذهن ائين لوڏا کائي رهيو هو، ڄڻ منهنجي وس کان ٻاهر ٿيندو هجي. "شاديءَ کان پوءِ، اهو فرد اسان جي جذبات کي ايترو جهنجهوڙي نٿو سگهي جيترو شاديءَ کان اڳ، ڇو جو شاديءَ کان پوءِ اهو فرد اسان جي جذبات ۾ اهو انتشار پيدا نٿو ڪري سگهي، جيڪو شاديءَ کان اڳ هو پيدا ڪندو هو. جذبات جو ٺهراءُ ايندڙ بيرخيءَ جي علامت آهي، چاهت جي نه ۽ چاهت ٻي شيءِ آهي ۽ پيار ٻي شيءِ. چاهت ۾ ڊبيل درد ٿيندو آهي، چاهت ۾ ڊبيل حسرت ٿيندي آهي. منهنجي چاهت اها آهي، جنهن کي مون گهڻوئي چاهيو ۽ جيڪا مون کي حاصل نه ٿي سگهي ۽ منهنجو پيار اهو آهي، جيڪو منهنجو

آهي ۽ جيڪو پنهنجو آهي. تون ۽ مان ته عشق جي طوفان مان لنگهيا آهيون. عشق ذهن ۾ انتشار پيدا ڪندو آهي. هي اهو عمل آهي جيڪو تون ڪرڻ چاهين ۽ ڪندي ڊڄين، يا ڪندي خراب لڳي، يا توکي محسوس ٿئي ته ٺيڪ ناهي، يا تون محسوس ڪرين ته جيڪر نه ڪرين ته بهتر. اهو سڀڪجهه اهو آهي جيڪو عشق ۾ ٿيندو آهي- اهو انتشار آهي، اهو عشق آهي."

منهنجو ذهن ٻڏڻ لڳو. مون اهو نه چاتو هو. مون کي عشق جي مناس ياد هئي، عشق جي ڪڙاڻ آئون ڪڏهوڪو پلجي وئي هيس. منهنجو ذهن ٻڏڻ لڳو ۽ پوءِ بلڪل ٻڏي ويو. ۽ جڏهن وري مٿي اڀريو تڏهن هو چئي رهيو هو: "دنيا ڪان لڪي، ڪڏهن ڏاڪڻ پويان، ڪڏهن دروازي جي اوٽ ۾ ملڻ ۾ جيڪو مزو آهي، اهو ساديءَ ڪان پوءِ کُليو کُلايو ملڻ ۾ ناهي. گهر ڪجهه چئي، ٻئي ڪٿي وڃي، ڪنهن ڌارئي سان ملڻ ۾ جيڪو مزو آهي، اهو مزو انهيءَ ڌارئي سان شادي ڪرڻ ۾ ناهي."

نياڳو، جڻ منهنجي ماضيءَ ۾ ليئو پائي رهيو هجي، جڻ منهنجي آنڊن کي کوٽي رهيو هجي. نياڳي جڻ منهنجي دل پنهنجن هٿن ۾ قابو ڪري رکي هجي. مون پنهنجي ذهن کي زور سان سنڀاليو. "ماحول، ماحول ۾ فرق ٿئي ٿو. تنهنجو ۽ منهنجو ماحول هڪجهڙو آهي. ڌارئي سان ملڻ ٺيڪ نٿو سمجهيو وڃي، خراب سمجهيو ويندو آهي. فقط ڌارئي سان ملڻ جو خيال ئي اسان جي ذهن ۾ انتشار پيدا ڪري ڇڏي ٿو. هڪ قدم وڌيڪ اڳتي اها ڪيفيت پيدا ٿي ويندي آهي، جنهن کي اسان عشق چئون ٿا. عشق توکي تنهنجي مڙس سان نه هو. فقط انهيءَ ڪيفيت سان هو جنهن ۾ تون هئينءَ. مون کي پنهنجي زال سان عشق نه هو، پر انهيءَ ڪيفيت سان عشق هو، جنهن ۾ مان هئس. عشق انهيءَ ڪيفيت جو نالو آهي، جنهن ۾ تون ۽ تنهنجو مڙس هئا ۽ جنهن ۾ مان ۽ منهنجي زال هئاسين."

جڻ سوين ڪتا منهنجي دل تي وري ويا هجن، جڻ منهنجي دل ڪئين ڪتن جي ڇڪ ڇڪان ۾ اچي ويئي هجي، جڻ منهنجي دل پوٽي پوٽي ٿي رهي هجي. "شادي ۽ عشق ٻه جدا شيون آهن. عشق جي تسڪين جي لاءِ شادي ڪرڻ جو خيال حماقت آهي. شاديءَ سان عشق جي تسڪين نٿي ٿئي، شاديءَ سان عشق ۾ اڀار اچي ٿو. عشق هڪ عادت آهي جيڪا هڪ دفعو عشق ڪرڻ سان پئجي ويندي آهي، جيڪا هڪ دفعو عشق ۾ رهڻ سان ٿي پوندي آهي. اسان جي پهرين غلطي، اسان جو پهريون عشق آهي. عشق جي

لذت پوءِ اسان کي آرام سان جيئڻ نٿي ڏي. شاديءَ جي ڪري ڪو فرق نٿو پوي، چاهي شادي انهيءَ سان، جنهن سان عشق ڪجي، چو نہ ٿي وڃي، ۽ عشق کان پوءِ شاديءَ ۾ وڏو فرق آهي. عشق هڪ عادت آهي ۽ عشق کان پوءِ شادي ڏيکاءُ آهي. جيڪو هڪ ڀيرو عشق ڪندو، اهو ٻيو ڀيرو عشق ضرور ڪندو، ٽيون ڀيرو بہ ڪندو ۽ ڪندو ويندو جيستائين ڪيس قبر داخل نہ ڪيو وڃي."

۽ مون کي هڪدم ائين محسوس ٿيو ڄڻ منهنجي پيٽ ۾ ڪنهن ڏاڙهي جو ٻار هجي. هاڻي هو چئي رهيو هو: "توکي تنهنجي مڙس سان عشق نہ هو، توکي انهيءَ ڪيفيت سان عشق هو، جنهن ۾ تون هئينءَ ۽ اها ڪيفيت تو ۾ ڪوبہ ٻيو غير مرد بہ پيدا ڪري سگهيو ٿي. تنهنجي مڙس جو هئڻ ضروري نہ هو، غير مرد جو هئڻ ضروري هو ۽ اهو هڪ فقط اتفاق هو جو هو اهوئي هو، جيڪو اڄ تنهنجو مڙس آهي. مون کي منهنجي زال سان عشق نہ هو، عشق اها ڪيفيت هئي جنهن ۾ مان هئس ۽ اها ڪيفيت مون ۾ ڪابہ ٻي غير عورت پيدا ڪري سگهي ٿي. منهنجي زال جو هئڻ ضروري-نہ هو، غير عورت جو هئڻ ضروري هو ۽ اهو فقط اتفاق هو جو هوءَ اهائي آهي، جيڪا اڄ منهنجي زال آهي."

هاڻي اهو ٻار پيدا ٿي رهيو هو. مان ڏاڍي مشڪل سان پاڻ کي سنڀالي ويٺي هيس. "عشق ۽ پيار ۾ فرق آهي. تون ۽ مان عشق لاءِ تڙپون ٿا، پيار جي لاءِ نہ. اسان عشق جي جنون لاءِ تڙپون ٿا، پيار جي خلوص لاءِ نہ. هاڻي جلدي ئي تنهنجي ۽ منهنجي لاءِ فرد جي ڪا اهميت نہ رهندي ۽ اسان نئين فرد جي ڳولا ۾ ڀٽڪندا رهنداسين. اسان جي غلطي اسان جو پهريون عشق هئي. هڪ ڀيرو اسان عشق ڪيو، هڪ ڀيرو اسان عشق جو چشڪو چکيو، هاڻي اسان ٻيو عشق ڪنداسين، پوءِ ٽيون عشق ڪنداسين، ۽ اسان جو ڪوبہ عشق اسان جو آخري عشق نہ هوندو. هاڻي تون ۽ مان- ۽ تو ۽ مون جهڙا ڪئين ٻيا ماڻهو- قبر تائين نئين ڏاڙهي جا محتاج رهنداسين. مان انسان آهيان، ماڻهو آهيان ۽ مان ماڻهو کي چاڻان سڃاڻان ٿو. مان تنهنجي لاءِ ڏاڙهيو آهيان ۽ تون منهنجي لاءِ ڏاڙهي آهين. مان يقين نٿو ڪري سگهان تہ تون اهڙي طرح محسوس نٿي ڪرين، جهڙي طرح مان ڪريان ٿو. مون کي تنهنجي ضرورت آهي، مون کي تنهنجي دوستيءَ جي ضرورت آهي. مان يقين نٿو ڪري سگهان تہ توکي منهنجي ضرورت ناهي، مان يقين نٿو ڪري سگهان تہ توکي

منهنجي دوستيءَ جي ضرورت ناهي. انهيءَ ڪي اسان چاهت بہ چئون ٿا. مان توکي چاهيان ٿو ۽ مان يقين نٿو ڪري سگهان تہ تون مون کي نٿي چاهين.

پار پيدا ٿي چڪو هو ۽ مان پنهنجو پاڻ کي سنيالي چُڪي هيس. مون چيو: ”تو غلط سمجهيو آهي، توکي غلط فهمي ٿي هوندي. تون پليو آهين. مان پنهنجي مڙس کي چاهيان ٿي ۽ مان فقط پنهنجي مڙس کي چاهيان ٿي.“

هو منٽ کن ماٺ ۾ رهيو ۽ پوءِ وري چوڻ لڳو: ”تيَ سگهي ٿو تہ مان غلط هجان، ٿي سگهي ٿو تہ مون ڳالهہ سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي هجي، ٿي سگهي ٿو تہ منهنجو محسوس ڪرڻ ئي غلط هجي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ مان هميشہ غلط ڳالهہ غلط طريقي سان محسوس ڪندو رهيو هجان. سڀڪجهہ ٿي سگهي ٿو، پر مون کي يقين نٿو اچي تہ مان ايتري قدر غلط قسم جو ماڻهو بہ ٿي سگهان ٿو. مون کي يقين نٿو اچي تہ مان ايتري قدر غلط ماڻهو آهيان. مان توکي مجبور نٿو ڪري سگهان تہ تون مون کي چاهہ، نہ ڪٿي چاهہ، بيشڪ نہ چاهہ، پر جيڪڏهن منهنجي سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو طريقو صحيح آهي، تہ گهٽ ۾ گهٽ مون کي ايترو ٻڌائي ڇڏ تہ منهنجي سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو طريقو صحيح آهي. تون ڀلي ڪٿي مون سان پيار ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏ، بيشڪ ٺڏي ڇڏ مون کي، پر جيڪڏهن منهنجي سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو طريقو غلط ناهي تہ گهٽ ۾ گهٽ ايترو ٻڌائي ڇڏ تہ منهنجي سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو طريقو غلط ناهي.“

هاڻي مان، جيڪا ڏاڍي ڏيان ۽ ڏاڍي غور سان سندس هڪ هڪ ڳالهہ ٻڌي رهي هيس، هڪ غلطي ڪري ويٺيس. غلطي ٿي ويئي مون کان، مون ڄاڻي ٻجهي نہ ڪئي، پر اڻڄاڻائيءَ وچان، خبر ناهي ڪهڙيءَ ريت، مان چئي ويٺيس، ”تنهنجي سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو طريقو غلط ناهي.“ □□□

# مينوُ

(بنگالي)

## رابندرناٿ ٽئگور

مينوءَ جو پهريون پار، چمڻ کان ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ مري ويو ۽ ٻيو پار سال کن جو ٿيو تہ گذاري ويو. هوءَ اڃا جوان هئي. سندس آتما جو ڌرتيءَ سان ائين سنبنڌ هو جيئن اڻ پڪل ميوو ٽاريءَ سان چهنبيل هوندو آهي. ڪيس دنيا جي هر سائي شيءِ، جنهن ۾ جيون جي جوت هجي، ڏاڍي وڻندڙ لڳندي هئي. سندس گهر جي پويان هڪ ننڍو باغيچو هو، جنهن جي سارسنڀال مينوُ لهندي هئي. هوءَ وڻن، ٻوٽن ۽ گلن جي پرگهور هڪ ماءُ وانگر لهندي هئي. اصل مامتا اٿلي پوندي هئي. اڃا ولين مان واس اچڻ مس لڳو هو تہ ڪيس ڪلڪتي مان ماڻهو وٺڻ آيو.

ٻاڙي جا ڪتا ساٿس ڏاڍو هري مري ويا هئا. مينوُ بہ ڪين ڏاڍو پيائيندي هئي. منجهانئن ننڍي ۽ ويڪري نڪ وارو ڪُلر، جنهن کي 'ٻونٽا' سڏيندا هئا. سڀ کان وڌيڪ پيارو لڳندو هئس. مينو انهيءَ گلر لاءِ ڪنڌ ۾ پائڻ جي مالها ٺاهي رهي هئي ۽ اڃا اڌ مٿيا مس پُوتا هئائين تہ سندس مڙس ڪيس ڪلڪتي وٺي وڃڻ لاءِ اچي سهڙيو. گلر جي مالڪ مينوءَ کي گلر پاڻ سان وٺي وڃڻ لاءِ موڪل ڏيڻي چڏي، پر مينوءَ جي مڙس کي اها ڳالهہ نہ وڻي، چيائين تہ 'ڪتا مصيبت بنجي ويندا آهن.'

هڪ رات، مينوءَ کي، سندس نئين گهر ۾ صفا ننڊ نہ آئي. صبح جو ٻاک ڦٽڻ تائين هوءَ بستري تي پاسا ورائيندي رهي. ٿونٽين پر مٿي ٿي، دريءَ مان ٻاهر نهاريائين: چمپا جو ٻوٽو، سندس دريءَ جي اوچائيءَ تائين پهچي ويو هو. منجهس ڏاڍا گهڻا گل لڳا هئا. انهيءَ ڪري پريو ترپو ۽ جهنجهيل پئي لڳو. گلن جي پنل سڳند وٽس وڌي آئي هئي، جڻ پُڇي رهي هجي، 'مينؤ

پياري ڪيئن آهين؟‘

مينوءَ جي گهر کان ٻئي پرواري گهر جي وچ واري وچوٽيءَ ۾ چمپا جو ڏگهو ٻوٽو سج جي ڏسڻ کان ائين بيٺو هو جيئن ڪو گونگو ٻار پنهنجي ماءُ کي اُت ڳوليندو هجي ۽ هوءَ نه هجي ته مُنجهي ويهي رهي.

مينو گهٽو ڪري بستري مان دير سان اٿندي هئي. جڏهن هوءَ ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ دير سان اُٿي ۽ جان ڪٿي ٻوٽي ڏانهن ڏٺائين ته منجهس هڪ به گل نه هو. ’سيئي گل ڪيڏانهن ويا؟‘

پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي ٻوٽي جي سنڀال جي هدايت ڪيائين. پر ٻوٽي ۾ ڪيس وري گل ڏسڻ ۾ ڪين آيا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ڪيس حقيقت جي خبر پيئي ته صبح سان گلن سان ڪهڙي ويڌن ٿيندي هئي.

صبح جو هوءَ اجا اڌ ڪليل ڪنول جي گلن وانگر تڙي مس هئي ته هڪ پوڄاري برهمڻ کي هٿ ۾ ٿيلهي لوڏيندي، ٻوٽي تائين ايندي ڏٺو ۽ پوءِ ڪيس ڏاڍي بيدرديءَ سان ٻوٽي کي ڌونڌاڙيندي ڏٺائين. چڻ مسواڙ وصول ڪندڙ پنهنجي بقايا وصول ڪندو هجي.

مينوءَ نوڪرياڻيءَ کي چيو، ”جلد هيٺ وڃ ۽ انهيءَ شخص کي مون وٽ وٺي اچ.“

جڏهن برهمڻ وٽس آيو ته مينو پرڻام ڪندي چوڻ لڳي، ”مهاراج، اهي گل ڪنهن جي لاءِ پَٽيا اٿو؟“

برهمڻ ورائيو، ”ڀڳوان لاءِ “

مينوءَ پڇيو، ”پر اوهان کي خبر ناهي ته ڀڳوان اهي گل مون کي سوکڙي طور ڏنا آهن؟“

”توکي؟“

”ها مون کي. ڇا ڀڳوان هڪ ڀيرو ڏنل شيءِ واپس به وٺندو آهي؟“

برهمڻ کي اها ڳالهه نه آئڙي ۽ مانڙي ڪري هليو ويو.

ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن برهمڻ وري ٻوٽي کي ڌونڌاڙڻ شروع ڪيو ته مينوءَ جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو ۽ نوڪرياڻيءَ کي سڏي چيائين، ”مون کان هاڻي اهو ڏٺو نٿو ٿئي. هن کان پوءِ مان هن ڪمري ۾ نه سمهنديس.“

هاڻي مينوءَ جو بسترو ٻئي ڪمري ۾ هو. سندس دري چوڏريءَ جي بنگلي سامهون کُلي ٿي. هڪ ڏينهن پنهنجي مڙس کي چيائين، ”هوڏانهن

ڏس، ڪيڏو نہ سهڻو ٻار آهي! ٿوري دير لاءِ هنج ۾ کڻڻ لاءِ وٺي ڏيو."

مڙس ورائيو، "اهي وڏا ماڻهو آهن. اهي پنهنجي ٻار کي هڪ ڪلارڪ جي گهر ۾ وٺي وڃڻ جي ڪٿي اجازت ڏيندا؟"

مينؤ چيو، "اها تہ بي عقلي آهي. جيستائين ٻار جو واسطو آهي تہ انهيءَ ۾ ملڪيت سان ڪهڙو فرق پوندو؟ ٻار لاءِ ماءُ جي هنج، شاهيءَ تخت مثل هوندي آهي."

مڙس ٻاهر ويو ۽ جلدي موٽي آيو ۽ چيائين، "اهي تہ مون کي ڏسڻ بہ پسند نٿا ڪن."

ٻئي ڏينهن مينؤ پنهنجي نوڪرياڻي کي سڏي چيو: "ڏس، هو ٻار باغيچي ۾ اڪيلو پيو کيڏي. تون ڊوڙي وڃي هيءَ ٽافي کيس ڏيئي اچ."

شام جو سندس مڙس لٿل منهن سان وٽس آيو. "هي تہ اسان تي سخت ناراض ٿي پيا آهن."

"ڇا جي لاءِ؟"

هنن اسان کي هدايت ڪئي آهي تہ جيڪڏهن اسان جي نوڪرياڻي ٻيهر سندن باغيچي ۾ ويئي تہ اهي پوليس کي اطلاع ڪندا."

مينؤ جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. "مون کي خبر آهي... مون کي خبر آهي،" هن سڏڪندي چيو. "مون ڪين ٻار جي هٿ مان ٽافي ڪسيندي ڏٺو هو. هنن کيس چماٽ بہ هڻي ڪڍي. مان هتي وڌيڪ نٿي رهي سگهان... مان هتي مري وينديس. مون کي هتان پري وٺي هلو." ـــ

# تلونوُما

(بنگالي)

## بَن قوُل

انسان جي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهڙا ڊرامائي پَل ايندا آهن، جو اسان جا سڀ اندازا، سڀ عمل جا طريقا ڪن جو ڪن ۾ بدلجي ويندا آهن. اتر ڏانهن وهندڙ ندي هڪدم پنهنجو رخ ڏکڻ ڏانهن ڪري ڇڏيندي آهي، برف پوش جبل ڪِري پوندا آهن ۽ انهي جاءِ تي وسيع غار ٺهي پوندي آهي. عام ماڻهن جي زندگيءَ ۾ اهڙا حادثا پيش ايندا رهندا آهن، انهيءَ قسم جي تجربن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ انسان ڪي نہ هيرو بنجڻ جي ضرورت ٿيندي آهي ۽ نہ بدنام.

ناڪل نندي بہ هڪ عام قسم جو سادو ماڻهو هو ۽ اهڙوئي سندس پٽ گوڪل پڻ. ڪاليج مان گريجوئيٽ ٿيڻ کان پوءِ پين وانگر گوڪل بہ پنهنجو وقت تاش کيڏڻ، اسٽيج تي ڊرامن ۾ شوقيہ حصو وٺڻ، سياست ۽ ادب تي بحث ڪرڻ... مطلب تہ اهڙي نموني جي ڪمن ۾ بسر ڪندو هو. گوڪل لاءِ ڪافي گهرن مان سنگ جون آڇون آيون، جيئن هر نوجوان لاءِ ايندڙيون آهن. شاديءَ جي مارڪيٽ ۾ ڪيس هڪ قيمتي ۽ نفعي بخش آسامي سمجهيو ويو ٿي، ڇو نہ سمجهيو وڃي، شهر ۾ هڪ تہ ماڙ عمارت هئس، پڻس جو وياج جو ڏنڌو زور هو ۽ ماڻس طرفان خاندان ۾ جائداد ۽ زمين مليل هئس. زندگي بسر ڪرڻ لاءِ ڪيس نوڪريءَ جي ڪاڻ ڪانہ هئي. ڪيس جيڪي وسيلا هئا، تن جي سهاري هو سڄي عمر آرام ۽ اطمينان سان اسٽيج جي خدمت ڪري سگهيو ٿي ۽ جيڪڏهن چاهي ها تہ رضيہ جي دل ۾ هوُ شهرت جي آسمان جو چمڪندڙ تارو بنجي سگهيو ٿي.

آڇون ايندڙيون رهيون. ناڪل نندي زماني جو ماڻهو هو. جنم پٽري، خاندان، صورت، شڪل ۽ ڏاج جهڙي مسئلن تي ڪافي سوچ ويچار ڪرڻ

ڪان پوءِ ڪيس هڪ ڇوڪري پسند آئي. ڪيس سڏيندا هئا تيلوُ، پر سندس نالو هئو تِلوتُوما. نندي بابو جيئن تہ پراڻي وضع جو ماڻهو هو، انهيءَ ڪري هن ضروري نہ سمجهيو تہ شاديءَ کان اڳ پٽ کي سندس ٿيندڙ ڪنوار جو چهرو ڏيکارجي. اهو فرض هن پاڻ انجام ڏنو ۽ ڇوڪريءَ کي پنهنجي پٽ لاءِ پسند ڪيائين. گوڪل کي تہ ڇوڪريءَ جي نالي ئي جادوُ ڪري ڇڏيو. شاعرانہ فرضي ڪهاڻيءَ جي فردوسي تلوتوما، انهيءَ حسينا جي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ نہ هئي، جيڪا گوڪل جي تصوراتي دنيا تي ڇانئيل هئي.

پر جڏهن هن انهيءَ خيالي تصوير جي اصلي نقش کي پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ سندس دل سسي وئي... هي آهي تلوتوما! قد جي بندري ۽ ٿلهي، شڪل جي ڪاري ۽ بي ڊولي، اکيون نندڙيون، جيڪي ڪنهن اچاتل خوف کان ڊنل نظر ٿي آيون... شنک جي مسلسل گونج، عورتن جي چيخ و پڪار ۽ برتنن جي ڪڙڪي ۾ گوڪل انهيءَ ڇوڪري کي پنهنجي ڪنوار بنائي گهر وٺي آيو... جو ٻيو ڪو چارو ڪونہ هو. پر سندس حوصلو ختم ٿي چڪو هو.

ناڪل نندي‌ءَ کي بہ گهٽ دک ڪونہ ٿيو هو. ڪيس بہ خبر پئجي وئي تہ ڇوڪريءَ جو پيءُ انجام جو پڪو ۽ ايماندار نہ هو، جيئن هن سمجهيو هو جو هن پنهنجا ڪيل وعدا بہ پورا نہ ڪيا. ڏاج جي رقم ادا ڪندي هن پنج سؤ رپيا گهٽ ڏنا ۽ عُذر ڏنائين تہ ڪنهن سبب ڪري هوُ پوري رقم ادا ڪري نہ سگهيو آهي، جيڪا بعد ۾ ادا ڪندو. گهوٽ ڪنوار کي هُن جيڪي ڪجهہ ڏنو هو، سو بہ سستو ۽ پراڻو ڏنو هئائين. ڪنوار جي سرخ ساڙهي جو رنگ بہ ڪافي جهڪو پئجي چڪو هو. وعدي مطابق گهڙي ڏسڻ ۾ ئي ڪانہ آئي، شايد ڪلڪتي آرڊر موڪليو هئائين، پر وقت تي پهچي نہ سگهي هئي. ڪنهن کي خبر تہ سون جي منڊي بہ ڏنائين يا نہ. ڏسڻ ۾ تہ ٽامي جي آئي ٿي... تہ ڇا هڪ فريبي ۽ مڪار سان هٿ مهٽيندي ۽ مٿو ڌوڻيندي سڀ شرط قبول ڪيا هئائين... البت اها ڳالهہ ضرور هئي تہ ناڪل نندي جي گهرَ ڪجهہ وِڏيڪ هئي، پر اهو بہ تہ سچ آهي تہ جيڪڏهن ڪيس هڪ وڏي رقم جي پيشڪش نہ ڪئي وڃي ها تہ هو هن ٿلهي ۽ ڪاري بدشڪل ڇوڪريءَ کي پنهنجي پٽ جي ڪنوار ڪري آڻڻ تي تيار ئي ڇو ٿئي ها. هر شيءِ جي پنهنجي مناسب قيمت مقرر آهي. عجيب گڙٻڙ ٿي وئي... ڪنهن کي خبر هئي تہ اهڙو خوش اخلاق ۽ مهذب ماڻهو بہ بي ايمانيءَ تي

سندرو ٻڌي ٻيهندو.

نندي بابوءَ کي خاطري هئي ته گهر ۾ ٻائيتال متو پيو هوندو. گوڪل جي ماءُ سڄي گهر کي آسمان تي کڻي ڏنو هو ۽ هوءَ چئي رهي هئي ته "گوڪل پيءُ جي ته مت مارجي وئي آهي، ڪير اهڙي ڇوڪريءَ کي پنهنجي گهر ۾ ڪنوار ڪري آڻيندو؟ ڪيڏي نه بي عزتيءَ جي ڳالهه آهي."

نندي بابوءَ ڳالهه جو رخ مٽائڻ خاطر ڪوڙ ڪان ڪمڻ ونندي چيو، "اڙي ته مون کي ڇوڪريءَ کي ڏٺو به هو ڇا؟ هن جو ته رنگ صاف ۽ نڪ نقشو به خوبصورت هو. قد جي به نيڪ هئي ۽ مٿي جا وار به ڪارا ۽ گهاٽا هئس، پر سندس پيءُ فريبي ۽ مڪار نڪتو. مان به گوڪل جي ٻي شادي نه ڪرايان ته منهنجو نالو به نندي ناهي." ٻي شاديءَ جو جيتري قدر تعلق هو، سيئي هم خيال هئا ۽ گوڪل به رضامند.

تلوتوما ۾ هڪ ڳالهه ضرور هئي، جنهن کي گوڪل به ڪجهه ڏينهن ۾ ئي ڄاڻي ويو هو ته هو طبيعت جي تمام نيڪ هئي. نيڪي سندس چهري تي نقش ٿيل هئي ۽ هوءَ ڪافي شرميلي هئي. ڪيس جيترو گوڪل ويجهو ويندو هو، ڪيس اوترئي ئي حيرت ٿيندي هئي. هن تي يا سندس پيءُ کي ڌڪاريندا هئا، ويڻ ڪڍندا هئا، پر هن ڪڏهن به برو نه ڄاتيو. برسات جي رم جهم ۽ صبح جي سج اُڀرڻ ۾ ڪيس ڪابه تعجب واري ڳالهه نظر نه اِيندي هئي. شادي جي معاملي ۾ جيڪا گڙٻڙ ٿي، انهيءَ سان ڀلا هن جي ذهن جو توازن ڇو بگڙي؟ اهو زماني جي دستور مطابق هڪ معمولي واقعو هو. اهڙين ڳالهين جو ٿيڻ ته زندگيءَ جي معمول ۾ شامل آهي.

ناڪل نندي جي باري ۾ جيڪا ڪوڙي ڳالهه مشهور هئي، انهيءَ جي خلاف هوءَ جيڪڏهن چاهي ها ته سخت احتجاج ڪري سگهي ٿي، پر هن ائين نه ڪيو ۽ هوءَ مصلحتاً خاموش رهي. هوءَ انهي تي ئي خوش هئي ته گوڪل سندس مڙس آهي. سائنس احتجاج ڪرڻ يا تهمت طرازين جي جواب ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ هوءَ چڱي ريت سمجهي ٿي ته سندس زندگيءَ جي اها مسرت محض قسمت سان سندس حصي ۾ آئي آهي، جيڪا سندس لاءِ جنت کان گهٽ نه هئي. هن چڱي ريت ڄاتو ٿي ته هوءَ گوڪل جي لائق نه هئي ۽ گوڪل تي سندس ڪوبه اڌيڪار نه هو، انهيءَ ڪري لڙائي جهيڙي سان پنهنجيءَ خوشيءَ کي وڃائڻ نٿي چاهيائين.

"مون کي ٻي شادي ڪرڻي ئي پوندي،" گوڪل هڪ ڏينهن چيو.

تيلو چپ هئي.
”جواب ڇو نٿي ڏين؟“
”هندو گهراڻن ۾ ائين ٿيڻ ڪا عجيب ڳالهه ڪانهي.“
”توکي افسوس ته نه ٿيندو؟“
”مون کي؟... نه“ هڪ ڪن لاءِ چپ ٿي ۽ وري چيائين ”۽ جيڪڏهن افسوس ٿيو ته مان برداشت ڪري وٺنديس. بشرطيڪ توهان خوش رهو.“
گوڪل سمجهيو ته شايد ڪيس اها ڳالهه ڏکي لڳي آهي...
ائين ئي هڪ سال گذري ويو.

تيلو ۾ جيڪڏهن گوڪل لاءِ ڪا جاذبيت يا ڪشش هئي ته انهيءَ کي ختم ٿيڻ ۾ هڪ سال جي مدت ڪافي هئي. تيلو اڻپڙهيل ۽ جاهل هئي. موسيقيءَ کان ناواقف ۽ مهذب طور طريقن کان ناآشنا هئي. وٽس نه جسماني حسن هو ۽ نه هنر جو ڪمال. منجهس گڻ هو ته فقط اهو هو ته هوءَ هڪ وڳي جيئن ڪم ڪار پورو ڪندي هئي ته گهر جا برتن ۽ ڪپڙا صاف ڪري ۽ ڌوئي وٺندي هئي. سندس سس ڪيس رڌڻي ۾ قدم رکڻ نه ڏيندي هئي، انهيءَ ڪري سندس سڄو وقت ٻاهر نندي وڏي ڪم ۾ صرف ٿيندو هو ۽ سڄو ڏينهن ائين گذري ويندو هو. آسمان تي چنڊ ابري يا وڻن تي ڪانوَ اچي ويهن، ڪيس اها ڳالهه ڪڏهن سمجهه ۾ نه آئي ته اهي ڳالهيون به انسان کي نظارن جي دعوت ڏيئي سگهن ٿيون.

گوڪل تخيل پرست هو. شاعرانه طبيعت هئس. اسٽيج سان به محبت هئس... سندس دل تي هر وقت مايوسيءَ جو هڪ بار رهڻ لڳو. نيٺ سندس همٿ جواب ڏئي ڇڏيو. هو هڪ اهڙيءَ عورت سان، جيڪا زال کان وڌيڪ نوڪرياڻي هئي، ڪيتري وقت تائين نباهه ڪري سگهيو ٿي.

ناڪل نندي جيتوڻيڪ اڃا تائين پنهنجي نئين سيڻ سان ناراض هو، پر اڃا تائين ٻي شاديءَ جو ذڪر نه ڇوريو هئائين. گوڪل پنهنجي ٻي شاديءَ متعلق ڳالهه ڇورڻ جي ڪڏهن همٿ به نه ڪئي... هڪ ڏينهن مٿس قدرت مهربان ٿي.

ڊرامو ’چندرگپت‘ اسٽيج ڪيو پئي ويو. سيليوڪس ۽ انٽي گونوس جي ڪردارن لاءِ اداڪارن کي چونڊيو ويو هو، پر انهن جا مخصوص ڪپڙا موجود نه هئا، جن لاءِ گوڪل کي ڪلڪتي وڃڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. هو

ريلوي اسٽيشن تي ٽڪيٽ خريد ڪري رهيو هو تہ سندس نظر هڪ پوڙهي عورت تي پيئي، جيڪا مسافرن جي پيڙ ۾ پريشان ۽ گهبرايل نظر ٿي آئي. مسافرن جي ڳپاڪيهہ ۾ هڪ ئي وقت سامان سنڀالڻ ۽ ٽڪيٽ خريدڻ سندس وس کان ٻاهر هو. گوڪل انهيءَ عورت ڏانهن مدد لاءِ وڌيو ۽ کيس ٽڪيٽ وٺي ڏنائين. هُوءَ بہ ڪلڪتي وڃي رهي هئي. سفر ۾ سائنس گڏ ڪوبہ ڪونہ هو. ٻنهي کي هڪ ئي سيٽ تي جاءِ ملي ويئي. گوڪل عورت جي ليٽڻ لاءِ ٿوري جڳهہ پيدا ڪري ورتي، جيتوڻيڪ سوڙهہ سبب کيس ڪافي تڪليف برداشت ڪرڻي پيئي ۽ انهيءَ جڳهہ لاءِ کيس هڪ ٻئي مسافر سان بہ چڱي هجت ڪرڻي پيئي. اجنبي عورت اهو ڏسي ڏاڍي خوش ٿي ۽ سندس ٿورا مڃيا.

آهستي آهستي جڏهن گاڏو خالي ٿي ويو تہ اُنهي عورت پنهنجي ٿيلهيءَ مان پان ڪڍيو ۽ اُهو ئاهي کيس پيش ڪيو ۽ هڪ پان پنهنجي منهن ۾ وجهي، قوام جي چمڪندڙ چانديءَ جي دٻي ڪڍي گوڪل ڏانهن وڌايائين. گوڪل پان سان گڏ قوام کائڻ جو عادي نہ هو، انهيءَ ڪري وٺڻ کان انڪار ڪيائين. عورت چپن تي مسڪراهٽ آڻي پان وات ۾ وجهندي چوڻ لڳي، ”سڀ عادتون ترڪ ڪري ڇڏيم، بس باقي هيءَ ئي رهي آهي، جيڪا نٿي ڇٽي.“ هن ڪنڌ دريءَ کان ٻاهر ڪڍي ٿڪ جي پچڪاري اُڇلي.

ٻنهي ۾ دوستاڻي بي تڪلفي پيدا ٿي چڪي هئي ۽ گفتگوءَ جو هڪ ڊگهو سلسلو شروع ٿي ويو. اجنبي عورت گوڪل کي پنهنجي سڄي زندگيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي ۽ گوڪل بہ کيس پنهنجو همراز بڻائي ڇڏيو. ڪانئس ڪابہ ڳالهہ لڪائي نہ سگهيو. سندن پسند هڪ هئي، مزاج هڪ هو، ”تہ تون ٻي شادي ڪرڻ چاهين ٿو؟“ گوڪل پنهنجو داستان ختم ڪيو تہ عورت ڪانئس پڇيو، ”ڪا ڇوڪريءَ نظر ۾ آهي؟“

”نہ، اڃا تائين تہ ڪانهي.“

عورت هڪ ٻيو پان ئاهي وات ۾ وڌو.

”توکان ڇا لڪايان پٽ! منهنجي بہ هڪ ڌيءَ آهي. هن جي ڄمندي ئي آئون بيواهہ ٿي ويس. ڪافي عرصي کان پسند جو ڇوڪرو ڳولي رهي آهيان... تو ۾ منهنجي پسند جي جهلڪ نظر اچي ٿي... منهنجي ڌيءَ بہ گڻن ۽ سُشيل آهي... جيڪڏهن زبان ڏئين تہ...“

گوڪل کي خواب خيال ۾ به نه هو ته گفتگو اوچتو اهو رخ اختيار ڪري وٺندي. سندس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ڪهڙو جواب ڏي.

"اوشا کي ڀيرين توُن ڏسجان ڪٿي. ها، پسند اچيئي ته پوءِ..." اجنبي عورت گفتگو جو سلسلو جاري رکيو. سندس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڪهڙو جواب ڏي.

"پر مان ته شادي شده آهيان... منهنجي زال موجود آهي،" گوڪل جيئن تيئن ڪري جملو پورو ڪيو، "انهيءَ ڳالهه تي توهان جي ڌيءَ کي اعتراض به ٿي سگهي ٿو."

"اوشا... منهنجي پسند تي اعتراض ڪري... هوءَ اهڙي ڇوڪري ناهي. مون ڪيس اعليٰ تعليم ۽ موسيقيءَ جي تربيت ضرور ڏني آهي، پر ٻين ماڊرن ڇوڪرين وانگر ڪيس نافرماني ڪرڻ نه سيکاري اٿم... تنهنجي زال موجود آهي ته ڇا ٿيو... جڏهن تو ٻي شادي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪري ورتو آهي ته يقيناً تون ڪيس ڇڏڻ جو به خيال ڪري سگهين ٿو... ڇا ائين نه آهي؟"

۽ اهو سچ هو.

"ته پوءِ هن جي هئڻ يا نه هئڻ سان ڪهڙو ٿو فرق پوي؟ ها، ته پوءِ ڇا ٿو چوين؟"

اوشا ۽ سندس نالي ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق هو. هن ۾ صبح جو گداز ۽ سنتوش نه هو، هو ٻيپهريءَ جي سج وانگر منور هئي. سندس سونهن ۾ آفتاب جي ڪرڻن جو نور هو... سونهري ۽ حيا جو نور. سندس اکين ۾ چمڪ هئي ۽ مسڪراهٽ ۾ اصليت. سندس هلڻي، ڪنهن کي گفتگوءَ جو انداز، ڏسڻ جي نگاهه ۽ سندس عارض ۾ نظرن کي ڪيري ڪرڻ وارو تجلو هو. گوڪل اهڙي خوبصورتيءَ سان ستار وڄائيندي نه ڏٺي هئي.

گوڪل هڪ دفعو ٻاڻ وڃائي ويٺو.

هڪ منٽ اندر سڀ ڪجهه طئه ٿي ويو. اوشا جي ماءُ اوشا کي گوڪل جي ڳوٺ وٺي آئي. هن گوڪل جي گهر جي ويجهو ئي جاءِ مسواڙ تي ورتي ۽ گوڪل جي والدين سان شادي جي ڳالهه ٻولهه ڇوريائين. اوشا کي ڏسندي ئي گوڪل جي ماءُ خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نٿي ماپي. نندي بابو جڏهن ڏاج جي رقم ٻڌي ته پکهرجي پيو. شاديءَ جون رسمون پوريون ٿينديئي ئي ڏهه هزار رپيا روڪ، زيور ۽ ٻي جائداد ملڻ واري هئي. ماڻهن جو خيال هو ته

اوشا جي ماءُ بدنام ٿي هتي آئي آهي ۽ ڪيس پنهنجي ڌيءُ لاءِ ڪنهن چوڪري ملڻ جي بہ اميد نہ هئي، پر انهيءَ ڪري نندي بابو پنهنجو فيصلو نہ بدلايو. اوشا طرفان هڪ شرط پيش ڪيو ويو هو تہ شاديءَ کان پوءِ تلوتوما کي پنهنجي پيڪي موڪليو ويندو. انهيءَ شرط کي سيني قبول ڪيو.

رات ڪافي گذري چڪي هئي.

گوڪل اڪيلو بستري تي ليٽيو پيو هو، ڪيس ننڊ نٿي آئي. صبح جو اوشا جي ماءُ ڪيس رسم مُوجب آشيرواد ڏيندي. تلوتوما وٽس اچا ڪانہ آئي هئي... چو؟ تلوتوما جي اکين اڳيان سيڪجھہ ٿي رهيو هو، پر سندس زبان مان ڪو لفظ بہ ڪونہ نڪتو هو. سندس راضپو پڇڻ منهنجو فرض هو- گوڪل ائين سوچي بستري تي پاسا ورائيندو رهيو. تلوتوما عموماً گهر جو سڄو ڪم ختم ڪرڻ کان پوءِ رات جو دير سان بستري تي سمهڻ ايندي هئي ۽ صبح سوير اٿي ويندي هئي. ساڻس اڪيلائيءَ ۾ ملڻ مشڪل هو. ويهن پنجويهن ڏينهن کان گوڪل ساڻس ڳالهايو بہ نہ هو. هي جيڪي نوان انتظام ٿي رهيا هئا، تن بابت ساڻس ڪابہ ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ٿي هئي. گوڪل سوچيو تہ تيلو سان هن معاملي ۾ ڳالهہ ٻولهہ ضرور ڪرڻ گهرجي ۽ هو بستري تي ليٽي تلوتوما جو انتظار ڪرڻ لڳو.

گوڪل جي اوچتو اک کلي، هن ڏٺو تہ تلوتوما چپ چاپ اُٿي بستري تان لهي وڃي رهي هئي. اُن وقت پرهہ ڦٽي هئي.

"اڙي ٻڌ تہ سهي!"

"جي...!"

"توکي سُڌ آهي، مون کي اڄ آشيرواد ملندي؟"

"جي!"

"توکي ڪو اعتراض تہ ناهي؟"

"نہ..."

"تو اهو بہ ٻڌو هوندو تہ هنن ماڻهن جي زور تي شاديءَ کان پوءِ توکي پنهنجي پيڪن وڃڻو پوندو."

"ها مون ٻڌو آهي... نيڪ آهي، مان هلي وينديس. اوهان ڪڏهن ڪڏهن مون وٽ ملڻ ايندا ڪجو. انهيءَ ۾ مان پنهنجي خوشنصيبي سمجهنديس... چڱو مان وڃان ٿي، مون کي ڪافي ڪم ڪرڻو پيو آهي."

گوڪل ڪافي دير تائين سوچيندو رهيو ۽ پوءِ اُٿي وينو. بستري تان

هيٺ لهي ڪجهه دير لاءِ دريءَ پرسان بيهي رهيو. دريءَ مان ڏٺائين ته تلوتوما اوڪڙون ويهي برتنن جو ڍڳ ڌوئي رهي هئي.

اوشا جي ماءُ سمورو سامان ڪٿي اچي پهتي. هُن وڏي پيماني تي انتظام ڪيو هو. هن مشڪنديءَ ٻڌايو. "اوشا سڄي رات ويهي پنهنجي هٿن سان گلن جو هار ٺاهيو آهي."

گوڪل سنان ڪيو. غاليچو وڇايل هو. سندس ڳچيءَ ۾ هار پئجي چڪو هو ۽ هو غاليچي تي ويهڻ لاءِ وڃي رهيو هو... اينتري ۾ سندس ماءُ جو آواز آيو: "شنک ڪير وڄائيندو؟ منهنجي زبان ٿڪجي پيئي آهي ۽ ان ۾ ڇالا پئجي ويا آهن. ڪٿي آهي هوءَ ڇوڪري؟ اٿي هيڏانهن ته اچ، هي شنک ته وڄاءِ!"

تلوتوما اڳتي وڌي ۽ شنک وٺي دروازي تي بيهي وڄائڻ لڳي.

شنک جي ڀرين گنڀير گونج سان گڏ جڻ گوڪل جي روح ۾ ڪاتي ڪيي ويئي هجي. ائين محسوس ڪيائين جڻ مٿس اوچتو وڄ ڪري پيئي هجي.

"معاف ڪجو." هن چيو. "مون کان ائين ٿي نه سگهندو."

هن پنهنجي ڳچيءَ مان هار لاهي گل گل ڪري ڇڏيو ۽ تيز تيز قدمن سان گهر کان ٻاهر نڪري ويو. ◻◻◻

# ڪارو پاڻي

(بنگالي)

## علاؤالدين الآزاد

هو جتي رهندو آهي، اتي نڪا ندي آهي ۽ نه نئن... پر ٻنين ۽ وسنديءَ کان ٽي ميل ڪن پريان تمام وڏو سمنڊ پکڙيل آهي. نه نه، سمنڊ نه، پر درياءُ آهي... ڳوٺاڻي ٻوليءَ ۾ درياءُ چوڻ ٺيڪ ٿيندو.

درياءُ ڪجهه پريرو آهي، پر ٽن ميلن جو پنڌ به ڪو پنڌ آهي! ننڍپڻ ۾ لڪي، اک بچائي، پنهنجن سنگتين سان گڏ هو درياءَ جي ارڏين ۽ سرڪش لهرن ۾ ٽپي پوندو هو. ڪيڏا نه خوشيءَ وارا ڏينهن هئا اُهي. هيٺئين ڌڙ کي ريتيءَ سان ڍڪڻ ۾ ڪيس بي انت مزو محسوس ايندو هو. خاص ڪري نرم گرم وارن ۾ عجيب ڪتڪتائي ڪيس فرحت جو احساس ڏياريندي هئي ۽ پوءِ... ڳاڙهن گلن جهڙا ڳاڙها مينهن وساوڙا، پر جيئرا... کين ڇيڙيندو هو ته اهي ڪيئن ڀڄندا هئا ۽ پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڪيئن ٻرن ۾ لڪڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. اهي چالاڪ ضرور هوندا هئا، پر جهلجي به پوندا هئا. هو به ڪافي مينهن وساوڙا پڪڙيندو هو پر ٿوري دير ساڻن کيڏڻ کان پوءِ کين ڇڏي به ڏيندو هو.

اهڙيءَ ريت هو پاڻ وندرائيندو ته هو پر ڪيس دلي خوشي حاصل نه ٿيندي هئي. سندس روح کي جنهن شيءِ مان سڀ کان وڌيڪ خوشي حاصل ٿيندي هئي، اهو هو وسيع، نظر جي حد کان به پري، بي انت ۽ اٿاهه سمنڊ. هو پنهنجين نگاهن سان سمنڊ جي حد کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو هو ۽ دير تائين سمنڊ جي اونهاين ۾ نظرن سان غوطا لڳائيندو هو. سندس اکيون اتي اٽڪيل هونديون هيون، جتي زمين ۽ آسمان گلي ملي ڪجهه ڳجهاندڙ ڳالهيون ڪندا رهندا آهن، جتي سندور جي تلڪ جهڙو سج لڪي ويندو آهي، جتي جهازن جا ڪوها ظاهر ٿيندا آهن ۽ گم ٿي ويندا آهن. سمنڊ جي هُن پار

نوان نوان ديس، نوان نوان ماڻهو رهندا آهن... عجيب و غريب مهاندا ۽ پوشاڪون ۽ سڀ ڪان وڌيڪ عجيب سندن ٻوليون. سندس دل ۾ انهن پرڏيهن کي ڏسڻ جي خواهش گهڻو ڪري ڪر موڙي اٿندي هئي. ڪڏهن اٿين به ٿيندو هو جو سپني ۾ سمنڊ پار پرڏيهن جو سير ڪري گهبرائجي اٿي ويهندو هو.

ڪجهه وڏو ٿيو ته ٻڌائين ته اجا هو ڇائو به نه هو ته هڪ ڏينهن پڻس سندس ماءُ سان وڙهي گهر ڇڏي هليو ويو هو ۽ وري نه موٽيو. پوءِ پورن ٽن ورهين ڪان پوءِ دور ديس ڪان، لنڊن مان يا اهڙي ئي ڪنهن وڏي شهر مان، هُن سندس ماءُ کي خط لکيو هو، جنهن ۾ اتي ئي ڪنهن مير صاحب سان شادي ڪرڻ ۽ سندس ماءُ کي طلاق ڏيڻ جي ڳالهه لکي هئائين.

"چڱو ڪيائينس." اُس ۾ ڪرناقليءَ جي ڪناري سان هلندي هلندي ياسين وقلڻ لڳو: "اهڙي ملڪ ۾ رهڻ مان ڪهڙو فائدو، جتي انسان جانور بنجي وڃي."

ها، سيپئي جانور ئي ته آهن. انسان هجن ها ته ڪٿي نه ڪٿي هو محبت جا به ٻول ٻڌي ته ها... همدردي، پيار، خلوص جو پاڇو ڪيس نظر ته اچي ها.

طلاق نامو ملڻ ڪان پوءِ، ماڻس، سندس چاچي سان نڪاح ڪيو ۽ هاڻي ڪيس ڇهه ٻار به ٿي چڪا آهن، جهڙوڪر ڪارن مينهن وساوڙن جو ولر. انهن ڇهن ڪان سواءِ سندس ٿي ياءُ ڀيڻ آهن. پڻس جي ڇڏيل نالي ماتر زمين مان ڀلا ڪيترو اناج پيدا ٿيندو؟ سندس پيٽ به نٿي ڀريو. ۽ پوءِ ڪڏهن ڪاري پاڻيءَ جي اٿل، طوفان، تيز هوائون، برسات... انهن مصيبتن ڪان ڇوٽڪارو ڪٿي ٿي مليو؟ پٿريلي زمين ۾ هر ڏيئي ٻج پوکڻ ۽ صبح ڪان شام تائين پگهر ۾ شل ٿي ڪم ڪرڻ... ڪو ياسين جي دل ڪان پڇي. هڪ ڏينهن جي ساهي به نه، هڪ پل آرام به نه، انهيءَ هوندي به چاچس جا منڙا ٻول ٻڌڻا پوندا هئس: "حرامزادو، نڪمو، سست پيٽسان. ويهي ويهي کائيندي لڄ به نٿي اچيس. وڃي ڪٿي پنهنجو ڏنڌو ڳول، نه ته تر منهنجي اکين ڪان."

چاچس جي زال يعني ماڻس جون ڳالهيون ٻاڻ سهڻ ڪان ٻاهر هونديون هيون. سندس دل جو سور تيل وانگر هو، جو وهندو رهندو هو. "ياسين پٽ، ڪٿي نوڪري ٻوڪري ڇو نٿو ڳولين؟ هن ريت توکي واندو ويٺل ڏسان ٿي

تہ منھنجو اندر ٺو پچري."

ياسين دل ئي دل ۾ ڪڙھندو پچندو ھو ۽ وقلندو ھو: 'تنھنڪري ئي ڪيس زبان کولڻ جي ھمٿ ٿي آھي، نہ تہ....'

ياسين انھن ماڻھن جي دل جون ڳالھيون خوب سمجھندو ھو، جيڪي پنھنجو مطلب ڪڍڻ چاھيندا ھئا. سندن مرضي ھئي تہ ھو وٽن ئي رھيو پيو ھجي، پگھر پورھيو ڪري پيسا ڪين ڏيندو رھي ۽ پوءِ صبح شام سندن چڙٻون بہ پيو سھي. پر ھن سندن غلام بنجي رھڻ نٿي گھريو ۽ جيئيءَ ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙ ڊڪ شروع ڪري ڏنائين. ھن جھاز ۾ نوڪري وسيلي ڏورانھن ديسن جو سير ڪرڻ چاھيو ٿي. اٿندي ويھندي ھو اھي ئي سپنا ڏسندو رھندو ھو.

ھڪ ڏينھن، ھوٽل ۾، جنھن ۾ ھو ھميشہ ماني کائيندو ھو، سندس ڏيٺ ھڪ 'منشيءَ' سان ٿي ويئي- مٿي ۾ گول ٽوپي، متقي، پرھيزگار، الله رسول جو دل ۾ سدائين ڊپ. ياسين ڏاڍي مشڪل کان پوءِ ويھہ رپيا گڏ ڪيا ھئا، جيڪي منشيءَ کي ڏيئي جھاز ۾ نوڪريءَ جو رجسٽريشن ڪارڊ حاصل ڪيائين. رجسٽريشن ڪارڊ حاصل ڪرڻ آسان ڪم نہ ھو، انھيءَ لاءِ تہ سوين ماڻھو ڏينھن رات جھاز جي آفيس جا چڪر ڏيندا وتندا آھن، جو جھاز ۾ نوڪري حاصل ڪرڻ جو اھو پھريون ڏاڪو ھوندو آھي.

ڪارڊ تہ مليو، پر اڃا گھڻيون منزلون طئہ ڪرڻيون ھيس. جاءِ خالي ھوندي آھي تہ ان جو اطلاع خط رستي ڏيڻ بدران، جھاز جي آفيس ۾ نوٽيس بورڊ تي ھڻي ڇڏيندا آھن. جنھن کي غرض ھوندي سو پاڻيھي پيو روز چڪر لڳائيندو، نہ تہ پلي گھر ۾ ڏريو رھي. ڪيس بہ انھيءَ ڪري اڪثر چٽڪانگ وڃڻو پوندو ھو ۽ اوڏانھن وڃڻ لاءِ ڪيسي ۾ وٽس گھٽ ۾ گھٽ بہ رپيا تہ ھئڻ گھربا ھئا.

چاچس پيسن جي وھنوار ۾ ڏاڍو ڏکيو ماڻھو ھو. 'چمڙي وڃي پر دمڙي نہ وڃي' وارو ليکو ھو. رجسٽريشن ڪارڊ حاصل ڪرڻ لاءِ ھن ويھہ رپيا ڪيئن ميڙيا ھئا، اھو سندس دل تي چاڻي. چا چا نہ ڪيس وڪڻو پيو، تڏھن وڃي پورن ڇھن مھينن ۾ ھو ويھہ رپيا گڏ ڪري سگھيو ھو.

ڪالھہ رات جڏھن ڪيس خبر پيئي تہ خلاصين جي ٻارھن خالي جاين لاءِ اميدوارن کان درخواستون گھرايون ويون آھن، تڏھن ھو يڪدم چريو ٿي پيو: ڇو جو وٽس ڪوڏيءَ بہ نہ ھئي، گھر ۾ بہ ڪا اھڙي شيءِ نٿي

سجهيس، جيڪا چورائي ڪتي وڪٽي پيسا حاصل ڪري. رپيا ناهن تہ نہ سهي، گهٽ ۾ گهٽ چنگانگ تائين پهچڻ ۾ ڇهہ ڪوپ چانهہ ۽ اڌ ڊزن ڪن پيڙين لاءِ ڪجهہ پيسا تہ ڪپن.

'امان جي خوشامد ڪرڻ سان شايد ڪجهہ ملي پوي' پر جلدي اهو خيال ڦيرائڻو پيس، جو ڪيس خبر هئي تہ هوءَ حيلو بهانو ڪري سندس وڃڻ ئي بند ڪرائي ڇڏيندي. اهو سوچي، ياسين هٿين خالي ۽ بنا پيسي چنگانگ وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ڪيس بنا ڪاڏي پيتي سفر ڪرڻ ۽ بک ڪيڻ جي عادت پيل هئي. رات ڪجهہ دير سان ڏؤ ڪري ماني ڪاڏي هئائين. صبح نيرن ڪرڻ جي ڳالهہ جدا هئي. ماڻس هونئن ئي ٻنيءَ جي سامان ڪان سواءِ ٻاهر ويندو ڏسي ورتو تہ هڪدم پڇندي، 'نيراني آخر ڪيڏانهن ٿو وڃين؟' انهيءَ سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ڪيس ڪوڙ ڳالهائڻو پوندو. انهيءَ حالت ۾ بهتر تہ ائين ٿيندو تہ جڏهن پيدل ئي وڃڻو آهي تہ ڇو نہ آڌي رات جو گهران نڪرجي. بس اهو سوچي ياسين سڄو وقت جاڳندو رهيو. دماغ ۾ قسمين قسمين خيال اچڻ لڳس. پاڻ کي ٻارهن اميدوارن مان هڪ سمجهڻ لڳو. سوچ ئي سوچ ۾ اچي رنگ جو. ديو جيڏو هڪ جهاز سندس اکين اڳيان نظر اچڻ لڳو. منهن ڪوهہ ڪان بہ وڏو هو ۽ جيتيءَ پرسان آهستي لهي بيٺو. ويرم ۾ ڪاٺ جي ڏاڪڻ اندر وڃڻ لاءِ لڳائي وئي ۽ قطار ۾ بيٺل خلاصين پنهنجن اينداڙ ديسي ٻائرن جي مشڪي آجيان ٿي ڪئي. آڌي رات ڪان پوءِ جڏهن جهاز سيٽي هڻي لنگرانداز ٿيڻ لڳو، تڏهن اهي ماٿهو جڳمڳائيندڙ آسمان هيٺ غضبناڪ سمنڊ کي ڏسڻ لڳا. جڏهن جهاز وچ سمنڊ ۾ پهچندو تہ پوءِ نڪي وڻ ڏسجن، نہ ميدان، نہ ٻنيون ٻارا ۽ نہ وري ٽمڪندڙ بتيون. ياسين ڪتاب ۾ سندباد سيلانيءَ جي آڪاڻي پڙهي هئي. سندس سفر بہ سندباد ڪان ڪنهن بہ ريت گهٽ نہ هو.

ائين پهہ پچائيندي، ڪافي رات گذري ويس، رات جي پوئين پهر ڪان اڳ، جڏهن ڪنهن پکيءَ جو آواز ڪن تي پيس، تڏهن ڇرڪ ڀري هڪدم اٿي وينو. وڌيڪ دير ڪرڻ مناسب نہ ڄاتائين ۽ هٿ منهن ڌوئي، ڊپيل قدمن سان ٻاهر نڪتو. طوفان جي تيز رفتاريءَ سان تکيون وکون کڻندو جڏهن جهاز جي آفيس ۾ پهتو تڏهن ايڏي پيڙ ڪانہ هئي. پر ڏسندي ڏسندي ٻن ڪلاڪن اندر اميدوارن سان پرجي ويئي. ٻارهن ماڻهن جون جايون خالي هيون، پر جهڙوڪر حشر جو ميدان. ياسين جيئن تيئن ڪري ڏکيائيءَ سان

اندر وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيو ۽ ڪارڊ جمع ڪرائي سڪ جو ساهه کنيائين.

ڏينهن جو ٻارهين وڳي ڊاري اميدوارن جا نالا پڪارجڻ لڳا. هڪڙو اندز ويو ٿي ته پورن ڏهن منٽن کان پوءِ ٻاهر ٿي نڪتو ۽ پوءِ ٻئي اميدوار جو وارو ٿي آيو. واپس ايندڙ اميدوار کي ٻيا اميدوار وڪوڙي ويا ٿي ۽ پڇيائون ٿي: "تو ڇا ڏٺو؟" "ڇا پڇيائون توکان؟" "ڇاتيءَ جي ماپ ورتن ٿا ڇا؟" "تور به ڪيائون!" عجيب عجيب سوالن جي بوڇاڙ هئي.

ياسين هڪ وڻ هيٺان ويٺو هو... بکيو، اڃايل، ٿڪل ۽ بيزار. هيترا سارا اندران ٿي به آيا، پر سندس وارو نه آيو. پرسان ويٺل شخص کان، جيڪو به هڪ اميدوار ٿي ڏٺو، پڇيائين: "صبح کان ويٺو آهيان، پر منهنجو نالو اڃا تائين پڪاريو نه اٿن؟"

"مفت ۾ پڪاريندا تنهنجو نالو؟ وڏو آيو...." انهيءَ شخص ڪاوڙ ۾ وراڻيو. "پيسا به آندا اٿئي يا ٺلهو ڪيسي خالي؟"

"ڇا؟ پيسا؟ مون وٽ ڪارڊ جو آهي." ياسين چيو.

انهيءَ شخص ٿڪ ڦٽي ڪندي چيو: "ميان، ڪارڊ جي ڪا قيمت آهي ڇا؟ قابو ڪري رکينس پاڻ وٽ. مامي چاچي جي چٺي وٺي اچينس ته ڪم ڦتافٽ ٿي وڃيئي، نه ته ويٺو هوائون کاءُ."

اهو شخص چڱو تجربيڪار ٿي ڏٺو. نالو هئس قدرت. ٽن سالن کان لاڳيتو ڪوشش ڪندو آيو هو پر موقعو ئي نه مليس. ڪلارڪن کي گاريون ڏيندي چوڻ لڳو: "جن ٻارهن ڄڻن کي ڪڍڻو اٿن، تن جي سفارش اڳ ۾ ئي پهچي ويئي هوندي، سمجهئه؟"

ياسين سوچيندو رهيو: 'ٺيڪ ٿو چوي، نه ته ائين جيڪر ڇو ٿو ٿئي؟ هڪ ٽيڻ وارو آهي پر اڃا تائين منهنجو نالو نه پڪاريو اٿن.'

ياسين وٽ ڪيسي ۾ ڪجهه به ڪين هو. نه هو ڪنهن وڏي ماڻهو جو ڀاڻيجو هو. نڪي ڀاڻيو. هو ولايت ويندو ته ڪيئن ويندو؟ هلندي هلندي هو سمنڊ جي ڪناري تي وڃي نڪتو. سڄو بدن پگهر ۾ ٽٻ ٿي ويس، اڄ کان بيحال ٿي ويو ۽ نڙي سڪي ڪنڊا ٿي ويئي هيس. ڇانهه جون هوٽلون بند هيون، ڪناري تي ٺهيل ڪاٽيجن جا دروازا بند هئا ۽ ڳوٺ به ڪافي پري هو. هاڻي ٻه وکون ڪڻڻ جي به منجهس سگهه نه رهي هئي، پوءِ به پاڻ کي گهليندو، سمنڊ جي لهرن پرسان اچي پهتو. هن نوڙي هڪ ڍڪ پاڻي پيتو پر هڪدم ڳرڙي ڪري ڪڍي ڇڏيائين. شايد اڄ جي شدت ۾ ڪيس وسري ويو

هو تہ سمنڊ جو پاڻي ڪارو ٿيندو آهي... حد ڪان وڌيڪ ڪارو.

وسيع ۽ اٿاهہ سمنڊ جي ڪناري تي ويٺي هو ڏکي رهيو هو. ٿورو پريان ڪاٻي پاسي لائيٽ هائوس جي بتي ڏسڻ ۾ آيس، پر اها بہ چڻ دونهين ۾ وڪوڙيل هئي. انهيءَ وچ ۾ افق جي ھُن پار ويندڙ هڪ جهاز ڏسڻ ۾ آيس، جيڪو پوءِ نظرن کان غائب ٿيندو ويو ۽ سندس نگاهون سمنڊ جي حد ۽ آسمان جي ڇيڙي کي ملائيندڙ ليڪ ۾ اٽڪي پيون.

# ڏينهن ڏني جو سپنو (تامل)

## ايل - ايس - رامامرتم

ڳالهہ اِها آهي، جو ٻين وانگي مون کي گهڻو ڳالهائڻ نٿو اچي.

کي ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جو معمولي ڳالهہ کي لوڻ مرچ لڳائي ڪجهہ اهڙيءَ طرح پيش ڪندا آهن، جو انهن جي ڳالهين تي ويساهہ اچي ويندو آهي ۽ ٻڌندڙ بہ خوش ٿيندا آهن.

مون سان ڏکيائي اها آهي جو جيڪي ڪجهہ منهنجي ذهن ۽ دل ۾ هوندو آهي، انهيءَ جو اظهار اختصار سان ڪري سگهندو آهيان. وڌ ۾ وڌ اهو تہ جيڪڏهن منهنجي ذهن ۾ چار ڳالهيون هونديون تہ مان سليقي سان هڪ ئي ڳالهہ ادا ڪري سگهندس. انهيءَ جو مطلب اهو ناهي تہ ڪو منهنجو تجربو ۽ مشاهدو ٻين کان گهٽ آهي، پر اها پنهنجي پنهنجيءَ صلاحيت جي ڳالهہ آهي تہ ماڻهن کي خبر گهٽ هوندي آهي، پر ڳالهائيندا گهڻو آهن. مون کي خبر وڌيڪ آهي، پر مان ڳالهائيندو گهٽ آهيان. مان چاڻي واڻي ائين نہ ڪندو آهيان، دراصل مون کان گهڻو ڳالهايو نہ ٿيندو آهي.

ڳالهہ ڪا اهم ناهي.

مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس. ايترو ٻري جو سفر بہ نہ، بس آفيس ڏانهن پئي ويس. ڀلا آفيس وڃان يا پئي ڪنهن هنڌ، مان ايڏو وڏو ماڻهو تہ ناهيان جو ماڻهو منهنجي ڪٿي وڃڻ جو نوٽيس وٺن.

مان تہ هڪ معمولي ماڻهو آهيان. صبح جو اٿي، ڪافيءَ جو هڪ ڪوپ پيئندو آهيان، پوءِ بازار ويندو آهيان، سودو وغيره وٺي، ان کان پوءِ جلدي جلدي آفيس وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳندو آهيان. واپسيءَ تي سير جي خيال کان سمنڊ جي ڪناري هليو ويندو آهيان. جتي ڪجهہ دير گهمي ڦري، گهر جو رستو وٺندو آهيان. گهر ۾ هر روز زال جون گاريون ٻڌندو آهيان ڇو

جو مان هر روز رات جو دير سان گهر پهچندو آهيان.

بس، اهوئي چڪر آهي جيڪو هميشه کان هلي رهيو آهي. جڻ مان پڻ گهاٽي جو ڍڳو هجان، جيڪو گهمي ڦري هڪ ئي هنڌ تي پهچندو آهي. انهيءَ چڪر کان ڇوٽڪارو شايد ناممڪن آهي.

جيڪڏهن انهيءَ معمول ۾ ٿوري به تبديلي اچي وڃي ته مون کي سچ پچ خوشي ٿيندي آهي، پر تبديلي ڪيئن ٿي اچي سگهي؟

زال جي هنج مان اجهو هاڻي هڪ ٻار هيٺ لٿو آهي. هو هميشه گهر کان ٻاهر هليو وڃي ٿو گهٽيءَ ۾ ڪيڏڻ، متي ڪائڻ ۽ سڄي رات دانهون ڪرڻ. هڪ ٻار زال جي هنج ۾ آهي. شايد هڪ ٻيو اچڻ لاءِ سوچي رهيو آهي. ٻڏو اٿم، ٽيون مهينو اٿس. هڪ طرف ايترو ٻار ۽ ٻئي طرف مان اڪيلو. فضا ۾ اڏامڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ڪيڏو زبردست تضاد آهي!

اوهان ڏٺو، بس منهنجي ڪمزوري اها ئي آهي. ڇا ٿي چوڻ چاهيم ۽ ڇا چئي ويس. ها، چڱو ياد آيم، مان پنهنجي بس جي باري ۾ ٻڌائي رهيو هئس. ها، ته ڳالهه اِها آهي ته هڪ ڀيري مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس، يعني بس ۾ پنهنجي آفيس ڏانهن وڃي رهيو هئس.

اوهان کي ته خبر ئي آهي ته هن زماني ۾ بس جو سفر ڪيڏو مشڪل آهي ۽ اهو به جڏهن ڪا نئين فلم لڳي ٿي ته پوءِ هڪ بس جڻ مهاڪُنڀ ميلي جو منظر پيش ڪري ٿي. بس ۾ گهڙڻ، ڪير جي ندي وهائڻ کان گهٽ نه هو. جيئن تيئن ڪري نيٺ مان اندر پهچي ئي ويس، جتي بيهڻ مشڪل هو. خوش قسمتيءَ سان اُتي مون کي ويهڻ لاءِ جاءِ ملي ويئي هئي. هاڻي سچ پچ مون کي پنهنجيءَ قسمت تي رشڪ اچڻ لڳو هو.

بس رواني ٿي. بس، جيڪا پنهنجي پيدائش جو روئڻو روئي رهي هئي، هڪ هنڌ بيٺي ئي هئي ته ماڻهن جي هڪ وڏي ميڙ مٿس حملو ڪري ڏنو. ماڻهو اندر گهڙي آيا، ڄڻ ماڻهو نه هئا، سمنڊ جي هڪ تيز لهر هئي، جيڪا اندر داخل ٿي هئي. انهيءَ وهڪري ۾ هڪ جوان عورت به اندر داخل ٿي ۽ منهنجي ٻرواريءَ سيٽ تي ويهي رهي. سندس رنگ ڪارو ئي ٿي سگهي ٿو. عمر ارڙهن- ويهه ورهيه ڪن هوندي. ڪنن ۾ هيرن جا ٻندا ۽ ڳچيءَ ۾ سونو هار، نيري رنگ جي ساڙهي، جنهن جو پلئه ڳاڙهي رنگ جو هو. مٿس خوب ٺهي رهيو هو. سندس چهري تي عجيب رونق هئي. هڪ اهڙي ڪشش هئي،

جنهن کان ماڻهو متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نٿي سگهيو.

اسان ٻنهي هڪٻئي ڏانهن ڏٺو. ٿي سگهي ٿو ته اهو ڏسڻ اتفاقي هجي. گڏهه پڻ ڪڏهن ڪڏهن ديوارن جي ڀرسان بيهي ديوارن تي لڳل اشتهارن کي ڏسندو آهي. انهيءَ جو مطلب اهو ته نه هوندو آهي ته هو انهن پوسٽرن کي پڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ڏسڻ ته بس هڪ فطري عمل آهي.

مون کي اها به خبر نه هئي ته هو ڪهڙي مذهب ۽ ڪهڙي خاندان جي هئي. تمام اهم ڳالهه، جيڪا مان هاڻي چوڻ چاهيان ٿو، اها هيءَ آهي ته سندس موت منهنجي ئي هنج ۾ ٿيو. مان اڃا تائين انهيءَ حادثي مان پاڻ سنڀالي نه سگهيو آهيان.

اوچتو سندس چهري تي پگهر جا ڦڙا ڏسڻ ۾ آيا. پوءِ سندس چهري جو رنگ پيلو پئجي ويو، ۽ هوريان هوريان هوءَ منهنجي هنج ۾ ڍهي پئي. اوچتو مون کان دانهن نڪري وئي. مون ڪيس مضبوطيءَ سان جهلي ورتو. نبض ڏٺم، پر اتي ته ڪجهه به ڪين هو. ڳالهه ٻولهه جو موقعو ئي ڪٿي مليو هو. شايد دل بند ٿي وئي هيس. موت پلا ڪنهن جو انتظار ٿو ڪري! هاڻي مان ڇا ٻڌايان ته بس ۾ ڇيو ڇا ٿيو.

منهنجي دانهن ڪرڻ تي بس بيهاري وئي. ماڻهو هيٺ لهڻ لڳا. منجهانئن هڪ نوجوان، جيڪو شايد سندس مڙس هو. سندس ڇاتيءَ تي هٿ رکيو، پر هوءَ هئي ئي ڪٿي! بس سندس بي جان لاش پيو هو. ٽيڪسيءَ جي ڳولا ڪئي ويئي. اوهان کي ته خبر آهي ته ڳولا ڪرڻ تي ٽيڪسي به ڪڏهن نٿي ملي ۽ ضرورت نه هجي ته هزارين ٽيڪسيون اوهان جي سامهون لنگهي وينديون. زندگيءَ جو چڪر به ڪجهه اهڙوئي آهي. ضرورت تي هر معمولي شيءِ به ناياب ٿي ويندي آهي

سندس مڙس جي ڄمار پنجويهه ورهيه کن هوندي. ڳهرو رنگ، خوبصورت چهرو، سچ پچ ڏاڍو نهڪندڙ جوڙو هو.

مان آفيس پهتس پر ڪم ۾ دل نه لڳي. ٿي وڃي رهيا هئا ته مون موڪل ورتي ۽ هيٺ لهي آيس. هاڻي پير پاڻمرادو سمنڊ ڪناري ڏانهن وڌڻ لڳا. اڄ سمنڊ ڪناري به اداسي ڇانيل هئي. اُس جي تڪاڻ ڪري سمورو جسم سڙي رهيو هو. منهنجي ذهن ۾ بس اهائي ڇوڪري سمايل هئي.

ڀريل جسم، اڃا عمر ئي ڇا هيس! گهر ٻار جي جهنجهٽ کان شايد اڃا تائين آزاد ئي رهي هجي. ڪيڏا امنگ ڪٿي، هن زندگيءَ جي شروعات

ڪئي هوندائين. ڇا مرڻ لاءِ ڪيس منهنجي ئي هنج ڪان سواءِ ٻيو هنڌ نٿي مليو؟ نہ ڄاڻان، اڄ منهنجي دل ۾ اهڙا اهڙا خيال ڇو جاڳي اٿيا هئا. ماڻهو مون کي پاڳل تہ نہ سمجهندا؟

مان ڪناري تي چپ چاپ پسار ڪري رهيو هئس. سمنڊ جون لهرون منهنجي پيرن کي ڇُهي آلو ڪري رهيون هيون. ڇا لهرون منهنجي دل جو بار هلڪو ڪري سگهن ٿيون؟

مان ڪناري تي پسار ڪري رهيو هئس؛ اڄ صبح جي حادثي جي ڳالهہ تي غور ڪري رهيو هئس ۽ واقعي کي هر رُخ کان ورجائي رهيو هئس. شايد مون سندس ڳل ڇهيا هئا. ها رڳو اهو ڄاڻڻ لاءِ تہ منجهن گرمي آهي بہ يا نہ. ڇا ايترو جلدي گرمي هلي ويندي آهي؟ سندس جسم ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي نہ آئي هئي. چهرو سون وانگر چمڪي رهيو هئس. ها رڳو مٿي جا وار وکري ويا هئا.

خبر ناهي، تہ هن سينڌ سڌي ڪڍي هئي يا پاسي کان. مون غور تہ ڪيو هو پر ٿي سگهي ٿو، مون کي ياد نہ ايندو هجي.

هاڻي ڀلا انهن ڳالهين مان ڪهڙو فائدو! جيڪڏهن ياد اچي بہ ويو تہ ڇا ٿيندو! اها ڪير بہ ڇو نہ هجي، نيٺ سيني بسن کي ڇڏي، هوءَ هن بس ۾ ئي ڇو چڙهي هئي؟ بس ۾ ٻيا ماڻهو بہ تہ هئا. سندس مڙس بہ هو، پر منهنجي هنج کي هُن مرڻ لاءِ ڇو پسند ڪيو هو. ائين لڳي ٿو تہ هڪ وساريل ڪڙي ياد اچي رهي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ گذريل جنم ۾ اسان ٻئي هڪٻئي سان منسوب رهيا هجون؛ ٿي سگهي ٿو.

تقدير... ها، انهيءَ کي قسمت يا تقدير چوندا آهن. هاڻي مان انهيءَ حادثي کي افسانو بنائڻ نٿو چاهيان. جيڪڏهن مان افسانو بنائڻ جي ڪوشش بہ ڪندس تہ مون تي اعتبار ڪير ڪندو.

انهيءَ کي بہ دشينت شڪنتلا، نل دمينتي، ستيوان ساوتري، پرٿوي راج سَميڪتا جي ڪهاڻين ۾ شامل ڪرڻو پوندو. اهڙي ڪهاڻي، جيڪا ڪڏهن وساري نٿي سگهجي. انهيءَ ڪهاڻيءَ ۾ پڻ منهنجي شادي نہ ٿي آهي، مان گهر ٻار جي جنجال ۾ ڦاٿو ناهيان. مان سندس ٻار جو پيءُ بہ ناهيان، جو پنهنجي ماءُ جي هنج ۾ هميشہ روئندو رڙندو ۽ منهنجي ننڊ حرام ڪندو هجي. مان انهيءَ ٻار جو پيءُ بہ ناهيان، جنهن اڄ تائين جنم نہ ورتو آهي، پر جنهن جي اچڻ جي فڪر ۾ رات ڏينهن ڳرندو پيو وڃان. منهنجي پنهنجي زال

ٻہ منهنجي پنهنجي زال ناهي. اسان تہ بس ٻہ آهيون: ’مان‘ ۽ منهنجي هنج ۾ مئل ’هوءَ‘ . شايد اسان ٻئي پکيڙا بنجي آسمانن جي اوچاين تي اڏري رهيا هئاسين. پر هي موت! منهنجي دل دهلجي رهي آهي. عجيب سپنو آهي اهو! هڪ عجيب ڪشمڪش! ائين ٿو لڳي ڄڻ منهنجي دل اجهو هاڻي زهر جي سمنڊ مان ٽپي هيٺ آئي هجي.

ڏاڍي دير ٿي ويئي هئي.

مان گهر واپس موٽي آيس.

مِٽي ڪائيندڙ ٻار جي مُنهن تي جيڪا غلاظت هئي، منهنجي زال اگهي صاف ڪري رهي هئي. جيئن ئي مان اندر گهڙيس تہ هن ٻار منهنجي حوالي ڪيو ۽ ماني تيار ڪرڻ لاءِ هلي ويئي. هوءَ اڄ بہ هميشہ وانگر ٿڪل نظر اچي رهي هئي. اهوئي سبب آهي جو هوءَ چڙيل ٿي لڳي. ٿي سگهي ٿو تہ ٻار، جيڪو اڃڻ وارو آهي، انهيءَ جي فڪر ۾ هوءَ ڳرندي پئي ويئي.

مان رڳو پہ گرهہ ئي ڪائي سگهيس.

”طبيعت تہ ٺيڪ آهي اوهان جي؟“ زال پڇيو، ”اوهان ڪجهہ ڪاڏو ئي ڪين!“

”ها، اڄ هڪ عورت منهنجيءَ هنج ۾ پنهنجا پساهہ ڏنا.“ مون مختصر جواب ڏنو ۽ مٿينءَ منزل تي هليو آيس ۽ هميشہ وانگر آرام ڪرسيءَ تي آهلجي پيس.

هيٺ روڊ تي ٽرام هلڻ جو آواز ڪنن سان ٽڪرائجي رهيو هو. بسين ۽ موٽرن بہ ڏاڍا آواز ٿي ڪيا. انسانن جي پيڙ جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي! منهنجي زال پنهنجي هنج واري ٻار کي وهنجارڻ ۾ رڌل هئي. مون محسوس ڪيو تہ هوءَ لڙڪ لاڙي رهي هئي. نيٺ عورت هئي نہ. ڪانئس ڪئي ٿي برداشت ٿي سگهيو تہ هڪ ٻي عورت منهنجي هنج ۾ ساهہ ڏني!

هوءَ غير هئي ۽ مان هن جو ڪو سڳو ڪونہ هئس.

پر هيءَ... منهنجي زال، نيٺ هن سان منهنجو ڪهڙو سڱ هو!

گهر ٻار جي انهن مونجهارن ۾ مان جلد ئي ڪيس وساري ڇڏيندس. نيٺ هتي ڪهڙي شيءِ قائم رهي سگهي ٿي؟ ائين لڳي ٿو، ڄڻ مان هڪ سائو ستابو وڻ هجان ۽ هوءَ پنهنجي يادن جي ڪهاڙيءَ سان، انهيءَ وڻ ۾ ڌڪ هڻندي هجي. جيڪڏهن اها ياد بہ مون کان کسجي ويئي تہ؟ اها ئي تہ منهنجي سڀ کان وڏي ملڪيت آهي!

مون کي ڳڻتي بس انهيءَ ڳالهه جي لڳل هئي. منهنجي اکين آڏو اهو آخري منظر گهمي ويو، جڏهن هن جو مڙس ڪيس رڪشا ۾ کڻي وڃي رهيو هو ته هن جا هٿ هيڏانهن هوڏانهن لڏڻ لڳا هئا ۽ هن جو بي جان جسم ٻه لڏي رهيو هو، وارن ۾ گلاب جو گل هئس. منهنجي دل ڏهلجي ويئي. مون کان دانهن نڪري وئي.

منهنجي دانهن تي منهنجي زال ڊوڙندي آئي. هن منهنجي نرڙ تي هٿ رکيو. ”اڙي، هي ته باهه وانگي تتل آهي! تو ٻڌايو ڇو نه؟ هاڻي ته دير ٻه ٿي ويئي آهي. گهر ۾ ڪوبه ناهي جيڪو ڊاڪٽر کي وٺي اچي. خير، ليٽي پؤ.“ منهنجي زال هلي ويئي. هاڻي هو چلهه جي رک ۾ ڦاٽل ڪپڙو ڳولي رهي هئي، جيئن منهنجي نرڙ تي ٿڌي پاڻيءَ جي پٽي رکي سگهي. □□□

# مِٽي

(تامل)

## ايل - ايس - رامامرٿم

آئون جهوپڙيءَ جي مَنهه ۾ وينو هئس، جنهن جي ڇت غار جهڙي هئي. هو جانبِهه جي مٽئين ڀِڙ تي پلٿي هنيو وينو هو، جيڪو زمين ۾ کُتل هو.

ههڙي ڪا گرمي ڏٺئي؟ اِن ۾ ڇا تو بچي سگهي؟ هيءَ تہ بلڪل ڇنگل ڀَٽ ضلعي جهڙو آهي... هيءَ گرمي ۽ هي ٿِڦل ڳوٺ بلڪل ساڳيا آهن. ٻاهر رستي ڏانهن ويندؤ تہ ڇوڏاري ڏهہ يا ڀنڌرهن کن گهر ڏسندؤ، جيڪي هائي ڊٺل ڀِتين کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهن. اهي ڀِتيون بہ مينهن ۽ اُس ۾ ڊهي ۽ ڳري پنجو ٿي ويون آهن.

انهيءَ ڏساند ۾ پاڻي ڦڙو بہ ناهي. چون ٿا تہ پالر ۽ ويدوَتي وڏيون نديون آهن، پر مون تہ اُتي رڳو ڀِهٽيون ڏٺيون آهن. سال جي ڏهن مهينن ۾ جيڪي جايون ڏٺيون اٿم، اُتي ڀهٽِين کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي. ترَاين ۽ تلائن ۾ جيڪو پاڻي گڏ ٿيندو آهي، بس اهوئي پيئڻ، وهنجڻ، هٿ پير ڌوئڻ، ٻوڪ جي ٻيج ۽ ٻئي هر ڪم لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

۽ اُهي جيڪا ٻوڪ پوکيندا آهن، اها ڪيڏي نہ ڇڊي پاڊي ۽ مختصر هوندي آهي! گدامڙيءَ جي وڻن مان گذرندڙ هوا توهان جي چوڌاري ٻاڦ جا اُلا وسائيندي. اُتي تہ مُردا ساڙڻ جيترو بہ ٻارڻ ناهي. زمين گندرفي خاصيت جي آهي ۽ جڏهن توهان هر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندؤ... پوءِ ڪٽي مٽيءَ جا لَڏون جوڙڻ جي ڪوشش ڇو نہ ڪندا هجو... چونِي وچي پٿر ۾ لڳندي ۽ مُڏي ٿي پوندي. هتي جا رهاڪو، انهيءَ بابت هڪ ڳالهہ ڪندا آهن تہ گهٽو

---

مِٽي: تامل ٻوليءَ ۾ "ماٽهوءَ" جون گهڻيئي معنائون آهن، جيڪي ڪهاڻيڪار الڳ الڳ هنڌن تي مِٽي، زمين، ميدان، ڌرتي ۽ دنيا جي معنائن ۾ استعمال ڪيون آهن. جڏهن زمين سُڪل ۽ ڏار پيل هوندي آهي تہ اُن جي معنيٰ آهي: بي ترتيبي، ڏڪار يا بربادي، ۽ جڏهن ڪِهميل ۽ نرم هوندي آهي تہ انهيءَ مان ترتيب، ڀرپوريت ۽ ڪائنات مراد آهي.

اڳي ڪنهن شخص شهزادي ڪان ڪوهه ڪوٽڻ جي موڪل ورتي ۽ ويو ڪوهه کوٽيندو، پر ڪٿي به پاڻيءَ جو ڦڙو نه مليس. جون ٿا ته اهو ڪامڙيو ڪڏهن به واپس ٻاهر نه نڪتو. انهيءَ مان سمجهي سگهو ٿا ته اُتي چوڌاري ڪيترو پاڻي پکڙيل آهي!

انهيءَ ڳوٺ ۾ ڏڪا ڪائيندڙ غريب ماڻهن جي ڪوٺ ناهي. اهي ويساهه ئي نه ڪندا آهن ته گدامڙيءَ جي وٽن ۾ ڪا گدامڙي پچندي آهي، پر اهو پڪو ويساهه اٿن ته انهن ۾ جِننن جو واسو آهي ۽ توهان جيڪڏهن پنهنجي پُني قميص سان ڍڪي ته سندن اکيون توهان کي گهُوري نشانو بنائينديون. جيڪو به چار اکر پڙهي چائي ٿو، اهو جڻ مجيل ڏاهو آهي.

اهو پل ڪجهه به هجي، پر هڪ ڳالهه سيني‌ءَ لاءِ ساڳي آهي ته پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل ٻنهي کي جيئڻو آهي، پر ٻئي بڪايل آهن.

جيستائين ماڻهو جيئرو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيس جيئرو رهڻو آهي ته ڪيس ڪيئن به پيٽ پرڻو پوندو؛ هو ٻين سان گڏجي رهي ٿو ۽ ڪائنن ڏار ٿئي ٿو؛ وڙهي ٿو ۽ صلح ڪري ٿو. گهڻو ڪري ماتا ۽ ڪالرا... پر جيڪڏهن اهي نه، ته ٻُڌاپو... ڪيس نِهوڙي نِي ٿو. انهن سيني ڳالهين جي پيش نظر توهان سندس جيئڻ جي خواهش بابت ڪيئن ٿا اُپٽار ڪري سگهو؟ سيڪي... پر سيڪي... ديوتا، ڀوت توڙي جن، خواهش ۾ ئي قائل آهن. جيڪڏهن پوک لاءِ پاڻي ناهي ته هو بوتا[1] ناهي ٿو ۽ روئي ٿو. ۽ جڏهن گهڻو پاڻي ٿئي ٿو ته زنانو چولو، ڪجهه هنڊ ۽ ڏِيئو ڇڄ ۾ وجهي درياءَ جي ديويءَ کي ارپي ٿو. هو ڌرتيءَ اڳيان عقيدت جو اظهار ڪري ٿو، جيئن ناراضگي ختم ٿئيس ۽ ملڪيت عطا ڪريس. توهان کي اهي ڳالهيون ٻڌائڻ جو مقصد رڳو اهو آهي ته انهيءَ ۾ فقط هڪ ڳالهه آهي، جنهن کي اسان ويساهه ٿا ڪوٺيون ۽ اسان اهي سڀ ڳالهيون ڪندا آهيون. زندگي اها ناهي، جيڪا توهان جي جسم ۾ آهي. زندگي فقط ويساهه آهي.

توهان چئي سگهو ٿا ته اهو ڳوٺ اهڙي ئي قسم جي ويساهه تي ٻهرين بِدو ويو هو. ائين چو چئجي ته شروع ۾ چار يا پنج جڻا اچي هتي آباد ٿيا ۽

---

(1) بوتا ناهڻ جي رسم کي ڳوٺاڻي مذهبي زندگيءَ ۾ وڏي اهميت آهي. بوتا ناهي انهن جي بي عزتي ڪرڻ مان اها مراد آهي ته جيڪا مصيبت آئي آهي اُها بوتي تي مڙهجي وڃي. اهڙي طرح پرائسچت (ڪفارو) ادا ڪيو ويندو آهي. گهڻو ڪري اها رسم عام طرح ديوتائن جي پرارٿنا سان گڏ ڪئي ويندي آهي، جيڪا ڏڪار جي وقت ادا ڪبي آهي.

جهوپڙيون اڏي ويٺا!

مون کي جيتري قدر ياد آهي ته اهو ڳوٺ پاسيرو ۽ ڪٽيل هو. بازار اٺن ميلن کان به پري هئي، جتي مهيني ۾ هڪ ڀيرو ضرورت جون شيون، لوڻ کان ڪافور تائين ڳنهڻ ويندا هئا. جڏهن آئون جوان ٿيس ته چئن گهرن مان وڌي چاليهه گهر ٿي ويا. اهو واڌارو ويساهه جي ڪري ئي ٿيو.

ان ڏينهين هڪ نوجوان مرد ۽ هڪ نوجوان عورت انهيءَ ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيا. آئون ائين نه چوندس ته اهي ڪي پاڻ ۾ زال مڙس هئا، جو عورت جي ڳچيءَ ۾ تالي[1] پيل نه هئي. سندس ٻُنيءَ تي بار جي ڳنڍڙي هئي ۽ هنج تي ٻار هو- ۽ بس. مرد ڪنياري ڪو چڪ گهليندو آيو هو. هوڏانهن سامهون مٽي نهاريو- اها ڇت واري جهوپڙي، جيڪا غار وانگر اندر ڏانهن جهڪيل هئي، سندن جهوپڙي هئي. ڪڙهه اڳيان هڪ ڪڏ هئي ۽ ڏکهو وڻ هو، جنهن مان دهل وڄائڻ وارو ڏونڪو ٺهندو آهي. عورت مٽيءَ جو گارو ناهيو، مرد ڀتيون جوڙيون ۽ مٿان گاهه ۽ ٻن سَٽي ڇت ڏڪيائين. پوءِ هن پنهنجو ڪُنياري ڪو ڪم شروع ڪيو.

هڪ ٻي ڳالهه ٻڌائيندو هلان ته اسان جي ڳوٺ ۾ ڪوبه اهڙو ماڻهو ناهي، جنهن کي خوبصورت چئجي. خوبصورتي يا منهن مهانڊي لاءِ نڪا وقت جي پائبندي آهي ۽ نه وري جاءِ جي روڪ. ڀل ڪٿي ڪنهن پنهنجو پاڻ کي خوبصورت بنائڻ جي ڪوشش به ڪئي هجي، پر ڏانهس نهارڻ وارو ڪوبه نه هو. ڪيئن به هجي، پر مون پنهنجي چمار ۾ انهن نن ڄڻن- مرد، عورت ۽ سندن ٻار- کان وڌيڪ ڀيو ڪو بدصورت نه ڏٺو. اسان ۾ عادت هوندي هئي ته جڏهن به ڪنهن مان ڪا خامي ڳولٽي هوندي هئي ته ڪيس چوندا هئاسين ته هو ته ڪو باندر آهي. پر توهان کي انهن ٽنهي ڄڻن لاءِ سوچڻو پوندو، جيڪي باندرن جهڙا هئا. توهان منهنجو مطلب سمجهو ٿا نه؟ توهان ڪلو ٿا- توهان سمجهو ٿا نه، ته منهنجي مزاد ڇا آهي؟

عورت جا ڏکها ڏند سندس وات کان ٻاهر نڪتل هئا، جيڪي تماڪ واپرائيندڙن جي ڏندن جيان هيڊا ۽ داغيل هئا. سندس اکيون ڏرا ڏنل ٻن کڏن جهڙيون ٿي لڳيون. سندس مٿي جي وارن ۾ چيڙهه پيل هو. نڪ ڇا هو، بس ساهه کڻڻ لاءِ رکو به سوراخ هئا. جيتوڻيڪ پاڻ اهڙي هئي، پر مرد سمجهيو ٿي ته هوءَ خوبصورت آهي. سندس چپ ڪٽيل هو ۽ اُن جو چير

(1) تالي: ڳچيءَ جو هار، جيڪو پرڻيل عورت پائيندي آهي.

جهڪيل ڏسڻ ۾ ٿي آيو. انهيءَ ڪان سواءِ سندس ڳل تي هڪ ڊگهو ۽ ٻي ڊولو زخم بي ترتيبيءَ سان ڦهليل هو.

اهي حيوان هئا.

سندن مزاج اهڙو هو، ڄڻ جهنگ ڪان آيا هجن، ۽ سادا هئا ڇا! هڪ ڏينهن آئون انهيءَ پاسي ڏانهن پئي ويس ته ٻئي ڄڻا پاڻ ۾ تکو تکو ڳالهائي رهيا هئا. مرد ڪجهه مٽي ڇڪ تي رکي ۽ ٿانءُ ناهڻ لاءِ چڪ ڦيرايائين. اوچتو هو ٽپو ڏئي اٿي بيٺو، سندس ٻئي پير زمين تان کڄي ويا، ڄڻ اڏامندو هجي- ۽ هڪ ئي ڇڪ سان هن هٿ جي پٺ ڦيرائي ۽ عورت جي منهن تي چماٽ وهائي ڪڍي. مان ڏڪي ويس. توهان پنهنجي گهر ۾ ائين ڪندؤ؟ مان پنهنجي گهر ۾ ائين ڪندس؟ ڇا ماڻهو ڪو ائين ڪندو آهي؟ اهو ڏاڍو پوائنٽو ڏک هو. سندس ڇپن مان رت ٽينڊيون ڪري وهي نڪتو.

عورت مون کي ڏٺو. ڪيس انهيءَ ڳالهه جو فڪر ئي نه ٿيو ته سندس مڙس ڪيس ڏک به هنيو هو. پر منهنجو ڏسڻ ڪيس نه وڻيو. هن مون کي سيني قسمن جي بيهودن لفظن واريون گاريون ڏنيون ۽ هڪ پٿر کڻي مون ڏانهن ڦٽو ڪيو. آئون حياتي بچائڻ لاءِ پويان پير ڪري وٺي ڀڳس. اها تڏهن جي ڳالهه آهي، جڏهن آئون اجا ننڍو ٻار هئس.

بس اهڙيءَ طرح اهي رهندا هئا. مون توهان کي ٻڌايو نه، ته ڪين هڪ ٻار به هو. توهان پڇندؤ ته اهو ڪهڙو هو؟ توهان ڪٺڪ پوکي جو لٺي سگهندا؟ ساڳيءَ ريت، اهو سندن پنهنجو ٻار هو، ائين هو نه؟ اهي سچ پچ انهيءَ ’ناريل مٽي‘ کي ڏاڍو ڀائيندا هئا. هر روز، جيڏيءَ مهل ٻتيون پرنديون هيون ته هو وهنجڻ لاءِ ٻاهر نڪرندو هو ۽ منهنجي لڙي ٺڪون اُچلائي اُچلائي ڇلجي پوندي هئي- ڏپ ايڏي اڻ وڻندڙ هئي.

انهيءَ بدبوءَ ڪري هاڻي ٻار ڏانهن ڏسڻ ناممڪن هو. ڪين گڏ رهڻ واري فطرت به نه هئي. توهان جيڪڏهن مرد ڏانهن رڳو ڏٺو کڻي ته ائين لڳندو، ڄڻ چڪ هڻي ڪڍندو. اسان جو ساٿن ڪو لاڳاپو ڪونه هو. پر اها سهوليت هئي، جو اڳي ڪڏهن ڪو ٿانءُ ٽپو خريدڻو هوندو هو ته اٺ ميل پري بازار مان وڃي خريدي اچڻو پوندو هو، سو هاڻي پونڪل[1] جي ڏڻ جا ٿانو پنهنجي ئي ڳوٺ ۾ خريدي ٿي سگهياسين. اها ڪجهه آٽت نه هئي ڇا؟ ۽ پونڪل جو ڏڻ ويجهو پوندو پئي ويو. اپاسي[2] لنگهي ويو هو. ڪارتڪائي[3] اڌ پورو ٿي ويو ۽ جڏهن مرڪلي[4] پورو ٿيندو ته پونڪل شروع ٿيندو.

---

(1) پونڪل: نئين سال جو پهريون مهينو، جيڪو ڏکڻ هندستان ۾ وڏي ڏڻ جي طور ملهائبو آهي. (2، 3 ۽ 4) هندو جنتري (ڪئلنڊر) موجب مهينن جا تامل نالا.

پر انهيءَ وچ ۾ سندن ٻار مري ويو.

هڪ ننڍڙي ٻار جي موت جي ڪارڻ جي ڪنهن کي ضرورت آهي؟ سگهارا ماڻهو به اوچتو مريو وڃن. ٿي سگهي ٿو ته سندس ڇاتيءَ تي ٿڌ اثر ڪيو هجي، يا وات ۾ ڪارائڻ بدران ڪيس نڪ ۾ ڪارايو ويو هجي. مون کي خبر ناهي، پر اهو ٿيو ڪجهه ائين هوندو.

عورت ڪڙهه تي ٻار کي ڪپڙي ٽڪر تي رکي ٻاڻ ڪيس چوڏاري ويڙهجي وئي. مرد سندس پاسي کان پنهنجي ڇاتيءَ تي هٿ رکيو بيٺو هو. هو رُنو نٿي، پر سندس پنبڻ نشئين وانگر ڳاڙها ٿيل هئا. ڳوٺ جا به ٿي ماڻهو سندس گهر عذرخواهي لاءِ ويا. مري ويل ننڍو هجي يا وڏو، پر اڪيلو ڏک ڏسڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، آهي نه؟

"ڏک جهڙي ڳالهه آهي! هتي توهان رهڻ آيا..." منجهائڻ هڪڙي چوڻ شروع ڪيو. ڪيس ڪجهه نه ڪجهه ته چوڻو ئي هو.

مرد چرين وانگر ڏڪار وارو شُوڪارو ڀريو. "ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي! توکي هتي اچڻ لاءِ ڪنهن چيو- تو ۽ تنهنجي ڳوٺ؟"

اهڙي قسم جي ماڻهوءَ کي توهان ڇا ٿا چئي سگهو؟ ائين ٿي لڳو ڄڻ سندس ٻار جي موت جا ڏوهاري اسان هئاسين.

هڪ ڀيري اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ ٻليءَ جو ٻونگڙو مري ويو؛ ٻلي سندس ڀرسان ساري رات ويٺي رهي ۽ ڪائنس ذرو به ڀري نه ٿي. ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ مئل ٻونگڙي ڏاڍي بدبوءِ ڪئي.

پر هن شخص ٿاڪ منجهند جو ڪلهي تي ڪوڏر رکي عورت جي ڀرسان ڀيل لاش کنيو. هن لاش کي هڪ هٿ ۾ کنيو هو ۽ تکو تکو وڌندو ڳوٺ کان ٻاهر هليو ويو. ٻار جون ٻانهون ۽ ٽنگهون بي رحميءَ سان لٽڪي رهيون هيون.

اهڙي قسم جي ماڻهوءَ کي توهان ڇا ٿا ڪري سگهو؟

اُن کان پوءِ اسان سندن گهر مان ڪڏهن به روئڻ جو آواز نه ٻڌو... تڏهن به ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن هوءَ ڪم ڪار ۾ رُڌل هوندي هئي، بيهي رهندي هئي ۽ اوڏانهن نهاريندي هئي، جيڏانهن مرد ٻار ۽ ڪوڏر کڻي ويو هو، جتان هوءَ ڪوٺيل مٽي ۽ گدامڙيءَ جي وڻ جي ٻاڙ وٽ انهيءَ جو گڏ ٿيل ڍڳ (قبر) ڏسي سگهي ٿي.

هڪ ڏينهن، اسان مان به يا ٽي ڄڻا ٻين ٻارن سان گڏجي رستو وٺيو

بازار پئي وياسين ته ڏٺوسين ته عورت پنهنجي مٿي تي مٽيءَ جي ٻاٽ کنيو اسان ڏانهن پئي آئي. سندس هٿ ۾ ٻيو ننڍو مٽيءَ جو ڇنوڙو هو. ڀر واري گهٽيءَ ۾ ڪي ٻار خوشيءَ وچان ٽينگ ٽپا ڏئي رهيا هئا. اهي جڏهن ڀر واري گهٽيءَ ۾ شاهي رستي کي ڪٽيندي وچ تي پهتا ته سندن ٽڪراءُ انهيءَ عورت سان ٿي پيو. توهان سوچي سگهو ٿا ته هن ڪيئن نهاريو هوندو! سندس اکين مان باهه جا الا ٿي نڪتا... اک جي اڇي پولار ۾ ڪاري ماڻڪي ڦري رهي هيس. جيڪا باهه هن پنهنجي اندر ۾ سانڍي رکي هئي، سا سڀ دل کولي ٻاهر ڪڍيائين ۽ سندس مُٺ ۾ جهليل مٽيءَ جو ڇنوڙو پور پور ٿي ويو.

ڪيس پنهنجي ٻار جو ايذاءُ ڪيڏو نه گهرائيءَ سان محسوس ٿيو هجي، پر پيٽ خالي ته رهي نٿو سگهي. هرڪنهن کي ڪم ۾ جنبڻو ٿو پوي. ۽ پونڪل ويجهو پوندو پئي ويو. جيڪڏهن خوشيءَ وچان، ڀوياڙيءَ ويل، توهان سنک کي وڄايو، جيڪو روايتي طرح ڪفن دفن جي رسم ويل وڄائبو آهي، ته ڇا توهان وڏيڪ خوش ٿيندا؟ سنک وڄي رهيو هو، اهو پونڪل جي اچڻ جو اعلان هو. پونڪل جا ٿانوَ جوڙڻ نه گهرجن ڇا؟

توهان ماڻهو، جن کي سفيدپوشيءَ واريون نوڪريون آهن، جڏهن پورهيت ڏسندا آهيو ته سمجهندا آهيو ته اهي حقير آهن. سندن ڪم جي باري ۾ چوندا آهيو، ’تون جيڪڏهن اهو ڪم هڪ ڀيرو ڪندو ڏسين ته جيڪر ڪري سگهين.‘ بر مثال طور هن ڪنڀر جو ڪم ڏسو. توهان کي احساس آهي ته اهو ڪيڏو ڏکيو آهي؟ مٽيءَ کي ڳوهي ڳوهي اهڙو ملائڻو پوندو آهي جو هٿ پير سُور ڪندا آهن. توهان سمجهو ٿا ته ٿانوَ جوڙڻ سولا آهن؟ منجهائڻ ڪيترائي چڪ تي ڀڃي پوندا آهن؟ پوءِ جڏهن ڪو چڪ تي رکبو ته ٿي پيرا هٿ سان آهستي گهربل شڪل ڏيڻي پوندي آهي. جڏهن اُس ۾ سُڪڻ لاءِ رکيا آهن ته ڪيترا منجهائڻ تڙڪي پوندا آهن؟ ۽ ڪيترا نهائينءَ ۾ ثابت رهندا آهن؟ پوءِ جڏهن توهان انهن مان ڪو خريد ڪندؤ ته اهو ملهه ڪافي نه هوندو آهي. اهي ته اهو چوندا ته اها ته بس مٽي آهي. جيڪڏهن اها صورت آهي ته پوءِ هر شيءِ مٽي آهي. آئون مٽي آهيان؛ توهان مٽي آهيو؛ هرڪو مٽي آهي.

مرڪليءَ جي ڀڃاڙيءَ واري ڏينهن صبح جو سوير ڪو ڏند ڪڙڪائيندڙ سيءَ ۾ اٿندو ۽ زور سان دلو وڄائي پونڪل جي آمد جو اعلان ڪندو ۽ هڪ هڪ ڏڪ سُئلن جي ڪنن ۾ پرڻ لڳندو.

سيني ڏٿن ۾ پونڪل اول نمبر ڏڻ آهي! اهوئي ڏڻ غريبن کي گهڻو وڻندو آهي؛ ٻيا سڀ شاهوڪارن جا ڏڻ آهن. ڪو ڪيڏو غريب ڇو نہ هجي، فقط پونڪل تي نئي ڪوري ڪُني ۾ ٻت رڌيندو ۽ اسان سڀ غريب آهيون.

گهر جي وچ ۾ باهہ ٻارڻ لاءِ کڏ کوٽبي آهي. اسان ٻت رڌي پاتل تي رکندا آهيون، پوءِ اهو سڄ کي ڏيکاري چوندا آهيون:

”رڌل ٻت، رڌل ٻت!“ نئين زندگيءَ جي شروعات ٿئي يا نہ، پر ٿائي مهينو شروع ٿيڻ سان اهو ويساهہ آهي تہ زندگي بهتر ٿي ويندي.

انهيءَ ويساهہ جي ڪري نئي سموري ڳوٺ جي ٻاڻ ۾ ٻڌي آهي. ڳوٺ جي مُکيءَ جي گهر ۾ بہ، جتي هر روز ٿامي جي ٿانون ۾ ٻت رڌبو آهي، پونڪل جو ٻت مٽيءَ جي ڪوري ٿانءَ ۾ رڌبو.

جيڪڏهن سچائي پونڪل آهي تہ پوءِ اچوڪي شام هرڪو ڪورو ٿانءُ خريد ڪندو، جنهن جو مطلب آهي: نئين زندگي. هن ڀيري اسان ٿانوَ خريدڻ لاءِ بازار نہ وياسين. هن ڀيري بازاري ٿانوَ نہ، پر اسان کي پنهنجا ٿانوَ هئا. توهان سوچي سگهو ٿا تہ انهيءَ ڪري اسان ڪيترو نہ خوش ٿيا هونداسين.

آئون پڙهيل ماڻهو ناهيان، پر پوءِ بہ اسان جو ڳوٺ، اسان جو شهر، اسان جو صوبو آهي، اسان جو ملڪ آهي- اهي سڀ هڪ ۽ ساڳيا آهن.

ڳوٺائين عورتن کي ڪورا ٿانوَ خريدڻ لاءِ وڃڻ ۾ هڪ خاص خوشي محسوس ٿي ٿئي. آئون کين ڏسي رهيو هئس، جيڪي چئن پنجن جي ٽولين ۾ گڏ ٿيو بيٺيون هيون، جيتوڻيڪ مفاصلو رکو ڏهہ وکون هو. اهي کلنديون، ڳالهيون ڪنديون، ڪنير جي گهر ڏانهن پئي ويون؛ پيسن جون ٿيلهيون سندن چيلهہ سان ٻڌل هيون؛ رستي تان تماڪ جا پن چٻاڙينديون ۽ ٿڪون اڇلائينديون پئي ويون.

ڪڙهہ سامهون، جتي چئني طرفن کان رسيءَ جو لوڙهوَ ڏنل هو ۽ ٿانوَ هڪ ٻئي مٿان خوبصورتيءَ سان قطارن ۾ رکيل هئا. اهي هن هڪ پونڪل لاءِ تہ نهيو، پر ٻين ٽن لاءِ بہ ڪافي ٿي لڳا. هنن اهي ٿانوَ رڌڻ لاءِ، پاڻيءَ لاءِ، ڪلامپو[1] لاءِ، سيني قسمن جي مٽيءَ مان ناهي ڍِڳ ڪري رکيا هئا.

اهي بنا مُرڪڻ جي بيهي کين ايندو ڏسي رهيا هئا. جيڪڏهن مُرڪن ها تہ سچ پچ معجزو نہ ٿئي ها؟

اجا وڪرو شروع نہ ٿيو هو تہ عورت چيو، ”پل تہ سارو ڳوٺ اچي.

---

(1) ڪلامپو: گهاٽي رٻ

اسان سموري ڳوٺ کي ايندو ڏسڻ ٿا چاهيون.“

ٿوري دير ۾ آواز وڌڻ لڳا، جو پارن، ڇوڪرن ۽ وڏن جو انبوهہ هڪ ٻئي کي ڌڪا ڏيندو جهوپڙيءَ جي اڳيان اچي گڏ ٿيو.

”سڀئي اچي ويا آهيو؟“ عورت وڏي آواز سان پڇيو.

”ها!“

سوچيو تہ سهي، اهو آواز ڪيئن هوندو، جڏهن سوين آواز هڪ ئي وقت ’ها‘ چوندا هجن.

عورت ٿهڪ ڏنو ۽ اڳيان پيل ٿانوَن جي ڍڳ ڏانهن وڌي ۽ انهن کي ٺڏو هنيائين.

فقط هڪ ٺڏو هنيائين، پر توهان ضرور سمجهي ويا هوندا تہ ڪيئن هڪ قطار ٻي قطار تي ڪِري هوندي، اها وري ٻيءَ پر واري قطار تي ڪِري هوندي ۽ اهڙيءَ طرح قطارن جون قطارون پٺي پري پيون هونديون. توهان آواز محسوس ڪري سگهو ٿا. ڪيترا نہ گهڻا ٿانوَ هئا!

اسان کي خبر نٿي پئي تہ ڇا چئون يا ڇا ڪريون. جڏهن اهي ٿانوَ پٺي پري پيا تہ اسان جي اندر ۾ بہ ڪجهہ پٺي پُري پيو هو.

”هي رهيو توهان ۽ توهان جو ڳوٺ!... عورت ڌڪار وچان اُلري ايندڙ نانگڻ وانگر ڦوڪون ڏنيون. جلدي اڳيان وڌي ڏوڙ جي مُٺ پريائين ۽ هوا ۾ ڦٽي ڪيائين. ”اسان جو ٻار مري ويو- ۽ اسان وڃون ٿا- هاڻي تہ توهان خوش ٿيندؤ...“ ٻئي ڇٽا ٽڪڙو ٽڪڙو هلندا پري هليا ويا ۽ نظرن کان اوجهل ٿي ويا. اسان سڀئي، جيڪي اُتي بيٺا هئاسين، پٿر بنجي بيٺا رهياسين. هڪ بہ ٿانوَ ڪونہ بچيو. اهو هنڌ پرندڙ ميدان بنجي ويو.

انهيءَ کان پوءِ، اهو ڳوٺ نہ وسيو؛ هڪ نہ ٻي ٿيندي رهي. ايتري قدر جو مينهن پوڻو هو، اهو بہ نہ پيو؛ سموري پوک سُڪي ويئي. گهڻا ماڻهو تہ ڪالرا وگهي مري ويا؛ باقي جيڪي بچيا، اُهي ڳوٺ ڇڏي پٺي ويا. هرڪو ڊپ جي ڇنبي ۾ اچي هراسجي ويو هو.

پونڪل جي ڏڻ تي جيڪڏهن ڪنهن ٻوٽ ۾ ڪوري ٿانوَ ۾ پت نہ رڌبو تہ ڇا ٿيندو؟ توهان ٻڌايو، جيڪڏهن ويساهہ ڪچي وڃي تہ ڇا بچندو؟

□□□

## ڊونگ (تامل)

### اَڪيلن

انڌي فقير راياپوريءَ جو ڏينهن چڙهي آيو. پر اوهان چوندؤ، هوُ تہ انڌو آهي. سندس چوڌاري هميشہ اونداهي ڇانيل هوندي آهي. ڪيس ڇاهي؛ صبح ٿئي يا شام. نيڪ آهي، ڪجهہ دير لاءِ ايئن ئي سمجهو.

هو ڳوٺ جي ٻاهران ڪاويري نديءَ جي ڪناري، هڪ ٻِڳل ٽٽل ٽپرائين غار ۾ رهڻ لڳو هو. ڪيس هن نئين گهر ۾ آئي گهڻو عرصو نہ ٿيو هو. لڳ ڀڳ چار ڏينهن ٿي ٿيا هئا. اول تہ ڪيس گهر جي ضرورت ئي نہ هئي. جتي دل چوندي هُئس، سمهي پوندو هو. ميدان ۾، ڪنهن جي ورانڊي ۾ يا ميونسپالٽيءَ جي جوڙايل سيمنٽ جي بئنچ تي. اُن وقت هُو اڪيلو هو.

هاڻي هو اڪيلو نہ هو، گذريل ڇئن ڏينهن کان هن جو بہ گهر ٻار هو. هڪ نوجوان عورت ديوانائي هِن انڌي فقير کي پنهنجو ساٿي بڻائي ورتو هو. زندگيءَ خيرات ڪي. ان جا ڪيترائي ڪارڻ هئا. اسان جي هن خوبصورت پاڪ ملڪ ۾ ڏڪار پيو هو ۽ نوجوان ۽ غير شادي شده عورت لاءِ روزگار جا موقعا نہ هئڻ جي برابر هئا. نہ ئي سندس سهاري لاءِ ڪيس ڪو مرد مليو هو. تنهنڪري پنڻ کان سواءِ ڪو ٻيو رستو نہ هو.

اهڙيءَ ريت هن انڌي فقير جو گهر ٻار ٿيو. ٻهرين تہ هوُ پنهنجي جهوپڙيءَ مان ٺڪ ٺڪ ڪندو پنهنجو رستو ڳوليندو هو. پر هاڻي هڪ عورت سندس هٿ جهلي ڪيس رستو ڏيکاريندي هئي. اها ڪا حيرت جي ڳالهہ نہ هئي تہ ماڻهن پنهنجا ٻٽون جلدي کولڻ شروع ڪري ڏنا هئا ۽ گذريل ڇئن ڏينهن کان سندس آمدنيءَ ۾ ڪافي اضافو ٿيو هو.

پنهي گڏجي ماني کاڌي ۽ پوءِ راياپوريءَ پنهنجا پيسا ڪپڙي ٽڪر ۾ ٻڌا ۽ وجڻ لاءِ اٿي بيٺو. هن جو ڏينهن چڙهي آيو هو.

"اڄ مان توسان گڏ نہ هلنديس. تون اڪيلو ئي وڃ."

"ڇو؟"

"منهنجين ٽنگن ۾ سور آهي،" هن ڪلندي چيو. "ڪيڏو جاهل آهين، ڪجهہ سمجهين ئي نٿو." هو سمجهي ويو. راتوڪي ً ـ اِجا بہ سندس دل ۾ موجود هئي. هوُ ڪلڻ لڳو.

"چڱو مان هلان ٿو. تون آرام ڪر."

"۽ ها، هڪ ٻي ڳالهہ..."، "هوءَ پنهنجي اتاولائي روڪيندي ٿورو هٻڪي چوڻ لڳي.

هو وري ويهي رهيو. "چئہ، ڇا ڳالهہ آهي؟"

"مون کي هڪ بلائوز آڻي ڏيندين... نئون بلائوز..." هن نخريلي انداز سان چيو. "پراڻو ڦاٽي پيو آهي. تون چاهين تہ پاڻ ڏس ڪٿي."

هن جو هٿ جهلي، هن پنهنجي ڪنڌ تي ڦيريو. هن جو بلائوز ڦاٽل هو. سندس جسم جي ڇهاءَ سان راياپوريءَ جو رت تيزيءَ سان ڊوڙڻ لڳو.

"ٺيڪ آهي، اڄ موٽڻ مهل تنهنجي لاءِ بلائوز وٺندو ايندس." هوءَ پوءِ تکي انداز سان ڪلڻ لڳي... "ڇو هاٿي کهڙي ڳالهہ آهي؟"

"تون ڪپڙو ڪيئن سجاڻيندين؟ ۽ پوءِ ڪپڙي جي ماپ؟ دڪاندار توکي ٺڳي ويندو."

"چڱو ٺيڪ آهي، توں پاڻ خريد ڪجانءِ. ڪيترا پيسا لڳندا؟"

"هڪ رپيو ڪافي آهي."

هڪ رپيو ٻڌي هو ڳڻتيءَ ۾ پئجي ويو. هڪ رپئي لاءِ هڪ نہ، ٻہ نہ، پورن چوهٺ سخي ماڻهن جي دلين ۾ هٿوراڙيون ڏيڻيون پونديون آهن. پر پوءِ ڇا ٿيو. هن جي نئين ڪنوار جي پهرين فرمائش هئي. هن چپ چاپ پنهنجي کيسي ۾ رکيل رومال جهڙي ڪپڙي جون ڳنڍيون کوليون ۽ آڱرين سان هڪ هڪ سڪو سڃاڻي، سمورا سڪا ڳڻيا: ۽ڪ رپيو هڪ آنو هئا.

"وٺ!" هڪ رپيو کيس ڏيئي، هڪ آنو وري ڪپڙي ۾ ٻڌي ڇڏيائين.

هن مُرڪندي پيسا ورتا. ڪيڏي دوکي ٻيري مُرڪ هئي. ڇيلهہ سان ويڙهيل ساڙهيءَ ۾ هڪ ٻيو بلائوز لڪائي رکيل هو. بلڪل نئون. پوءِ هن هڪ ڊگهو ساهہ کنيو. اهو هن جو پهريون دوکو هو. خبر ناهي ٻيا ڪيترائي دوکا باقي هئا. پنهنجي رستي تي هلندي راياپوريءَ جي دل ۾ هڪ ڏنڌلو فڪرمند خيال لنگهي ويو. ان کي سمجهڻ لاءِ هو ڪن لاءِ بيهي رهيو ۽ جيئن

ئي ڪيس احساس ٿيو تہ ڪائنس ڪل نڪري ويئي.

سڄي رات اها ڳالهہ سندس دل ۾ ايندي ويندي رهي. هن ڪيس ٻڌائڻ گهريو ٿي، پر هن اها ڳالهہ صبح تي ڇڏي ڏني هئي، پر اجا تائين ٻڌائي نہ هئائين. صبح جو هلڻ لڳو تہ هن سوچيو، هاڻي ٻڌائي ڇڏيندس، پر هوَ وري بيهي رهيو. عورت ڪي ڪا راز واري ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ ڏينهن جو وقت ٺيڪ نہ هوندو آهي. اُها رات جي اونداهيءَ ۾ هوريان هوريان ڪَن ۾ ٻڌائڻ گهرجي. هوءَ ٻڌي ضرور ڪلندي ۽ هو پاڻ بہ. پوءِ ٻئي ڪلندي ڪلندي بي حال ٿي ويندا.

ڪِل جي باري ۾ سوچيندي، ڪيس روڊ تي پٽر سان نوڪر لڳي ۽ هوَ منهن پر ڪرڻ کان ذري گهٽ بچيو. مٽيءَ ۾ هٿوراڙيون ڏيئي هن پنهنجي لٺ ڳولي ورتي ۽ هڪ عجيب ثابت قدميءَ سان هلڻ لڳو.

صبح جو هن جو معمول هو تہ گهٽيءَ جي هر گهر جي دروازي تي بيهي خيرات پنندو هو. عام طور تي ڇانور، جيڪڏهن رڌل هوندا تہ، پنهنجي مٽيءَ جي برتن ۾ وجهرائيندو هو. جڏهن منجهند ٿيندي تہ ڪائيندو ۽ پوءِ آرام ڪرڻ لاءِ ڪنهن وڻ هيٺان سمهي پوندو ۽ اُٿڻ کان پوءِ پنهنجو ڪم شروع ڪندو. شام جو هُو بازار ويندو. بس جي اڏي تي، هوٽلن جي سامهون، روڊ تي ۽ سڄ لهڻ کان ڪافي دير کان پوءِ، هو واپس ايندو. پنهنجي خيرات جو ڦل ۽ جيئڻ جو ذائقو حاصل ڪرڻ لاءِ اهوئي سندس روزاني زندگيءَ جو اصول هو، تمام سادو سُودو.

منجهند ٿي ويئي هئي. اڄ سڄ سُئو نہ چڙهيو هو. هن جي ٽين جي دٻي ۾ ٿورا ڇانور هئا. هو ٽن سون درن جي اڳيان پنهنجي درد ڀري صدا هڻي چڪو هو. "انڌي فقير کي خيرات ڏيو! امان تنهنجا ٻچا جيئن." نماڻي آواز سان هو صدا هڻي چڪو هو. هن ماڻهن جي دلين تي اثر ڪرڻ لاءِ سمورو زور لڳائي ڇڏيو هو، پر گهڻو فائدو نہ ٿيو هو. بيوقوف کي ايتري بہ خبر نہ هئي تہ ماڻرن جون دليون سخت ٿي ويون هيون، خاص ڪري جڏهن ڇانور ايڏا مهانگا هجن.

منجهند جو روزمرهہ وانگر هو هڪ وڻ هيٺ وڃي ويٺو. اُن ڏينهن، هن جي ڪاڏي ۾ ڏاري جو پيت هو. ماني کائي، هن ميونسپالٽيءَ جي نلڪي مان پاڻي پيتو ۽ اڄ اُجهاياڻين. ٿورو آرام ڪرڻ کان پوءِ هو اُٿي ويٺو. جيتوڻيڪ هو ڏاڍو ٿڪل هو، پر هن پرواهہ نہ ڪئي ۽ اُٿي روانو ٿيو. هاڻي هڪ ٻيءَ بہ

ڪاڻ واري هئي. ڪيس وڏيڪ محنت ڪرڻي پوندي.

هوءَ نئون بلائوز پائي، نديءَ جي ڪناري، ڪنڊر ۾ سندس انتظار ڪري رهي هوندي. انهيءَ شام جو هميشه ڪان ڪجهه وڏيڪ سڪا سندس ڏٻي ۾ پيا هئا. ٽيهارو ڪن ڪان گهٽ نه هوندا. هن ڏاڍي ڏيان سان ڳڻيا. آني جا سڪا جدا ڪري هُن ڪپڙي جي ٽڪر ۾ ٻَڌا.

”هي وٺ!“ هن هڪ آواز ٻڌو. مُڙي ڏٺائين ته هڪ نوجوان بيٺو هو. سندس ڪارو رنگ، سندس سنهڙي اڇي ٻهراڻ مان چمڪي رهيو هو. وار سڌا ۽ ٻويان وريل هئا. گهري ڳاڙهي رنگ جو رومال ڳچيءَ ۾ ويڙهيل ۽ ٻيڙيءَ جو اڌڙ آڱرين ۾ هئس.

”هان وٺ! هيءَ پائلي اٿيئي. هڪ پئسو ڪاٽي باقي پئسا مون کي واپس ڏي.“ فقير ڳڻي پيسا ڪديا ۽ پوءِ ڪاٻي هٿ ۾ پائلي جهلي. هُو ٽورو جهڪيو، جڻ پائلي ڏسي رهيو هجي ۽ پوءِ انهيءَ جي ڪنارن کي هن آڱرين سان ڇهيو.

”اڙي، توکي ڇا مون کي ڦُرڻو آهي! ڏسي ايئن پيو جڻ ڏسڻ ۾ اچيس ٿو. هوءَ جيڪا عورت توسان گڏ هوندي آهي، اُها ڪيڏانهن ويئي؟“

انڌي ڪجهه نه چيو.

”ڇوڪرو سمجهي ويو ۽ جلدي اڳتي نڪري ويو.

اوچتو ئي انڌي جي واتان رڙ نڪري ويئي، ”ڪوٺو سڪو!“

ايتري دير ۾ هو گهٽيءَ ۾ مُڙي ويو. کوٽي پائلي ٽين جي ڏٻي ۾ ٻين سڪن سان گڏجي ملي ويئي. انڌي فقير ڊگهو ساهه کنيو. شام ٿي ويئي هئي. هڪ سخي عورت، هڪ وڏي امير ماڻهوءَ جي زال، جيڪا چانور ڏيندي هئي، ههڙي ڏکئي وقت ۾ به راياپوريءَ جهڙن گهرجائو ماڻهن کي پيسا به ڏيندي هئي، پنهنجي گهر لاءِ آيل چانورن مان ڪڍي، هوءَ پنهنجي ذاتي ضرورتن لاءِ، بنا ڪجهه پڇڻ ۽ ڪجهه ٻڌائڻ جي، پنهنجي گهر جي پُٺين در تي وڪڻي ڇڏيندي هئي. قيمت به گهٽي نه وٺندي هئي، ڪنٽرول اگهه تي وڪامندڙ چانورن جو اگهه ٻارنهن آنا هو. هوءَ رڳو هڪ رپيو ٻارنهن آنا وٺي وڪڻندي هئي. ڇا ۾ خراب هو، هان؟

انڌي فقير کي انهيءَ وکري جي خبر پئجي ويئي هئي. ”امان، مون کي به هڪ چوٿائي ڏي.“ پنهنجو ڪپڙو هن اڳيان وڇائيندي، هن گهٽيءَ ۾ ساڄي ڪاٻي پاسي ڏٺو ته ڪو ڏسي ته نه رهيو هو. ڪو به نظر نه آيو. هن

چانور ڏيڻ ۾ وڏا. مقدار گهڻ هو. ’انڌي کي ڪهڙي خبر پوندي،‘ هن سوچيو هوندو.

انڌي ڇهه آنا ۽ ٽي پيسا هن جي هٿ تي رکيا. شوقين مزاج نوجوان جي پائلي هٿ مٿائي ورتو هو. هن پيسا ڏيڻ سان نه ڏنا. هوءَ ڏاڍي تڪڙ ۾ هئي ته مٽان کو اچي نه وڃي.

انڌو فقير نديءَ ڪناري ڪنڌر ڏانهن هلڻ لڳو. جلدي جلدي قدم کڻندو، رکي رکي پنهنجي لٺ کي پٿرن تي هڻندو. جڻ ڪيس رستي جي چڱيءَ طرح خبر هجي، جڻ اوچتو سندس اکين ۾ روشني اچي ويئي هجي، يا جوان زال جي خيال سندس قدمن ۾ ڦڙتي آڻي ڇڏي هجي.

نيٺ هن جي لٺ سندس گهر جي پٿر تي ٺڪ ٺڪ ڪئي.

”ديوانائي!“ هن هوريان سڏيو. ڀِٽِي پاسي هڪ هلڪو ۽ سست ”هون“ جو آواز آيو.

انڌي پنهنجي لٺ هڪ پاسي اُڇلي، زمين تي ويهندي چانورن جو دٻو هڪ پاسي رکيائين ۽ هٿ وڌائي اونداهيءَ ۾ ڳولهڻ لڳو. هوءَ اُتي ئي ليٽي پيئي هئي. ”ديوانائي!“ هن وري سڏيو. وري اُهوئي سست آواز. ”ڇو، ڇا ڳالهه آهي؟“

اوچتو کيس لڳو جڻ سندس آواز بدليل هجي. ”ڇا ڳالهه آهي ديوانائي، ڪو پيو ٻه هتي آهي؟“

”نه، ڪوبه ناهي.“

”ڇا ڳالهه آهي، تون ليٽي ڇو پيئي آهين؟ اجا ٻه طبيعت ٺيڪ ناهي؟“

”بس، مٿي ۾ سور اٿم، ٻيو ڪجهه ناهي.“ نيٺ هوءَ چئي ويئي.

”ڪا ڳالهه ناهي، سُور ئي آهي نه.“ هن شُڪرانا بجا آڻڻ جي لهجي ۾ چيو ۽ ڏاڍي اتساهه سان پڇڻ لڳو، ”نئون بلاءُوز خريدي آئينءَ؟“

”ڪهڙو نئون بلائوز؟“ هن چيو.

”توبهه آهي توسان، مٿي جو سور ڪجهه وڌي ئي ويو اٿيئي. هاڻي پڇندينءَ ته مان ڪير آهيان ۽ تنهنجو آواز ٻه عجيب پيو لڳي.“

”ها ها، مان خريد ڪري آئي هيس،“ هوءَ هٻڪي چوڻ لڳي ۽ ساڙهي ڇڪي، پلئه اجا ٻه وڌيڪ ڇڪي ويڙهي ڇڏيائين. هوءَ اندر ئي اندر ۾ ڏڪي ويئي.

”تون ڏڪين ڇو پيئي؟ ويجهو ٿي نه. ايڏانهن ڏاڍي ٿڌي هوا ٿي

لڳي." هن چيو ۽ پوءِ کلڻ لڳو.

"اج ڪلهه دنيا دوکو ئي دوکو تي ٻيٺي آهي. هڪ وڏو دوکو."

"منهنجي ڳالهه ٻڌ، اها ٻڌڻ سان تنهنجي مٿي جو سور به ٺيڪ ٿي ويندو. مون کي صبح جو ئي توسان ڳالهه ڪرڻي هئي، پر موقعو ئي نه مليو. هڪڙو حرامي ڪوتي پائلي ڏيئي مون کي ٺڳي ويو. هن سوچيو هوندو ته مان نيٺ ته انڌو آهيان."

"هون."

"هڪ عورت، هڪ دوکياز عورت- ٿورا چانور ڏيئي مون کي ٺڳي ويئي.

"هون."

"پوءِ هڪ جوان عورت، منهنجي ديوانائي، مون کان چالاڪيءَ سان هڪ رپيو ٺڳي ويئي، نئون بلائوز خريد ڪرڻ لاءِ، جڏهن ته هن پنهنجي چيلهه سان هڪ نئون بلائوز ويڙهي رکيو هو. ۽ ها، مان ڪو انڌو ناهيان. منهنجي انڌائپ ته ماني ڪمائڻ لاءِ هڪ ڍونگ آهي. ديوانائي اُٿ ۽ ڏس! منهنجي ويجهو اچ. مان توکي هڪ نه، پر هِن جهڙا ڏهه ڏهه بلائوز آڻي ڏيندس." هن ڪيس ڇڪي پنهنجي ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيو ۽ چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ هن سندس چهري ڏانهن ڏسڻ لڳو.

ڪيڏو حيرتناڪ دوکو هو، هوءَ ديوانائي نه هئي. هوءَ ته ڪا ٻي هئي. ڏاڍي بدشڪل، ٿلهن ٿلهن ٻچڙن چپن ۽ مُهانڊي واري، خوبصورت وارن واري ديوانائيءَ کان عمر ۾ وڏي.

"ديوانائي ئي مون کي هتي ڇڏي ويئي آهي. هن چيو ته مان هڪ انڌي سان نه رهنديس. مون کي سمجهائي ويئي آهي ته مان توسان ڪيئن ڳالهايان ۽ هلان... هن چيو ته رڳو چار ئي ڏينهن ٿيا آهن، ڪا خبر نه پوندس." هن سڏڪندي چيو، "مان هن جهڙي خوبصورت ناهيان ۽ نه ئي هن وانگر توکي دوکو ڏينديس. توکي مون تي ويساهه ته نه ايندو، پر هڪ ڀيرو آزمائي ڏس."

هن جي اکين ۾ لڙڪن جي لڙي ٻڌجي ويئي. سندس لڙڪ ڏسي هن جون اکيون به ڀرجي آيون.

# چِترڪار

(تامل)

سَرسنو

گاڏي اسٽيشن تي بيٺي تہ ڀواني جي ڀيءُ چيو، "مان ٻار لاءِ ڪير وٺي ٿو اچان" ۽ ڳاڏيءَ مان لهي رفريشمينٽ روم ڏانهن هليو ويو.

ڀواني آرس موڙي اٿي ويٺي ۽ ڳاڏيءَ ۾ ويٺل مسافرن تي تنقيدي نگاهن سان ڏٺائين. سامهون، سيٽ تي هڪ نوجوان جوڙو ويٺو هو. مرد جي هٿ ۾ تامل زبان جو هڪ مشهور رسالو هو، جنهن جي سرورق تي هڪ رنگين تصوير ڇپيل هئي. انهيءَ نوجوان، تصوير کي ڪجهہ دير غور سان ڏٺو ۽ پوءِ چور نگاهن سان پنهنجي نوجوان زال ڏانهن ڏسي مرڪيو. سندس مرڪ ۾ شرارت صاف ظاهر هئي.

"پري ڪريو پنهنجي هن گندي رسالي کي. مون کي هيءَ اگهاڙيون ۽ فحش تصويرون نٿيون وڻن،" ڇٽي عورت نفرت وچان منهن ڦيري ڇڏيو.

ڀواني انهن پنهيءَ جون ڳالهيون ٻڌيون ۽ پوءِ رسالي تي نظرون ڪپائي ڇڏيائين. رسالو ڇاتل سڃاتل هو- سندس نظرون تصوير تي ڄمي ويون، جنهن کي ڏسي انهيءَ نوجوان عورت منهن ڦيري ڇڏيو هو. اها تصوير هڪ ڀرپيل جسم واري خوبصورت عورت جي هئي، جنهن جي جوان جسم جا اُڀار ظاهر ڪرڻ ۾ چترڪار پنهنجي تخيل ۽ فنڪاريءَ جو ثبوت ڏنو هو. انهيءَ تصوير لاءِ، انهيءَ نوجوان عورت جنهن راءِ جو اظهار ڪير هو، اهو ٻڌي ڀواني جي دل ۾ چڻ ڪنڊو ڏنبجي ويو هو، ڇو جو انهيءَ تصوير جو ڻاهيندڙ خود سندس مڙس موُرتي هو.

اهو بہ وقت هو، جڏهن ڀواني فخر وچان پين سان' پنهنجي مڙس جي فنڪاري ۽ سندس شاهڪار تصويرن جي ساراهہ ڪندي هئي. ايتري قدر جو هڪ هڪ تصوير ڪٽي پنهنجين ساهيڙين کي ڏيکاريندي ويندي هئي ۽ ساراهہ

ڪندي نہ ڏاپندي هئي. جڏهن بہ ڪو ائين چئي سندس تعارف ڪرائيندو هو، تہ هيءُ مشهور چترڪار مورتيءَ جي زال آهي تہ خوشي ۽ فخر وچان هوءَ ڪپڙن ۾ نہ ماپندي هئي.

سندس مڙس خود سندس هڪ دلفريب تصوير ٺاهي، ڪيس پيٽ طور ڏني هئي ۽ اڄ بہ اها تصوير سندس گهر ۾ سينگار- ميز تي سجايل آهي.

پر اها بہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي. اڄ ڪلهہ تہ سندس مڙس اهڙيون تصويرون ٺو ٺاهي جو عورتون اُهي ڏسيو ڪنڌ هيٺ ٿيون ڪن ۽ نفرت وچان منهن ڦيريو ڇڏين ۽ مرد...

"هان وٺ پواني، ٿورو ڪير رهجي ويو آهي، ٻارڙي ڪي پياري ڇڏيئس. مان سگريٽ وٺي ٿو اچان." پڻس ٿرماس پوانيءَ جي هٿ ۾ ڏنو ۽ پليٽفارم جي ٻئي طرف هليو ويو.

پواني ٻارڙي ڪي ڪير پياري سمهاري ڇڏيو ۽ سامهون وينل جوڙي ڏانهن ڏسڻ لڳي.

نوجوان چيو پئي، "تون منهن ڇو ٿي ڦيرين چارو؟ هن رسالي جي جيتري گهُر آهي، اوتري ٻئي ڪنهن رسالي جي ناهي. سموري ملڪ ۾ مقبول رسالو اٿيئي. هي واحد رسالو آهي، جنهن ڪي اسڪول ۽ ڪاليج جا ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڇاتيءَ سان لڳائي رکن ٿا ۽ بُڪ اسٽال تي قطار ۾ بيهي خريدين ٿا ۽ تون انهيءَ ڪي ڏسي منهن ٿي ڦيرين؟"

"باهہ لڳي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي شوق ڪي! ۽ هي چترڪار بہ ڪيڏو نہ بيشرم آهي، جو ههڙيون گنديون ۽ اگهاڙيون تصويرون ٿو ٺاهي. منهنجو وس پڄي تہ جيڪر سندس منهن ڀڃي وٺان. شايد سندس گهر ۾ ماءُ، ڀيڻون يا زال نہ هونديس."

پوانيءَ ڪي جسم ۾ ڄڻ ڪنڊا چڀندي محسوس ٿيڻ لڳا. هوءَ خيالن جي تاڃي پيٽي ۾ گم ٿي ويئي. ڪيس گذريل ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون:

انهيءَ ڏينهن جڏهن مورتي گهر ۾ گهڙيو هو، تڏهن ڏاڍو خوش ٿي ڏنو. هو جڏهن ويجهو آيو هو تہ چيو هئائين، "پواني! مون پنهنجي اڳئين نوڪري ڇڏي ڏني آهي ۽ هڪ نئين رسالي جي آفيس ۾ سٺي پگهار واري نوڪري ملي ويئي آهي. ٻيڻي پگهار ملندي. پواني، هاڻي اسان پيسي جا محتاج نہ رهنداسين. ائين سمجهہ تہ اسان جي پريشاني ۽ غريبيءَ جا ڏينهن

پورا ٿيا."

اها خبر ٻڌي پواني خوشي وچان نچڻ لڳي هئي.

هڪ هفتي کان پوءِ مورتي انهيءَ نئين رسالي جو تازو پرچو کڻي گهر ۾ گهڙيو ته پواني جهٽ هڻي اهو رسالو اٿلائي پٿلائي ڏٺو ته کيس ڏاڍي مايوسي ٿي.

"هن ۾ اوهان جي تصوير ته نظر نٿي اچي." پواني پنهنجي مڙس کان پڇيو. هوءَ پنهنجي مڙس جون ٺاهيل تصويرون سجائيندي هئي، پر جڏهن مورتي رسالي جا ڪجهه صفحا اٿلائي هڪ تصوير ڏيکاري ته هوءَ دنگ رهجي ويئي.

"اوهه... هيءَ... هيءَ تصوير توهان جي ٺاهيل آهي؟".... ڇ ڇ ڇ ڪيڏي گندي ۽ اگهاڙي تصوير آهي." پواني ڏڪندڙ آواز ۾ چيو هو.

"نيٺ هن تصوير ۾ ڪهڙي خرابي آهي؟ ڪهڙي بڇڙائي آهي؟ اهڙيون ئي تصويرون ٺاهڻ لاءِ هو ٽي سؤ رپيا ماهوار پگهار ڏين ٿا."

"ٽي هزار ڪٺي ڏين، تنهن هوندي به توهان انڪار ڪري ڇڏيو. ههڙيون واهيات، گنديون ۽ اگهاڙيون تصويرون ٺاهي جيئڻ کان بک مرڻ بهتر آهي." پواني اجا وڌيڪ چوڻ چاهيو ٿي پر کيس خبر هئي ته مورتي فطرتاً ضدي آهي ۽ ممڪن آهي ته ههڙيون ڪڪيون ڳالهيون ٻڌي چڙي پوي، ۽ انهيءَ کان وڌيڪ خراب تصويرون ٺاهڻ شروع ڪري. اهو سوچي چپ ڏندن ۾ دٻائي، چپ ٿي ويئي.

هڪ ڏينهن مورتي، هڪ ميز تي هڪ اڌوري تصوير ڇڏي، ڪيڏانهن ٻاهر هليو ويو هو ۽ پواني به گهر ۾ ڪانه هئي. انهيءَ وچ ۾ پوانيءَ جي ساهيڙي نلني سائنس ملڻ آئي هئي ۽ پوانيءَ جي سس نلنيءَ کي انهيءَ ڪمري ۾ ويهاريو هو.

ڪجهه دير کان پوءِ نلني پوانيءَ جي سس کي هڪ ڪاغذ جو ٽڪر ڏيئي هلي ويئي. جڏهن پواني واپس آئي ته سس اهو ڪاغذ ٽڪر کڻي کيس ڏنو. نلني لکيو هو: "پواني تنهنجي ڪمري جي ميز تي جيڪا تصوير پيئي آهي، اها ڏسي توکي ذرو به شرم نٿو اچي؟ ڇا اهو تنهنجو فرض ناهي ته پنهنجي مڙس کي، جيڪو ههڙيون گنديون ۽ اگهاڙيون تصويرون ٺاهي 'عورت' جي بيعزتي ۽ تذليل ڪرڻ کان مڙي نٿو، انهن حرڪتن کان باز رکين؟"

خط پڙهي پواني فيصلو ڪيو هو تہ جڏهن شام جو مورتي گهر موٽندو تہ هوءَ سندس ايندي شرط راشن وٺي مٿس چڙهي ويندي. جڏهن سانجهيءَ ڌاري مورتي گهر آيو هو تہ هو معمول کان بہ وڌيڪ خوش نظر آيو ٿي. هن ڪمري ۾ گهڙندي ئي چيو هو، ”پواني! منهنجي ڪم مان رسالي جو مالڪ ايڏو خوش ٿيو آهي جو پنجاهہ رپيا ماهوار پگهار وڌايو اٿس... اڙي، پر تنهنجو منهن لٿل ڇو آهي؟ منهنجي ترقي مان خوش ناهين؟“

”نہ، بلڪل نہ!“ پواني منجهيل آواز ۾ چيو. ”توهان پنهنجي پراڻي نوڪري ڪريو. هي نوڪري ڇڏي ڏيو. هي تصويرون تمام گنديون آهن. انهن کي ڏسڻ بہ پاپ آهي.“

”تون چري تہ ناهين؟ مهڙي سٺي نوڪري ڇڏڻ جي صلاح ٿي ڏين. سچ پچ هن سال اندر پورا پنج سو پگهار ٿي ويندو.“ مورتي چيو.

”پر مون کي مهڙي نوڪري پسند ناهي. مون کي اها نوڪري اصل نٿي وڻي. توهان هي نوڪري...“

پواني جو آواز ڀرجي آيو هو ۽ هوءَ پنهنجي ٻانهن ۾ منهن لڪائي روئڻ لڳي.

گاڏي رواني ٿي. جڏهن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ گاڏي مدراس سينٽرل اسٽيشن تي پهتي تہ پواني ڏٺو تہ مورتي ڪيس وٺڻ لاءِ پليٽفارم تي بيٺو هو. رستي تي ٻنهيءَ ۾ ڪا ڳالهہ نہ ٿي. پر جڏهن رات جو ٻئي نويڪلا ٿي وينا تہ مورتي چيو، ”جو پواني، ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ تون اداس پيئي ڏسجين. پيڪن مان اچڻ تي دل نٿي ٿي؟“

پواني جي اکين ۾ لڙڪ اچي ويا. هن ڀريل ڳلي سان چيو، ”عورتون منهنجي مڙس لاءِ بيعزتي جون ڳالهيون ڪن تہ پلا مان خوش ڪيئن ٿي رهي سگهان؟“

”ڪير ٿو اهڙيون ڳالهيون ڪري؟“

”ڪير بہ ڪري، پر ڏسڻو اهو آهي تہ جيڪا ڳالهہ چئي وڃي ٿي، اها صحيح آهي يا نہ؟ اڄ گاڏيءَ ۾ هڪ عورت توهان جي ناهيل هڪ تصوير جي باري ۾ جيڪي ڳالهيون چيون آهن، انهن جي تڪاڻ مان اجا تائين محسوس پيئي ڪريان. مان هٿ ٿي جوڙيان، توهان پنهنجي پراڻي نوڪري واپس وٺو. پگهار پلي گهٽ هجي پر عزت جي زندگي تہ هوندي. مان ڪنهن ٻئي جي

مُنهان توهان جي گلا ٻڌي نٿي سگهان. مان اهو برداشت نٿي ڪري سگهان ته پنهنجين ٺاهيل تصويرن جي آئيني ۾، توهان ڀين کي بي شرم ۽ بي حيا نظر اچو." ڀواني سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

مورتي ڪي ڪن ماٺ ڪيو ويٺو رهيو. سندس چهري مان ظاهر هو ته سندس سيني ۾ جذبات جو طوفان اڀري رهيو هو. ڪجهه دير پنهنجي زال ۽ ٻارن کي تڪڻ کان پوءِ، هن آهستگيءَ سان چيو، "مون کي معاف ڪر ڀواني. تو مون کي ڀهريائين به صلاح ڏني هئي، پر مون سُکي خوشحال زندگيءَ جي لالچ ۾، تنهنجين ڳالهين تي ڌيان نه ڏنو هو. خير ه ي ڀڪ سان چوان ٿو ته نئين نوڪري ڇڏي ڏيندس ۽ پراڻي نوڪري ڪند س، ڀلي پگهار گهٽ ملي."

ٻئي ڏينهن جڏهن مورتي شام جو گهر آيو ته ڀواني مشڪندڙ منهن سان سندس آجيان ڪئي ۽ اشتياق ڀريل لهجي ۾ پڇيائين، "ڇا ٿيو؟ ٺيڪ ٿي ويو نه؟"

"ها، مون نئين نوڪري تان استعيفا ڏيئي ڇڏي آهي ۽ پنهنجو حساب وٺي ڇڏيم. پر..."

"پر ڇا؟"

"پراڻي نوڪري مون کي نٿا ڏين."

"ڇا مطلب؟"

"مطلب اهو آهي ته رسالي جو مالڪ، جتي پهرين ڪم ڪندو هئس، هاڻي مون کي ساڳي نوڪري ڏيڻ نٿو چاهي."

"ڇو ڀلا؟"

"هن پنهنجي رسالي جي اشاعت وڌائڻ لاءِ پاليسي مٽائي ڇڏي آهي. چون ٿا ته جيڪڏهن عام پڙهندڙن جي ذوق ۽ پسند جي پيش نظر اگهاڙيون تصويرون ٺاهڻ لاءِ تيار هجين ته بيشڪ اچي نوڪري ڪر، نه ته مجبور آهيون."

ڀواني پنڊ پهڻ ٿي ديوار کي گهوريندي رهي. ـــ

# هيءَ ڪهاڻي ناهي

(پنجابي)

## امرتا پريتم

پٿر ۽ چن گهڻوئي هو، پر ٿوروڙي جاءِ تي پت وانگي أيري أيا ٿي وچن ها، تہ گهر جون پٽيون نهي سگهن ها. پر نهيون نہ. اهي ڏرتيءَ تي ڦهلجي ويا. سڙڪن وانگي، ۽ اهي ٻئي سموري ڇمار انهن سڙڪن تي هلندا رهيا.

سڙڪون هڪ ٻئي جي پاسي کان ڦٽنديون بہ آهن، هڪ ٻئي جي سرير کي چيري بہ گذرنديون آهن، هڪ ٻئي کان هٽ ڇڏائي گم بہ ٿي وينديون آهن. اهي هڪ ٻئي سان ملندا رهيا، پر ڪو تڏهن، جڏهن ڪڏهن انهن جي پيرن هيٺان وچايل سڙڪون هڪ ٻئي سان اچي ملي وينديون هيون.

گهڙي پل لاءِ شايد سڙڪون پڻ ڇرڪي بيهي رهنديون هيون، ۽ سندن پير بہ.

۽ تڏهن شايد پنهيءَ کي انهيءَ گهر جو ڏيان اچي ويندو هو جيڪو نهيو نہ هو.

نهي سگهيو ٿي، پوءِ ڇو نہ نهيو؟ اهي ٻئي حيران ٿي پيرن جي هيٺان زمين ڏانهن ڏسندا هئا، ڇڻ أهي اِها ڳالهہ زمين کان پڇي رهيا هجن.

۽ پوءِ اهي ڪافي دير زمين ڏانهن ائين ڏسڻ لڳندا هئا، ڇڻ اهي پنهنجي نظرن سان زمين ۾ انهيءَ گهر جو بنياد کوٽي وٺندا.

۽ ڪٿين پيرا سچ پچ اتي جادوءَ جو گهر ايري بيهي رهندو هو ۽ اهي ٻئي اهڙا سهج مَن ٿي ويندا هئا، ڇڻ ورهين کان انهيءَ گهر ۾ رهندا هجن.

اها انهن جي ڀرپور جواني جي ڏينهن جي ڳالهہ ناهي، هاڻي جي ڳالهہ آهي تہ 'الف' هڪ سرڪاري ميٽنگ لاءِ 'سين' جي شهر ويئي. 'الف' کي بہ وقت 'سين' جيڏو سرڪاري عهدو ڏنو هو، ۽ هڪجهڙي حيثيت وارا ماڻهو جڏهن ميٽنگ مان اٿيا تہ سرڪاري آفيس ۾ ٻاهرين شهرن کان ايندڙن لاءِ

واپسيءَ جا ٽڪيٽ تيار رکيا هئا. ’سين‘ اڳتي وڌي، ’الف‘ جو ٽڪيٽ ورتو، ۽ ٻاهر اچي ڪيس پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهڻ لاءِ چيو.

پڇيائين: ”سامان ڪٿي آهي؟“

”هوٽل ۾.“

’سين‘ ڊرائيور کي پهرين هوٽل ۽ پوءِ گهر هلڻ لاءِ چيو.

’الف‘ ٽڪڙ نہ ڪئي، پر اندازي تي چيائين، ”پلين ۾ رڳو ٻہ ڪلاڪ باقي آهن، هوٽل مان ئي مشڪل سان ايئرپورٽ پهچنديس.“

”پلين سياڻي بہ ويندو، پرهين بہ، روز ويندو.“ ’سين‘ رڳو ايترو چيو، پوءِ رستي تي ڪجهہ نہ چيائين.

هوٽل مان سوٽ ڪيس ڪٺي گاڏيءَ ۾ رکيائين، تہ هڪ ڀيرو ’الف‘ وري چيو، ”وقت ٿورو آهي، پلين مِس ٿي ويندو.“

’سين‘ وراڻيو، ”گهر ۾ امان انتظار ڪندي هوندي.“

’الف‘ سوچيندي رهي تہ شايد ’سين‘ ماڻس کي انهيءَ ميٽنگ جو ڏينهن ٻڌائي ڇڏيو هو، پر هوءَ سمجهي نہ سگهي تہ ڇو ٻڌايو هئائين؟

’الف‘ هاڻي من ۾ اهو ’ڇو‘ پڇي ورتو، پر جواب جو انتظار نہ ڪيائين. ڪيس خبر هئي تہ وٽس ڪو جواب نہ هو. هوءَ ماٺ ڪري شيشي مان ٻاهر شهر جي عمارتن کي ڏسندي رهي.

ڪجهہ دير کان پوءِ عمارتن جو سلسلو ٽٽي ويو. شهر کان پري جي آبادي اچي ويئي، ۽ پرسان وڏن وڏن وڻن جون قطارون شروع ٿي ويون.

سمنڊ شايد پرسان ئي هو. ’الف‘ جو ساهہ لوڻاٺيل ٿي ويو. ڪيس لڳو تہ پام جي پنن وانگر سندس هٿن ۾ ڏڪڻي اچي ويئي هئي، شايد ’سين‘ جو گهر بہ هاڻي ويجهو هو.

وڻن ۽ ولين ۾ ويڙهيل هڪ ڪاٽيج جي پرسان پهچي گاڏي بيهي رهي. ’الف‘ بہ لٿي، پر ڪاٽيج جي اندر ويندي هڪ پل لاءِ ٻاهر ڪيلن جي وڻن پرسان بيهي رهي. دل چيس، پنهنجا ڪنبندڙ هٿ هتي ٻاهر ڪيلن جي ڪنبندڙ پنن جي وچ ۾ رکي ڇڏي. هوءَ ’سين‘ سان گڏ اندر ڪاٽيج ۾ وڃي سگهي ٿي، پر هٿن جي اتي ضرورت نہ هئي.

امان شايد گاڏيءَ جو آواز ٻڌي ورتو هو. هوءَ ٻاهر آئي ۽ هميشہ وانگي ’الف‘ جو مٿو چمي چيائين، ”اچ، ڌيءَ.“

هن ٻيهري ’الف‘ گهڻن ڏينهن کان پوءِ امان سان ملي هئي، پر امان

سندس مٿي تي هٿ ڦيريندي، ڇڻ مٿي تان ورهين جو بار لاهي ڇڏيو هجيس. ڪيس اندر وڃي وهاريندي چيائين، "ڇا پيئندينءَ، ڏيءَ؟"

'سين' بہ تيستائين اندر اچي ويو هو. امان کي چوڻ لڳو، "اول چانهہ ناهہ، پوءِ ماني."

'الف' ڏٺو، ڊرائيور گاڏيءَ مان سندس سوٽ ڪيس اندر کڻي اچي رهيو هو. هن 'سين' ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، "تمام ٿورو وقت آهي، مشڪل سان ايئرپورٽ پهچنديس."

'سين' ڊرائيور کي چيو، "سوير وڃي پرهين جو ٽڪيٽ وٺي اچج." ۽ ماءُ کي چيائين، "تون چوندي هئينءَ تہ منهنجن ڪجهہ دوستن کي مانيءَ تي سڏڻو آهي، تن کي سڀاڻي سڏي وٺ."

'الف'، 'سين' جي ڪيسي ڏانهن ڏٺو، جنهن ۾ سندس واپسيءَ جو ٽڪيٽ پيو هو. چيائين: "پر هي ٽڪيٽ اجايو ضايع ٿيندو."

ماڻس رڌڻي ڏانهن ويندي بيهي رهي، ۽ 'الف' جي ڪلهي تي پنهنجو هٿ رکي چوڻ لڳي، "ٽڪيٽ جو ڇا آهي، ڏيءَ! ايترو چوي ٿو، ترسي پؤ."

پر ڇو؟ 'الف'، جي من ۾ آيو، پر ڪُڇي ڪانہ. ڪرسيءَ تان اٿي ڪمري جي اڳيان ورانڊي ۾ وڃي بيهي رهي. سامهون پري تائين پام جا وڏا وڏا وڻ هئا. سمنڊ پري هو. ان جو آواز ٻڌڻ ۾ نہ پئي آيو، پر وڻ ڏسڻ ۾ پئي آيا. 'الف' کي لڳو، رڳو اڄ جو 'ڇو' نہ، سندس زندگيءَ جا ڪيترائي 'ڇو'، سندس من جي سمنڊ جي ڪناري، انهن پام جي وڻن وانگر اڀريل آهن، ۽ انهن جا پن ورهين کان هوا ۾ ڪنبي رهيا آهن.

'الف' مهمانن وانگر چانهہ پيتي، رات جي ماني کاڌي، ۽ گهر جي وهنجڻ جي جاءِ جو پڇي، رات جو سمهڻ وبل پائڻ وارا ڪپڙا بدلايا. گهر ۾ هڪ ڊگهي بيٺڪ هئي، ڊرائنگ، ڊائننگ، ۽ ٻہ ٻيا ڪمرا هئا. هڪ 'سين' جو ۽ ٻيو ماءُ جو. ماءُ ضد ڪري پنهنجو ڪمرو 'الف' کي ڏنو، ۽ پاڻ بيٺڪ ۾ سمهي پيئي.

'الف' سامهون واري ڪمري ۾ هلي ويئي، جتي ڪيتري ئي دير جهجهڪي ويٺي رهي ۽ سوچيندي رهي: 'مان بيٺڪ ۾ هڪ ٻہ راتيون مسافرن وانگر رهان ها تہ ٺيڪ هو. هي ڪمرو امان جو آهي، امان کي ئي رهڻ گهرجي ها.'

سمهڻ واري ڪمري جي پلنگ، پردن، ۽ المارين ۾ هڪ گهري قسم

آهي؟ پان وٺنا آهن يا نہ؟ ڊرنڪس لاءِ ڪباب ڪيترا وٺون؟ فلاڻي جو گهر رستي ۾ پوي ٿو. ڪيس بہ سڏيون؟ ۽ اهي سڀ ڳالهيون اهڙيون نہ هيون جيڪي ستن ورهين کان پوءِ ملندڙ ڪندا آهن.

’الف‘ کي سوير دوستن کي گهر تي پهريون ڀيو سڏ ڏيندي وقت رڳو ٿوري پريشاني محسوس ٿي هئي. اهي بيشڪ ’سين‘. جا دوست هئا، پر هڪ ڊگهي عرصي کان ’الف‘ کي سڃاڻيندا هئا. دروازو کولڻ تي ٻاهر ڪيس ’سين‘ سان گڏ ڏنائون ٿي تہ حيران ٿي چيائون ٿي: ”اوهان!“

پر جڏهن اهي اڪيلا گاڏيءَ ۾ ويٺا ٿي تہ کلي ڏنائون ٿي. ڏٺئہ، ڪيڏو حيران ٿي وَيو. ڪانئس ڳالهايو نہ پئي ويو.

۽ پوءِ، هڪ ٻن ڀيرن کان پوءِ، دوستن جي حيراني بہ سندن ساڌارڻ ڳالهين ۾ شامل ٿي ويئي. ’سين‘ وانگيان ’الف‘ هاڻي سهج من سان کلڻ لڳي.

شام جي وقت ’سين‘ ڇاتيءَ جي سور جي شڪايت ڪئي. ماٺس ڪٽوريءَ ۾ برانڊي وڌي، ۽ ’الف‘ کي چيائين: ”هان وٺ ڏيءَ، هيءَ برانڊي هن جي ڇاتيءَ تي ملينس.“

انهيءَ وقت شايد ايترو ڪجهہ سهج ٿي چڪو هو. ’الف‘، ’سين‘ جي قميص جا مٿيان ٻٽڻ کوليا ۽ هٿ سان سندس ڇاتيءَ تي برانڊي ملڻ لڳي.

ٻاهر ٻاهر جي وٽن جا ٻن ۽ ڪيلي جا ٻن اچا تائين ڪنبي رهيا هئا، پر ’الف‘ جي هٿ ۾ ڪنبڻي نہ هئي. هڪ دوست وقت کان اڳ اچي ويو هو. ’الف‘ برانڊيءَ ۾ پسايل هٿن سان سندس آڌرڀاءُ ڪندي ڪيس نمسڪار بہ ڪيو، ۽ پوءِ ڪٽوريءَ ۾ هٿ وجهي، باقي بچيل برانڊي ’سين‘ جي ڳچيءَ تي ملي ڇڏي، کلهن تائين.

هوريان هوريان ڪمرو مهمانن سان ڀرجي ويو. ’الف‘ فرج مان برف ڪڍندي رهي ۽ سادو پاڻي ڀري فرج ۾ رکندي رهي. وچ وچ ۾ رڌڻي ڏانهن بہ ويندي رهي. ٿڌا ڪباب وري گرم ڪري کڻي ويندي رهي. رڳو هڪ ڀيرو جڏهن ’سين‘، ’الف‘ جي ڪن ۾ چيو، ’ٽي چار تہ اهي بہ اچي ويا آهن، جن کي سڏيو نہ هيوسين. ضرور ڪنهن دوست چيو هوندن، توکي ڏسڻ لاءِ اچي ويا آهن.“

محفل گرم ٿي، رات ٿڌي ٿي، ۽ جڏهن لڳ ڀڳ آڌي رات جي وقت سڀ هليا ويا تہ ’الف‘ سمهڻ واري ڪمري ۾ وڃي پنهنجي سوٽ ڪيس مان رات

چڙهيو. ۽ پوءِ اهي سچو ڏينهن انهيءَ شهر جي سڙڪن تي هلندا رهيا.

اهي سندن ڀرپور جوانيءَ جا ڏينهن هئا. هنن لاءِ نه گرمي هئي، نه سردي. ۽ پوءِ جڏهن ڇانهه ڀيڻ لاءِ اهي هڪ ڪيفي ۾ ويا ته ٻئري هڪ مرد، ۽ هڪ عورت، ۽ ٻار ڪي ڏسي هڪ الڳ ڪنڊ ۾ ڪرسيون صاف ڪيون هيون. ۽ ڪيفي جي انهيءَ الڳ ڪنڊ ۾ هڪ جادو جو گهر ٺهي تيار ٿي ويو هو.

۽ هڪ ڀيري- اوچتو هلندڙ ريل گاڏيءَ ۾ سندس ملاقات ٿي ويئي هئي. 'سين' به هو، ماڻس به هئي، ۽ 'سين' جو هڪ دوست پڻ. 'الف' جي سيٽ تمام پري هئي، پر 'سين' جي دوست ساڻس سيٽ مٽائي هئي، ۽ سندس سوٽ ڪيس کڻي 'سين' جي سوٽ ڪيس جي ڀرسان رکي ڇڏيو هو. گاڏيءَ ۾ ڏينهن جي وقت ٿڌ نه هئي، پر رات ٿڌي هئي. ماڻس ٻنهيءَ کي هڪ ڪمبل ڏنو هو، اڌ 'سين' جي لاءِ، اڌ 'الف' جي لاءِ. ۽ هلندڙ گاڏيءَ ۾ انهن جي ڪمبل جا ڇيڙا جادوءَ جي گهر جون ديوارون بنجي ويا هئا.

جادوءَ جون ديوارون ٺهنديون هيون، ۽ ڊهنديون هيون، ۽ نيٺ انهن جي وچ ۾ ڪنڊرن جهڙي خاموشيءَ جو هڪ ڍڳ لڳي ويندو هو.

'سين' جو ڪوئي ٻنڌن نه هو. 'الف' کي هو. پر هوءَ ٿوڙي سگهي ٿي. پوءِ اهو ڇا هو جو اهي سموري ڇمار سڙڪن تي هلندا رهيا.

"هاڻي ته ڇمار گذري ويئي." 'الف' ڇمار جي گذرندڙ ڏينهن جي باري ۾ سوچيو ۽ هاڻي جي سرد ڏينهن جي باري ۾ به. لڳس: سمورا ڏينهن، سمورا ورهيه، پاڻ جي پنن وانگيان هوا ۾ بيٺا ڪنبي رهيا هئا.

گهڻا ڏينهن ٿيا، هڪ ڀيري 'الف' ورهين جي ماٺ ٽوڙي پڇيو هو، "تون ڳالهائين ڇو نٿو؟ ڪجهه به نٿو چوين. ڪجهه ته چؤ!"

پر هو کلي پيو هو، چوڻ لڳو، "هتي روشني گهڻي آهي، هر هنڌ روشني ٿي هجي، مون کان روشنيءَ ۾ ڳالهايو نٿو ٿئي."

۽ 'الف' جي من چيو هو، "هو هڪ ڀيرو سچ کي جهلي وسائي ڇڏي."

سڙڪن تي رڳو ڏينهن چڙهندا آهن. راتيون ته گهرن ۾ هونديون آهن. پر گهر ڪو هو ڪونه، انهيءَ ڪري رات به کٽي نه هئي. هن وٽ ته رڳو سڙڪ هئي، ۽ سچ هو، ۽ 'سين' سچ جي روشنيءَ ۾ ڳالهائيندو نه هو.

هڪ ڀيرو ڳالهايو هئائين.

هو ماٺ ويٺو هو، جڏهن ’الف‘ پڇيو هئس، ”ڇا پيو سوچين؟“ ته هن ٻڌايو هو، ”سوچيان ٿو، ڇوڪرين سان فلرٽ ڪريان، ۽ توکي ڏکي ڪريان.“

پر انهيءَ ريت شايد ’الف‘ ڏکي نه، سُکي ٿي وڃي ها، انهيءَ ڪري ’الف‘ به کلڻ لڳي هئي، ۽ ’سين‘ به. ۽ پوءِ هڪ ڊگهي ماٺ.

ڪئين ڀيرا ’الف‘ جي من ۾ ايندو هو ته هٿ اڳيان وڌائي ’سين‘ کي سندس خاموشيءَ مان ٻاهر ڪڍي اچي، انهيءَ حد تائين، جتي دل جو درد آهي. پر هوءَ پنهنجا هٿ رڳو ڏسندي رهجي ويئي، هن هٿن سان ڪڏهن ڪجهه ڪيو نه هو.

هڪ ڀيري ’سين‘ چيو هو: ”هلو چين هلو!“

”چين؟“

”هلنداسين، پر واپس نه ايندا سين.“

”پر چين ڇو؟“

اها ”ڇو“ به شايد ٻاهر جي وڻ وانگيان هئي، جنهن جا پن وري هوا ۾ ڪنبڻ لڳا.

انهيءَ مهل ’الف‘ وهاڻي تي مٿو رکيو هو، پر ننڊ نه پئي آيس. ’سين‘ پر واري ڪمري ۾ سمهيو پيو هو، شايد ننڊ جي گوري کائي.

’الف‘ کي نه پنهنجي جاڳڻ تي ڪاوڙ آئي، نه ’سين‘ جي ننڊ تي. هوءَ رڳو اهو سوچي رهي هئي ته اهي سڙڪن تي هلندي جڏهن به ڪڏهن ملي وڃن ٿا ته اتي گهڙي پهر لاءِ هڪ جادوءَ جو گهر ڇو نهي بيهي رهي ٿو.

’الف‘ کي ڪل اچي ويئي. ٽيندڙ جوانيءَ جي وقت ته ائين ٿيندو هو، نيڪ آهي، پر هاڻي ڇو ٿو ٿئي؟ اڄ ڇو ٿيو؟

اهو خبر ناهي ڇا هو، جو عمر جي ڇنبي ۾ نه اچي رهيو هو.

باقي رات خبر ناهي ڪڏهن گذري ويئي، هاڻي در تي هوريان نڪاءُ ڪندي ڊرائيور چئي رهيو هو، ”ايئرپورٽ وڃڻ جو وقت ٿي ويو آهي.“

’الف‘ سانڍهي ٻاتي، سوٽ ڪيس ڪنيو. ’سين‘ به جاڳي پنهنجي ڪمري مان اچي ويو، ۽ ٻئي ڄڻا انهيءَ در ڏانهن وڌيا جيڪو ٻاهر سڙڪ ڏانهن کليو ٿي.

ڊرائيور ’الف‘ جي هٿ مان سوٽ ڪيس وٺي ڇڏيو هو. ’الف‘ کي

پنهنجا هٿ وڏيڪ خالي لڳا. هوءَ نٽ تي جڻ اٽڪي بيهي رهي، پوءِ جلدي اندر ويئي ۽ بينڪ ۾ سمهيل ، ڪي خالي هٿن سان پرڻام ڪري ٻاهر اچي ويئي.

پوءِ ايئرپورٽ واري سڙڪ شروع ٿي ويئي، ختم ٿيڻ تي ٻہ اچي ويئي، پر 'سين' ٻہ ماٺ هو، 'الف' ٻہ.

اوچتو 'سين' چيو، ”تون ڪجھہ چوڻ پيئي چاهين؟“

”نہ.“

۽ هوءَ وري ماٺ ٿي ويئي.

پوءِ 'الف' کي لڳو- شايد 'سين' کي ٻہ- تہ گهڻو ڪجھہ چوڻ لاءِ هو، گهڻو ڪجھہ ٻڌڻ لاءِ، پر گهڻي دير ٿي ويئي هئي، پر هاڻي سمورا لفظ زمين ۾ پيهي ويا هئا- پام جا وڻ ٻنجي ويا هئا ۽ من جي سمنڊ پرسان لڳل انهن وڻن جا پن شايد تيستائين ڪبندا رهندا جيستائين هوا گهُلندي رهندي.

ايئرپورٽ اچي ويو ۽ پيرن هيٺان 'سين' جي شهر جي سڙڪ ٽٽي ويئي.

هاڻي سامهون هڪ نئين سڙڪ هئي، جيڪا هوا مان گذري 'الف' جي شهر جي هڪ سڙڪ سان ملڻ لاءِ ويئي ٿي ۽ اتي، جتي ٻہ سڙڪون هڪ ٻئي جي پاسي کان نڪرن ٿيون، 'سين' هوريان 'الف' کي پنهنجي ڳلي سان لڳائي ڇڏيو. پوءِ اهي ٻئي ڪنبندي، پيرن هيٺان زمين کي اهڙي طرح ڏسڻ لڳا، جڻ ڪين انهيءَ گهر جو ڏيان اچي ويو هجي جو نهيو نہ هو. ⌐⌐⌐

# پيميءَ جا بار

(پنجابي)

## سنت سنگهه سيکوُن

اها ويهن ورهين جي پراڻي ڳالهه آهي، جڏهن آئون سٺن ورهين جو هئس ۽ منهنجي پيءُ يارنهن ورهيه جي هئي. اسان جي ٻني گهر کان ميل کن جي پند تي هئي. اڌ وچ تان جرنيلي سڙڪ لنگهندي هئي، جنهن تي جهنگلين، پناٽن، ڦورن ۽ ڌارين جي ڪافي اچ وڃ هوندي هئي. اسان سڀ ٻار، جن کي گهر وينئي پناٽن کان ڏاڍو خوف ٿيندو هو. ڪنهن وڏي ماڻهو ڏي پاڻ سان گڏ ڪڻڻ کان سواءِ، انهيءَ روڊ تان لنگهندي ڊپ وچان ڏڪڻي وٺي ويندي هئي. پر مصيبت اها هئي جو اسان کي ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا پنهنجي پيءُ ۽ ٻنيءَ تي ڪم ڪندڙ هاريءَ لاءِ ماني کڻي وڃڻي پوندي هئي ۽ هر روز اسان جي حالت هڪ ڏکئي جهنگ مان گذرندڙ ماڻهن وانگر هوندي هئي.

اسان عام طور تي گهر کان ڏاڍي همت ٻڌي نڪري پوندا هئاسين، پر روڊ تي ٽن فرلانگن جو فاصلو ئي طئه مس ڪري سگهندا هئاسين ته واهه ۾ پوندڙ شاخ پار ڪندي اسان تي سڪتو ڇانئجي ويندو هو ۽ اُتي بيهي چوُطرف ڏسڻ لڳندا هئاسين ته شايد ڳـِـث جو ڪو وڏڙو يا ايندڙ ويندڙ ماڻهو نظر اچي وڃي ته جيئن سندس سهارو وٺي اسان انهيءَ خوفناڪ سمنڊ مان اُڪرڻ جي لائق ٿي وڃون.

اسان کي مذهبي تعليم ئي ڪجهه اهڙي قسم جي ملي رهي هئي جو طرح طرح جا خوف اسان جي مزاج جو هڪ حصو بنجي ويا هئا. هر روز شام جو اسان گهر ۾ وڏڙن کان بهشت ۽ دوزخ جا افسانا ٻڌندا رهندا هئاسين. بهشت ته اسان کي ٻنيءَ کان سواءِ ٻئي ڪٿي ڏسڻ ۾ نه ايندو هو، پر جهنم وک وک تي ملندو هو. سيٺيءَ کان وڏو جهنم ته مڪتب هوندو هو، جنهن کان جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن ڇوٽڪارو ملي ويندو هو ته ٻنيءَ تي ماني کڻي وڃڻ جي جهنم سان واسطو پوندو هو. ڳالهه ڪٿائٽي، بس ايترو سمجهي

ونو تہ جهنم اسان جي هر رستي تي تاڪ ۾ ويٺو هوندو هو.

نہ ڄاڻان انهيءَ روڊ جي سمنڊ کي پار ڪري ٻنيءَ تي وڃڻ اسان کي جهنم لڳندو هو يا ٻنيءَ تي ماني کڻي ويندي اُنهيءَ روڊ تان گذرڻ جي خيال انهيءَ کي هڪ ڀوائتو سمنڊ بنائي ڇڏيو هو. آئون انهيءَ سلسلي ۾ پڪ سان ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. مون کي اها خبر آهي تہ ٻني بهشت هو، ماني کڻي وڃڻ تڪليف وارو جهنم هو ۽ اها وچ واري سڙڪ ڀوائتو سمنڊ هئي.

سياري جا ڏينهن هئا. اسان ٻئي ڀاءُ ڀيڻ منجهند جي ماني کڻي ٻنيءَ ڏانهن نڪري پياسين. ڏاڍي ونندڙ اُس ڦهليل هئي ۽ اسين سياري جي انهيءَ اُس جو مزو وٺندا هليا پئي وياسين، پر سڙڪ تان لنگهڻ جو ڊپ دل کي ڪوئي وانگر ڪُتري رهيو هو.

اسان ڊپ کي ڊہائڻ جو هڪ عام طريقو استعمال ڪرڻ چاهيو. ڀيڻ مون کي هڪ ڪهاڻي ٻڌائڻ لڳي: "هڪ هو راجا. جنهن جي راڻي مري ويئي هئي. مرڻ کان اڳ هن راجا کي چيو، "مون سان واعدو ڪر. راجا پڇيو ڪهڙو واعدو؟"

مون ڪهاڻيءَ تان ڌيان هٽائي پويان مُڙي ڳوٺ ڏانهن ڏٺو تہ متان ڪو ماڻهو اسان جي ئي رستي تان ايندو هجي.

"تون ٻڌين نٿو." ڀيڻ مون کي ڪلهي کان لوڏي چيو.

"نہ، آئون نٿو ٻڌان." مون هڪ ڀاءُ وانگر گستاخيءَ سان ورائيو.

"اُها راڻي جڏهن مرڻ لڳي تہ هن راجا کي پاڻ وٽ سڏايو ۽ چيائين، "مون سان هڪ واعدو ڪر."

راجا پڇيس، "ڪهڙو وعدو؟" راڻي چيو، "ٻي شادي نہ ڪج: اوهہ، مون اهو ٻڌائڻ تہ وساري ڇڏيو تہ راڻيءَ جا ٻہ پٽ ۽ هڪ ڌيءَ هئي."

اسان کي راجا ۽ راڻي پنهنجن ماءُ پيءُ جهڙا ڏسڻ ۾ آيا. اسان جي ماءُ مرڻ لڳندي تہ اُها بہ اسان جي پيءُ کان اهوئي واعدو وٺندي. شايد اهو خيال اسان جي دل ۾ ڪم ڪري رهيو هو. مون کي پنهنجي ڀيڻ، راڻيءَ جي ڌيءَ لڳي ۽ آئون پنهنجو پاڻ کي سندس پٽ محسوس ڪرڻ لڳس.

منهنجي ڀيڻ ڳوٺ ڏانهن ڏسي رهي هئي. "هاڻي اِڪتي بہ ٻڌاءِ نہ."

مون ڀهرئين وانگر رُکي لهجي ۾ کيس چيو:

"راڻي سوچيو تہ منهنجن پٽ ۽ ڌيءَ کي ماتيجي ماءُ ستائيندي." ڀيڻ ڪجهہ وڏيڪ مٺو ۽ ڪجهہ وڏيڪ عورتاڻو روپ ڀريندي چيو، "اهوئي سبب

آهي جو راڻي راجا کان واعدو ورتو هو. راجا چيو، چڱو، آئون اهو واعدو ڪريان ٿو."

ڇڻ راڄا جيڪڏهن ائين نہ ڪري ها تہ راڻي مرڻ کان انڪار ڪري ڇڏي ها.

"هونهن."

جيتوڻيڪ اسان کي خبر هئي تہ ڏينهن جو ڪهاڻي ٻڌائڻ سان واٽهڙو پنهنجو رستو ڀلجي ويندا آهن، پر هڪبئي کي انهيءَ کان خبردار نہ ڪيوسين ۽ اسان پنهنجي انهيءَ علم سان پنهنجي دل ۽ پنهنجن خيالن تي اثر نہ ٿيڻ ڏنو.

"هونهن."

اڳيان موڙ تي اسان کي هڪ ماڻهو ايندي ڏسڻ ۾ آيو. اسان اطمينان جو ساهہ کنيو ۽ اٿي بيٺاسين تہ جيئن هو اسان سان اچي ملي. ڪهاڻي بيهي ويئي. اهو ماڻهو ڪنهن ٻئي طرف وڃي رهيو هو. هو اسان ڏانهن نہ مُڙيو.

اسان جنهن مقصد لاءِ اها ڪهاڻي ڇيڙي هئي، اُهو پورو نہ ٿيو. اسان جو خيال هو تہ ڪهاڻيءَ ۾ محو ٿي اسان هڪدم سڙڪ پار ڪري ويندا اسين. سڙڪ هڪ فرلانگ اڃا رهجي ويئي هئي ۽ اسان جي ڪهاڻي ساهہ روڪي بيهي رهي هئي. ڪنهن وڏڙي جي اچي ملڻ جي اُميد بہ ختم ٿي ويئي هئي. اسان ٻئي ڊڄي بيٺا رهياسين.

ڏهہ ويهہ قدم ٻيا اڳتي وڌياسين تہ اسان جو ڊپ اڃا بہ ڪجهہ وڌي ويو. سڙڪ تي ڪارو مخملي واسڪوٽ ۽ پناڻن جهڙي ڪليل پائنچن واري شلوار پاتل هڪ ماڻهو ليٽيو پيو هو.

"هو ڏس، ڪو پناڻ سمهيو پيو آهي!" مون چيو.

هن ماڻهو پاسو بدلايو.

"هي تہ جُري رهيو آهي. جاڳيل آهي." منهنجي ڀيڻ ڊڄي ويئي ۽ چيائين، "هاڻي ڇا ڪريون؟"

"ڇا هي اسان کي پڪڙيندو؟"

"پيو نہ تہ ڇا." هُن وراڻيو.

اسين رات جو گهر مان تمام گهٽ ٻاهر نڪرندا هئاسين، پر اسان اهو ٻڌو هو تہ جيڪڏهن ڊپ لڳي تہ "واهگرو" جو نالو وٺبو تہ ڊپ ڀڄي ويندو. اسان جي امان اسان جي مامي جي ڳالهہ ٻڌائيندي هئي تہ هڪ پيري

# بهشت ۽ دوزخ

(گجراتي)

## ڏوُمر ڪيتوُ

'ستلج' متوالي، نانگ وانگي وَرَ ڪائيندي، جتي هماليا کان مُنهن موڙي پنجاب جي ميدانن سان ٻاڪر ٻائي ٿي، اتي آسمان کي چمندڙ جبلن جون چوٽيون ۽ اُفق کي ڳلي لڳائيندڙ ڪشادا ۽ سرسبز ميدان، هڪٻئي سان منڙيون منڙيون ڳالهيون ڪري، صدين کان دوستيءَ جو ناتو نباهي رهيا آهن.

جڏهن هيءَ دنيا پنهنجن شروعاتي ڏينهن ۾ هئي، تڏهن انهن ميدانن ۾ هرڻ ۽ ڦاڙها مزي سان ڪائي پي ڊوڙندا وتندا هئا. بستيءَ جي رهواسين جون گانيون، آسمان جي اَڇهي هيٺ، سرسبز ميدانن ۾ چرنديون ڏسڻ ۾ ايندون هيون. ننڍڙيءَ ٻچيءَ وارا ڳابا، هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙندا ڏُڪندا وتندا هئا. ٻاهر ٻارڻ واسطي ڪانيون ڪري پنهنجي بستيءَ ڏانهن واپس ورندي، ٻالڪ ڪارن ڪڪرن ڏانهن اکيون کڻي نهاريندا هئا. چوڏري وايومنڊل ۾ نئون روح ۽ سُکي جيوت جي لهر ڊوڙندي نظر ايندي هئي.

ايام ٿي ويا، ستلج ڪناري ۾ خوشحال ڪٽنب آباد هئا، جڻ هڪ ننڍڙي بستيءَ جو وجود ٻڌجي چڪو هو. هڪڙو ڪٽنب گوتم جو هو. سندس زال جو نالو سُنند، ۽ لاڏلي ڌيءَ جو نالو سُوڪيشي هو. گوتم وٽ تمام گهڻيون گانيون هونديون هيون، ۽ هڪ ٻني هئي، جنهن جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين پهچڻ ۾ هڪ ڏينهن کان وڌيڪ وقت لڳي ويندو هو. ٻنيءَ جي زمين زرخيز هئي، ۽ انهيءَ زمين جي ٽڪر کي ستلج پنهنجن پوتر قدمن سان هر سال نوازيندي رهندي هئي. ٻيو ڪٽنب ستيہ ٻُر جو هو. گهر ۾ چار ياتي هئا: هو خود، سندس زال وشاکا، پٽ آرائيڪ، ۽ گود ۾ ورتل پٽ سُميرو. گانيون جام هئن، ۽ چرڻ لاءِ وسيع سرسبز ميدان هو، انهيءَ

ڪري سندن زندگي آسودگيءَ سان گذري رهي هئي.

انسان جڏهن آسودو ٿئي ٿو، تڏهن ڪيس فطرت جو هر نقش زندگيءَ جو سحر آفرين نغمو ٻڌائيندو محسوس ٿئي ٿو. آرائيڪ، سُميرو ۽ سُوڪيشي سمنڊ جي لهرن وانگي اُجهندڙ بادلن کي ڏسندا هئا، ۽ گانيون چاريندي جڏهن ٿڪ محسوس ڪندا هئا، تڏهن جبل جي ڪنهن ٿڌي ۽ گهاٽيءَ ڇانوَ ۾ ويهي آرام وٺندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ٽيئي ڄڻا، نديءَ جي لڙاٽيل ۽ ٿڌي پاڻيءَ ۾ پير وجهي، ڪناري سان ٽڪرائيندڙ لهرن جو تماشو ويهي ڏسندا هئا. بعضي جبل جي دامن ۾، گهاٽن وڻن ۾، لِڪلڪوٽيءَ راند ڪيڏندا هئا. سندن خوشحال زندگيءَ ۾ حرص ۽ حوس، خودغرضيءَ، حسد ۽ ڪيني جو نالو به ڪونه هو. اڪثر سوڪيشيءَ جي معصوم حسن جو نظارو، آرائيڪ ۽ سميرو جي دلين ۾، برهه ڦٽيءَ جي ٿڌيءَ روشنيءَ ۾ ننڊ مان بيدار ٿيندي، آسمان جي خوبصورتيءَ جو احساس جاڳائيندو هو. پر حُسن، چاهي بارش ڀريل بادلن يا سونهري آسمان کي چمندڙ جبل جي چوٽين ۾ هجي، گلاب جي پنکڙين تي شبنم جي بوندن ۾ هجي، يا اُرس موڙيندي ننڊ مان بيدار ٿيندڙ ڪنهن جوانيءَ جو هجي، بهرحال هڪ تصور آهي، هڪ خيال آهي، پاڪيزه. انهيءَ جذبي کي دل ۾ سانديو، ٽيئي ڄڻا ستلج ڪناري ميدانن ۾ گهمندا وتندا هئا.

پاڙيسرين جي وچ ۾ سٺو ورتاءُ هوندو هو. هو هڪٻئي جي آئيءَ ويل همدردي ڪرڻ ۽ ڏک درد ۾ هڪٻئي سان شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪوشان رهندا هئا. جن وٽ سندن زمين مان ڪڻڪ وڏيڪ پيدا ٿيندي هئي، سي اها ٻين کي سندن ضرورت مطابق ڏيئي، ڪانئن چانور وٺي ايندا هئا. پاڻيءَ بدران کير ملي ويندو هو، ۽ کير جي عيوض ماکي. سڀئي هڪٻئي کي برابر سمجهندا هئا. زندگيءَ جي ضرورت جون سموريون شيون برابر سمجهيون وينديون هيون. ٻالڪ ڪيڏندي ڪٿي ٿڪجي پوندا هئا، ته ڪنهن ٻئي جي گهر ماني کائي ڇڏيندا هئا. ڪنهن جي گهر کي دروازو ڪونه هوندو هو، ۽ نه ئي ڪا ضرورت محسوس ڪئي ويئي هئي.

انهيءَ وقت شاديءَ جي دنياوي رسم کي ڪير سمجهندو به ڪونه هو؛ پر پيار جي حقيقت کان هرڪو واقف هو. پريم جي ڌاڳي ۾ ٻڌل جوڙي کي موت جا سرد ۽ پيانڪ هٿ به جدا نٿي ڪري سگهيا. طلاق يا بيواهه جي وهانءُ جو سوال اجا ڪنهن به سياستدان ڪونه اُٿاريو هو. اول ته نديءَ

عمر ۾ ڪا ٻيواهہ ٿيندي ٻہ ڪانہ هئي؛ ۽ جيڪڏهن ڪا ٻيواهہ ٿيندي هئي تہ ڪيس ٻيهر پريم جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجڻ جو حق حاصل هو. اغوا جا واقعا ٻڌا ئي ڪين هئا. ڇاڪاڻ تہ عورت ۽ مرد ٻيئي پريم جي پابنديءَ هيٺ خوشحال زندگي گذارڻ لازمي سمجهندا هئا. انسان ذات کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ وارا ڊاڪٽر ڪين هوندا هئا، ڇاڪاڻ تہ خود فطرت سندن زندگيءَ ۽ تندرستيءَ جي رکوالي ڪندي هئي. طبقاتي امتياز ۽ غريب- امير جي ڪابہ تفريق ڪانہ هئي. زندگيءَ جي ضرورت جون شيون هر وقت موجود رهنديون هيون. هوش خطا ڪرڻ واريون قيمتون ڪين هيون، تجارت ۽ سوديبازي ڪانہ هئي. هڪٻئي سان همدردي ۽ برادرانئو ورتاءُ هوندو هو. مندر نہ هئا، ۽ نڪي مسجدون. راجا مهاراجا بہ ڪونہ هئا، ۽ نہ وري قانون هو- صرف محبت ۽ پريم جو راڄ هو. هڪٻئي سان دوستيءَ، پُرخلوص محبت ۽ پريم سان سڀني ضروري چيزن جو سودو ٿيندو هو. مذهب، کليل ميدان ۾ ٻيهي قدرت جي نقش و نگار کي ادب ۽ احترام سان ڏسڻ جو نالو هو؛ سڀ پنهنجيءَ دل جا مالڪ هوندا هئا. باهمي سُلوڪ ۽ ان وقت جا رائج طريقا ئي قانون هئا. سچائي، حياتيءَ جو مقصد هئي. اِها هئي هِن ڌرتيءَ جي جنت!

ڪارا بادل ڇانيل هئا. سڀ کان اُوچي جبل جي چوٽيءَ تي آرائيڪ ۽ سوڪيشي وينا هئا. هيٺ، نگاهن جي حد تائين، زمردي فرش وڇايل هو. برسات جي پاڻيءَ سان ڌوپجي، جبل جون چوٽيون صبح جي سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيون هيون. ساوڪ ۾ مختلف جانور هيڏانهن هوڏانهن چري رهيا هئا. فضا ۾ ڌنڌلا بادل اچ وڃ ڪري رهيا هئا. ٿڌي هوا لڳي رهي هئي، جنهنڪري سوُڪيشيءَ جا کليل وار لهرائي رهيا هئا. سندس جسم جو هيٺيون حصو ڪنول جي پنن سان ڍڪيل هو، ۽ مٿين حصي تي گلن جي مالا ويڙهيل هئي. آرائيڪ سندس وارن ۾ گل هڻي رهيو هو. انهيءَ وقت ڪارا بادل، جهڪي، اُفق ڪناري، زمين جو منهن چمي رهيا هئا. جبل تي اپريل وڻن جا پن بارش جي انتظار ۾ پريشان نظر ٿي آيا. جهنگلي وَليون وڻن سان ياڪرن ۾ هيون. ڊيلون، نچنديون ٽپنديون، مورن وٽ پهچي چڪيون هيون. اوچتو سوڪيشيءَ جي نظر آرائيڪ جي بند ٿيل هٿ جي مُٺ تي پيئي، جنهن ۾ هو ڪنهن شيءِ کي لڪائي رهيو هو. سوڪيشيءَ اڌ کليل اکين سان کِلندي پڇيو، "تنهنجي هٿ ۾ ڇا آهي، آرائيڪ؟" آرائيڪ سوڪيشيءَ کي

محبت ڀريل نظرن سان ڏٺو، ۽ پنهنجي بند ٺيل مٺ کوليائين. جيئن بادلن سان گهيريل چنڊ جي روشني چوطرف اُجالو ڦهلائيندي آهي، تيئن، آرائيڪ جي مٺ کلندي ئي، چمڪندڙ هيري جي چمڪ سان هٿ جي ترئيءَ جو اُهو حصو جڳمڳائجي ويو.

"اهو ڇا آهي، آرائيڪ؟" سوڪيشيءَ هيري کي پنهنجي هٿ ۾ کڻي پڇيو.

"هيءَ چمڪندڙ پٿر مون کي ستلج ڪناري مليو. هلڪي ساڳي رنگيني ڪيئن نہ سهڻي ٿي لڳي!"

سوڪيشيءَ ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. هو بدستور هيري ڏانهن ڏسندي رهي، ۽ جلد ئي هٿن ۾ لڪائي ڇڏيائين. سندس سفيد ۽ نازڪ آڱرين مان ڇٽي نڪرندڙ هيري جي چمڪ ڪان سندس چهرو ٻهڪي اُٿيو. هن پنهنجيءَ ڳلن جي مالا کي هٽائي ڇڏيو. مالا جي هٽندي ئي، سوڪيشيءَ جو جوڀن آرائيڪ جي نظر سان اُلجهڻ لڳو.

"هيءُ پٿر مون کي ڏي، آرائيڪ!" سوڪيشيءَ پنهنجن قرمزي چپن تي مشڪ آڻيندي چيو.

اُنهيءَ وقت سُميرو، ساون ميدانن جو پاسو ڏيئي، پهاڙ تي چڙهي رهيو هو. چڙهندي چڙهندي سندس نظر آرائيڪ ۽ سوڪيشيءَ تي پيئي، جيڪي پوتر پريم جي دنيا ۾ مگن هئا. هو بيهي رهيو. چند گهڙيون، بي حس ۽ بي حرڪت بيهي، انهن ٻنهي کي ڏسندو رهيو. انهيءَ وقت، ڀهريون دفعو اُنهيءَ ڌرتيءَ جي جنت تي حسد ۽ رقابت جو منحوس پاڇو پيو. حسد ۽ رقابت جي جذبي جي پيدائش تي، جبل تان هڪ وڏي ڇپَ ڳڙڳڙاهٽ ڪندي اچي هيٺ پيئي. انهيءَ زوردار ڳڙڳڙاهٽ تي سڄو ميدان ڪنبي اٿيو. وڻن تان پکي اڏامڻ لڳا. جانور ڀڄڻ لڳا، ۽ وڻن جي ٽارين جا پن پاڻ ۾ سرٻاٽ ڪرڻ لڳا. ڳڙڳڙاهٽ جو آواز ٻڌي، سوڪيشي ۽ آرائيڪ بہ ڏڇي ويا. انهن ڏٺو تہ هڪ ڳري ڇپ، جبل جي دامن طرف وڃي رهي هئي، ۽ ڀرسان ئي سُميرو ڪنڌ جهڪائي هيٺ لهي رهيو هو.

سُميرو جي دل ۽ دماغ تي حسد جو جذبو ڇانيل هو. ميدانن جا چڪر ڏنائين، ۽ رنگبرنگي چمڪندڙ پٿر گڏ ڪندو ويو. انهن مان مالهائون بنائي، ڳائين جي ڳچين ۾ وجهندو ويو. پر، اڻٿڪ ڪوشش جي باوجود، ڪيس اُهو هيرو ملي نہ سگهيو جيڪو آرائيڪ سوڪيشيءَ کي ڏنو هو. آخر هڪ

ڏينهن، شام جي وقت، هو پنهنجي گروءَ جي جهوپڙيءَ ۾ لنگهي ويو، ۽ هٿ ٻڌي چوڻ لڳو، ”زندگيءَ جا باقي ڏينهن آئون نويڪلائيءَ ۾ گذارڻ چاهيان ٿو.“

گروءَ همدرديءَ وچان پڇيو، ”آخر اهو خيال تنهنجي دماغ ۾ ڪيئن آيو؟ تون گوشي نشيني ڇو ٿو اختيار ڪرڻ چاهين؟“

سميڙو ڪجهه وقت بيٺو رهيو، ۽ پوءِ نظرون زمين ۾ کپائي چوڻ لڳو، ”سُهائي صبح جهڙي حسين ۽ نازڪ سوڪيشي، آرائيڪ سان گڏ گهمندي وتي!“

گروءَ ٺهڪ ڏنو، ”ٻچا، جتي ٻن محبت جي متوالن کي حسد ۽ رقابت جي نظر سان ڏٺو ٿو وڃي، اتي جلد ئي دوزخ جي آڳ ڦهلجي وڃي ٿي، ۽ ٻيون غلاظتون پيدا ٿي پون ٿيون. جتي زندگيءَ ۾ پريم رس بدران حسد جو زهر داخل ٿئي ٿو، اُتي بربادي‌ءَ جا شعلا اُٿن ٿا. جيڪي اک ڇنڀ ۾ انسان ۽ ان جي زندگيءَ ۽ ماحول کي جلائي ڇڏين ٿا. تنهنڪري، ٻچا، جلڻ بجاءِ، تون به پنهنجي لاءِ ڪو موزون ساٿي ڳول ۽ آسودگيءَ جي زندگيءَ بسر ڪر.“

”مان ته سوڪيشيءَ کي حاصل ڪرڻ کان سواءِ سک ٿي نه سمهندس. آرائيڪ کيس هڪ هيرو ڏيئي، جيتي، پنهنجي بنائي ڇڏيو... مان کيس ڏهه هيرا ڏيندس!“

”ائين ڪرڻ سان هتي جو آرام ۽ سڪون تباهه ۽ برباد ٿي ويندو، سميرو!“

گروءَ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سميروءَ جو جواب صرف هڪ زهريلي مُشڪ هو.

جت سميرو گوشي نشيني اختيار ڪئي هئي، اُت مختلف رنگن جا چمڪندڙ پٿر هر طرف ٽڙيا پکڙيا پيا هئا. سميرو انهن پٿرن کي پنهنجي قبضي ۾ آندو. عورتون اڳي اُهي پٿر مالهائن بنائڻ لاءِ چُونڊڻ وينديون هيون، پر هاڻي انهن پٿرن کي حاصل ڪرڻ خاطر ڪين ڳانءِ، اناج، ماکي، ۽ اهڙي قسم جون ٻيون شيون قيمت طور سميرو کي ڏيڻيون پيون ٿي.

سُميرو جيڪو نئون دستور رائج ڪيو هو، انهيءَ کي ڏسي ٻيا به ساڳي راهه وٺڻ لڳا. انهيءَ کان اڳ هرڪو پنهنجي ضرورت جون شيون هڪٻئي سان مٽائي حاصل ڪندو هو، ۽ هرهڪ شيءِ جي قيمت هڪ جيتري سمجهي ويندي هئي. هاڻي سُميرو، پٿر جي رنگ روپ ۽ چمڪ دمڪ جي حساب سان، انهن جون جدا جدا قيمتون مقرر ڪري ڇڏيون هيون. انهن پٿرن

بدران مختلف ضرورت جون شيون حاصل ڪندي، سميرو وٽ انهن شين جو انبار لڳي ويو. نتيجي ۾، ماڻهو شين جي هڪ هٽيءَ ڪري ششدر ٿيڻ لڳا.

هڪ ڏينهن هڪ ٻيو سميرو وٽ آيو، ۽ چانور ڏيئي ماکي گهريائين.

"مان چانورن بدران ماکي نه ڏيندس،" سميرو چيو. "هونئن به، مون کي نه چانورن جي ضرورت آهي ۽ نه ماکيءَ جي."

"پر مون کي ته ماکيءَ جي ضرورت آهي." ٻئي جواب ڏنو. "توکي ماکي ڏيڻ گهرجي."

"شيءِ منهنجي آهي، ۽ ڏيڻ يا نه ڏيڻ فقط منهنجيءَ مرضيءَ تي منحصر آهي!"

سميرو جي واتان اهي لفظ ٻڌي، خاموش هوا، طوفان ۾ بدلجي، وڻن سان ٽڪرائجي، هانءَ ڦاڙي روئڻ لڳي. اهڙا لفظ ۽ اهڙا خيال انهيءَ علائقي ۾ پهريون دفعو ٻڌا ويا.

"ته ڇا، انهن شين جون قيمتون مقرر ٿي وييون آهن؟" ٻئي پڇيو. "ڇا آهي هِن جي قيمت؟"

"قيمت هر انسان جي ضرورت مطابق مقرر ڪئي ويجي ٿي." سميرو خوفناڪ ٽهڪ لڳائيندي چيو.

سميروءَ جي خوفناڪ ٽهڪ جي گونج کان سارو جهنگ ڪنبي اٿيو. سندس خيال، جيڪي انهيءَ سرزمين تي بلڪل نوان ۽ عجيب هئا، انهيءَ علائقي کي ناپاڪ ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا.

"ضرورت ڇا کي ٿو چئجي؟" ٻئي معصوميت سان پڇيو.

جواب ڏيڻ کان اڳ ڪافي مرد ۽ عورتون سندس جهوپڙيءَ طرف ايندي نظر آيا. ڪو ڳانءَ وٺي اچي رهيو هو، ڪنهن جو برتن چانورن سان ڀريل هو، ڪو ڪير ڪٺي آيو هو، ۽ ڪنهن سان ماکيءَ جو پيالو ساڻ هو.

اُنهن ڏانهن اشارو ڪري، سميرو ٻئي کي چيو. "اِنهيءَ کي ضرورت ٿو چئجي!"

مردن ۽ عورتن جي ٽولي سميرو جي ويجهو اچي ويئي. هو رڙيون ڪري رهيا هئا:

"مون کي لال پٿر ڏي!"

"مون کي سبز پٿر گهرجي!"

"مون کي زرد پٿر پسند آهي!"

"... خاموش!" سميرو گجيو.

ميڙ ۽ فضا ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. سميرو ٿيلهي مان بيشمار رنگن جا پٿر ڪڍيا.

"ها، ها، اسان کي اهي ئي پٿر گهرجن!" ميڙ هڪ ئي آواز ۾ رڙ ڪئي.

"هي لال آهي، ۽ هي زمرد." سميرو پٿرن کي ٻنهي هٿن ۾ کڻي چيو.

"مون کي لال ڏي."

"مون کي زمرد گهرجي."

"اسان کي ٻئي گهرجن."

"... خاموش!" سميرو رڙ ڪئي. فضا ۾ وري به ماٺ ڇانئجي ويئي.

"لال ڪنهن کي گهرجن؟"

"مون کي" ۽ "اسان کي" جي آواز سان ميدان گونجڻ لڳو.

سميرو فاتحانہ انداز ۾ ٽهڪ لڳائيندي چيو، "هيءُ برتن ڏسو! جيڪو بہ اهڙا پنجاهہ برتن ڪڻڪ سان ڀري ڏيندو، اُن کي هڪ لال پٿر ملندو."

ماڻهو آهستي آهستي پنهنجن برتنن ۾ ڪڻڪ وجهي ڏيندا ويا، ۽ لال ۽ زمرد وٺي خوشيءَ وچان نچڻ لڳا.

انهيءَ وقت، آرائيڪ ۽ سوڪيشي بہ اُت پهچي ويا.

سميرو ٻُڌي کان پڇيو، "تون منهنجو غلام بڻجڻ لاءِ تيار آهين؟"

"غلام ڇا کي چوندا آهن؟" ٻڌي حيرت مان پڇيو.

" 'ضرورت' ڇا کي چوندا آهن، سو تہ تو پنهنجين اکين سان ڏٺو؛ هاڻي آئون توکي 'غلام' جو مفهوم بہ سمجهائي ٿو ڇڏيان،" سميرو چيو. "ڏس، هي شيون جيڪي هيڏانهن هوڏانهن ٽڙيون پکڙيون پيون آهن، انهن کي سليقي سان رک، ۽ پوءِ سامهون وڻ هيٺ منهنجي لاءِ کٽ وڇاءِ. توکي بہ پٿر گهرجي نہ!"

جڏهن ٻڌو حڪم جي تعميل ۾ مشغول ٿي ويو، تہ سميرو مردن ۽ عورتن جي ٽولي کي مخاطب ٿي چيو:

"مان چاهيان ٿو تہ اوهان کي مختلف پٿرن ۽ ٻين شين جون قيمتون ٻُڌائي ياد ڪرائي ڇڏيان، جيئن اوهان کي هر هر پڇڻو نہ پوي. هاڻي آئون جيڪي ڪجهہ چوان ٿو، اوهين اهو دهرايو:

"چانورن سان ڀريل سؤ برتن، برابر لالَ جا ٽي ٽڪرا."

ٽولي هڪ زبان ٿي چيو: ”چانورن سان ڀريل سؤ برتن، برابر لالَ جا ٿي ٽڪرا!“

-”ڏيڍ سؤ دِلا ڪير جا ڀريل، برابر هڪ زمرد.“

- ”پنج ڳانيون، برابر هڪ هيرو.“

- ”ڏهہ هيرا، برابر هڪ نوجوان عورت.“

جڏهن آرائيڪ ۽ سُوڪيشي ميڙ جي قريب آيا، تہ ميڙ يڪزبان ٿي سميرو جا لفظ دهرائي رهيو هو: ”ڏهہ هيرا، برابر هڪ نوجوان عورت!“

اهو جملو ٻڌندي ئي، ٻنهيءَ جا چهرا غم جي سياهيءَ سببان ڪارا ٿي ويا، ۽ ٻئي ڄڻا اهو رستو ڇڏي ٻيءَ واٽ تان هلڻ لڳا.

اُنهيءَ ڏينهن سميرو تمام خوش هو. وٽس زندگيءَ جي ضرورت جون قسمين قسمين شيون انبار ٿي ويون هيون؛ هڪ شخص سندس غلام بڻجي چڪو هو، ۽ سڄو ميڙ سندس غلام بڻجڻ لاءِ تيار پئي نظر آيو. پر انهيءَ جي باوجود، هو رات جو چين سان سمهي ڪونہ سگهيو. سندس اکين اڳيان سُوڪيشيءَ جون ڪنول جهڙيون اکيون گهُمي رهيون هيون. جيئن تيئن ڪري هن رات ڪاٽي، ۽ ڪجهہ بي بها قيمتي پٿر کڻي آرائيڪ جي گهر روانو ٿيو.

سوڪيشي نديءَ تان پاڻي جي گهاگهر ڀري موٽي رهي هئي تہ سميرو پرسان وِچي اُهي پٿر سندس قدمن ۾ اڇلايا.

”ڏس، مان تنهنجي لاءِ هيرن ڪان بہ وڌيڪ قيمتي پٿر کڻي آيو آهيان! مان اهڙن چمڪندڙ ۽ رنگين پٿرن مان خوشنما هار تنهنجي لاءِ تيار ڪندس!“

سُوڪيشي هڪ پل لاءِ تہ اهو ٻڌندي رهي، پر جلد ئي پريل لهجي ۾ چيائين، ”سُميرو، پريم ڇا آهي؟ اهو تو ڪڏهن سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟“

سميرو خاموش بيٺو رهيو. غصي وچان، سوڪيشيءَ جو جسم ڪنبي رهيو هو. سميرو ڏانهن حقارت ڀريل نظرن سان ڏسندي، وري سوال دهرايائين، ”پريم ڇا آهي، اهو بہ ڄاڻين ٿو؟ ٻُڌ: پريم انهيءَ چيز جو نالو آهي، جنهن کي نڪو گرهڻَ لڳي سگهي ٿو، ۽ نہ ڪنهن ماپي سان ان کي ماپي سگهجي ٿو؛ جنهن کي نہ چانورن ۽ ڪڻڪ جي بدلي خريد ڪري سگهجي ٿو، ۽ نہ ماکيءَ، کير ۽ چمڪندڙ پٿرن جي عيوض حاصل ڪري

سگهجي ٿو! پريم انهن سيني ڳالهين کان حسين، منور ۽ پاڪيزه آهي. ڏس، انهيءَ پريم جي جنم ڀوميءَ ڏانهن نهار!" سوڪيشيءَ سامهون ڦهليل ساون ۽ سرسبز ميدانن ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

سميرو اوڏانهن ڏٺو ته ميدانن جا سونهري جهرڻا، ڪنول جي رنگ ۾ جهرمر ڪري رهيا هئا؛ مور محبت جي رقص ۾ محو هئا؛ پکي پريم جا گيت آلاپي رهيا هئا؛ ۽ ٽڙيل رنگين گلن ۽ ڦهليل چڪيدار وڻين تي صبح جو سج سونهري ڪرڻا ڦهلائي رهيو هو.

"ڏس، هيءُ پريم جو حسين نظارو!" ائين چئي، سوڪيشي گهر طرف رواني ٿي.

پاڇولا لڙيا. آرائيڪ ۽ سوڪيشي هٿ هٿ ۾ ڏيئي، ساوا ميدان لتاڙيندا، هلندا پئي ويا. ڪين اُتي رهڻ جي هاڻي ڪابه تمنا ڪانه هئي. سميرو به سوڪيشيءَ کي حاصل ڪرڻ کان مايوس ٿي چڪو هو. جهڙيءَ طرح زهر نکرڻ کان پوءِ به زهر جي پوسر رهجي ويندي آهي، تهڙيءَ طرح سميروءَ جي دل ۾ سوڪيشيءَ جي تمنا جو خمار رهجي ويو هو. سوڪيشيءَ ۽ آرائيڪ کي ويندو ڏسي، هُو سندن ويجهو آيو.

"اوهين ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو؟" سميرو پڇيو.

"جتي پريم جي پوڄا ٿئي ٿي." سوڪيشيءَ جواب ڏنو.

"۽ هتي؟"

"هتي ڇا باقي رهيو آهي؟ هتي جي زمين هاڻي سون پيدا نه ڪندي؛ هتي هاڻي انسان آزاد نه رهندو؛ ۽ نکي هن زمين جو هيءُ سهڻو روپ گهڻا ڏينهن جٽاءُ ڪندو!"

"پر ائين ڇو ٿيندو؟" سميرو ڪنبندي پڇيو.

"جتي ڪم کي توريو ۽ ماپيو وڃي ٿو، اُتان ڪَلا گم ٿي وڃي ٿي. جتي انسان جي قيمت ڪَٿي وڃي ٿي، اُتي خوشحالي قائم نٿي رهي سگهي. تو دولت جي لالچ ۾ سوديبازي شروع ڪري ڏني آهي. هاڻي تنهنجي دل ۾ ٻين لاءِ همدرديءَ جو جذبو باقي نه رهيو آهي. ڪجهه وقت پڄاڻا، تون انسان جي سچي پريم کي به خريدڻ جي ڪوشش ڪندين. ۽ جلد ئي هن سرزمين جون حالتون ائين بدلجي ونديون جو هتي جو هر فرد همدرديءَ ۽ محبت جي بدران دولت، غرور، طبقاتي اوچ نيچ، ۽ سماج جي ٻنڌڻن جو پوڄاري بنجي

ويندو. پوءِ ڪوبه شخص محض پريم جي خاطر شادي نه ڪندو، ۽ هن ڌرتيءَ تان پريم جي بوءِ مِٽجي ويندي؛ ساوڻ جي بادلن مان پريمَ پريو آبُ نه وسندو، پريتما جي وڇوڙي ۾ ڪنهن چاهيندڙ جي دل درد وچان ڪانه روئندي، ۽ پريم جي مندر ۾ پنهنجو تن من نثار ڪرڻ وارو مشڪل ليندو؛ زندگيءَ جي سچائيءَ وارين ڪيفيتن کي مٽايو ويندو؛ ميل جول، خوشحالي ۽ آسودگي هميشه لاءِ ختم ٿي وينديون؛ ايمانداريءَ کي حماقت، ۽ همدرديءَ کي چريائي سمجهيو ويندو؛ بوالهوسيءَ کي محبت، ۽ چالبازيءَ کي عقلمندي تصور ڪيو ويندو!"

"اهو سڀڪجهه ڇو ٿيندو؟ ڪڏهن ٿيندو؟ پوءِ انسان زنده ڪيئن رهي سگهندو؟" سميرو جو مٿو چڪرائجي ويو.

"تو جيڪو نئون دستور رائج ڪيو آهي، سميرو، اهوَ وڌندو ئي رهندو؛ ۽ جڏهن پنهنجي عروج تي پهچندو، تڏهن حالتون اهڙيءَ طرح بدلجي وينديون جو انسان پاڻ کي پنهنجن هٿن سان برباد ڪرڻ لڳندو؛ ۽ ڪيس انهيءَ وقت تائين چين نه ايندو، جيستائين انسانيت کي نيست ۽ نابود نه ڪندو!"

دور، اُفق تي لالاڻ ڇانيل هئي. آرائيڪ ۽ سوڪيشي انهيءَ طرف روانا ٿي ويا. هڪ جهٽڪي سان، سميرو جبل جي هڪ ڇپ تي ويهي رهيو، ۽ ٻنهي هٿن سان پنهنجو منهن لڪائي ڇڏيائين.

"اُف! هي ڇا ٿي ويو!" سميرو نيري آسمان طرف ٻئي هٿ کڻي چيو: "بهشت جهڙي هيءَ زمين اهڙي گندي ۽ ڀيانڪ بنجي ويندي؛... ۽ اهو سڀ منهنجي ڪري! انهيءَ جو مون کي گمان به ڪونه هو! مون جن نون خيالن ۽ لاڙن کي جنم ڏنو آهي، جيڪو نئون دستور قائم ڪيو آهي، ڇا اهو سڀ ڪجهه ڪنهن به صورت ختم ٿي نٿو سگهي؟"

سميرو محسوس ڪيو ته سندس اردگرد ڦهليل خاموش اونداهي چئي رهي هئي: "زمين تي ڦهليل غلط لاڙن ۽ خراب رواجن جي گندن داغن کي ڌوئڻ لاءِ انساني خون جي ضرورت پوي ٿي!"

اونداهي وڌندي ويئي ۽ هوريان هوريان ڦهلجي ويئي. ـــ

# نئي روُپ

گجراتي)

## مَليانل

أف. هوءَ ڪيڏي سهڻي هئي!

ڪنهن نئورتيءَ جي ڳلن تي پندرهن ورهين جي چمار ۾ گلاب ٽڙندا آهن. ڪنهن جي اکين ۾ سترهن ارڙهن سالن جي چمار ۾ وچ وراڪا ڏيندي آهي. پر هن جي ڳلي ۾ سورهين سال نئي ڪوئل ڪوڪڻ لڳي هئي. ٻالڪپڻ ۽ معصوميت ڪانئس موڪلائي ويا هئا ۽ ڇهري تي جواني پنهنجي لالاڻ وکيري ڇڏي هئي.

هوءَ پڙهيل نہ هئي، پر چنچل ضرور هئي. شهر ۾ نہ رهندي بہ ڏوتل پوتل ۽ اٿ ويهہ کان واقف لڳندي هئي. سندس ڪٽورين جهڙين اکين مان جوانيءَ جي جوت جهاتيون ٿي پاتيون. نظرن ۾ تير ڪمان تي چڙهيل لڳندا هئا ۽ اکين جي ڇپرن جي نوڪ تي نيزا سجيل هئا. نرڙ تي تارن جي افشان ۽ ڳلن تي صبح جيَ سج جي ڳاڙهاڻ هئي.

مٿي تي پتل جي گهاگهر رکي، جڏهن هوءَ پنهنجي ڳوٺ کان منهنجي ڳوٺ ۾ گهڙندي هئي تہ ائين لڳندو هو ڄڻ بسنت جي ديوي لهرائيندي هلي پيئي اچي. 'کير وٺو. کير وٺو' جي سُريلي هوڪي سان ڳوٺ جون ڳليون گونجي ويندڀون هيون. مرد پنهنجن گهرن جي ٻاهران چوڪن تي ويهي، ڏندڻ ڪندي ۽ هٿ منهن ڌئندي، پياسي اکين سان ڏانهس ڏسڻ لڳندا هئا. أهي ڪيس ڏسي بيوس ٿي پوندا هئا ۽ عورتن جي دلين ۾ حسد ۽ ريس ڪر موڙڻ لڳندا هئا.

هوءَ ڳنوارڻ هئي ۽ پرهہ ڦٽيءَ جو پنهنجي ڳوٺان تازو کير کڻي اسان جي ڳوٺ ايندي هئي. 'کير وٺو. کير وٺو' جي مڌر تانَ صبح جي ٿڌي هوا ۾ ننڍڙي ڳوٺ ۾ گونجڻ لڳندي هئي ۽ ڳوٺ جو هر گهر ڪانئس کير وٺڻ چاهيندو هو.

هوءَ هميشہ ڳاڙهي رنگ جو ٿلهي ململ جو پڙو پائيندي هئي، جنهن تي پيلو گونٽو ۽ ڪاري ڪناري لڳل هوندي هئي. هٿن ۾ عاج جي ٻانهين، جنهن تي چانديءَ جا پَٽَ چڙهيل هوندا هئا. پيرن ۾ ڳوري جهانجهر، نڪ ۾ نٿ، ڪنن ۾ ڳورا جهومڪ ۽ آڱرين ۾ چاندي جون منڊيون، ڳچيءَ ۾ چاندي جو جڙاءُ وارو هس- بس اهي ئي هئا سندس ڳهڻا. سندس گهونگهٽ هميشہ هيٺ ڇڪيل هوندو هو، انهيءَ ڪري اهو چوڻ ڏکيو آهي تہ هوءَ پنهنجا وار ڪيئن سنواريندي هئي. سينڌ ۾ سندور ڀريندي هئي يا نہ، انهيءَ باري ۾ رڳو سوچي سگهجي ٿو ۽ انهيءَ سوچ جو سلسلو هن جي سونهن سان ئي وڃي مليو.

مان سندس اچڻ جي وقت جو اندازو لڳائي، ٻاهر ٿلهي تي ڏندڻ ڪرڻ ويهي رهندو هوس ۽ جيئن ئي هوءَ ايندي هئي، مان بي شرمائيءَ سان ڏانهس يڪ ٽڪ ڏسڻ لڳندو هوس ۽ هوءَ ويچاري شرمائجي نظرون جهڪائي ڇڏيندي هئي. پر نئين ڪنوار وانگر نڪي سندس چال ۾ ڪو فرق ايندو هو ۽ نہ وک ۾ ڏڪڻي. هو دستور موجب 'کير وٺو، کير وٺو' جو هوڪو ڏيندي رهندي هئي.

مان پنهنجي زال کي هر روز چوندو هئس، "آخر تون هن ڳنوارڻ کان کير ڇو نٿي وٺين؟ 'ٻيڻ، کير وٺو' چوندي چوندي سندس نڙي سڪي ويئي آهي ۽ تون ڏانهس نهارين بہ نٿي."

نہ ڄاڻان ڇو، جڏهن کان ڪيس ڦيريون ڀيرو ڏٺو هوم، منهنجي دل ۾ هن جي لاءِ لڳاءُ پيدا ٿي ويو هو. هر ڀئي ٽئين ڏينهن پنهنجي زال کي ڪانئس کير وٺڻ لاءِ مجبور ڪندو هئس ۽ انهيءَ بهاني ڪيس پنهنجي اڱڻ ۾ گهرائيندو هئس ۽ موقعو ملندي ئي ڪيس پاڻ ڏانهن ڏيان ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪندو هئس.

'ههڙي سهڻي ڇوڪري ڳنوارن ۾ ڪيئن پيدا ٿي؟' مان سوچيندو هوس. 'پنهنجي نرم ۽ نازڪ جسم تي هوءَ ههڙا ٿلها ۽ کهرا ڪپڙا ڇو ٿي پائي؟ هي ڀڳوان بہ خوب آهي، جيڪو بنا ڏسڻ ۽ سمجهڻ جي جنهن کي چاهي پيدا ٿو ڪري!'

ڪيس ڏسي مان گهڻو ڪري سوچڻ لڳندو هوس: جيڪڏهن آئون بہ ڪنهن ڳنوار جي گهر جنم وٺان ها تہ نيڪ هو. تلاءُ جي ڪناري بنسري وڄائڻ اچيم ها. ڳنڪار ڪري ڳوٺ جي جهنگلن ۾ مال جي ڌڻ جي وچ ۾

وڏو ٺٽڪو پڏي، ڪنهن وڻ جي ٿڙ جي اوٽ ۾ ويهي، ڪو لوڪ گيت آلاپيندو هجان ها- اوهه. ڪيڏي نه اُها وڻندڙ زندگي هجي ها! ڳوٺ ۾ ته ڪرشن جهڙو جيون هوندو آهي- ۽ هي پاڳل بنائيندڙ ڳنوارڻ؟ هيءَ به ته ڪنهن راڌا کان گهٽ ناهي!‘

ڪيس هر روز ڏسڻ کان پوءِ منهنجي دل ۽ دماغ تي سندس من موهيندڙ مورت ڇانئجي ويئي هئي. مان سندس ڪجلين اکين تي چريو ٿي پيو هئس. مان سوچڻ لڳس ته ڇو نه سندس پويان وڃي ڳوٺ ۾ سندس گهر ڏسي اچان. ٻئي ئي ڏينهن مان صبح جو سوير اُٿي پنهنجي ڳوٺ جي چيڙي تي ويهي رهيس. مون طئه ڪيو هو ته جڏهن هوءَ کير وڪڻي واپس ايندي ته مان لڪي سندس پويان ٿيندس ۽ موقعو ملندي ئي کانئس پڇندس:

’تنهنجي اکين ۾ آخر ڪهڙو جادو آهي؟‘

’ڇا تنهنجي هستيءَ ۾ مرد کي چريو ڪندڙ پريون به سمايل آهن؟‘

اهڙي قسم جا مختلف سوال پنهنجي ذهن ۾ ورجائيندو، مان ڳوٺ جي چيڙي تي خاموش ويهي رهيس. ڪجهه دير کان پوءِ مٽي تي گهاگهر رکي، ٻنهي هٿن سان پٽسا ڳتيندي، هوءَ منهنجي ڳوٺ جي چيڙي تي اچي پهتي ۽ اڳيان وڌندي ئي مان دٻيل پيرن سان سندس پويان هلڻ لڳس.

ٻرائين زمين جي هيٺ مٽي ۽ ويڪري ڇاتيءَ تي هڪ اڇو پيچرو نس وانگر اُبريل هو. پيچري جي ٻنهي پاسن کان ڪنڊاوان ٻوٽا هئا. منجهانئن پنهنجو پڙو بچائيندي، پيچري تان ڊوڙ اُڏائيندي، هوءَ اڳتي وڌندي پئي ويئي. سامهون سج کان پنهنجين اکين کي بچائڻ لاءِ، هن هڪ هٿ سان پنهنجي اکين تي ڇانو ڪئي هئي ۽ ٻئي هٿ سان گهاگهر سنڀاليل هيس. هلندي هلندي هڪ به پيرا هن پويان مڙي ڏٺو هو ۽ مون کي ايندو ڏسي ورتو هو. شايد کيس شڪ پئجي ويو هو ته مون سندس پيڇو پئي ڪيو، انهيءَ ڪري ڪڏهن هوءَ تکي تي هلي ۽ ڪڏهن بلڪل آهستي. مان به سندس رفتار موجب ئي هلي رهيو هئس. مون کي ان وقت اهو خيال نه آيو هو ته هوءَ ڏاڍي چالاڪ آهي ۽ پنهنجي شڪ کي پڪ ۾ بدلائڻ خاطر ڪڏهن تکو ٿي هلي ۽ ڪڏهن بلڪل آهستي. پر هُن جو شڪ غلط هو. مون سندس پاڪدامن داغدار ڪرڻ نٿي گهريو. مان ته سندس روپ تي چريو هئس. دل تي ضرور هوس جي ڇاپ هئي، پر عقل اڃا ساٿ نه ڇڏيو هو ۽ مان ايترو چريو نه ٿيو هوس جو ڪو غلط قدم کڻان.

اسان هڪ ميل اڳتي ويا هونداسين تہ اوچتو هوءَ بيهي رهي. انهيءَ هنڌ پپر جي گهاٽي ڇانوَ هئي ۽ واٽهڙن جي آرام لاءِ ڪکائين لانڊي جوڙيل هئي. پپر تي ڪا ڪوئل صبح جي ٿڌي هوا جي ساز تي ڪوڪي رهي هئي. وچڙا ميدان ۾ ڊوڙون پائي رهيا هئا ۽ ڳئون ۽ مينهون هيڏانهن هوڏانهن پئي ڊڪيون ۽ ڊڪيون. فضا ء ماحول ۾ جذبات پڙڪائي رهيا هئا.

هن لانڊيءَ جي ٻاهران گهاڪهو لاڳي هيٺ وڪي ۽ سائي گاهہ تي ڳنوارن وانگر پلٿي هڻي ويهي رهي. مان هاڻي وڏي مشڪلات هيٺ اچي ويو هئس. اهو فيصلو ڪرڻ تمام ڏکيو هو تہ بيهي رهان يا اڳتي وڌان. سائنس نويڪلائيءَ ۾ گفتگو ڪرڻ جي تصور سان ئي دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويئي ۽ نرڙ تي پگهر جي آلاڻ اڀري آئي. همٿ ڪري هيستائين تہ اچي ويو هئس، پر ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڳنوارڻ منهنجي ڳالهائڻ جي قوت کسي ورتي هجي.

مون اهوئي فيصلو ڪيو تہ مون کي اڳتي وڌڻ گهرجي. پر مون سندس سامهون ٻہ چار وڪون کنيون ئي مس هيون جو هن سڏ ڪيو، ”ادا مدن، هيڏانهن ڪيئن نڪتو آهين؟“

منهنجي اچڻ جو مقصد هن چڱي طرح ڄاتو ٿي، پر مون کي اها اميد نہ هئي تہ هوءَ اهڙي طرح پاڻ مون کي سڏي وٺندي. مان سوچڻ لڳس تہ منهنجي باري ۾ هن جا خيال ڪهڙا هوندا ۽ هوءَ مون کي ڪهڙي قسم جو ماڻهو سمجهندي هوندي. بهرحال سندس سوال جو جواب تہ ڏيڻو ئي پوندو ۽ انهيءَ کان اڳ جو ڪو مناسب جواب سوچي سگهان، گهبراهٽ وچان منهنجي واتان نڪري ويو: ”تنهنجو ڳوٺ ڏسڻ.“

۽ مون کي هڪدم احساس ٿيو تہ مون اهو ڇا چئي ڇڏيو. سندس ڳوٺ ڏسڻ جي مون کي ڪهڙي ضرورت اچي پيئي آهي؟ ڇو ٿو ڏسڻ چاهيان مان هن جو ڳوٺ؟ هاڻي هوءَ پڪ سان منهنجي دل جو چور سڃاڻي ويئي هوندي. جيڪڏهن هوءَ ڪنهن کي چئي ڏي تہ مدن منهنجو ڳوٺ ڏسڻ آيو هو تہ؟

ٺهہ ٺهہ ورائيائين، ”منهنجو ڳوٺ ڏسي ڇا ڪندين؟ اهو ڪا ڏسڻ جي شيءِ آهي! هيڏانهن اچ، هان هي ڪير پيءُ، مينهن جو تازو ڪير آهي.“

منهنجي مونجهہ ڪجهہ قدر دور ٿي. هوءَ منهنجي حرڪت تي ناراض نہ هئي ڇو تہ پاڻ سڏيو هئائين. جڏهن گلاب خود بلبل کي سڏي وٺي تہ پيلا بلبل جو ڪهڙو ڏوهہ؟ جڏهن نانگ پاڻ مرليءَ تي ريجهي پوي تہ پيلا جوڳيءَ

جو ڪهڙو قصور؟ دل ته ضرور چئي رهي هئي ته سندس دعوت قبولي کير پي وٺان، پر مون سوچيو ته ايتري قدر بيءَ حجابي جو اظهار مناسب ناهي. انهيءَ ڪري چيم، ”نه نه، ڪٿي رستي تي ويهي کير پيئبو آهي ڇا؟ سياڻي گهر ڏيئي وڃج.“

”گهر جيڪي وٺندين سو ته وٺندين، پر هتي ويهي پيئڻ جو مزو ئي بيو آهي. گهر ۾ ته ياجائي توکي منهنجي ويجهو به اچڻ نه ڏيندي ۽ جيڪڏهن ڏسي ورتائين ته هزارين ڳالهيون ٻڌائيندي.“

”چڱو، تون چئين ٿي ته پيان ٿو پر توکي انهيءَ جا پئسا وٺڻا پوندا.“

”چريو ٿيو آهين ادا مدن؟ ڀلا ڪو پيسا وٺندو آهي کير جا؟ توکي منهنجو سُنهن، کير پي ڇڏ.“ ۽ اهو چئي هن کير اوتي پيالو منهنجي اڳيان رکيو.

مون سوچيو ته هاڻي حجاب ڪندس يا پاڻ کي عزتدار ۽ سنجيدو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس ته ڪنول پنهنجون پنکڙيون سميٽي ڇڏيندو. مون پيالو کنيو. اهو در اصل پيالو نه هو پر کير ماپڻ جو برتن هو ۽ کير پي ويس. کير ۾ کنڊ نه هئي ۽ گرم به نه هو پر به مون کي ڏاڍو سوادي لڳو.

”ڳنوارڻ، تون ذات جي ڪير آهين؟“ مون ڳالهائڻ لاءِ ڪجهه ڳالهايو.

”اڙي... اڙي، تنهنجو ڌرم ڀرشٽ (ناپاڪ) ٿي ويو آهي ڇا؟“

”نه نه، اها ڳالهه ناهي. مان ڄاڻڻ ٿو چاهيان ته تون ڪهڙي ذات مان آهين؟“

”ڳنوارن جي ذات مان.“

”تون پرڻيل آهين يا ڪنواري؟“ منهنجي چرياڻپ وڌڻ لڳي.

”پرڻيل آهيان.“ هن شرمائيندي چيو.

”ڪنهن سان؟“

”واهه ادا مدن، ڀلا ڪا زال ذات پنهنجي مُنهن سان پنهنجي گهر واري جو نالو وٺندي آهي؟ هڪ ڳنوار سان، ٻيو ڀلا ڪنهن سان پرڻبي!“

”توکي خبر آهي ته پريم ڇا آهي؟“ مان پنهنجو عقل وڃائيندو پئي ويس. ڇا پڇڻ گهرجي ۽ ڇا نه، انهيءَ جو مون کي هوش ئي نه رهيو هو.

”ڇا؟“

”محبت!... پريم! منهنجو مطلب آهي ته ڇا تنهنجو گهر وارو توکي ڀانئيندو آهي؟“

”ادا مَدن، ڇا تون چريو ته نه ٿيو آهين. ڀلا ڪو اهڙي ڳالهه به پڇندو آهي؟!“

”نہ، سچ پچ ٻڌاءِ. مان تنهنجي پويان انهيءَ لاءِ تہ هيستائين آيو هئس. ڳوٺ ۾ توسان ڳالهہ ڪندي ڊپ ٿي ٿيو. ٻڌاءِ، توکي منهنجو قسم، ٻڌاءِ.“ ائين چئي مان سندس پرسان ويهي رهيس. اسان جي وچ ۾ فقط گهاگهر هئي. پر منهنجي ڳالهہ جو جواب ڏيڻ جي بدران هڪدم رڙ ڪيائين:

”اڙي، مان پنهنجي هڙ تہ وساري آيس.“

مان ڇرڪي ويس.

هوءَ اٿي بيهي رهي. ”ادا مدن، ٿوري وقت لاءِ ويهي منهنجي گهاگهر جي نگاهہ ڪج. مان ڳوٺ ۾ ڪٿي پنهنجي هڙ وساري آئي آهيان، اجهو ٿي ڪنيو اچان.“

”ها، ها، ڪٿي اچ. مان هتي ڇاپري هيٺ ويهي تنهنجو انتظار ٿو ڪريان.“

هوءَ هلي وئي ۽ مان گهاگهر کڻي ڇاپري هيٺ وڃي ويٺس. پويان پٽ هئي، جنهن ۾ هڪ دري هئي. چبوتري تي ڪنهن سڪل گاهہ وڇائي ڇڏيو هو. مان پٽ۔سان ٽيڪ ڏيئي پير ڦهلائي ويهي رهيس ۽ سندس باري ۾ سوچڻ لڳس: ’جيڪڏهن هيءَ سنهڙي ريشمي ساڙهي ۽ سوڙهي چولي پائي تہ جيڪر سندس سونهن کي چار چنڊ لڳي وڃن. وارن ۾ گلاب جا گل لڳل هجنس، ڳچيءَ ۾ اڇن موتين جي مالها ۽ ڪنن ۾ سونهري پنڙا، تہ پوءِ ڪنهن جي دل جي ڌڙڪن سندس مڌماتي چال جي تال تي تيز نہ ٿيندي.‘ مان انهيءَ تصور جو تاجي پيتو اٿيندو سندس شگفتہ مُرڪ، سريلي آواز، مور جهڙي چال ۽ گلاب کي شرمندو ڪندڙ ڳلن تي چريو ٿيندو پئي ويس.

سندس گهاگهر تي ڪنهن جو نالو اُڪريل هو. ڏنگن ڦڏن اکرن ۾ لکيل هو: ’لالي.‘ مون سوچيو شايد لالي انهي ئي ڳنوارڻ جو نالو آهي. شايد اها گهاگهر ڪيس ڏاج ۾ ملي هجي، تڏهن تہ اها ايترو چمڪائي رکي ٿي. مان اهڙي قسم جي خيالن ۾ وڃائجي ويٺو رهيس. اٽڪل ويهارو منٽن کان پوءِ هوءَ واپس آئي ۽ ايندي ئي چيائين:

”ويٺو آهين؟“

”هڙ ملي وئي؟“ مون پڇيو.

”نہ ادا. چار پنج گهر پڇيم، پر ڪو پتو ڪونہ پيو. خبر ناهي ڪٿي وساري آيس. هائي ڪٿي رلندي ڦرنديس، انهيءَ ڪري واپس هلي آيس.“ ۽ هوءَ ٿڪجي ويهي رهي.

”لالي!“ مون ڏانهس ويجهو کسڪندي چيو.

# ممي نہ هجي تہ...؟

(گجراتي)

سروج ترويدي

اڄ تاريخ... ڪئلينڊر جو پنو بدليو ناهي، انهيءَ ڪري خبر ناهي. ائين ڪڏهن ڪڏهن ٿي ٿيندو آهي، جڏهن مان ڪئلينڊر جو پنو بدلائڻ وساري ڇڏيندو آهيان. سوير ننڊ مان اُٿندي ئي مان پهريون ڪم انهيءَ پني کي بدلائڻ جو ئي ڪندو آهيان. ممي- ڊئڊيءَ کي پني بدلائڻ جي يادگيري ايندي ئي ناهي. مهينن جا مهينا پنا بنا بدلجڻ جي ئي رهجي ويندا آهن. انهيءَ ڪري مون اهي پنا بدلائڻ شروع ڪيا آهن. مون کي اهو سٺو لڳندو آهي، جيئن سچ جو اُيرڻ بہ مون کي سٺو لڳندو آهي.

ممي موڊ ۾ هوندي آهي تہ مون کي سوير اُٿندي ئي سوادي نيرڻ کير سان گڏ ملندي آهي، جيتوڻيڪ اڄ نيرڻ ۾ کير سان گڏ ڪجهہ بہ نہ هو. مون جڏهن ممي ڪان پڇيو تہ مون کي ڇڙٻ ڏيئي چپ ڪرائي ڇڏيائين، ۽ مون ماٺ ڪري کير پِي ڇڏيو. پهرين ممي ڪڏهن ڇڙٻيندي هئي يا ناراض ٿيندي هئي تہ مان سمجهي نہ سگهندو هوس تہ مميءَ بہ ڇا ڪڏهن ناراض ٿي سگهي ٿي! پر مون ڏٺو تہ ممي اڄڪلهہ بي سبب ئي هر هر ناراض ٿي ويندي آهي. پر ڇا سڀني جون مميون بي سبب ئي هِهڙي طرح ڇڙٻينديون هونديون؟

پوءِ دير تائين دريءَ کان ٻاهر باغيچي ۾. مَکري جي ٻوٽي جي پرسان، تِتِرِيل تازي سفيد گل تي ڇهنب هڻندي ڦرڙ... ڦرڙ... اُڏامندڙ ۽ ٺونڪ... ٺونڪ... گيت ڳائيندڙ چمڪندڙ ڪاري ڪکر جي رنگ وارن همنگ برڊ کي ڏسندو رهيو هوس. ڊئڊي منهنجي لاءِ پکين جو رنگبرنگي ڪتاب وٺي آيو آهي. منجهس اهڙائي همنگ برڊ آهن، انهيءَ ڪري ڪين مان سڃاڻان ٿو. اسان جي دريءَ کان ٻاهر باغيچي ۾ پانت پانت جا پکي ايندا آهن... همنگ برڊ،

بلبل، مئنا، طوطو، ڪبوتر، ڏياريءَ جو گهوڙو. ڪڏهن ڪانءُ جي پويان لڳل ڪالا ڪوسي ٻه اچي ويندو آهي. ڊئڊي مون کي انهن سڀني پکين جي سڃاڻپ ڪرائيندو آهي- ڪتاب جي تصويرن وسيلي! ۽ مون کي اهي سڀ ڏاڍا وڻندا آهن. پر آچر کان سواءِ، ڊئڊي ڪڏهن گهر تي هوندو ئي ناهي. منهنجو انهن پکين کي ڏسندو رهڻ لاءِ دل ٿيندي آهي، پر جيءَ ۾ ڊپ رهندو آهي ته اجهو مميءَ جو سڏ ٿيندو... 'ليلو، پڙهڻ کي دير پيئي ٿئي!" ڊئڊي ڪڏهن ائين نه چوندو آهي. پوءِ ٻه ممي نه چاهتان ڇو مون کي ڏاڍي پياري لڳندي آهي.

پوءِ سبق ياد ڪندو آهيان، ماني کائيندو آهيان، اسڪول ويندو آهيان، ڪئين ڪلاڪن تائين بينچ تي ويهي ويهي اوٻاسيون ڏيڻ ۽ مِس کان اک بچائي پرسان ويٺل ڇوڪرن سان ڳالهيون ڪرڻ، ۽ شام جو واپس گهر موٽي سبق ياد ڪرڻ جو حڪم ٻڌڻ... اهڙيءَ طرح اهو سڀڪجهه ٿيندو آهي... ڊئڊي آفيس کان گهر آيو ته صوفي تي ويهي ماٿ ميٽ ۾ ڪجهه پڙهڻ لڳو. اڄ ته ممي ڊئڊيءَ جا بوٽ ٻه نه لاٿا! ممي ٻه ماٺ ۾ هئي. گهر ۾ اهڙي خاموشي ڏسي مان ٻه چپ تي ويندو آهيان.

رات جو نائيٽ ليمپ ٻرڻ کان اڳ مون کي ننڊ اچي ويئي هئي.

2 جنوري: اڄ آچر آهي، ڇو ته ڊئڊي اڃا ستو پيو آهي. مون کي جلدي اٿڻ جي عادت آهي، جيتوڻيڪ ڊئڊي ممي ٻه لڳ ڀڳ مون کان اڳ ۾ ئي اٿندا آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن ڪين جاڳ نه ٿيندي آهي ۽ مان جاڳي پوندو آهيان ته ڊئڊي اسان جي پلنگ تي سُتل هوندو آهي. پر اڄ اٿيس ته ڏٺم ته ڊئڊي ٻئي پلنگ تي سمهيو پيو آهي. شايد پڙهندي پڙهندي اتي ئي ننڊ اچي ويئي هوندس... يا... پوءِ...!

سوير اٿندي ئي مون کي ڏندڻ ڪرڻ لاءِ وڃڻو پوندو آهي، پر ممي اڃا تائين جاڳي نه هئي ۽ سڄ ٻه ايريو نه هو. انهيءَ ڪري هينئر کان بُرش وات ۾ ڪير وجهي! مان دريءَ پرسان ٽيبل تي ويهي بوگن بُليا جي گلابي- سفيد گلن تي ڦيرا ڏيندڙ ڪارن- ڳاڙهن، پوپٽن کي ڏسڻ لڳان ٿو. اڄ ئي ته پوپٽن کي ڏسڻ تي دل ٿي اٿم. پر پوپٽ ٻه ته سڄ اُبرڻ کان پوءِ ايندا آهن. پر اڄ ته ڪاري ڪلنگيءَ واري بلبل آهي! واهه! ڪيڏو منو تي ڳائي! مان مميءَ جي پلنگ ڏانهن نهاريان ٿو. ممي اڃا ننڊ ۾ سمهي پيئي آهي، نيڪ ئي

آهي، نہ تہ... پوءِ بلبل گيت ڳائيندي اڏامي ويئي هئي.

24 جنوري: اج مان سوير اٿي دريءَ مان ڏسان ٿو تہ ڊئڊيءَ جي ڏنل رنگبرنگي پکين جي ڪتاب ۾ ڏيکاريل ساڳيا ئي بہ ڪارا چمڪندڙ همنگ برڊ هر هر اڏري، هر هر واپس اچي، ڏاڙهونءَ جي وڻ جي پهرين ٽاريءَ تي آکيرو جوڙي رهيا آهن. منهنجي دل چيو تہ اهو ڏسندو ئي رهان، پر ممي پاسو ورائي رهي آهي!

29 جنوري: اج سوير سوير اٿي ڏسان ٿو تہ سنهڙن سنهڙن ڪکن ۽ ڌاڳن سان آکيرو ٺهي ويو آهي. اهو اندران بہ ڏسڻ تي دل ٿي. شايد ممي ڊئڊي جاڳي پوندا، انهيءَ پو ڪان مان پير پير ۾ پائي، ڪمري مان ٻاهر نڪري باغيچي ۾ ويس. اهي ٻئي پکي ڪيڏانهن اڏامي ويا هئا. ٽاري هيٺ جهڪائي آکيرو ڏٺم. ڪيڏو سهڻو آکيرو! منهنجي ٻن آڱرين جي اندر وڃڻ جيترو رستو هو. منجهس مون بہ آڱريون وڌيون. اندر آڱريون ڦيرايم، ڏاڍو مزو آيم. ٿورو ٿورو پڙ بہ ٿيو. اندر ٻہ ننڍڙا سهڻا آنا هئا. مان ماٺ ميٺ ۾ دريءَ ڏانهن هليو آيس، پر ممي ڊئڊي جاڳي پيا هئا. ڊئڊي وهنجڻ جي جاءِ ۾ برش ڪري رهيو هو ۽ ممي رڌڻي ۾ چانهہ ٺاهي رهي هئي. شايد مون کي انهن آکيرو ڏسندي ڏسي ورتو هجي، تڏهن بہ ممي ڊئڊي ڪجهہ نہ چيو. خبر ناهي ڇو؟

10 فيبروري: هاڻي تہ انهيءَ همنگ برڊ جا ٻچا آکيري مان چهنب ٻاهر ڪڍي هوريان هوريان ٽونڪ... ٽونڪ... بہ ڳالهائڻ لڳا آهن، ۽ پنهنجي ممي ڊئڊي جي چهنب مان داڻا بہ وات مان جهٽي ٽا وٺن. منهنجا ممي ڊئڊي ائين ڇو نٿا ڪن؟

ممي نہ چاتان ڇو، هاڻي گهٽ ڳالهائي ٿي. سچو ڏينهن منهن چاڙهي ڪم ڪري ٿي. مون تہ ڪيس منهن چاڙهڻ واري اهڙي ڪا ڳالهہ بہ نہ چئي هئي. ڊئڊيءَ سان تہ ٺيڪ آهي، پر هن مون سان بہ ڳالهائڻ گهٽائي ڇڏيو آهي! پهرين تہ ممي مون کي اسڪول جي دروازي تائين ڇڏڻ ايندي هئي ۽ مون کي چمي ڏيندي هئي، پر هاڻي تہ ڇڻ هن بلڪل وساري ڇڏيو هجي. مان پيار وچان سندس هنج ۾ ويهڻ چاهيندو آهيان تہ چوندي آهي: 'تون

هي گهر اڪيلي ڊئڊيءَ جو ڪيئن ٿو ٿي سگهي! ڊئڊي شام جو اچي ٿو ۽ سوير هليو وڃي ٿو! ممي سڄو ڏينهن هن گهر ۾ رهي ٿي، منهنجي لاءِ نيرڻ-ماني ٺاهڻ، ڊئڊيءَ لاءِ ٽفن تيار ڪرڻ، منهنجا ۽ ڊئڊيءَ جا ڪپڙا ڌوئڻ ۽ اِستري ڪرڻ، مون کي اسڪول تائين ڇڏي اچڻ... اڙي! ڊئڊيءَ جي آفيس وڃڻ کان اڳ سندس قلم، رومال، عينڪ، پيسن جو پَرس سنڀالي بريف ڪيس ۾ رکڻ ۽ شام جو ڊئڊيءَ جي گهر اچڻ تي، سندس بوٽ ۽ جوراب لاهي رکڻ... اهي سڀ ڪم هوءَ بنا وسارڻ جي ڪندي آهي! تہ پوءِ اهو گهر اڪيلي ڊئڊيءَ جو ڪيئن ٿي سگهي ٿو، اهوئي منهنجي سمجهہ ۾ نٿو اچي!

مون کي وري ٻن ٽن ڏينهن کان ڪئلينڊر جو پنو بدلائڻ وسري ويو آهي. هاڻي هميشہ رات جو ممي ڊئڊي مون کي ننڊ ۾ سمهيل سمجهي وڙهندا آهن. ممي ڊئڊي تي- وي ڏسڻ تہ ڪيترن ئي ڏينهن کان بند ڪري ڇڏيو آهي! پهرين اسان ٽي- وي گڏجي ويهي ڏسندا هئاسين. پر هاڻي تہ مون کي بہ نٿا ڏسڻ ڏين!

اڄ ممي مون کان بہ جلدي اُٿي آهي، ۽ پنهنجا ڪپڙا ماٺ ميٺ ۾ سوٽ ڪيس ۾ وجهي رهي آهي. ڊئڊي صوفي تي ويهي ماٺ ميٺ ۾ ڪيس ڏسي رهيو آهي. ممي سوٽ ڪيس ۾ ڪپڙا رکندي هر هر ساڙهيءَ جي پلوءَ سان لڙڪ اگهي رهي آهي. شايد رات جو دير تائين جاڳي آهي، انهيءَ ڪري سندس اکيون ڳرنديون هونديون. ڊئڊي بہ هر هر عينڪ لاهي اکيون ڇو ٿو اگهي؟ مان دريءَ مان ڏسان پيو، پر نہ ڄاڻان ڇو، اڄ مون کي بلبل، همنگ برڊ، توڙي درجيڊو ڪي ڏسندو رهڻ سٺو نٿو لڳي.

پوءِ ممي منهنجا ڪپڙا بہ سوٽ ڪيس ۾ رکڻ شروع ڪيا، تڏهن مون کي لڳو تہ ڇڱو ئي ٿيو. مون کي بہ مميءَ سان گڏ مامي جي گهر وڃڻو پوندو. پر اهو ڏسي ڊئڊي، مميءَ کان پڇيو، ”نيلو جا ڪپڙا ڇو ٿي کڻين؟“ پوءِ بہ ممي منهنجا ڪپڙا رکندي چيو، ”نيلو منهنجو آهي... منهنجي زندگيءَ جو سهارو آهي، مان ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي وينديس.“ پر مميءَ جو چيل جملو ’زندگيءَ جو سهارو آهي‘... منهنجي سمجهہ ۾ نہ آيو. جيتوڻيڪ اهو ٻڌي ڊئڊي جڏهن چيو، ”مان بہ سندس ڊئڊي آهيان، نيلوءَ مون سان ئي گڏ رهندو.“ ۽ بعد ۾ هن اُٿندي مميءَ جي سوٽ ڪيس مان منهنجا ڪپڙا ڪڍي

پلنگ تي ڪٽي اُڇليا ۽ چيائين، "مان توکي نٿو روڪي سگهان، توکي وڃڻو آهي ته تنهنجي مرضي آهي..." تڏهن مون کي خبر پيئي ته مون کي مميءَ سان گڏ وڃڻو ناهي. ڊئڊي اهو ڇو نٿو سمجهي ته مميءَ کان سواءِ ڀلا مان ڪيئن رهي سگهان ٿو!

مون ڏٺو ته ممي به مون وانگر روئي سگهي ٿي. هيڏي وڏي مميءَ کي ڇو روئڻو پوي ٿو؟

مان دريءَ مان انهيءَ همنگ برڊ کي ڏسڻ جو بهانو ڪريان ٿو. پوءِ مون کي ٿوري دير کان پوءِ مميءَ جي سوٽ ڪيس بند ٿيڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

ممي ڊئڊي مان ڪوبه ڪجهه به نٿو ڳالهائي. ممي پنهنجي رومال کي منهن تي دٻائي رکيو آهي، پر سندس اکين مان لڙڪ پيا وهن! اڙي ڊئڊي...! ڊئڊي به اکيون جهڪائي عينڪ کي صاف ڪري رهيو آهي. پر مون کي خبر آهي، هو به روئي رهيو آهي! وڏا ماڻهو شايد مون وانگر نٿا روئي سگهن.

ممي مون ڏانهن ڏسي رهي آهي، انهيءَ ڪري مان دريءَ مان ٻاهر ڏسي رهيو آهيان. ڇو ته ممي کي مون ڪڏهن روئندي نه ڏٺو. انهيءَ ڪري مان ڪيس روئندي نٿو ڏسي سگهان، ۽ شايد مون کي به...

ٻاهر اهوئي همنگ برڊ پنهنجن ٻچن جي گلابي چهنبن ۾ پنهنجي چهنب وجهي ڪجهه کارائي رهيو آهي. ٻيو پکي آکيري جي دروازي جي ٻي ڪنڌ تي ماٺ ڪري اهو ڏسي رهيو آهي. اهو ڏسي منهنجي دل ۾ امتحان جي هڪ سوالي پيپر جو پڙ ويهي ٿو رهي. انهيءَ سوالي پيپر ۾ اهي همنگ برڊ ممي ڊئڊي وانگر ڇو نٿا وڙهن؟ پنهنجن ٻچن لاءِ ڇڪتاڻ ڇو نٿا ڪن؟ ڀِريون ٿلهي چهنب وارو همنگ برڊ ٻئي همنگ برڊ کي ڊئڊي وانگي... 'هي منهنجو آکيرو آهي، تون اُڏري وڃ'... ڇئي ڪيس ڇو نٿو اُڏاري ڇڏي؟ اهڙا ڪيئن ڏکيا سوال مون کي منجهائي ڇڏين ٿا. اهو سوال ئي منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي، انهيءَ ڪري مون کي روئڻ اچي ٿو وڃي. ۽ پوءِ مان به دريءَ جي سيخن جي وچ ۾ منهن رکي ممي ڊئڊي وانگر ماٺ ۾ ڳوڙها ڳاڙي روئڻ لڳان ٿو.

روئندي روئندي منهنجي خواهش ممي ڏانهن نهارڻ جي ته ٿئي ٿي، پر مون کي ڊپ آهي ته... شايد ممي اُتي نه هجي ته...! ... ته....؟! □□□

هٿ تي ڪاڏي ٽِڪائي دريءَ ۾ ڇپرا بيٺي هئي.

ايڏي اوچائي تان به، سندس اڃايل اکيون هڪ ٽِڪ تي ٻار تي ڪيئن بيهي ويون آهن. سندس اُداس چهري تي اُداسيءَ سان گڏ ئي همدرديءَ جو چشمو اُمنڊي پيو آهي.

اوچتو مون ڏانهن ڏيان ويندي ڪلندي چيائين. "اڃا اتي ئي بيٺو آهين؟ دير نٿي ٿئي؟" مان سجاڳ ٿيس. گهڙيءَ ڏانهن ڏٺم ته ساڍا ڏهه وڄي چڪا هئا. جلدي ليفٽ - رائيٽ ڪندو، مشڪل سان ويهن منٽن ۾ آفيس پهتس. دروازي تي قدم رکندي ئي پٽيوالي چيو، "صاحب توهان کي سڏي ٿو." مان حاضريءَ جي رجسٽر تي صحيح ڪرڻ کان اڳ ئي جلدي مٿي انٽوني صاحب جي ڪمري ۾ داخل ٿيس.

انٽوني صاحب آبپاشي کاتي جو چيف انجنيئر آهي. گذريل ڏهن ورهين کان مان وٽس اوورسيئر آهيان. ڏيڍ سؤ رپين کان نوڪري شروع ڪئي هئم، هاڻي پگهار ٽي سؤ رپيا ٿي ويو آهي. گهڻو ڪري ٻاهرين ترقياتي ڪمن جي نظرداري ڪرڻي پوندي اٿم. انهيءَ ڪري آفيس ۾ حاضري گهٽ ڏيندو آهيان. صاحب جو به پين جي پيٽ ۾ مون سان سٺو سلوڪ آهي، انهيءَ ڪري هوُ ذميداريءَ وارا خاص ڪم منهنجي ئي سپرد ڪندو آهي. اڄ به اهڙوئي ڪو خاص ڪم هوندو، اهو سوچي مان چپ چاپ ميز جي پرسان بيٺو رهيس. صاحب فائيل ڏسي رهيو هو. ڪنهن ڪاغذ جي ڳولا هيس. فائيل ڏسندي چيائين، "ويهه."

ڪجهه دير کان پوءِ، ڪاغذ ملڻ تي هن اُهو ٻاهر ڪڍيو ۽ مون ڏانهن ڏسندي چيائين، "اڙي! نانگول جي ماڻهن کان آيل درخواست ته اسان کي وسري ويئي!"

سندس هٿ ۾ اُهائي درخواست هئي.

ڪجهه هٻڪ محسوس ڪندي مون چيو، "ها!... پر انهيءَ ڳالهه کي ورهيه لنگهي ويو."

صاحب ڪلندي چيو، "ها، پر هڪ ورهيه ۾ به ته جاچ ڪرڻ اسان جي ڊيوٽي آهي يا نه؟" ايترو چئي هن اِهو ڪاغذ منهنجي هٿ ۾ ڏنو.

ڳالهه اها هئي ته هڪ اڌ ورهيه اڳ، نانگول جي پرسان هڪ وڏو تلاءُ ٺاهيو ويو هو. تلاءُ ٺهڻ کان پوءِ، ڳوٺ جي ماڻهن جي درخواست ڪئي ته تلاءَ جي اڏاوت جي ڪم ۾ ٺيڪيدار گڙٻڙ ڪئي آهي، سيمينٽ ۽ لوهه جا

وجهڻ جي بدران بنياد ۾ مٽي ڀري ويئي آهي، انهيءَ ڪري مينهن پوڻ تي جيڪڏهن بند ڀڄي پيو ته ڳوٺ تي مصيبت اچي ويندي.

انهيءَ درخواست پهچڻ کان پوءِ، بند جو معائنو ڪرڻ لاءِ صاحب مون کي نانگول موڪليو هو. پر انهيءَ کان اڳ جو مان وڃي معائنو ڪريان، مينهن پوڻ شروع ٿي ويو. تلاءُ ڀرجڻ کان اڳ ئي، بند ٽٽي پيو. بند ٽٽڻ سان ثابت ٿي ئي ويو هو ته اڏاوت جو ڪم ٺيڪ نه ٿيو هو. پوءِ به ٺيڪيدار پنهنجي بچاءَ ۾ چيو، "اڏاوت جو ڪم هلي رهيو هو، انهيءَ وقت مينهن پوڻ سان بند ڀڄي پيو. هونئن بنياد ۾ اڳريمينٽ موجب سيمينٽ ۽ لوهي سريئا ڪافي وڌا ويا آهن." ان وقت ٽٽل بند جو بنياد اٽڪل پنجاهه فوٽ پاڻي هيٺ هو، انهيءَ ڪري معائنو ڪرڻ ڏکيو هو. نيٺ طئه ٿيو ته پاڻي سڪڻ کان پوءِ معائنو ڪيو ويندو. پاڻي ته ڪڏهوڪو سڪي ويو هوندو، پر معائني جي ڳالهه وسري ويئي هئي. اڄ اوچتو صاحب کي اها ڳالهه ياد اچي ويئي. دريءَ مان آسمان ڏانهن ڏسندي هن چيو، "ڪنهن کي به ياد نه آيو. مينهن ته اڄ سيان ۾ پوڻ گهرجي."

مون چيو، "ها، شايد اڄ ئي پوي."

انٿوني صاحب هڪدم چيٽي وڃائيندي چيو، "تون هاڻي ئي نانگول وڃ. ضرورت هجي ته ڪجهه ماڻهن کي مدد لاءِ پاڻ سان ڪندو وڃ. انهيءَ کان اڳ جو وري مينهن پوي ۽ بند ٻڏي وڃي، معائني جي پوري رپورٽ پهچڻ گهرجي." مون ڇرڪي پڇيو، "پر سائين، اڄ ئي مينهن پيو ته؟"

"مينهن پوندي ئي تلاءُ ڀرجي نه ويندو. اهو به ٿي سگهي ٿو ته ٻه ٽي ڏينهن مينهن ئي نه پوي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته معائني ۾ ڪا رنڊڪ نه پوندي."

مون اٿندي چيو، "چڱو، مان هاڻي گهر وڃي بيگ کڻي اچان ٿو."

مٺو ڏوٺيندي صاحب چئي ڏنو، "نه نه، توکي گهر وڃڻ جي ضرورت ناهي. هڪ هڪ منٽ قيمتي آهي. هتان جيپ کڻي سڌو بند ڏانهن روانو ٿي وڃ. تنهنجي گهر ماڻهو موڪليان ٿو، جيڪو بي گاڏيءَ ۾ تنهنجو سامان کڻي توکي بند تي پهچائي ايندو." ۽ کلندي کلندي چوڻ لڳو، "اُتي پهچندي ئي اڄ ئي توکي ڪيڙن وغيره جي ضرورت ٿوروئي پوندي؟"

وڌيڪ ڳالهائڻ جي گنجائش ڪانه هئي، انهيءَ ڪري انهيءَ وقت مان ڪجهه ماڻهو وٺي بند ڏانهن روانو ٿي ويس. صبح کان ڇانيل ڪڪر بنا

ٽورو به خفا ٿيڻ کان سواءِ، اهڙي طرح ڪلي، ڄڻ مون تي ڇٽر ڪندي هجي، هن وراڻيو، "واهه! پرايا ڪڏهن پنهنجا ٿي سگهن ٿا؟ منهنجي ڳالهه ٻي آهي. چاهي ڇا به ٿئي، پر مان عورت آهيان. هنج ۾ ٻار ڏسي مامتا جاڳڻ کان سواءِ نه رهندي، پر اوهان؟ رت جي رشتي کان سواءِ، اوهان جي شفقت هن ڏانهن ڪيئن قائم ٿيندي؟ "ڳالهه به صحيح آهي. انهيءَ کان پوءِ، مون اهو خيال ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ اهڙو خيال وري نه آيو. ڪڏهن پلجي به مون چپرا ڪي اندروني ڪميءَ جو احساس ٿيڻ نه ڏنو آهي، پر نه ڄاڻان ڇو، اڄ هڪ ٻي سهاري ٻار کي ڏسي... ۽ سندس چهري کي تڪيندڙ چپرا جي انهن اجايل اکين مان نڪرندڙ خاموش آواز ٻڌي...

آفيس وڃڻ وقت، رستي ۾ به مون کي اهوئي خيال اچي رهيو هو ته هڪ ٻيرو موٽي چپرا کي چوانس، 'پرماتما تنهنجي خالي هنج پرڻ لاءِ گهر وڃي...' پر همت نه ٿي. شايد چپرا اُن کي پنهنجي بي عزتي سمجهي، شايد مامتا کان خالي عورت جي زندگيءَ کي بيڪار سمجهي...

فطري طرح هوءَ جيتري مهربان آهي اوتري ئي چيڙاڪ به. جيڪڏهن ڪا غلط معنيٰ ڪڍيائين ته ڇا ٿيندو؟ اهو سوچي مان ڏڪي ويس. انهيءَ وقت به انهيءَ ڊپ کان مون دل ئي دل ۾ دعا گهري، 'پوليس اچي ڪيس کڻي ويئي هجي ته چڱو...'

آسمان تان اونداهي لهي رهي آهي. ڪناري جي مٿانهين کان هيٺينءَ روڊ تان ٽرڪ جي هارن جو آواز آيو. ٻاهر نڪري ڏٺم ته ٽرڪ سڀ سامان کڻي اچي پهتي آهي. هتي ڪاڏي جو انتظام ممڪن نه هو، انهيءَ ڪري آفيس جي طرفان تيار ڪيل ٽفن اچي چڪا آهن... گڏوگڏ چانهه پاڻيءَ جو سامان، به ٽي پيٽروميڪس ۽ منهنجي بئگ ۽ بسترو پڻ...

ڪئمپ تي اچي هڪ شخص بئگ بسترو رکي ويو. ڪجهه دير کان پوءِ هيٺ وڃي پيٽروميڪس جي روشنيءَ ۾ مون هلندڙ ڪم تي نظر وڌي. پوءِ انهن ئي ماڻهن سان ويهي ماني کاڌم ۽ هڪ نوڪر کي چيم، "اڌ ڪلاڪ کان پوءِ چانهه ٺاهي مٿي ڏيئي وڃ."

ننڊ اچڻ لڳي، پر سڄي رات جاڳڻ جي ضرورت هئي، پوءِ به ڪجهه دير ليٽڻ جي خيال کان مون بسترو کوليو. بسترو کوليندي ئي مٿي رکيل نئين شال جي قرمزي رنگ اکين کي چمڪائي ڇڏيو. زال کي مڙس جي خدمت جو ڪيڏو نه اونو آهي! گرميءَ ۾ شال جي ڪا ضرورت نه هئي، پر شايد مينهن

پوي، تڏهن لڳي ٿو...

گذريل ورهيه به، لڳ ڀڳ انهن ئي ڏينهن ۾، مان هتي آيو هئس ۽ منهنجي چاڻ ڪان سواءِ ئي چپرا بستري ۾ شال رکي ڇڏي هئي. اها شال، جنهن جي ڪنارن تي چپرا خود گلن جو ست رنگو پرت پريو هو- ۽ اها شال مون ڪان وچائجي ويئي هئي- پوءِ چپرا نئين شال خريدي ۽ انهيءَ جي ڪنارن تي به ساڳيو پرت شروع ڪيو، پر اهو پرت اڌورو آهي. رڳو مٿئين پلؤ تي ٿوري جاءِ ۾ ئي پرت پرجي سگهيو آهي ۽ انهيءَ جا ست رنگ منهنجي اڳيان تِرڻي رهيا آهن. گنبير اونداهيءَ ۾، هوريان هوريان، هڪ هڪ تي، سڀڪجهه نگاهن ۾ تري رهيو آهي. لڳ ڀڳ اهوئي ڏينهن... ٺيڪيدار جي خلاف نانگول جي ماڻهن جي شڪايتي درخواست... خود معائنو ڪرڻ لاءِ انتوني صاحب جي هدايت... اها گنبير اونداهي رات، اوچتو مينهن جو پوڻ... مٿئين حصي ۾ مينهن ٿورو اڳ پوڻ شروع ٿيو هوندو، انهيءَ ڪري جنهن نديءَ جي رُخ ڪي تلاءَ ۾ موڙيو ويو هو، انهيءَ نديءَ ۾ اوچتو اٿل اچي ويئي. ڪونائيءَ جي لاءِ آيل مزور، ڪوڏرون ۽ پاهوڙا ڪٺي جان بچائي وٺي ڀڳا. رڳو مان اڪيلو رهجي ويس. مان اورئين پر انهيءَ مٿانهين تي هئس ۽ هاڻي پرئين پر وڃي نٿي سگهيس. اهو هنڌ به محفوظ نه هو. هر پل پاڻي وڌندو پئي ويو ۽ مٿانهين جي ڍڄڻ يا ٻڏڻ جو ڪهڙو امڪان هو. جيڪڏهن مٿانهين جي آسپاس پاڻي ڦهلجي ويو ته ڪٿي به وڃي نه سگهبو. ڪهڙي دير تائين پَسڻ ڪري، مان اتيئي بيٺو ڏڪندو رهيس. نيٺ مٿانهين ڇڏي ڪنهن محفوظ هنڌ ڏانهن وڃڻ جو فيصلو ڪرڻو پيو.

مينهن سان گڏوگڏ سرسرائيندڙ تڏي هوا به اوتري ئي قاتل هئي. مون بستري مان شال ڪڍي جسم تي ويڙهي ڇڏي. پوءِ باقي سامان اُتي ئي ڇڏي، مٿانهينءَ جي ٻئي چيڙي تي لهڻو پيو. ڳهاٽي وسندڙ مينهن ۾ پُسندو، هوا جي تيز سنسناهٽ ۾ ڏڪندو، گوڏي تائين پاڻيءَ ۾ مان اڳتي وڌيس. پيرن هيٺان، پاڻيءَ ۾ ٻڏل ٻنين جي قنديل چيڪي مٽي هئي ۽ مٿي گهنگهور آسمان ـــ بيوهه جي لباس وانگي ڪارن ڪڪرن جي ميڙ. سڀڪجهه اونداهو ڪري ڇڏيو هو. نانگول ڳوٺ ۽ رستو ڪهڙي طرف رهجي ويو آهي، انهيءَ جو مون ڪي ذرو به خيال نه هو. اڪيون ٻوتي، ڏڪا ٿاٻا کائيندو نه ڄاڻان ڪيستائين هلندو رهيس. اڌ ڪلاڪ ڪن ڪان پوءِ، پير پاڻيءَ مان مشڪل سان ٻاهر نڪتا. فضا ۾ هر هر چمڪندڙ وڄ جي وقتي، پر تيز روشنيءَ ۾

ايترو ڏسي ورتم تہ زمين پسيل هئڻ جي باوجود پاڻي گهڻو نہ هو. مينهن ڪجهہ گهٽ ٿي ويو هو. بيهوش ٿي ڪرڻ ۾ ڌري بہ دير نہ هئي جو پاڻيءَ کان ٻاهر اچڻ جي ڪري مون ۾ همت پيدا ٿي.

چهري تان پاڻي آگهي، مون چوڌاري نظر ڊوڙائي. ڪجهہ پري، ڪجهہ اوچائيءَ تي هڪ جهڪو ڏيئو ٽمڪي رهيو هو. مينهن جي ڦوڙن کي چيري منهنجي ٻي چئن اکين انهيءَ جي روشني ڏٺي. وڌيڪ سوچڻ سمجهڻ کان سواءِ مُنيون پڪوڙي انهيءَ طرف ڊوڙيس.

زمين جي مٿاڇري کان ڪجهہ مٿيرو، اُها بہ اوتاهين جاءِ هئي. بلنديءَ تي چڙهندي ساهہ ۾ پرجي ويو هئس. نڪ تائين ايندڙ ساهہ کي رڳو ٻاهر ڪڍڻ جي دير هئي جو مون کي خيال آيو تہ مان ڪنهن جهوپڙيءَ جي دروازي پرسان بيٺو هئس. هڪ ڪن بہ ترسڻ کان سواءِ، مون در تي زور سان ڏڪ هنيا. لوهي چادر ۾ سريئن جي دروازي جو وڏو آواز ٿيو. اهو آواز ڪندو رهيو ۽ اندران ڪنهن جو چرڪ ڀريل آواز آيو، "ڪير آهي؟"

آواز چرڪ ڀريل هئڻ جي باوجود بہ تيز هو. ذهن کي لوڏيندڙ انهيءَ جسماني پريشانيءَ ۾ بہ مون کي اهو سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ اهو نازڪ آواز ڪنهن عورت جو هو.

لڳاتار ڏڪ هڻندي مون بي چئنيءَ وچان رڙ ڪئي، "در کول، در کول. مسافر آهيان، مينهن ۾ رستو ڀلجي پريشان ٿي ويو آهيان."

ٿوري دير کان پوءِ دروازو کليو. ٽمڪندڙ ڏيئو هٿ ۾ کڻي هڪ عورت دروازي تي بيٺي هئي. سندس خوبصورت چهري تي ترندڙ انديشا انهيءَ ٽمڪندڙ روشنيءَ ۾ بہ منهنجي نظرن کان لڪيل نہ رهيا.

عجيب ڀريل آواز ۾ مون چيو، "گهٻراءِ نہ، ڪجهہ دير لاءِ مدد ڪندينءَ تہ تنهنجي مهرباني ٿيندي. مينهن بند ٿيندي ئي هليو ويندس."

هڪ ڪن لاءِ هوءَ مون ڏانهن تڪيندي رهي. پوءِ ٿورو هٽي ۽ هوريان چيائين، "اچو."

خوش قدمن سان مان اندر گهڙيس. هن در بند ڪري ڇڏيو. ڀِڪل دروازي واري دريءَ جي ڀر واري ڪونٽي ۾ هن ڏيئو رکيو ۽ پوءِ چيلهہ تي هٿ رکي منهنجي پاڻيءَ سان ڀنل جسم کي غور سان ڏسڻ لڳي.

بيٺي بيٺي مون چوڌاري نگاهہ وڌي. جهوپڙي ڪافي وڏي هئي. هيٺ سرون رکي زمين پڪي ڪيل هئي، پر وچ ۾ سيمينٽ نہ هئڻ ڪري آلاڻ مٿي

اچي رهي هئي. انهيءَ آلاڻ ڏانهن ڏسڻ کان سواءِ مان هيٺ ويهي رهيس. منهنجي خراب حالت سندس چهري جي انديشن کي وکيري ڇڏيو هو. ملائم لهجي ۾ هوءَ پڇڻ لڳي، "ڪٿان پيا اچو؟"

مون جسم جي سيٽيل عضون کي ڇنڊيندي ٿڌل آواز ۾ چيو، "هينئر ڪجهه ٻڌائڻ جي حال ۾ ناهيان، تورو ٿڪ ختم ٿيڻ ڏي."

ايتري ڳالهائڻ ۾ ئي منهنجو ساهه وڌي ويو. فڪرمند لهجي ۾ هن چيو، "گهڻو پُسي ويا آهيو نه؟ ڪپڙا مٽائيندؤ؟"

ڇاتيءَ تي هٿ رکي کنگهندي چيم، "ڪپڙا، پر ڪپڙا آهن ڪٿي؟"

"ترسو." چئي هوءَ سامهون ڪنڊ ڏانهن هلي ويئي. ڪنڊ ۾ هڪ کٽ پيئي هئي. هيٺيان هڪ ٻيگل ٿڌل ٽرنڪ ڇڪي هن هڪ ڪپڙو ٻاهر ڪڍيو ۽ مون ڏانهن وڌائيندي چيائين، " "پُسيل ڪپڙا لاهي، هيءُ ڍڪيو."

بنا باربر جي اچي ٿلهي ساڙهي... اُن وقت اُها شال، دُشالي کان به وڌيڪ قيمتي هئي. اتڻ جي همت نه هئم، پوءِ به پت جي ٽيڪ تي، بيحد ڪوشش ڪان پوءِ، مان اُٿي بيٺس. گوڏ وانگر جسم تي ساڙهي ويڙهي مون ڪپڙا لاٿا- شال، قميص، پينٽ، گنجي سڀ ڪجهه. ڪپڙن مان ٽمندڙ پاڻيءَ سان زمين پُسي ويئي هئي. وري هيٺ ويٺس تي ته هٿ جهلي هن چيو، "هيڏانهن اچو. کٽ تي ويهو."

کٽ تي ميرو بسترو وڇايل هو. مان مٿس ڪِرڻ ئي وارو هئس جو هن چيو، "ترسو!" ۽ صندوق مان اڳئين جهڙي ساڙهي ڪڍي بستري تي وڇايائين. پوءِ پُرسڪون لهجي ۽ ڪي قدر خوشيءَ واري لهجي ۾ چيائين، "هاڻي آرام سان ليٽي پئو!"

مان ليٽي پيس. هن وري دروازو کوليو ۽ دروازي تي بيهي سپيئي ڪپڙا نپوڙي اندر ٻڌل رسيءَ تي ٽنگي ڇڏيائين... پوءِ آلا هٿ اُگهندي چيائين، "هان وٺو، اوهان جي پتلون جي کيسي مان پنٺون نڪتو آهي."

پيسن جي پنٺونءَ ۾ ٻه سؤ رپيا کن هئا، پر ان وقت اُهو سنڀالڻ جو هوش ڪٿي هو. ڇاتيءَ پر ليٽي چيم، "پاڻ وٽ رک. ويندي وقت وٺندس."

پنٺون هن صندوق ۾ رکي ڇڏيو ۽ صندوق کي کٽ جي هيٺ ڪسڪائي ڇڏيائين. ڪجهه دير کان پوءِ، ڪنڌ ڪٿي ڏنم ته هوءَ آلي زمين تي ڦاٽل ڳوڻ وڇائي، ماٺ ميٺ ۾ ويهي، مون ڏانهن ڏسي رهي آهي. مون منهن ڦيري ڇڏيو. چڙهندڙ ساهه سان گڏ پيدا ٿيندڙ کنگهه ۽ وهندڙ نڪ... اوچتو هن

چيو، ”لڳي ٿو اوهان کي زڪام ٿي پيو آهي.“

”ها...!“

هن هٿ وڌائي مُنهنجي وارن کي ڇهندي چيو. ”مٿو تہ اجا تائين پسيل آهي. زڪام نہ ٿيندو تہ ٻيو ڇا ٿيندو. ترسو تہ اُگهان.“

مان ڪجهہ چوان، انهيءَ کان اڳ ئي هوءَ ڪونٽي تان ڪپڙو لاهي منهنجو مٿو اگهڻ لڳي. پوءِ سڪل وارن ۾ هٿ ڦيريندي چيائين، ”هاڻي سُڪي ويندا.“

رات جي نويڪلائي ۾ ڌارئي شخص کي ڏسي پيدا ٿيندڙ انديشا، مانوس ٿيڻ سان ختم ٿي ويا. هاڻي تہ هوءَ پنهنجن وانگر ڳالهيون ڪرڻ لڳي. پير سوڙها ڪري مان ڇاتيءَ پر ستو هئس. جسم ۾ ڇُهندڙ ٿڌ جي ڪري ڏند ڪڙڪي رهيا هئا. هن پڇيو، ”گهڻو سيءُ ٿو لڳي؟“

مون وراڻيو، ”مان ڪلاڪ تائين مينهن ۾ پُسندو رهيو آهيان، انهيءَ ڪري ٿڌ لڳي ويئي اٿم.“

ڪٺ جي ڀرسان اچي هن مون کي چيو، ”ٿورو سرڪو تہ!“ ۽ بستري هيٺان رکيل ڪمبل ڪڍي هن مون کي اوڍايو.

مينهن گهٽجڻ کان پوءِ وري تيز ٿي ويو هو. هر پل ٻوائتي گجگوڙ، طوفاني هوا ۽ وڄ جو ڪڙڪو... ڀڳل دريءَ مان وڄ جي زبان جو وراڪو اندر داخل ٿي ٿيو ۽ هن جو ننڍڙو ڇهرو چمڪي ٿي اٿيو- نئين چاول ڀار جهڙو معصوم ڇهرو- اهو ايترو سادو ۽ معصوم ٿي لڳو جو پيار جا جذبا جاڳي اُٿيا ٿي. هوريان هوريان پيدا ٿيندڙ قربت جو احساس ڏيڻ لاءِ مون ڪائنس پڇيو، ”تون ائين ئي ويٺي رهندينءَ؟ سمهڻو ناهي ڇا؟“

هن ڳالهائڻ چاهيو ٿي، پر ڳالهايائين ڪو نہ. هن چوڌاري نظر ڊوڙائي ڇڻ ڀچندي هجي، ’ڪيئن سمهان؟‘ سڀ ڪجهہ پُسيل هو ۽ شايد وٽس اوڍڻ لاءِ ٻيو ڪجهہ نہ هو. هڪدم ئي موضوع بدلائيندي چيائين، ”اوهان جو زڪام ڪيئن آهي. چئو تہ تيل مکيان؟“

”سرنهن جو تيل؟“

”ها، تيل گهر ۾ رکئو پوندو آهي. بابا جي طبيعت ٺيڪ نٿي رهي. ڪيس اڪثر زڪام ٿي پوندو آهي.“

ڇرڪي مون پڇيو، ”تنهنجو بابا ڪٿي آهي؟“

”ڪم تي ويندو آهي. نانگول جي ڀرسان تلاءَ کوٽيو پيو وڃي نہ! هاڻي

تہ جسم ڪم نٿو ڪريس، پر پوءِ بہ ڪم تہ ڪرڻو ئي پوندو آهي!"

"تلاءُ؟ تلاءَ ۾ تہ پاڻي پرجندي ئي سيئي ماٺهو پرئين پر پڇي ويا."

"تڏهن تہ بابا بہ انهن سان گڏ هوندو. هاڻي ٻن ڏينهن تائين نہ اچي سگهندو. نديءَ ۾ اُٿل ايندي آهي تہ مينهن بند ٿيڻ کان ٻن ڏينهن تائين ندي رستو نہ ڏيندي آهي." ٿوري بہ گهبراهٽ کان سواءِ هوءَ بلڪل فطري انداز ۾ ڳالهائي رهي هئي. هن پڇيو، "اوهان بہ اُتان کان پيا اچو؟"

"ها، مان هِن طرف واري ڪناري تي رهجي ويو هئس، انهيءَ ڪري هِن طرف پڳس." اينترو چئي پنهنجي باري ۾ سيئي ڳالهيون مون ڪيس ٻڌائي ڇڏيون. کِلي، اکيون ڦهلائيندي، ڪجهہ خوش ٿي هن چيو، "تڏهن تہ اوهان سرڪاري صاحب آهيو نہ؟ اهو ٻڌي تہ بابا بہ خوش ٿيندو تہ اوهان آيا هئا."

منهنجو رتبو ڄاڻڻ کان پوءِ، هن جي چهري تي پڌرو ٿيندڙ تاثر لکي نٿي سگهيو. هڪدم اُٺي ۽ تيل جي شيشي کڻي آئي... سرنهہ جو تيل... ۽ ڪمبل هٽائي، بنا پڇڻ، منهنجي جسم تي ملڻ لڳي. سموري جسم ۾ سنسني جي هڪ لهر ڊوڙي ويئي. هاريءَ جي ڌيءَ هئڻ جي باوجود، سندس هٿ ڪيڏا نہ نرم هئا. سندس هلڪو نرم هٿ هوريان هوريان جسم تي هلي رهيو هو. پنيءَ تي... ڇاتيءَ تي... ڳچيءَ تي... ائين ٿي لڳو، ڄڻ آسمان ۾ لهرائيندڙ وڄ زمين تي لهي منهنجي جسم ۾ سمائجي... هر عضوي ۾ لهر پيدا ڪري، ذري ذري کي لوڏي رهي هجي. هوءَ ڪٽ جي ٻانهينءَ تي ڪجهہ اُٺائي ويٺي هئي. مان ٿورو پوئتي هٽي ويٺس، جيئن هوءَ آرام سان ويهي سگهي. هوءَ ڪٽ جي ٻانهينءَ تان هيٺ کسڪي آئي. ٿلهي ڪپڙي ۾ ڍڪيل سندس صحتمند جسم سان منهنجو هٿ ڏبجي رهيو هو ۽ اهو هٽائڻ جي خواهش جي بدران، ڏبائي رکڻ جي خواهش وڌيڪ طاقتور ٿيندي پئي ويئي. گهڻي دير تائين ڪنڌ جهڪائي هوءَ تيل هڻندي رهي. منهنجي ڪنگهہ بيهي ويئي هئي. هن کلندي چيو، "ڏٺوَ نہ! سرنهہ جو تيل ڏاڍو اڪسير آهي. اوهان جو زڪام ڪيئن نہ گهٽجي ويو؟" واقعي اهو سرنهہ جي تيل جو ڪرشمو هو يا هن جي ڪومل هٿن جو... يا وري ڇپاءُ جي ڪارڻ تيز ساهن کان پيدا ٿيندڙ گرميءَ جو؟

ساڻس اکيون ملائڻ جي همت هاري، مون اکيون ٻوٽي ڇڏيون. هٿ صاف ڪندي هن پڇيو، "ننڊ پئي اچي؟"

ٻاهر طوفان جي شور ڏانهن اشارو ڪندي مون چيو، "هن ۾ ننڊ ڪيئن

ٿي اچي سگهي؟" ۽ پوءِ ڪجهه ترسي چيم، "اڄ سمورو ڏينهن پيٽ ۾ ڪجهه به پيو نه آهي. خالي پيٽ جي ڪري ٻي چڻني پيئي ٿئي." ائين لڳو ڄڻ ڪاڏي جي باري ۾ پڇڻ وساري ويهڻ ڪري هڪدم اوچتو شرمائجي، ٻي ڪن ۾ هوءَ ٻي خياليءَ ۾ پڇي ويئي، "چانهه پيئندؤ چانهه؟"

"هن وقت چانهه؟"

"ها... بابا گهڻو ڪري جڏهن دير سان ايندو آهي ته چانهه گهُرندو آهي، انهيءَ ڪري ڪير رکتو پوندو آهي. چئو ته چانهه ٺاهي وٺان؟ منجهند جي وقت جي ٻاجهريءَ جنءِ ٿڌي ماني پيئي آهي، اها به گرم ڪري وٺان؟ چانهه ۽ ماني پسند ايندي؟"

هڪ ڌارئي شخص لاءِ، سندس ايڏي خلوص ڀري خدمت ڪان متاثر ٿي، مان غور سان ڏانهس ڏسندو رهيس. مون کي محسوس ٿيو ته جيڪڏهن مان چانهه ڪان انڪار ڪندس ته هوءَ ناراض ٿي ويندي. ٿورو هلڪي لهجي ۾ چيم، "سڀ پسند ايندا."

اهو ٻڌندي ئي هوءَ ڏاڍي خوشيءَ وچان ڊوڙندي سامهون ڪنڊ ۾ وڃي پهتي ۽ جلدي ڪُل ٻاري چانهه ٺاهي ورتائين.

ڏهن منٽن جي اندر ئي، هوءَ ڪنجهي جي پليٽ ۾ ماني ۽ پيالي ۾ چانهه ڏيئي ويئي.

شاهي طعام ۽ مغليه ڪاڏي جي باري ۾ ته گهڻو ڪجهه ٻڌو اٿم، پر اهڙو سواد ته شايد انهن ۾ به نه هوندو. ذائقي مان پتو ٿي پيو ته چانهه ۾ سُنڍ وڌي ويئي هئي. هوءَ زڪام ٺيڪ ڪرڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪري رهي هئي. ڪائي ٻي مان ليٽي پيس. هوءَ وري ساڳيءَ طرح ويهي رهي. ڪجهه سوچڻ ڪان پوءِ مون چيو، "کٽ تي ويهه، هيٺ پوسل آهي، توکي به زڪام ٿي پوندو."

هلڪي مُرڪ سان هن وراڻيو، "اسان ماڻهن کي اهڙيءَ طرح جلد زڪام نه ٿيندو آهي."

مون چيو، "نه، مان کٽ تي ليٽان ۽ تون پوسل واري زمين تي ويني رهين، اهو مون کي سنو نٿو لڳي."

شايد مون کي خوش ڪرڻ لاءِ هوءَ منهنجي پيرن جي پرسان ويهي رهي. ٻنهيءَ مان ڪنهن کي به ننڊ نه پئي آئي. اها ڪيس ٻڻ سڌ هئي. ڪُجهه ڳالهائڻ خاطر مون پڇيو، "هتي سڄ ۾ جهوپڙي ٺاهي ڇو ٿي رهين؟"

”هتي اسان جي ٻني آهي. نگهباني ته ڪرڻ گهرجي نه! اڳي چار ڀينيون هيون، پر امان جي مرڻ کان پوءِ اڪيلي بابي کان سنڀاليون نه ٿيون. مان اُن وقت ننڍي هيس. پوءِ بابو بيمار ٿي پيو ته سڀئي وڪڻي ڇڏيائين. بس هيءَ هڪ ئي بچي آهي ...“

هن جي ڳالهين ۾ مون کي دلچسپي پيدا ٿي ويئي هئي. سندس ڳالهائڻ جو انداز به ڪيڏو پيارو هو. آواز ۾ مجبوريءَ جو ڪو احساس نه هو. پوءِ به منهنجي دل ۾ پاڻمرادو همدردي پيدا ٿيڻ لڳي. هوءَ ڇا پئي چوي؟ رڳو هيءَ هڪ بچي آهي، انهيءَ ۾ ڪيئن ٿي پورائي ٿئي؟ انهيءَ ڪري ته پوڙهي پيءُ کي بيمار هئڻ جي باوجود مزوري ڪرڻ لاءِ وڃڻو پوي ٿو...

۽ نديءَ ۾ ٻوڏ اچڻ ڪري هو ٻن ڏينهن تائين گهر اچي نه سگهندو. ٿورو ترسي مون پڇيو، ”هن ريت توکي اڪيلو ڇڏي وڃڻ ڪري تنهنجي پيءُ کي ڏاڍي ڳڻتي ٿيندي هوندي؟

”نه. ڳڻتيءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي؟ هتي ٻنين جي ٻارين تي ته اهڙيون ڪئين جهوپڙيون آهن، پر مينهن ۾ اوهان کي ڏسڻ ۾ نه آيون هونديون.“

هوءَ کِلي پيئي. کِلڻ ڪري هوءَ بي سبب کِلي پوندي هئي. ائين لڳندو هو ڄڻ هن ٻنل مست هوا ۾، هن گجگوڙ ۾، هوءَ نه، هڪ ڇميل وڄ کِلي رهي هجي. ڪمبل ۾ ويڙهيل جسم کي ڦهلائيندي مان به کِلي پيس. پوءِ چيم، ”ڪجهه دير آرام ڪري وٺان، روشني ٿيندي ئي هليو ويندس.

”واهه! هيئر ڪيئن ويندؤ؟ ڏسو ته سهي، اڃا مينهن بيهي ڪٿي ٿو؟ نديءَ پار ڪيئن ڪندؤ؟“

ڳالهه ته ٺيڪ آهي. مون به سمجهيو ٿي، پوءِ به مون چيو، ”پر توکي اهڙي طرح اجايو ڇو تڪليف ڏيندو رهان؟

هن جي اکين ۾ حيرت جي چمڪ پڌري ٿي.

”تڪليف؟ منهنجي لاءِ ته چڱو ٿيو، نه ته بابي جي اچڻ تائين اڪيلو رهڻو پوي ها. مان ته چوان ٿي ته بابا جي اچڻ تائين هتي ئي رهي پئو. اهو ڏسي هو ڏاڍو خوش ٿيندو ته صاحب آيو آهي.“

مون چيو، ”ها! هو خوش ته ٿيندو پر تيستائين تنهنجي حالت ڪهڙي ٿيندي. مان هن ريت ليٽيو رهان ۽ تون ويٺي تپسيا ڪندي رهين، اهوئي نه؟ ڀلا اهڙي صورت ۾ مان ڪيئن آرام سان سمهي سگهان ٿو.“ هوءَ ماٺ ٿي ويئي. ڏيئي جي هلڪي روشنيءَ ۾ به سندس اکين جي چمڪ مون کي ڏسڻ

۾ پئي آئي. ورندي ڏينڻ ۾ ڪيس ڏکيائي پئي ٿي. ڪجھ دير کان پوءِ گهنڊ جهڪائي هوءَ چوڻ لڳي، "بابا بہ ائين ئي چوندو آهي. مينهوڳيءَ ۾ هيٺ زمين تي سمهڻ ئي نہ ڏيندو آهي. هٿ کان جهلي زوري کٽ تي سمهاريندو آهي."

ڇرڪي مون پڇيو، "پوءِ تنهنجو پيءُ ڪٿي سمهندو آهي؟"

"گڏ ئي تہ سمهندا آهيون. بابا ۽ ڏي گڏ سمهي پوندا آهيون. ننڍي لاڪر مون کي بابي سان گڏ سمهڻ جي عادت آهي."

غير شعوري طور تي منهنجو هٿ اڳتي وڌي ويو. هن جو هٿ جهلي ڪنبندڙ آواز ۾ چيم، "اچ، سمهي پؤ!" هوءَ ڇرڪي ويئي ۽ منهنجي هٿ مان پنهنجو هٿ ڇڏائي ورتائين. هڪ ڪن لاءِ فطري طرح مان هڪو ٻڪو رهجي ويس، پر يڪدم ئي ڏاڍي همٿ سان چيم، "تہ پوءِ مان کٽ تي نہ سمهندس."

"نہ نہ... ڏسو، ائين نہ ڪريو!"

مون تيز آواز ۾ چيو، "مون سان گڏ سمهڻ ۾ شرم ٿو اچيئي تہ پوءِ... تو لاءِ کٽ خالي ڪرڻ کپيم نہ!"

اوچتو هوءَ کِلي پيئي، ڀرين جهڙي ساڳي کل. ڀرپور ۽ خالص... ۽ ڪن پل جهڪيل مٿي کي آگر جي نهن سان کنهندي نيٺ ويجهو آئي. مون جسم هٽايو. آناڪانيءَ کي دور ڪرڻ لاءِ، مون خود ئي سندس هٿ جهلي ڪيس پنهنجي پاسي ۾ سمهاري ڇڏيو. هن اکيون ٻوٽي ڇڏيون. سچ پچ هوءَ ڏاڍو شرمائي رهي هئي! هوءَ بي قصور هئي... پوءِ بہ ڪيس شرمائڻ آيو ٿي...

هن حيا جو مفهوم سمجهيو ٿي.

مون انتهائي نرم لهجي ۾ پڇيو، "سيءُ لڳي ٿو؟"

هٿ ترِيءَ ۾ دٻيل منهن سان، دٻيل آواز ۾ هن ورائيو، "ها!"

پنهنجي جسم کي ڪمبل ۾ ويڙهي، مون سندس جسم کي ويڙهي ڇڏيو. هن جي ڇاتيءَ جي ڌڙڪن مون کي ڇٽي طرح بَدنڻ ۾ پئي آئي، ۽ سندس ساهن سان پيدا ٿيندڙ ست سُر، مينهن جي رم جهم سان گڏ ملي، هڪ عجيب گيت پيدا ڪري رهيا هئا. مون کي ڪو هوش ڪونہ هو... ۽ مان انهيءَ لطيف ڪيفيت ۾ آهستي آهستي ٻڏندو ويس. سيڪجھ وساري چڪو هئس. گونجندڙ گجگوڙ ۾ لرزندڙ جهوپڙيءَ جو ڏيئو... سرسرائيندڙ هوا ۾ ٿرٿرائيندڙ روشني... شايد ڏيئي ۾ تيل ختم ٿي رهيو هو. هڪ تيز چمڪي کان پوءِ روشني وسامي ويئي. ڊگهي گجگوڙ سان گڏ وڄ وراڪو ڏنو. ڊپ کان هوءَ منهنجي ڪِڇيءَ کي بدن ۾ ڪسيندي مون سان ويڙهجي ويئي.

رات جو دير سان مينهن بيهي ويو. طوفان ختم ٿي ويو هو ۽ صبح ٿيڻ تي سهائي اُس نڪري آئي هئي. ڪيس ڏاڏو پڇتاءُ ٿيو. مون کي ڪٽ تي ستل ڇڏي، هوءَ جلدي گهر جي ڪم ڪار سان وڃي لڳي. منجهند ٿيندي ٿيندي منهنجا پنل ڪپڙا سڪي ويا هئا. هن اُهي ويڙهي مون کي ڏيندي چيو، "هان، پائي وٺو." پوءِ شال ويڙهيندي ۽ پوٽن واري ست رنگي پرت تي واڪاڻ پري نگاهه وجهي، هن رسيلي اُواز ۾ چيو، "ڏاڍو سهڻو پرت آهي... آهي نہ؟"

اوچتو مون چئي ڏنو، "توکي پسند آهي، آهي تہ پاڻ وٽ رک."

اُها سچ پچ ڪيس پسند اچي ويئي هئي ۽ رڳو شال ٿي نہ، پئي ڏينهن اُتان موڪلائڻ مهل مون پنهنجو پرس بہ سندس اڳيان رکي ڇڏيو.

ڪنڌ لوڏي هن چيو، "نہ!"

پريل آواز ۾ مون چيو، "اها خيرات ناهي. توکي خبر آهي تہ جيڪڏهن تون مون کي سهارو نہ ڏين ها تہ هن وقت مان زندهہ نہ هجان ها. زندگي ڏيڻ جي عيوض مان هي ننڍ تحفو ڏيئي رهيو آهيان."

هن پوءِ بہ نہ مڃيو. سندس ڪارين اُداس اکين ۾ لڙڪ لڙي آيا. ڏاڍي ڏکيائيءَ سان ريهي ريبي نيٺ پرس مان سؤ رپين جو نوٽ ڪڍي سندس هٿن تي رکي ڇڏيم.

سندس ڪليل ترڻيءَ ۾ هڪ نيري رنگ جو ڪاغذ ائين ڦڙڪي اُٿيو ڄڻ...

سندس هٿ ڪنبي رهيو هو... رڳو هٿ ٿي نہ، سمورو جسم... ڇپرن جي پينگهي ۾ لڏندڙ بہ لڙڪ بہ. ان وقت جدائيءَ جي ان گهڙيءَ ۾، هوءَ خود بہ هڪ لُڙڪ پريءَ جهڙي لڳي رهي هئي... پنل... وهڪ جهڙي... لڏندڙ... ڪنبندڙ- پر هوءَ هاٿي ڪِلي نٽي. اها سادي، معصوم، تڙيل ڪل بلڪل اوجهل ٿي ويئي هئي.

سندس ترڻيءَ تي نوٽ رکي، مون ٿي سندس مُٺ بند ڪري ڇڏي ۽ پنهنجي پنهي هٿن جي وچ ۾ دٻايم. جذبات ۾ مون ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪيو. ڪَنديءَ سان گڏ ڇڪجي ايندڙ مڇي وانگي هوءَ ڇڪجي آئي.

هن جو گل مهر جي گل جهڙو چهرو نہ ڄاڻ ڪيستائين منهنجي ترين جي وچ ۾ دٻيل رهيو. گلاب جي اڌ ڪليل مکڙيءَ وانگي هن جي اڌ ڪليل ڳاڙهن چپن تي منهنجا چپ چميل رهيا... هن جي گهٽندڙ وڌندڙ معطر ساهن جو آبِ حيات نہ ڄاڻان ڪيستائين پيئندو رهيس.

چڙهندڙ اُس ۾ ڪرڻن جي ٻانهن مان پاڇا کسڪندا پئي ويا. هوءَ

هوريان هوريان منهنجي ٻانهن کان الڳ ٿي رهي هئي. گهڻو ڪجهه الڳ ٿي رهيو هو. ائين ٿي لڳو ڄڻ باقي گهڻو ڪجهه ڇوڻ لاءِ رهجي ويو هو... پر هاڻي وقت نه هو. هوءَ ٻيهي رهي ۽ مان در ٽپي ويس. موڪلائيندي هوءَ ٻريل آواز ۾ پڇڻ لڳي، "وري ايندؤ؟"

مون چيو، "ها! ڊيم ٿهي پيو. انهيءَ ڪري هن طرف اچڻ وڃڻ پيو ٿيندو. هاڻي ايندس ته توسان ملڻ کان سواءِ نه ويندس."

سندس معصوم اکين ۾ عقيدت جي روشني جهرمر ڪري رهي هئي. مون کي محسوس ٿيو ته ڏينهن جي روشنيءَ ۾ انهيءَ روشني جي لاٽ کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت مون ۾ ناهي.

هوءَ در تي ئي بيٺي رهي... ۽ مان هليو آيس.

گهر آيس ته ڇپرا جي بيچينيءَ جي حد نه هئي. طوفان ۽ نديءَ جي سيلاب جي خبر کيس ملي چڪي هئي. مون کي جيئرو جاڳندو ڏسي هن سڪون جو ساهه کنيو. پوءِ منهنجو سامان نيڪ ڪندي هن پڇيو، "هن ۾ اوهان جي شال ڇو نٿي ڏسڻ ۾ اچي؟"... ڪيئن جواب ڏيان؟ ڪهڙو جواب ڏيان؟... ورائيم، "پچ ڊوڙ ۾ شال ڪٿي گم ٿي وئي."

هن چيو، "چڱو ٿيو جو وڃائجي وئي. جان بچي ته لک ڪتياسين. نئين خريد ڪنداسين."

۽ ايندڙ سياري ۾ هن منهنجي لاءِ نئين شال خريد ڪئي. اهائي شال... ۽ جتي ٻهرين شال ڇڏي آيو هئس اُتي وڃڻ ممڪن ٿي نه سگهيو.

هڪدم اوچتو منهنجي خيالن جو سلسلو ٽٽي ويو. ڇرڪي ڏٺم ته نوڪر اچي رهيو هو...

"صاحب... چانهه!"

چانهه جو گلاس هٿ ۾ وٺي پڇيم، "بند تي ڪم ڪندڙ مزورن ۾ ڪو هاري هجي ته کيس مون ڏانهن موڪل."

ڪجهه دير کان پوءِ هڪ هاري آيو. مون ڪانئس پڇيو، "گذريل سال هتي بند تي هڪ هاري ڪم ڪندو هو. نالو ته ياد نه اٿم پر هو پوڙهو ۽ بيمار هو. هن پار جي ٻنين ۾ ڪٿي هن جي جهوپڙي هئي." ڪجهه ترسي وري چيم، "هڪ جوان ڇوڪري به..."

"ڪنهن جي؟ لڇمڻ جي ڳالهه پيا ڪريو نه، صاحب! اهو ته مري ويو. ڇهه مهينا ڪن ٿيندا. ڇوڪري ٻني وڪڻي ڪيڏانهن هلي وئي. خبر ناهي

ڪيڏانهن هلي ويئي.“

اڪتي وڏيڪ ڪجھ پڇڻ جوڳي ڳالھ بچي نہ هئي.

مينهن ايندي رُڪجي ويو هو. مان بنا ڪنهن پريشانيءَ جي ٻن ڏينهن ۾ ابتدائي رپورٽ تيار ڪري موٽي آيس.

پر...

گهر جو رنگ ڍنگ ڏسندي ئي اکيون حيرت ۾ کُليون رهجي ويون. بينڪ ۾ ننڍو پينگهو لڏي رهيو هو ۽ ڇپرا بيهي پينگهو لوڏي رهي هئي.

”اهو ڇا آهي ڇپرا؟“

هن بنا خفا ٿيڻ جي، فطري نرم لهجي ۾ وراڻيو، ”ڇو، انهيءَ ڏينهن اوهان نہ ڏٺو هو؟“

”ڇا؟“

”اڳڻ ۾ ٻار پيو هو نہ! پوءِ پوليس آئي، پر انهيءَ سلسلي ۾ مونجهارو پيدا ٿيو تہ ٻار کي ڪٿي رکيو وڃي.“

”انهيءَ ڪري تو گهَري ورتو... ائين نہ؟“

”هونئن تہ نہ گهُرانس ها پر...“ هوءَ ٿورو رڪجي ويئي.

پوءِ پرئين طرف جي ڀت ڏانهن نهاريندي چيائين، ”پر پوليس چادر هٽائي ۽ چادر جي هينيان هيءَ شال نڪري آئي...“ ڪونٽي تان ڀرت ڀريل شال لاهي، مون ڏانهن اڇليندي هن پنهنجي ڳالھ پوري ڪئي: ”جيڪا شال اوهان وڃائي ڇڏي هئي.“ □□□

# فرج

## اي. ايم. ڪو وُر

ڊائننگ روم جي الهندي حصي ۾، اڇي رنگ جو فرج رکيل آهي، جنهن کي ڏسڻ سان اڇي ڪپڙي سان مٿو ڍڪيل پُوريون ڪائيندڙ ٿلهي گجراتي ڪنوار جو خيال ايندو آهي. مون کي اها ڳالهه ڪنهن ڏينهن مُولي ڪُنيءَ کي چوڻ گهرجي.

ميجر مينن جي گهر ۾ ڏٺل هڪ نئين طرز جي ٽي ڪوزي مڙهيندي مُولي ڪُنيءَ ڪند مٿي ڪئي مون ڏانهن ائين ڏٺو، جيئن بنا موڪل جي اندر ايندڙ ڪنهن شاگرد کي هيڊ ماسترياڻي ڏسندي آهي. هوءَ چوڻ لڳي، "جوني ڪُني، تون پنهنجي اجائي بڪ بڪ بند ڪري ويهه نه! توکي گجراتي ماين وانگر هميشه اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿيون سُجهن؟" ائين چئي هوءَ وري ٽي ڪوزي مڙهڻ ۾ لڳي ويئي.

هوءَ ڳاڙهي ڏاڍي سان 'جئڪ اينڊ جِل' جو ڇٽ ٽي ڪوزيءَ تي مڙهي رهي هئي. هڪ ڀيرو وري خيال آيم ته اهو مثال چئي ڇڏايان... پر...؟ ائين ڇو ٿو ٿئي؟ مون ان باري ۾ ڪيترائي ڀيرا سوچيو آهي. عورتن کي سنگيت پسند آهي ۽ منجهن سٺين تشبيهن کي سمجهڻ جي صلاحيت به هوندي آهي. اها ڳالهه ڪيترن ئي ماڻهن عورتن جي ساراهه ۾ چئي آهي. پر مان اِن ڳالهه سان سهمت ناهيان. مولي ڪُنيءَ پڙهيل ڳڙهيل آهي، انٽر فرسٽ ڪلاس ۾ پاس آهي ۽ اُن کان پوءِ دهليءَ جي فنشنگ اسڪول ۾ سال کن گذاريو اٿس. منهنجو خيال آهي ته انهيءَ تعليم کيس 'لاگرتم' ۽ آمدني موجب خرچ ڪرڻ جي صلاحيت ۽ شاعريءَ کان وانجهيل رکيو آهي.

گهر ۾ ايندڙ مهمان ۽ ملاقاتي سندس پيرت پيرڻ ۽ گلدستا سجائڻ جي ڏانءَ ۽ ڏاهپ کي ڏاڍوُ ساراهيندا آهن. شايد اهي سڀ آرٽ ۽ خوبصورتيءَ جي بهاني سندس ئي تعريف ڪندا آهن. مان سمجهي نه سگهيو آهيان. دهليءَ جي فنشنگ اسڪول ۾ هُن جيڪي پڙهيو هو، اُن موجب ڪٿي ڏٺل ڪنهن شيءِ جو هوبهو نقل ڪرڻ، اهوئي مولي ڪُني جو ڪم آهي. اها ڳالهه مان کيس چوڻ چاهيندو هئس، ڪجهه به هجي، اميرن وانگر رهندڙ معمولي خاندان جو مڙس اهو سوچي ته سگهي ٿو، پر سندس اصول کيس اهي ظاهر ڪرڻ جي اجازت نٿا ڏين.

آفيس ۾ ڏاڍي محنت ڪرڻي پوي ٿي. ڇنڇر جي منجهند کان پوءِ ۽ آچر تي ئي آرام ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. پلنگ تي سِڌو ليٽي، پاسا ورائي پنهنجي پسند جو

ڪو ڪتاب پڙهڻ ۽ وچ وچ ۾ ٻليءَ وانگر سمهي پوڻ. منهنجي نظر ۾ آرام جو مطلب اهوئي آهي.

پر آرام جي باري ۾ منهنجي پياري زال جي راءِ بلڪل نرالي آهي. مون کي ساڻ ڪري، ’اَي ٽائيپ‘ جي گهرن مان ڪنهن گهر وڃي اجايون سجايون ڳالهيون ڪرڻ، سندن آچيل مٺايون وغيره کائڻ. اهوئي هوندو آهي مُولي ڪٽيءَ جو ڇنڇر کان پوءِ جو پروگرام. مون کي ٻه ساڻس گڏجي وڃڻ لاءِ هر آچر تي تيار رهڻ گهرجي. زال مڙس گڏجي وڃي ٻين کي بيزار ڪن. اهائي آهي سندس فنشنگ اسڪول جي سکيا. ڇا ڪريان، نه چاهيندي به ڪڏهن ڪڏهن سندس خلاف احتجاج ڪرڻ جي باوجود به هارائي ويندو آهيان. گڏجي وڃڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نه هوندو آهي.

اسين هِتي جنهن ڪالونيءَ ۾ رهون ٿا، اُن جي پرسان چار پنج ٻيا به گهر آهن، جيڪي مرڪزي سرڪار جي ملڪيت آهن. انهيءَ منصوبي تي سرڪار پندرنهن يا ارڙهن ڪروڙ رپيا خرچ ڪيا آهن. آفيسر، ٽيڪنيشن ۽ پٽيوالا، ڪُل ملائي لڳ ڀڳ چار هزار يا اُن کان به وڌيڪ ماڻهو هتي رهن ٿا.

هِتي ٽن قسمن جا گهر آهن: ’اي ٽائيپ‘ جي گهرن ۾ ٻه بيڊ روم، هڪ ڊرائنگ روم، جنهن ساں گڏ ڊائننگ روم به آهي، ٻه باٿ روم، هڪ ورانڊو، موزيڪ جو فرش، هڪ ننڍي ڇت ۽ سامهون باغيچو آهي. ’بي ٽائيپ‘ جي گهرن ۾ ٻه بيڊ روم، هڪ ڊائننگ روم، ورانڊو، باٿ روم، سيمينٽ جو سخت فرش ۽ ڇت آهي، ’سي ٽائيپ‘ جي گهرن ۾ هڪ بيڊ روم، هڪ ڊائننگ روم ۽ هڪ باٿ روم آهي، پر ڇت ۽ ورانڊو ناهي. سينيءَ کي مسواڙ جي لاءِ پگهار جو ڏهه سيڪڙو ڏيڻو پوندو آهي. ست سؤ پنجاهه کان هڪ هزار رپين تائين پگهار کڻندڙ ملازم ’اي ٽائيپ‘ ۾ رهندا آهن، پنجن سوَن کان ست سؤ پنجاهه رپين تائين پگهار کڻندڙ ملازم ’بي ٽائيپ‘ ۾ رهندا آهن، باقي سڀ ملازم ’سي ٽائيپ‘ ۾ رهندا آهن.

اسين ’اي ٽائيپ‘ ۾ رهندا آهيون، جو منهنجي پگهار ست سؤ پنجهتر رپيا آهي. اسان کي ’بي‘ مان ’اي‘ ۾ آئي ڏيڍ سال ٿيو هوندو. عهدي جي ترقيءَ کان پوءِ نئين گهر ۾ اچڻ واري ڏينهن مولي ڪٽي خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نٽي سمائي. انهيءَ ترقيءَ تي مولي ڪٽيءَ جي خوشي ۽ فخر ڏسڻ وٽان هئا. پنهنجن سيني مٽن مائٽن کي خط ۾ ’اي ٽائيپ‘ گهرن جون خوبيون ٻڌائي، نئون پتو لکي موڪليائين.

پر مون کي پنهنجو پراڻو ’بي ڪلاس‘ گهر ڏاڍو پسند هو. اُن جي سامهون پپر جو وڻ هو، جنهن جا پَن هوا ۾ مستيءَ وچان جڏهن کڙ کڙ ڪندا هئا ته مون کي اهو منظر ڏاڍو وڻندو هو ۽ وڻندو ڏسندو هئس. اُنهن پَلن ۾ دل نه ڄاڻان ڪٿي جو ڪٿي وڃي پهچندي هئي. پر هِن گهر جي سامهون ڪوبه وڻ ناهي، اِن ڪري مون کي هيءُ گهر پسند ناهي. منهنجي سوچ کي سمجهي هُن صاف صاف چئي ڏنو ته

’اي ٽائيپ‘ جي ترقيءَ جي شهرت ڇا ٽيندي آهي ۽ اها سمجهڻ جي سگهه منهنجي دماغ ۾ ناهي.

اڄ جي صبح جو لڳ ڀڳ ڏهين وڳي منهنجي بدنصيبي انتها تي پهچي ويندي آهي. منهنجي زال پنهنجي پياري فرج کي صاف ڪندي آهي. سوئچ بند ڪرڻ کان پوءِ اُهو ڌوئي اُگهندي آهي ۽ ڪجهه دير تائين اهو کُليو رکندي آهي. اڄ ڏينهن سندس بيماريءَ جو ڏينهن هوندو آهي جو عيادت لاءِ مون کي به سائنس گڏ رهڻ گهرجي. برف رکڻ جي ٽري جو پاڻي ٻاهر ڪڍي اُڇلائڻ منهنجو ڪم آهي. اهڙي ريت ڪاڏي پيتي جون شيون ڪڍي ٻاهر رکڻ ۽ ڌوئي صاف ڪرڻ جي به ڊيوٽي منهنجي ئي آهي. ٽڏيون شيون پسند نه اٿم، تنهن ڪري هٿ ٽڏا ٿيڻ جي ڪري ٽري ڪڏهن ڪڏهن پاسن کان ٽڪرائجي ويندي آهي ته سندس پياري فرج جي صفائي ڪرڻ وقت فرج جي باري ۾ منهنجي لاپرواهي ۽ ناواقفيت تي ڊگهو ليڪچر هلندو رهندو آهي: ”هن ريت بي ڌيانيءَ سان فرج کي نه ڇُهه. هيءَ ڪو ڪاٺ يا پٿر جي شيءِ ناهي، ڇا فرج کي هيئن جهلبو آهي جيئن هاٿي بار ڍوئيندا آهن؟“

اڃي قبر جهڙي انهيءَ شيءِ جو نالو فريجڊيئر آهي. ڪي ماڻهو ريفريجريٽر به چوندا آهن. منهنجي خيال ۾ انهيءَ کي فرج ئي چوڻ مناسب آهي. پر مولي ڪَنّي جي ’فريج‘ چوڻ تي مون کي وڏو اعتراض آهي. اهو لفظ هاڻي منهنجي ڪنن جي سهڻ کان ٻاهر آهي. منهنجي پياري مولي ڪَنّي چپ اڳيان ڪري جڏهن چِپن جي ڪُنڊن کي خاص نموني سان ٽيڏو ڪري ’رِ‘ کي ’يِ‘ وانگر اُچاريندي آهي ته دل چوندي آهي ته گهر ڇڏي ڀڄي وڃان. پر ست سوَ پنجهتر رپيا پگهار کڻندڙ ’اي ٽائيپ‘ جي آفيسر کي ائين ڪرڻ ڪنهن به طرح نٿو جڳائي. انهن سڀني پريشانين جو سبب منهنجي گهر پرسان ’بي ٽائيپ‘ گهر ۾ رهندڙ منهنجي هڪ مائٽياڻي ٻيبي ڪَنّي هئي.

اهو چوندي مون کي افسوس ٿو ٿئي. هوءَ پنهنجي پيءُ جي سڪيلڌي ڌيءَ آهي. سندس پيءُ هڪ سٺو ٺيڪيدار آهي. ڪافي ڏينهن کان هُو اڌ ڪروڙ، مني ڪروڙ يا هڪ ڪروڙ جا ٺيڪا کڻندو آهي. هو سڀني انجنيئرن جو لاڏلو آهي. هو يا اُهي سڀ هڪ ٻئي کي ڏاڍو چاهيندا آهن. سندس مخالفن جو چوڻ آهي ته سرڪاري سيمنٽ جون ٻوريون، لوهه ۽ ٻيو سامان وٽس اچي وڃي ته اهي هڪدم سوَ سوَ جي نوٽن جي صورت ۾ بدلجي ويندا آهن. مون کي انهيءَ ڳالهه تي پورو ويساهه ناهي ته هُو ٻين سڀني ٺيڪيدارن کان وِڌَل آهي. مان ائين نه ٿو چوان، پر هڪ ڳالهه جي خبر اٿم ته اسان جي منصوبي جي ڪيميڪل انجنيئر جارج ٿامس جي ڌيءَ جي شادي جي ڏاج لاءِ هُن ڪيس پنجٽيهه هزار رپين کان سواءِ سون جا ڳهه به ڏنا هئا.

مولي ڪَنّي ۽ ٻيبي ڪَنّي جي جهيڙي جي تاريخ ڄاڻڻ لاءِ هِن ڪالونيءَ جي سماجي زندگيءَ تي نظر وجهڻي پوندي. اتان جا وڏا ماڻهو ’اي ٽائيپ‘ ۾ رهندا آهن.

منجهن ڏيتي ليتي به ٿيندي آهي. هو پاڻ ۾ ملندا آهن، ڳالهيون ٻوليون ڪندا آهن ۽ ڏاڙ نڪاءُ به هٽندا آهن. جن وٽ موٽر نه هوندي آهي، تن جي ٻارن کي انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ به چڙي ايندا آهن ته واپس به وٺي ايندا آهن. اِتان جي عورتن ۾ جهيڙو جهٽو ٿئي ته به اُهي ٻاهر ڪونه ٻڌائين. ظاهري طرح هو پاڻ ۾ ميل جول سان رهنديون آهن. انهن عورتن کي 'بي' ۽ 'سي' وارن گهرن جي عورتن کان نفرت آهي. چين دشمن هندوستانين وانگر، هُو ڏڪار ڀري نگاهه سان 'بي' ۽ 'سي' ڪلاس ۾ رهندڙن کي ائين ڏسنديون آهن، جيئن عيسائي مشنرين جا ماڻهو هندوستانين کي ٻڪرين وانگر سمجهندا آهن.

پر هڪ ڳالهه چوان! 'اي' ڪلاس جي مردن ۾ تڪبر يا ڏڪار تمام گهٽ آهي. باقي سڀ 'بي' ڪلاس وارن سان ڳالهه ٻولهه ڪندا، پر ياد رکو، رڳو 'بي' ڪلاس وارن سان. هڪ ٻئي کان سگريٽ وٺندا، منصوبي جي خامين تي پنهنجا خيال ظاهر ڪندا. بس اهوئي تعلق 'بي' ۽ 'سي' ڪلاس وارن جو پاڻ ۾ آهي.

هندوستانين ۾ ذات پات کي طبقن ۾ ورهائڻ جي سببن تي تحقيق ڪري ڊاڪٽوريٽ ڪندڙ هڪ اسڪالر منهنجي پاڙي ۾ اچي رهيو آهي. هُو آمريڪا جي ڪنهن يونيورسٽي مان ڊگري حاصل ڪرڻ چاهي ٿو. مون کيس ٻڌايو ته جيڪڏهن هُو اسان جي ڪالونيءَ جو اڀياس ڪندو ته کيس انهيءَ موضوع تي آسانيءَ سان ڊگري ملي ويندي.

جڏهن ٻيبي ڪٽي هڪ 'بي' ڪلاس جي گهر ۾ رهڻ لڳي ته مون کي ساڻس ملڻ لاءِ وڃڻو پيو. سندس ماءُ ۽ منهنجو پيءُ پاڻ ۾ سڳا سوٽ هئا، مان ٻيبي ڪٽيءَ کي ننڍپڻ ۾ ڏاڍو چاهيندو هئس. سندس پيءُ جي دولت کيس اسان جي چرچ ۽ اسان جي سوسائٽيءَ ۾ عزت ڀريو مقام ڏنو هو. فقط اڍائي ايڪڙ زمين جي اُپت مان سموري گهر جي خرچ جو پورائو ڪندڙ منهنجو پيءُ، هن جي خوشقسمت خاندان سامهون ڪجهه به نه هو.

جارج ٿامس ۽ ٻيبي ڪٽي سان ملڻ لاءِ موتي ڪٽي مون سان گڏ نه هلي. چوڻ لڳي، "تون وڃ، تنهنجا مائٽ آهن. ڪنهن ڏينهن مان به ملي اينديس. هِتي گهر ۾ مون کي ڪافي ڪم ڪرڻو پيو آهي. نائلون جي ساڙهي ۽ بنگلوري بلائوز، استري ڪرڻا پيا آهن. هُن سامهون پيل بُڪ شيلف کي پالش ڪرڻ ۾ دير ٿي ويئي. سُريش ۽ سندس زال سياڻي چانهه تي ايندا. انهيءَ کان سواءِ هنن اخبارن کي به گڏ ڪري رکڻو آهي."

"اهي سڀ اُتان کان موٽي اچي به ڪري سگهين ٿي مولي ڪٽي! اهي سڀ ڪي ڳري وڃڻ واريون شيون ناهن." مون ڪاوڙ مان چيو.

"ڳري ته نه وينديون، پر سمورا ڪم وقت تي ڪرڻ گهرجن. توکان ته اهو به نٿو ٿئي جو ڪنهن ڪم ۾ منهنجي ٿوري مدد به ڪرين! ڪو هتي اچي رهيو آهي ته

انهيءَ ڪري سائنس اچ ئي ملڻ لاءِ وڃڻ ضروري آهي. اها ڳا لهه منهنجي سمجهه ڪان ٻاهر آهي.“

مون کي هُن اهو به ٻڌايو هو تہ ’بي‘ ٽائيپ واري کي ٻهرين ’اي‘ ٽائيپ واري وٽ اچڻ گهرجي. اهو ڪالونيءَ جو اڻ لکيل اصول آهي. انهيءَ باري ۾ مولي ڪنّيءَ لاءِ ياد ڏيارڻ تمام ضروري هو. پر اها ڳا لهه نہ سمجهڻ جو بهانو ڪري، مان اڪيلو ئي بيبي ڪنّيءَ جي گهر هليو ويس.

بيبي ڪنّيءَ کي پنهنجي عقلمنديءَ پنهنجي، پيءُ جي دولت جو غرور نہ هو. هوءَ ڏکيءَ ٿلهي نہ هئي. بلڪ بلڪل ڪنهن ننڍڙي جهرڪيءَ وانگر سڊول ۽ ڦڙت هئي.

”ادا ڇا اڪيلو آيو آهين؟ ٻاچائي ڪٿي آهي؟“ هُن پڇيو.

مون ڪوڙ ڳالهائيندي چيو، ”ڪيس زڪام آهي.“ سيني ماٺهن جي وڏي ڪُوڙ ۾ هڪ ننڍڙو ڪوڙ مون بہ ملائي ڇڏيو، پر هوءَ پويان پئجي ويئي.

”مون ڏٺو هو، ٿوري دير اڳ ٻاچائي ٻر واري گهر مان موٽي وڃي رهي هئي.“

”ائيسپرو يا امرت ڌارا وٺڻ ويئي هوندي.“ مون ٻيو ڪوڙ ڳالهايو.

پوءِ هُن نئين ڪنوار پنهنجي شاديءَ ۾ مليل سمورو سامان هڪ هڪ ڪري مون کي ڏيکاريو. رِسٽ واچ، ڊنر سيٽ، وينيٽي بئگ ۽ چڱو سارو اليڪٽرانڪ جو سامان، عاج جون شيون، ساڙهيون، جوتا ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون شيون ڏيکاريائين. هڪ ريڊيو گرام هو، جنهن جي قيمت هڪ هزار رپين کان وڌيڪ هئي. اهو ڏسي آئون ڇرڪي ويس، ڇو جو سياڻي نہ تہ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مولي ڪنّي بہ اهو ضرور ڏسندي. ڪافي ڏينهن کان هوءَ اهڙي قسم جي ڪنهن شيءِ لاءِ زور ٻري رهي هئي. اُن ۾ رکڻ لاءِ ٻارهن ريڪارڊ بہ آهن. مان ٻاڻ ٻچائڻ ٿو چاهيان. هوءَ اهو ڏسي خريد ڪرڻ لاءِ ضد ڪندي، جڏهن تہ اڃا گهر جو خرچ بہ پورو نٿو ٿئي. انهيءَ سان پريشاني وڌندي. پر مون کي سڌ آهي تہ نيٺ هار مون کي ئي مڃڻي پوندي. اي مالڪ! اهو سڀ جلدي ٿيڻ وارو آهي.

گهر واپس آيس تہ مولي ڪنّي جي بيشمار سوالن کان ساهه ٻوساٽجڻ لڳو.

”هو ڪڏهن آيا آهن؟“

”ٽيون ڏينهن.“

”ڏاج ڪيترو مليو آهي؟“

”پنجٽيهه هزار.“

ٿورا ڏينهن اڳ ڏهه هزار آٽيندڙ مولي ڪنّيءَ جي دل کي پنجٽيهه هزارن جي ڳا لهه خراب لڳي هوندي. پوءِ بہ ڪجهه شرمندگيءَ سان پڇيائين، ”ڪهه ڳنا گهٽا آهن ڇا؟“

”سڀ ڪجهه تہ مون نہ ڏٺو. پوءِ بہ ستن اٺن هزارن کان تہ وڌيڪ ٿيندا.“

مولي ڪُنّي اداس ٿي پڇيو، ”تحفا؟“

”تمام گهڻا آهن.“

”سنيون جديد قسم جون شيون يا پراڻي قسم جون؟“

”ڊنر سيٽ، ڪاڪ ٽيل سيٽ، وينيٽي ڪيس، ست اٺ سوٽ ڪيس، واچون ۽ ڪلاڪس، بيوٽي سيٽس ۽ ڪيترن ئي قسمن جون ساڙهيون.“ مون خوشيءَ وچان ڪوڙن جي انگن وانگر ورجايو.

منهنجي ڳالهين سان مولي ڪُنّيءَ کي ڏاڍي تڪليف ٿي. شايد ڪيس وڏ ڪان وڏ تنگ ڪرڻ جي جذبي ئي مون کي ايترو بي رحم ڪري ڇڏيو هو.

”مُنڊيون، ڪڙا، ڪنگڻ، ڊائمنڊ جا بُندا وغيره؟“ سندس ڪن انهن شين جي باري ۾ ٻڌي ٻڌي پڇي پيا.

”ڏس اِسٽو تي ڪير اُبامي پيو.“ ائين چئي هوءَ جلدي اُٿان هلي ويئي. مون ڪانئس فقط ريڊيو ڪرام جي ڳالهه لڪائي.

ٻيبي ۽ سندس مڙس هيئي اسان جي گهر آيا. ٻيبي ڪُنّيءَ کي ٽي چار سوءَ واري ساڙهي پاتل هئي. اسان جي ڪالونيءَ جي زندگي ۽ اُن جي اڻ لکيل اصولن ڪان بلڪل اڻ ڄاڻ ٻيبي ڪُنّي يا شايد ڄاڻڻ جي باوجود انهن ڳالهين جي پرواهه نه ڪندڙ چالاڪ ڇوڪري، هن اسان جي گهر جا سڀ ڪمرا ۽ اُنهن جون سموريون شيون غور سان ڏٺيون. پرون تاڻي هن ڏاڍي وڏائيءَ سان چيو، ”اي ٽائيپ جي گهرن ۾ بس ايتري گنجائش آهي. هتي ڪيئن رهندؤ؟ انهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي بيڊ رومس، هڪ ڊرائنگ روم ۽ ٽي باٿ رومس تمام ضروري آهن. منهنجي پيءُ جي گهر ۾ ايڪويهه ڪمرا آهن، ست بيڊروم، ٻه ڊائيننگ هال، ست باٿ رومس ۽ بجليءَ جو ڪچن!“

مولي ڪُنّي کي انهيءَ ڇوڪريءَ سان بي انتها نفرت ٿي ويئي هئي. اها ڳالهه مون سندس نگاهن مان پاڻي ورتي هئي. نفرت جي وقت سندس اکين جو رنگ نانگ وانگر ٿي ويندو آهي.

مسٽر جارج جي باري ۾ سندس ڪابه راءِ ناهي. هو بلڪل خاموش هو. شايد هت هٺڻ سان خبر پوي ته سندس وات ۾ زبان به آهي يا نه. مولي ڪُنّيءَ جي سموري مهمانوازيءَ جو رُخ جارج ڏانهن مڙي ويو. هو اسان جي ڪالونيءَ جي اصولن ۽ نظرين کي ميچيندڙ نوجوان آهي، پر سندس نئين پرٽيل ڪنوار ۾ اها ڳالهه ناهي.

مولي ڪُنّي پاڻ به چيو، ”ڪجهه مغرور آهي.“

ٻه ٽي پيرا ساڻن ملڻ ڪان پوءِ ايڏي دوستي ٿي ويئي جو اسان جي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه به بند ٿي ويئي. مان ڇا ٿي ڪري سگهيس! سندس مڙس سٺو ماڻهو هو. ٻيبي ڪُنّيءَ جون عادتون به مون کي پسند آهن. پر مولي ڪُنّي....؟

"فريجيڊير- پريسٽ ڪولڊ فريجيڊير 1963 ماڊل."
"اهو ڪٿان آيو؟"
"اهو هن ڇوڪريءَ جي ڀيءُ موڪليو آهي." مسز ورگيس چيو.
"انهيءَ جي قيمت ٻه هزار ٽي سوءُ رپيا آهي."

پوءِ انهن ٻنهيءَ جي وچ ۾ ڪهڙي ڳالهه ٻولهه ٿي، اُها مون نه ٻڌي، ڇو ته مون کي آفيس وڃڻو هو. شام جو جڏهن مان گهر آيس ته موليءَ ڪُنّي ڏاڍي فڪر ۾ ورتل نظر آئي. سندس سمورو جوش ٺنڊو ٿي ويو هو. مان اُن جي سبب تي سوچڻ لڳس. هڪ سُٺي مڙس وانگر مون سندس پريشانيءَ جو سبب پڇيو، پر جواب ۾ مون کي هڪ شينهڻ جو مقابلو ڪرڻو پيو.

"منهنجي ڏک کي ڪير ٿو ڏسي! تنهنجو وهنجڻ، کائڻ، سگريٽ ڦوڪڻ ته ٻنان ڪنهن رنڊڪ جي هلڻ ڪافي آهي نه؟" موني ڪُنّيءَ جي ڪوڙن لفظن سان گڏ شديد نفرت جو اظهار هو.

"تون ڇا پئي چوين؟"

"جيڪي مون هاڻي چيو اُهوئي. ٻين جي تڪليفن کي ٻه ماڻهو سمجهي وٺندو آهي، پر اُن لاءِ دل هئڻ گهرجي. هتي جيڪي ناهي، اُهو هُتي آهي. وڏو آيو آهي منهنجي ڏک جي ڳالهه پڇڻ."

شديد ڏک جي اظهار کان پوءِ هوءَ لڙڪ لاڙڻ لڳي ۽ پنهنجي بيزاريءَ جي سبب هسٽيريا جي پهرين منزل ڏانهن وڃڻ لڳي موليءَ ڪُنّي!

مان ڪمري کان سڌو ٻاهر نڪري ويس.

هڪ ڳالهه ٻڌائڻ وسري ويئي، اهم ڳالهه- مون قسطن تي هڪ ريڊيوگرام خريد ڪيو، جيڪو لڳاتار ڇوڏنهن ريڪارڊ ٻڌائيندو هو.

ٻيبي ڪُنّيءَ جي گهر، اسان ٻنهي جي گڏجي وڃڻ کان ٺيڪ هڪ هفتو پوءِ، هڪ ريڊيو گرام جي ضرورت ۽ اُن جي فائدن جي باري ۾ موليءَ ڪُنّي چڱي طرح ڄاڻي ويئي هُئي.

"مهمانن سان ڳالهائڻ وقت ريڪارڊ تبديل ڪرڻ لاءِ اُٿڻ نه گهرجي. ڏهه پندرنهن ريڪارڊ ٺيڪ ڪري رکڻ سٺو لڳي ٿو. هڪ کان پوءِ ٻيو ريڪارڊ لڳاتار ٻاڄيهي وڄندو. اسان جي ڊرائنگ روم لاءِ انهيءَ کان وڌيڪ خوبصورت شيءِ ٻي ڪهڙي ٿيندي!"

مون پنهنجي سٽن والوَ واري ريڊيو کي اهم ۽ ريڊيو گرام کي غير اهم ثابت ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي. نيٺ وڏي صندوق جي شڪل واري اُها شيءِ اسان جي ڊرائنگ روم ۾ سجائي رکي ويئي.

ريڊيوگرام خريد ڪرڻ واري ڏينهن ۽ اُن کان پوءِ وارن ٻن ڏينهن تائين اسان

جي گهر ۾ گانن جي ڪري ڌم متي. منهنجي زال کي هندي گانا پسند آهن، جن ۾ سهگل ۽ لتا منگيشڪر جا گانا هوءَ خاص طور تي پسند ڪندي آهي. سهگل جو گونجندڙ آواز سندس ٻالڪپڻ جي ياد تازي ڪري ڇڏيندو آهي ۽ هوءَ ڏاڍي خوش ٿيندي آهي. لتامنگيشڪر جو گانو ٻڌي، ڪيس ائين محسوس ٿيندو آهي، ڇڻ هوءَ سورنهن سالن جي ٿي ويئي هجي. مسز گوپال کي 'راڪ اين رول' جهڙا تامل گانا پسند آهن. ڪوڙي امان کي عيسائين جا گيت پسند آهن. مسز ورد اچاري کي جمپڻ ويدنات، امبر، ايم. ايس. مهالڪشمي ۽ ٻال مُرلي ڪرشن جا گانا پسند آهن. ٻن ٽن ڏينهن تائين منهنجي گهر ۾ ٻي. لال، ٻال مُرلي، مها لشڪمي ۽ لتا منگيشڪر، سيني جي ڪيڏ هلندي رهي ۽ پوءِ هڪدم ماٺ ٿي ويئي. پر مون هڪ ڳا لهه ڏٺي. اسان جي پر وارن جي سيني گهرن ۾ ريڊيوگرام کي جاءِ ملي ويئي هئي.

قسطن تي ريڊيوگرام ۽ واٽر هيٽر ملڻ مشڪل نہ هئا، پر مون کي مقرر وقت تي قسطون ادا ڪرڻ ۾ ڪڏهن ڪڏهن پريشاني ٿيندي هئي. انهيءَ ڪري مون مولي ڪٽيءَ کي سمجهائڻ لاءِ اهي ڳا لهيون چيون، جيڪي مون کي اڳ ۾ چوڻ گهربيون هيون.

"ڪنهن جي گهر ۾ ڪا نئين شيءِ ڏسي، اُها خريد ڪرڻ اصل ۾ وڏي افسوس جي ڳالهه آهي نہ مولي ڪٽي؟"

"تون ڪنهن جي باري ۾ ٿو چئين؟"

"ڏس، هي ريڊيوگرام ۽ واٽر هيٽر اسان جي لاءِ تمام ضروري آهن ڇا؟ ڪجهہ سال اسان انهن کان سواءِ بہ رهي سگهون ٿا. هڪ ڳالهه پڇان...؟ هن ريڊيو گرام کي وڄائي ڪيترا ڏينهن ٿيندا؟"

"هر ڏينهن انهيءَ جو استعمال ٿيندو آهي. گهر ۾ ڇانور وڏيڪ رکيل هجن تہ ڇا هر وقت کائيندا رهون؟ تنهنجي خيال ۾ اهي شيون هر وقت استعمال ڪرڻ جوڳيون ناهن."

"پوءِ؟"

"اسان جي شهرت ۽ عزت لاءِ اهي سڀ ضروري آهن."

"انهيءَ جو مطلب؟"

"خاص پوزيشن ۾ رهڻ لاءِ اهي شيون ضروري هونديون آهن، نہ تہ سڀ نوڪون هٽندا آهن."

"منهنجي سمجهہ ۾ نٿو اچي مولي ڪٽي!"

"'اي ٽائيپ' ۾ رهندڙ، 'بي ٽائيپ' يا 'سي ٽائيپ' ۾ رهندڙن وانگر رهي سگهن ٿا ڇا؟"

"ڇا اُهي سڀ انسان ناهن؟"

"هوندا، پر 'اي ٽائيپ' جا نٽا ٿي سگهن."

"ته 'بي ٽائيپ' جا ماڻهو 'اي ٽائيپ' جي ماڻهن کان وڌا نٽا ٿي سگهن ڇا؟" مون غصي مان پڇيو.

"ٺيڪ آهي 'بي ٽائيپ' جي ماڻهن وانگر جيئڻ کان بهتر آهي ته اسين هتان کان ٻئي ڪٿي هليا وڃون."

مان ماٺ ٿي ويس. وڏائي جو مطلب نه سمجهندڙن کي ماٺ ۾ رهڻ ئي بهتر آهي. ٻيو ڪو چارو ناهي.

ٻيي ڪٿي جي گهر ۾ جنهن ڏينهن ريفريجريٽر آيو، انهيءَ کان ڏهه ڏينهن پوءِ، مولي ڪٿي مون کي گهرو بچت جو پهريون سبق پڙهائڻ لڳي.

"شين کي برباد ڪرڻ تمام خراب ڳالهه آهي نه جوني ڪٿي!"

"بلڪل." مان روز ڪارخاني جي مزدورن کي چوندو هئس: بربادي‌ءَ کان وڏو ڏوهه اڄ جي دنيا ۾ ٻيو ڪوبه ناهي.

"ڪاڏي جون شيون ضايع ڪرڻ، ان کان به وڌيڪ خراب ڳالهه آهي نه؟"

"يقينن، ملڪ جي پيداوار جو ويهه سيڪڙو حصو ضايع ٿي وڃي ٿو. ڪجهه خراب ٿئي ٿو ۽ باقي ڪوئن جو کاڄ ٿي وڃي ٿو."

"تڏهن ته ڪاڏي جي شين کي حفاظت سان رکڻ تمام ضروري آهي نه؟"

"يقينن، اهو ته هڪ قومي فرض آهي."

"پوءِ اسان ڏينهن ۾ ايتريون شيون ڇوٽا برباد ڪريون؟"

"ڪيئن؟" مون بي چئني مان پڇيو.

"جيڪا ماني ڀاڄي تيار ڪريان ٿي، اُها استعمال کان پوءِ باقي بچيل ٻاهر اُڇلائي ڇڏيان ٿي."

"ضرورت مطابق شيون تيار ڪرڻ گهرجن."

"پر اهڙي ريت چانور ۽ ڀاڄيون ڪيئن تيون ٺاهي سگهجن؟ ۽ پوءِ خريد ڪيل ڀاڄيون ۽ ميوو وغيره خراب به ته ٿي ويندا آهن."

"ته ان لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟"

"چوندس ته ٻاهه ٻنجي ڏاڙهڻ لاءِ ڊوڙنديون."

"ائين نه آهي. مصيبت هميشه منهنجي سر تي هوندي آهي."

"چئو... ڪهمائي ڦيرائي نه. سڌي طرح ڳالهه ڪر."

"هڪ فرج هجي ته اهي سڀ شيون بچائي سگهجن ٿيون. هڪ هفتي جون سڀ شيون محفوظ رکي سگهجن ٿيون. پوءِ هڪ آساني ٻي به آهي."

"اُها ڪهڙي؟"

"برف، آئيس ڪريم، فروٽ سلاد وغيره به گهر ۾ ٺهي سگهن ٿا. جيڪڏهن

# جنم ڏينهن

(مليالم)

## وئڪم محمد بشير

اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي. ينيرڪي جو اٺين وهنجيس ۽ اڇو پهراڻ، ڌوتي ۽ چپل پاتم. جيڪي مون انهيءَ ڏينهن لاءِ اڳواٽ منگي گڏ ڪري رکيا هئا. ۽ پوءِ آرام ڪرسيءَ تي ليٽي پيس، روزمره جي ابتڙ. مون ڪي اهڙي طرح صبح سوير ڪرسيءَ ۾ پيل ڏسي يرواري ڪمري ۾ رهندڙ مارتيو. جيڪو بي. اي ۾ پڙهندو آهي. ڏاڍو عجب ۾ پئجي ويو ۽ مرڪندي پڇيائين، "اڄ ايڏو جلدي اٿيو آهين، خير ته آهي؟ ڪٿي وڃڻ جو پروگرام...."

"نه، اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي."

"تنهنجو جنم ڏينهن؟"

"جي ها!"

"مبارڪ هجيئي."

"مهرباني."

۽ ماريو وات ۾ ٽٿ برش وجهي وهنجڻ جي جاءِ ۾ هليو ويو. آس پاس هل هنگامي جا آواز پئي آيا. ڪو شيوُ ڪري رهيو هو. ته ڪو فلمي گيت جهونگاري رهيو هو. هر ڪنهن کي ڪونه ڪو فڪر هو پر مون کي اهو فڪر هو ته اڄ هڪ ڪوپ چانهه جو ڪٿان ملي وڃي. منجهند جي مانيءَ جو بندوبست ٿي ويو هو. ڪالهه بازار ۾ حميد مليو هوم. جنهن پنهنجي گهر تي منجهند جي مانيءَ جي دعوت ڏني هئي. هو شاعر به آهي ته مالدار به. پر منجهند تائين بنا چانهه جي ڪيئن گذارو ٿيندو؟

پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي ويٺي تازي ورتم ته مارتيو جو پڙهو نوڪر چانهه جي ڪٽلي چلهه تي پيو چاڙهي. درحقيقت منهنجي ڪوٺڙي، جنهن کي جاءِ جو مالڪ ڪمرو چوندو آهي، مارتيو جو رڌڻي جو اسٽور روم آهي، جنهن جي مسواڙ، جاءِ جو مالڪ به رپيا ماهوار وٺندو آهي. انهيءَ جاءِ ۾

سڀ کان ننڍو ڪمرو منهنجو ئي آهي، جنهن ۾ منهنجي ڪرسي، ٽين جي پيتي، ميز ۽ کٽ پيل آهن. ايتري سامان رکڻ کان پوءِ، انهيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ پير رکڻ جي به جاءِ بچي ناهي. انهيءَ ٻماڙ جاءِ جي ٻين ڪمرن ۾ ڪلارڪ ۽ شاگرد رهن ٿا، جن ۾ مان ئي هڪ اهڙو مسواڙي آهيان، جنهن کان جاءِ جو مالڪ خفا هوندو آهي، ڇو جو مان ڪڏهن به وقت تي مسواڙ ڏيئي نه سگهندو آهيان. انهيءَ کان سواءِ منهنجا ٻيا به دشمن آهن: هڪ هوٽل وارو ۽ ٻي حڪومت. هوٽل واري جو ته خير سان قرضي آهيان، پر حڪومت جو ته مون ڏانهن ڪوبه قرض نه آهي. بس اها آهي منهنجي ڪائڻ پيئڻ، رهڻي ڪهڻيءَ ۽ پائڻ اوڍڻ جي وچور.

منهنجو جنم ڏينهن ۽ مان پرديس ۾! کيسي ۾ هڪ پيسو به ناهي. ڪوبه هاڻي قرض ڏيڻ لاءِ به ته تيار ناهي. ڪپڙا اُڌارا وٺي پائيندو آهيان؛ انهن مان منهنجو هڪ به ناهي؛ ۽ اهڙي جنم ڏينهن تي مارتيئي مون کي مبارڪ ڏني هئي.

ست وڳا، مان ڪرسيءَ تي ليٽيو سوچڻ لڳس: مون کي اڄ اهڙو ڪوبه ڪم ڪرڻو نه گهرجي، جنهن ڪري منهنجي نالي تي ڪو داغ لڳي. اڄ مان ڪنهن کان به قرض نه وٺندس. ڪنهن کي به نه ڏڪوئيندس. گذريل ڪڌن ڪارنامن کان پاڻ کي پاسيرو رکندس. ڪالهوڪو "مان" هڪ نئين "مان" ۾ بدلجي ويندو، گهٽ ۾ گهٽ اڄ لاءِ.

منهنجي ڪيتري ڄمار آهي؟

گذريل سال جي ڄمار کان هڪ سال وڌي آهي.

پر گذريل سال ڪيتري ڄمار هئي؟

چوويهه؟ نه، ٽيهه يا شايد ڇائيتاليهه؟

دل اداس ٿي ويئي. اٿي آرسيءَ اڳيان وڃي بيٺس. مهانڊو ملوڪ ۽ مُهانڊو ٺاهوڪو- ويڇوڻ جي ڏنگ جهڙيون وريل ۽ سنهيون ميڇون... سڀ نيڪ آهي... پر؟ هي ڇا؟... ڪن تي ڪارن وارن جي وچ ۾ چمڪندڙ اڇا وار، ٻه چار به نه، پر هڪ سنهي سفيد ليڪ. مون يڪدم انهن اڇن وارن کي پٽي اڇليو ۽ مٿو ڌوئڻ لڳس، پر مٿو سور پيو ڪري، شايد ڇانهه نه ملي اٿم.

نو وڄي ويا، هوٽل وارو مون کي ڏسي منهن سڄائي اڳتي نڪري ويو ۽ سندس ميرن ڪپڙن وارو "ٻاهر وارو" پيسن گهرڻ لاءِ اچي پهتو.

"سياڻي ڏسبو." مون هوريان چيو.

"ڪالهه بہ توهان ائين ئي چيو هو." هن وراڻيو.

"ها، اڄ ڪجهہ پيسا ملڻ جي اميد اٿم."

"سيٺ چيو آهي تہ جيستائين اڳيان پيسا نہ ڏيندين، تيستائين چانهہ نہ ملندي."

"چڱو."

ڏهہ لڳا. چپ سڪي ويا آهن. نڙي خشڪ ٿي ويئي آهي. منجهند جهڙي گرمي محسوس پئي ٿئي. ٿڪاوٽ جي بار هيٺان چڻ دٻجي رهيو هجان. اوچتو بہ ننڍا ڇوڪرا چاڪڙيون[1] وڪڻڻ لاءِ دروازي تي اچي بيٺا.

"سائين، چاڪڙيون! فقط ٽن آنن ۾."

"نہ بابا، نہ کپن."

"وٺو سائين، توهان نہ وٺندؤ تہ پيو ڪير وٺندو."

"نہ کپن بابا، مون وٽ پيسا ناهن."

"ٺيڪ آهي." ٻنهي ڇوڪرن هڪ ئي آواز ۾ اهڙي لهجي سان چيو، چڻ ڪين منهنجي ڳالهہ تي ويساهہ ئي نہ آيو هجي. اهي ويچارا معصوم، اهي تہ ظاهري حالت ڏسي سگهن ٿا. ڪين ڪنهن جي اندر جي حال جي ڀلا کهڙي خبر؟ سندن نظر ۾ تہ مان هڪ پڙهيل ڳڙهيل ڪامورو آهيان... هي اڇو اجرو وڳو، هي آرام ڪرسي، هي ڇيڇاٽ ڪندڙ چپل، انهن مان منهنجي ڪابہ شيءِ ناهي. منهنجي پنهنجي ڪابہ شيءِ ناهي. تہ ڇا هي الف اگهاڙو "مان" بہ منهنجو پنهنجو ناهي؟ ڪيترن ئي شهرن ۾ رليو پنيو آهيان ۽ نہ ڄاڻان ڪيترن مذهبن جو پوئلڳ رهي چڪو آهيان. منهنجو جسم، منهنجو رت، منهنجون هڏيون، سڀ منهنجي وطن جون آهن. راس ڪماري کان وٺي هماليہ جي دامن تائين، هرهنڌ، هر شهر ۾، منهنجا هڪ بہ دوست ضرور هوندا، جن ۾ عورتون بہ آهن تہ مرد بہ.

هڪ پل لاءِ مان انهن کي ياد ڪريان ٿو. انهن سڀني کي پنهنجي هنج ۾ رکڻ، ساٿن پاڪر پائڻ لاءِ جيڪڏهن پنهنجا هٿ ڦهلايان تہ جيڪر منهنجو پيار، منهنجي وطن جي سرحدن کان ٻاهر ڦهلجي وڃي، ٿڌي هوا ۽ چانديءَ جهڙي چانڊوڪيءَ جهڙو پيار؟ پر مون سان پيار ڪرڻ وارو بہ ڪو آهي ڇا؟ پيار ڪرڻ ۽ پيارو ٿيڻ لاءِ بہ تہ انسان وٽ ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ هئڻ

(1) چاڪڙيون: ڪاٺيءَ جا ٺهيل چپل، جنهن ۾ پير جو آڱوٺو ۽ آڱر ڦاسائي هلبو آهي.

گهرجي. پر مون وٽ ڇا آهي؟ پنهنجين اوڻاين ۽ ڪمزورين کي الڳ ڪريان ته باقي ڇا بچندو؟ وقت به ڪيڏو جلدي گذري ٿو. ابي جي آگر جهلي هلندڙ "مان"، امان سان ٻاتي ٻوليءَ ۾ ماني گهرندڙ "مان"، اڄ ـــ اوهه! وقت جي خطرناڪ ڊوڙ ـــ وقت منهنجيءَ دل تي مايوسين ۽ نااميديءَ جا ڪيترا ٻم ڪيرايا آهن. اڄ منهنجي ڇاتي، لڙائيءَ جو ميدان بڻجي چڪي آهي- اڄ مان ڪير آهيان؟ باغي، انقلابي، تخريبڪار ۽ نه ڄاڻان ڪهڙا ڪهڙا لقب مون کي ڏنا ويا آهن. اوهه! مٿو ٿو ڦاٽي. صبح کان چانهه نه ملي اٿم، شايد ان ڪري. وڃان حميد جي گهر ۽ وڃي ماني کائي وٺان. پر منهنجي مٿي ۾ ڏاڍو سور آهي ۽ ميل پنڌ جو به ڪرڻو آهي. خير ڏؤ سان ماني ته کائيندس.

يارهن وڳا، حميد پنهنجي دڪان تي ناهي. شايد جلدي گهر هليو ويو هوندو. ڪيس مون کي پاڻ سان وٺي وڃڻ گهربو هو. خير، سندس گهر پاڻيهي هليو ٿو وڃان.

ساڍا يارهن وڳا آهن. حميد جي ٻماڙ گهر جو لوهي گيٽ بند آهي.

مون دروازو کڙڪايو: "حميد صاحب آهي؟"

ڪا ورندي نه ملي.

مون وڏي آواز سان سڏ ڪيو: "حميد صاحب!"

ڪنهن عورت جو رکو آواز ٻڌڻ ۾ آيو: "گهر ۾ ناهي.

"ڪيڏانهن ويو؟"

ڪو جواب ڪونه مليو.

وري دروازو کڙڪايم پر جواب ملندو نه ڏسي اداس ۽ نااميد ٿي واپس وڃڻ لڳو هئس ته دروازي جي پرسان اندران قدمن جي آهٽ ٻڌڻ ۾ آئي. ڪجهه اميد جو ڪرڻو ڦٽو. چوڙين جي ڇڻ ڇڻ ۽ دروازي کلڻ جو آواز ڪن ۾ آيو. ڪا ڇوڪري دروازي جي اوٽ ۾ بيٺي هئي.

"حميد ڪيڏانهن ويو آهي؟" مون پڇيو.

"ڪنهن ضروري ڪم سان ٻاهر ويو آهي." ڌيمي لهجي ۾ جواب مليو.

"ڪڏهن واپس ايندو؟"

"شام جو."

"شام جو؟ چڱو، جڏهن اچي تڏهن ٻڌائجوس ته مان آيو هئس."

"توهين ڪير آهيو؟"

"مان ڪير آهيان؟ مان، خير، ڪير به ناهيان. ڪجهه چوڻ جي

ضرورت ناهي."

مان واپس هليو ويس.

پرندڙ اڃي ريتي، جنهن جي پريان آرسيءَ وانگر چمڪندڙ ڍنڍ ــــ اکين اڳيان اونداهي ڇانئجڻ لڳي. هڏيون ٻرڻ لڳيون. بک ۽ اڃ ائين محسوس ٿي رهي هئي ڄڻ دنيا کي ڳڙڪائي ويندي. ڪجهه به ملڻ جو آسرو نه هو. شايد انهيءَ ڪري بک اڃا وڌيڪ محسوس ٿيندي ٿي ويئي ۽ بکون ڪاٺڻ جا اهڙا ڪيترائي ڏکيا ڏينهن ۽ اجاڙ راتيون اڃا اوسيئڙي ۾ اڳيان بيٺيون آهن.

ٿڙندڙ قدمن سان پي- نير وٽ پهتس. پي- نير ڪنهن روزاني اخبار جو ايڊيٽر هو ۽ هاڻي دڪانداري ڪري ٿو. ٿڪاوٽ جي ڪري منهنجون اکيون بند پئي ٿيون.

نير پڇيو: "انقلاب جو ڇا ٿيو؟"

وراڻيم: " تحريڪ جاري آهي."

"خير. اڄ هيڏانهن ڪيئن نڪتو آهين؟"

"هون ئي..."

مان ڪرسيءَ تي ويهي رهيس.

منهنجا ڪيترائي مضمون نيَر جي نالي ۾ ڇپجي چڪا آهن، جيڪي هن پنهنجي مضمون نگار هئڻ جي ثبوت ۾ جُلد ٻڌرائي پنهنجي اڳيان رکي ڇڏيا آهن. مون انهيءَ مجموعي کي کنيو ۽ ورق اُٿلائڻ لڳس. منهنجي دل ڌڙڪي پئي. سارو جسم ٽڪ وچان چور چور ٿيو پيو هو. مون کي هڪ ڪوپ چانهه جو گهرجي. آخر نيَر مون کان چانهه پيئڻ لاءِ ڇو نٿو پڇي؟ شايد منهنجي شديد ٿڪاوٽ جو ڪيس احساس نه هجي. ممڪن آهي، منهنجي چهري مان ٿڪاوٽ ظاهر ٿيندي نه هجي. نيَر تجوڙيءَ جي پرسان خاموش ويٺو آهي ۽ مان سامهون رستي ڏانهن نظرون ڄمائي ويٺو اهيان جتي ٻه پينو ڇوڪرا ماني ٽڪر تي پاڻ ۾ وڙهي رهيا هئا.

هڪ ڪوپ چانهه ــــ منهنجي روءِ روءِ رڙ ڪئي.

نير تجوڙيءَ کولي ۽ نوٽن ۽ ريزگاريءَ جي وچان هڪ پياني ڪڍي، دڪان تي ڪم ڪندڙ ڇوڪري کي ڏيندي چيو: "چانهه وني اچ."

ڇوڪر رستي ڏانهن ڊوڙندو ويو.

منهنجي اکين آڏو اميد نچڻ لڳي ۽ مون پنهنجي دل ۾ عجيب ٿڌاڻ محسوس ڪئي.

چانهه اچڻ تي ڪوپ پنهنجي هٿ ۾ جهلي نير مون ڏانهن مُڙي پڇيو:
”تون به چانهه پيئندين؟“

”نه.“ ڏاڍي مشڪل سان ان مهل منهنجي وات مان نڪتو ۽ مان پنهنجي چپل کي ٺيڪ ڪرڻ جي بهاني هيٺ جهڪيس، جيئن هو منهنجو چهرو نه ڏسي وٺي، منهنجي گهٻراهٽ ۽ مايوسي نه پروڙي وٺي.

جڏهن مان اٿڻ لڳس ته نير شڪايت ڪئي، ”هائي تون پنهنجون ڪهاڻيون مون کي ڇو نه ڏيندو آهين؟“

”ڏسبو.“ مون بي پرواهيءَ وچان چيو.

”اڄڪلهه اخبارن ۽ رسالن ۾ تنهنجين لکڻين جو ڏاڍو چوپول آهي.“

اها ڳالهه ٻڌي مون مشڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر چپ چُرپر ڪندي رهجي ويا. جڏهن دل ۾ اجالو نه هجي ته چپن تي مرڪ جا ڪرڻا ڪيئن ٽا ڦٽي سگهن؟

ڏينهن جا به ويا. مان پنهنجي ڪمري ۾ ڪرسيءَ ۾ پيو هئس ته اوچتو هڪ اڻ چاتل عورت منهنجي ڪمري جي دروازي تي اچي بيهي رهي. سندس جسم تي شوخ رنگ جو ريشمي لباس هو، جنهن مان عطر جي تيز خوشبو اڀڙڪا ڏيئي پئي نڪتي. هوءَ ٻوڏ جي ستايلن جي امداد لاءِ چندي لاءِ نڪتي هئي. هوءَ دروازي جي ڪاٺيءَ سان پنهنجي ڇاتي ٻرائي، ايندي ئي مون ڏانهن مُرڪي ڏسندي رهي. منهنجي بدن ۾ بجلي ڊوڙي ويئي. ٻر وارن ٻين ڪمرن ۾ ان وقت ڪوبه ڪونه هو. اهو خيال ايندي بجليءَ جو ڪرنٽ نس نس ۾ ڊوڙندو ويو. مون محسوس ڪيو ته مان خود پنهنجي دل جي ڌڙڪن ٻڌي سگهان ٿو. اوهه، اهو خطرناڪ پل!

”پيڻ، مون وٽ ڪجهه به ڪينهي.“ مون نظرون هيٺ ڪري چيو.

”ڪجهه به ناهي؟“ هن شرارت وچان مرڪندي اکيون منهنجي چهري تي ڄمائيندي پڇيو.

”ها، ڪجهه به ناهي.“

پر هوءَ اڳ وانگر بيهي مرڪندي رهي ۽ پنهنجي جسم کي بازاري انداز سان موڙيندي رهي.

”هلي وڃ پيڻ، مان سچ ٿو چوان، مون وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهه به ڪينهي.“

”چڱو!“ هن شڪايت ڀريل لهجي ۾ چيو ۽ پولهه لوڏيندي هلي ويئي.

ٿي ويا آهن. ڪنهن کان قرض ڇو نه گهران؟ اوهه، هيءَ ٿڪاوٽ، هيءَ

بک، هيءَ بيوسي! پر ڪنهن کان گهران؟ ڪيترائي هنڌ ذهن ۾ ڊوڙڻ لڳا. پر قرض لاءِ ٺهلايل هٿ انسان جي عزت ڪيرائي ٿو. ڇو نہ خودڪشي ڪريان؟ موت؟ اهو بہ خبر ناهي تہ ڪهڙو هوندو؟ جيڪڏهن انهيءَ بہ پنهنجي پلاند ۾ پناهہ ڏيڻ. سهارو ڏيڻ کان انڪار ڪيو تہ؟؟

ساڍا ٿي وڳا آهن. زبان ڪنڊا ٿي ويئي آهي. نڙي خشڪ ٿي ويئي آهي ۽ هاڻي ٿڪ ڳهڻ سان بہ آرام نٿو اچي. ڇو نہ تلاءَ جي ٿڌي پاڻي سان وهنجي وٺان؟ سامهون ميز تي ڪيترن ئي ايڊيٽرن جا خط پيا آهن. سيني ڪهاڻي گهري آهي تہ جلدي موڪلي ڏيان، موٽندڙ ٽپال ۾! هونهہ! مون اهي خط ڦاڙي ڇڏيا ۽ خيالن جي تاجي پيٽي ۾ ڦاسي ويس. ڪهاڻي... ادب... ليکڪ... بک... هڪ ڪوپ چانهہ...؟

بئنڪ ڪلارڪ ڪرشن جو نوڪر ماچيس گهرڻ آيو.

مون کيس هڪ گلاس ٿڌو پاڻي آڻي ڏيڻ لاءِ چيو ۽ گلاس وات تي رکي تڪ ڏيئي پي ويس.

"سائين، طبيعت خراب آهي ڇا؟" يارنهن ورهين جي انهيءَ ڇوڪري پڇيو.

"نہ." مون ڪنڌ سان ناڪار ڪئي.

"تہ پوءِ اڄ توهان صبح کان ڪجهہ کاڌو ناهي ڇا؟"

"نہ!" مرٽينگ آواز نڪتو.

"ڇو؟ ڪجهہ کائو ڇو نٿا؟"

معصوم چهرو ابوجهہ صورت، ميرا ڪپڙا! ويچارو جواب جي انتظار ۾ بيٺو رهيو.

مون اکيون بند ڪري ڇڏيون.

"سائين!"

"ڇا آهي؟" مون اکيون کوليون.

"مون وٽ پياني آهي."

"هان!"

"ايندڙ مهيني جڏهن مان پنهنجي گهر ويندس تڏهن موٽائي ڏجو."

"ڏي!" مون اکيون ڇنيندي چيو ۽ هو ڊوڙي ٻاهر هليو ويو.

اوچتو ڪنگاڏر بابو اچي نڪتو: سفيد ڪلف ٿيل پهراڻ ۽ ڍري ڍل ڌوتي، ڪارو ۽ بڇڙو چهرو، نوسيندڙ اکيون. مون کي ڪرسيءَ تي ليٽيل ڏسي چيائين "اوهہ! اڄ تہ ڏاڍي لئہ ۾ آهين. آفيسرائي انداز سان پير ڦهلائي ويٺو آهين!"

مٿي ۾ سخت سور هوندي به مان ڪِلي ٻيس ۽ سوچڻ لڳس: نه ڄاڻان هن جي اڇن ڪپڙن جو مالڪ ڪير هوندو؟ ۽ ڪيترن ئي ساٿين جا چهرا منهنجي نظرن اڳيان گهمي ويا.

”خير ته آهي؟ ڇو پيو ڪلين؟“ گنگاڌر پڇيو.

”ڪجھ ناهي. بس تنهنجو لباس ڏسي ڪل اچي ويئي.“

’ڇڳو ڇڳو، ڇڏ ٻوڪ ڪي. توکي خبر ناهي ته ٽي چار هزار مزور هفتي کان هڙتال تي آهن، جن مان ڪيترا بکيا ۽...“

”پر مان ڇا ٿو ڪري سگهان؟“

”اڄ شام جو سندن هڪ عام جلسو ٿي رهيو آهي، انهيءَ جي سلسلي ۾ جو ڪجھ توکان ٿي سگهي ڪنٽريبيوشن...“

”ادا، مون وٽ ته پائي به ناهي. ڪيترن ڏينهن کان اهوئي حال اٿم. خبر اٿيئي، اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي ۽ اڃا تائين پيٽ کي هڪ گرھ به نصيب نه ٿيو آهي.“

انهيءَ وچ ۾ اهو ڇوڪرو پياني کڻي واپس آيو، مون هڪ آنو ڪيس ڏيئي چيو: ”هڪ چانھ جو ڪوپ آڻي ڏي.“ چانھ پي، گنگاڌر کان ٻيڙي وٺي دکايم ۽ باقي هڪ آنو گنگاڌر کي جلسي لاءِ چندو ڏنم.

ويندي وقت گنگاڌر ٻوڪ وچان چيو: ”اڄ تنهنجو جنم ڏينهن آهي. تون وڏو ليکڪ آهين، پنهنجي جنم ڏينهن تي دنيا کي ڪو پيغام ڏيڻ چاهين ٿو؟“

۽ هو جواب جو انتظار ڪرڻ کان سواءِ ڪلڊو هليو ويو.

مان سوچڻ لڳس، ليکڪن جي باري ۾: ويچارا کھڙين مايوس ڪندڙ حالتن ۾، ملڪ، قوم ۽ ادب جي خدمت ڪندا آهن. نه ڄاڻان ڪيئن ٿو سندن گذر سفر ٿئي!

ليڪن جو خيال ايندي ئي منهنجو ڌيان اخبار جي انهيءَ ٽڪر ڏانهن ويو، جنهن سان مون لاءِ چانھ جو ڪوپ ڍڪي ڇوڪرو کڻي آيو هو. مون اهو ٽڪرو مٿي کنيو، جنهن ۾ هڪ تصوير هئي، جيڪا مون کي ڏاڍي وڻي، اوچتو جاءِ جو مالڪ ڪمري ۾ گهڙي آيو. هاڻي هن کي ڪهڙو بهانو ڏيان؟ اهو سوچيندي، انهيءَ تصوير کي گهورڻ لڳس: آسمان سان ڳالهيون ڪندڙ عمارتن وارو رونقدار شهر، وچ ۾ هڪ شخص اوچو ڳاٽ ڪيو بيٺو هو. سندس پيرن ۾ لوهي زنجيرون پيل هيون. سندس نظرون زمين يا زنجيرن تي

نہ هيون، پر مٿي نيري آسمان ۾ سونهري ڪرڻن واري سج ۾ ڪٽل هيون. سندس پيرن پرسان هڪ ڪليل ڪتاب پيو آهي. ڪتاب جي ڪليل صفحن تي وڏن اکرن ۾ لکيل آهي: هيءَ زمين زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي پر سندس نظرون ماضيءَ ۽ حال کي پويان ڇڏي، روشن مستقبل ۾ لڳل آهن!

"ڇو ادا؟" اهو جاءِ جي مالڪ جو آواز هو.

"پيسا اڃا مليا نہ اٿم. سڀاڻي يا پرينهن ڏيئي ڇڏيندس." مون منٿ واري لهجي ۾ چيو.

"توکي ڪوڙا وعدا ڪندي شرم نٿو اچي؟"

ٺيڪ ئي تہ چوي ٿو. مون کي ضرور شرم اچڻ گهرجي. مون کي هن جاءِ ۾ ٽي سال ٿي چڪا آهن. انهيءَ وچ ۾ منهنجي ڪمري جهڙيون ٽي ڪوٺڙيون، جيڪي دراصل رڌڻن جا اسٽور روم آهن. وڏيءَ مسواڙ تي رهائش لاءِ ڏنيون ويون آهن ۽ هاڻي جاءِ جو مالڪ منهنجو ڪمرو بہ وڏي مسواڙ جي لالچ ۾ خالي ڪرائڻ ٿو گهري.

چار وڳا آهن. مون کي هن جاءِ کان نفرت ٿيندي پيئي وڃي. دل وندرائڻ جي ڪا شيءِ بہ تہ ناهي. اهي ئي رستا. جتان هر روز لنگهان ٿو. اهي ئي چهرا جيڪي مان روز ڏسان ٿو. سڀ ڪجهہ پراڻو آهي ۽ مون کي انهن سڀني کان نفرت ٿي ويئي آهي.

ڇهہ لڳا آهن. شام جو وٽندڙ وقت، اولهہ ۾ ٽپي هٽندڙ ڳاڙهو سج، ڳاڙهاڻ ۾ ٻڏل چانديءَ جهڙا بادل، هيٺ صاف شفاف ڍنڍ جو نيرو نيرو پاڻي ۽ انهيءَ جي چوڌاري هي خوبصورت باغ، هي پيچرا، هي ٻاريون، هي رنگ برنگي خوشبودار گل ۽ انهن تي گهمندڙ قيمتي ڪپڙا پاتل نوجوان، جن جي چپن ۾ قيمتي سگريٽ پيل آهن، هرڻ جهڙيون اکيون ۽ رنگ برنگي وڳا پاتل سهڻيون ڇوڪريون، جيڪي رنگين پوپٽن وانگر اچن وڃن پيون. ٿڪ پيون ڏين ۽ انهيءَ رومانوي منظر جي پس منظر ۾ ريڊيو مان ايندڙ پريم جا گيت، گلن جا منهن چمندڙ شام جي ٿڌي هوا ـــ پر مان ـــ مان ٿڪاوٽ جي ڪري زمين تي ڪرڻ ٿو چاهيان.

ساڍا اٺ ٿيا آهن. اونداهي ڪمري ۾ داخل ٿي سيني تي ڇانئجي ويئي آهي. اڄ منهنجي بتيءَ ۾ تيل بہ ناهي. هينئر تيل ڪٿان ايندو؟ ۽ ڪائڻ بہ ڪجهہ ڪپير تہ جيئن پيٽ جي باهہ ٿڌي ٿئي، پر ڏيندو ڪير؟ ها. مارتئي کان ئي ڇو نہ قرض گهران؟ نہ، ڪانئس گهرڻ جي همٿ نہ اٿم. ڇو نہ انهيءَ

سونهري عينڪ واري شاگرد کان گهران؟ بس هڪ رپيو! هن پنهنجي خطرناڪ بيماريءَ جي علاج تي ڪافي پيسا خرچيا هئا. پر ڪو فائدو نہ ٿيو هئس، ۽ منهنجي ٻڌايل ٻائليءَ واري دوا سان نؤبنو ٿي پيو هو. شڪراني جي عيوض هڪ ڀيرو مون کي پاڻ سان فلم تي بہ وٺي هليو هو. هڪ رپيو ڀيو سهي، پڪ سان ناڪار نہ ڪندو!

پوڻا نوَ ٿيا آهن. مٿي ويندي مارتئي کي ڳوليم. پر هو ڪٿي نظر نہ آيو. شايد فلم تي ويو هوندو. وڏن ٿهڪن ۽ گوڙ وچان لنگهي مان ٻماڙ تي پهتس ۽ هڪ ڪمري آڏو بيهي رهيس. سگريٽ جي بوءِ، ميز تي رکيل ليمپ جي روشنيءَ ۾ چمڪندڙ سونا ڀيڙا ۽ هٿن ۾ ٻڌل گهڙيون!

مايوسيءَ جي مجسمي وانگر مان ڪرسيءَ تي ويهي رهيس. اهي، سڀيئي بحث ۾ لڳا پيا هئا. بحث جو موضوع ملڪ جي پرڏيهي پاليسي، فلمون، ڪاليج جي ڇوڪرين جا فيشن ۽ نخرا، مطلب تہ سڀ ڪجهہ هو. ڪجهہ دير کان پوءِ گفتگوءَ جو سلسلو ذاتي ٿيندو ويو ۽ ڪمري ۾ ويٺل شاگرد پنهنجين پنهنجين گرل فرينڊس جو ذڪر ڪرڻ لڳا.

مون آهستي ڪاغذ جي هڪ ٽڪر تي لکيو: "مون کي هڪ رپئي جي ضرورت آهي. ٽن ڏينهن کان پوءِ واپس ڪندس!"

مون کي ڪاغذ تي ڪجهہ لکندو ڏسي، سونهري عينڪ واري شاگرد کلندي چيو: "ڪنهن ڪهاڻيءَ جو پلاٽ پيا نوٽ ڪريو ڇا؟"

"نہ." مون هوريان ورائيو ۽ ڪاغذ جو ٽڪرو پنهنجي مُٺ ۾ پڪوڙي ڇڏيم.

انهيءَ کان پوءِ گفتگوءَ جو موضوع ڪهاڻين ڏينهن لڙيو.

هڪ ننڍين مڇن واري شاگرد چيو: "اسان جي ادب ۾ سٺين ۽ مقصدي ڪهاڻين جي کوٽ آهي."

"ڪنهن ڪنهن جون ڪهاڻيون توهان پڙهيون آهن؟" مون پڇيو.

"مان ايترو تہ پڙهندو ناهيان، پر پنهنجي ٻوليءَ جون ڪي ڪهاڻيون ضرور پڙهيون اٿم." هن ورائيو.

مون ڪن مشهور ڪهاڻيڪارن جي مجموعن جا نالا ورتا. پر هن انهن مان ڪنهن جو بہ نالو نہ ٻڌو هو.

مون چيو: "رڳو انگريزيءَ جون ئي نہ، مليالم ٻوليءَ ۾ دنيا جي ٻين ٻولين جي بهترين ڪهاڻين جي ٽَڪر جون ڪهاڻيون موجود آهن."

"ها، ڪي ڪهاڻيون مون پڙهيون تہ ضرور آهن، پر انهن مان گهڻيون بک ۽ غربت بابت آهن. ڀلا اها بہ ڪا ڳالهہ آهي!"

مان ماٺ رهيس.

"توهان جهڙن جون ڪهاڻيون پڙهڻ سان اهو گمان ٿو ٿئي تہ دنيا ۾ هرهنڌ تباهي، بربادي، بک، بيماري ۽ غربت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪينهي." ٻئي چيو.

بک ۽ غربت! مان سوچڻ لڳس: هنن جا مائٽ هر مهيني کين خرچ لاءِ چڱي رقم موڪلي ڏين ٿا ۽ اهي انهيءَ رقم کي سگريٽن، فلمن، اوچن ڪپڙن ۽ ڪريم پائوڊر تي وڃايو ڇڏين. اهي ئي آهن سڀان جا ذميدار شهري — مستقبل جا قانوندان ۽ قانون ساز — حڪومت جي واڳ سنڀالڻ وارا — هونهہ! هنن کي ڪهڙي خبر دنيا جي، بک ۽ غربت جي. دل ۾ آيو تہ کين هڪ ڊگهو ليڪچر ڏيان، پر اجا منهن کولڻ وارو ئي هئس تہ ڏاڪڻ واري پاسي کان آواز آيو:

"چاڪڙيون ونو، چاڪڙيون."

۽ بہ ميرن ڪپڙن وارا ڇوڪرا دروازي پرسان بيهي رهيا.

"هيڏانهن ڪٽي اچ." سونهري عينڪ واري شاگرد کين ڪلندي سڏيو.

اهي ئي ٻئي ننڍا ڇوڪرا، جن کي صبح جو ڏٺو هئم. سندن چهرو لٿل هو، چپ سُڪل هئا. وڏي ڇوڪري هٻڪي چيو: "سائين، توهان کي فقط اڍائي آنن ۾ ڏيندس!"

"اڍائي آنا؟" عينڪ واري شاگرد چاڪڙين کي اٿلائي پٿلائي ڏسي حيرت مان چيو: "ٽالهيءَ جي ڪاٺيءَ مان نهيل نٿيون لڳن، پوءِ بہ ايڏي قيمت؟"

"سائين ٽالهيءَ جون تہ آهن."

"گهر ڪٿي اٿيئي؟"

منهنجي انهيءَ سوال جي ورائيءَ ۾ وڏي ڇوڪري پنهنجي ڳوٺ جو نالو ٻڌايو جو اُتان ڪان ٽي ميل ڪن پريرو هو.

"ٻيانيءَ ڏيندس؟" عينڪ واري شاگرد چيو.

"چڱو سائين، سوا بہ آنا ڏيو."

"نہ، فقط ٻياني."

ڇوڪرو ڪنڌ جهڪائي واپس وڃڻ لاءِ مُڙيو.

عينڪ واري شاگرد سڏ ڪيو: "چڱو ڏي."

چاڪرين جي سٺي جوڙيءَ جي چونڊ ڪرڻ کان پوءِ، انهيءَ شاگرد پنهنجي ڪيسي مان ڏهن رپين جو نوٽ ڪڍيو. ويچارن چوڪرن وٽ ايترا پيسا ڪٿان آيا! هيءَ ٻهٽي هُين. ويچارا صبح کان رُليا پئي. هيستائين اُنهن کجهہ بہ نہ وکيو هو ۽ تي ميل پري هڪ جهوپڙيءَ ۾ چلهہ ٻاري پٽن جي واٽ نهاريندڙ ماءُ جي تصوير منهنجين نظرن ۾ گهمي ويئي.

عينڪ واري شاگرد پنهنجن سيني ڪيسن ۾ هٿ وجهڻ کان پوءِ بہ آنڪون ڳولي ڪڍيون ۽ چوڪرن کي ڏنائين.

”۽ باقي هڪ پيسو سائين؟“

”هاڻي ڪجهہ بہ نہ ملندو، نہ تہ پنهنجيون چاڪڙيون کڻو.“

چوڪرن هڪ ٻئي ڏانهن ڏٺو ۽ نظرون جهڪائي ڪمري مان هليا ويا.

چوڪرن جي ويندئي عينڪ واري شاگرد ٽهڪ ڏيندي چيو: ”ڏٺوَ! انهيءَ کي چوندا آهن عقلمندي. ٻن آنڪن مان هڪ آنڪ کوٽي آهي. ها... ها... ها.“

سڀيئي ٽهڪ ڏيڻ لڳا.

مان ماٺ ڪري غريب کي ويچارا ڏيندي، ٽهڪ ڏيندڙن جو منهن ڏسڻ لڳس.

ڪجهہ ڪٺ کان پوءِ، مون ڪاغذ جو اهو ٽڪر، جنهن تي هڪ رپئي جي قرض جي درخواست لکي هئم، ٻين کان نظرون بچائي، عينڪ واري شاگرد کي وڌي ڏنم.

جڏهن هوُ اهو ڪاغذ پڙهي رهيو هو. تہ مان تصور ۾ پاڻ کي هوٽل ۾ گرم گرم مانيءَ ۽ دال جي پرسان ويٺل محسوس ڪيم.

پر هن ڪاغذ مون کي موٽايو ۽ سيني کي ٻڌائيندي چيائين: ”مون کي افسوس آهي جو مون وٽ ريزگاري ناهي، سڀيئي ڏهن ڏهن جا نوٽ آهن.“

نرڙ تان پگهر اگهندو مان پنهنجي ڪمري تي واپس هليو آيس.

مٿو سور کان ڦاٽو ٿي. پنهنجين مجبورين تي سوچيندي کٽ تي ليٽي پيس. ان وقت مارٽئي جي رڌڻي مان گوشت جي ٻوڙ جي وٽندڙ خوشبو منهنجي ناسن ۾ گهڙي ويئي ۽ منهن ۾ پاڻي پرجي آيو.

رات جا ساڍا نوَ وڄي چڪا هئا. مان اُٿي ڪمري مان ٻاهر آيس. دل زور زور سان ڌڙڪي رهي هئي، جسم ڏڪيو پئي. ڪٿي ڪو ڏسي نہ وٺي، اهو خيال ايندي ئي پگهر ۾ ٻڏي ويس. منهنجو پاڳ هو جو ڪجهہ ڪٺ کان

پوءِ مارتئي جو پوڙهو بورچي هٿ ۾ باٽلي کنيو رڌڻي مان ٻاهر نڪتو ۽ دروازو ڪليل ڇڏي، نل ڏانهن هليو ويو. ڪيس پاڻي ڀري اچڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه منٽ ته ضرور لڳندا. اهو سوچي چُپ ڪري دروازو کولي مان رڌڻي ۾ گهڙي ويس.

ڪٿي پرسان ئي گهڙيال ڏهن جا ٺڪاءُ هنيا. پيٽ جي ٻاهه جهڪي ٿي ويئي، پر جسم پگهر ۾ ٻڏل هو. ڊبل پيرن سان ٻاهر نڪتس. جڏهن پوڙهو بورچي اندر ويو ته نل تي وجي پاڻي پيتم ۽ هٿ منهن ڌوتم. ڪمري ۾ وجي بيڙي دکايم ۽ کٽ تي ليٽي سوچڻ لڳس: جيڪڏهن پوڙهي ڏسي ورتو هوندو ته؟ ته مارتئي کي خبر پئجي ويندي ۽ شايد بلڊنگ جي ٻين مسواڙين کي به — ڪلرڪن، شاگردن — سڀني کي خبر پئجي ويندي. خير، هاڻي ڏٺو ويندو — اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي، آرام سان ٿورو آرام ته ڪري وٺان!

مان هنڌ جي چادر ڇڪڻ وارو ئي هئس ته دروازي تي ڪنهن جي قدمن جي آهٽ ٿي. مان گهبرائجي اٿيس. پڪ سان مارتيو هوندو. پوڙهي مون کي رڌڻي ۾ ويندي ڏسي ورتو هوندو ۽ مارتئي کي ٻڌايو هوندائين. مون ڏڪندڙ هٿن سان دروازو کوليو. اونداهيءَ جو سينو چيريندڙ ٽارچ جي تکي روشني منهنجي ڪمري ۾ ڦهلجي ويئي.

دروازي تي مارتيو بيٺو هو.

مون چانئٺ جو سهارو ورتو ۽ ساهه روڪي مارتئي جو منهن تڪڻ لڳس.

مارتيو چوڻ لڳو: "مان فلم ڏسڻ ويو هئس، وڪٽر هيوگو جي "لامزريبل" لڳل آهي، واهه جي فلم آهي، ڏسڻ جهڙي آهي."

"سچ پچ." منهنجي وات مان گهٽيل آواز نڪتو.

"ها ها، سچ پچ. اڙي ها. تو ماني کاڌي آهي؟ ڳالهه اها آهي ته سنيما کان موٽندي هوٽل ۾ وجي ماني اتي ئي کائي ڇڏيم. گهر ۾ جيڪا ماني تيار ٿيل آهي، اها سٺي ناهي. انهيءَ ڪري سوچيم توکي...."

وڏي مهرباني! مون ماني کاڌي آهي."

"ها ها، اڄ تنهنجو جنم ڏينهن هو نه! اڄ تو ڇڪن، پلاءُ، مٺايون ۽ نه ڄاڻان ڇا ڇا کاڌو هوندءِ. ڇڱو آرام ڪر گڊنائيٽ! ــــــ

# ڊارلنگ

(مليالم)

ذڪريا

---

هڪ عورت ۽ هڪ مرد ڪمري ۾ ويٺا هئا. در دريون سڀ بند هئا. عورت صوفي تي ويهي ٻليءَ کي هٿ سان ٺپري رهي هئي. مرد آرام ڪرسيءَ تي ويٺو هو. پاڻيءَ سان ڀريل جڳ ميز تي رکيو هو. مرد جي چهري تي ٿڪاوٽ جا آثار ظاهر هئا. ٻلي عورت جي گوڏن تي سوڙهي ٿيو سُتي هئي. عورت جي هٿ جي ڇهاءُ تي ٻليءَ جو پڇ مٿي تي ڪَنبي وري هيٺ ٿِي تي ويو. عورت پنهنجا پير لوڏڻ شروع ڪيا ته ڳاڙهي ساڙهي جي اندر هوءَ ائين ٿي لڳي جيئن ڪا تاري هوا ۾ لڏندي آهي. مرد جي چهري تي پگهر جا ڦڙا صاف ظاهر هئا: اهي ضرور گرميءَ جي ڪري هئا.

اوچتو در کُليو ته جهولي جي لهر پڻ اندر هلي آئي. اها گرمي! ٻاريندڙ اُس ٻاهر گاهه کي ساڙي رهي هئي ۽ واريءَ کي چمڪائي رهي هئي.

"ڪيڏي نه گرمي آهي!" عورت چيو.

مرد اُٿيو ۽ دروازي ڏانهن وڃي دروازو چڱي طرح بند ڪري واپس اچي آرام ڪرسيءَ تي ويٺو.

"ٿِڪي ڊارلنگ." عورت پٽڪي. "ٿِڪيءَ کي ننڊ اچي ويئي آهي، منهنجي ٻلڙي!" هوءَ ڪجهه جهُڪي ۽ ٻليءَ کي چميائين.

مرد آرام ڪرسيءَ تي ويهي عورت ۽ ٻليءَ کي ڏسي رهيو هو.

"مون کي رسالو ته کڻي ڏي، پليز." عورت چيو. "مان اُٿي نٿي سگهان. ٿِڪي سمهي پيئي آهي."

مرد اُٿيو ۽ رسالو کڻي عورت جي هٿ ۾ ڏنائين. ٽيبل جي ڀرسان ٽنگيل ساڙهيءَ مان ڪيس سندس سڳند آئي.

"رات جو ڪيڏي نه ٿڌ آهي!" عورت چيو.

هو اُتي ويهي بستري ڏانهن ڏسندو رهيو. عورت رسالي جا پنا اُٿلائڻ لڳي. ”هن ۾ ته ڪجهه به ناهي،“ عورت چيو ۽ ٻليءَ کي وري چمي ڏنائين. ٻلي جاڳي پئي. ٻه نيريون اکيون مرد ڏانهن بنا ڪنهن دلچسپيءَ جي نهارڻ لڳيون. مرد ڌڪيائيءَ سان پنهنجو ڪنڌ ڦيريو ۽ ٻئي طرف نهاريندو رهيو. عورت صوفي تان اٿي ۽ ٻليءَ کي صوفي تي خبرداريءَ سان سمهاريائين. پوءِ هوءَ الماري ڏانهن وڌي ۽ الماري کولي رومال ڪڍيائين.

جيئن هوءَ مُڙي، تيئن سندس ڪاٻو هٿ ٽيبل کي لڳو. شيشي جو جگ فرش تي ڪِري ڀيهون ڀيهون ٿي ويو. فرش تي وڇايل ڳاڙهي فراش تي پاڻيءَ جو ڪارو اڻ وٺندڙ ڏٻو ٺهي پيو. هن پنهنجي پير سان جگ جي ڀڳيءَ کي ٽيبل جي هيٺان ڌڪي ڇڏيو ۽ ٻلي پنهنجي ٻانهن تي کنيائين.

مرد ڳاڙهي ساڙهيءَ ۾ ترندڙ جسم کي ويهي ڏسندو رهيو.

”اوهه، تِڪي ضرور ڊِني هوندي. تڪي گرمي پڻ سهي نٿي سگهي. تڪي، ڊارلنگ... منهنجي ٻلڙي ڊني آهي؟ گرمي لڳي اٿيئي؟ ويچاري تِڪي!“ هن هڪ ڀيرو وري ٻليءَ کي چميو ۽ پنهنجو نڪ ٻليءَ جي نڪ سان گسايائين. ”منهنجي ٻلڙيءَ کي گرمي لڳي آهي. ها نه؟... ها نه؟...“ هوءَ ٻليءَ کي هر هر چمڻ لڳي. پوءِ هوءَ صوفي تي ويهي رهي. هن ٻليءَ کي پنهنجيءَ هنج ۾ وهاريو ۽ پنهنجي رومال سان چڱي طرح ڊڪيائين.

مرد آرام ڪرسيءَ ۾ ٽيڪ ڏيو اکيون بند ڪري ڪنهن بُت وانگر ليٽيو پيو هو. سندس هٿ ڪُرسيءَ ۾ مضبوطيءَ سان ڦهيل هئا.

”اڄ شام جو شهر هلنداسين،“ عورت چيو. هوءَ هڪ هٿ سان ٻليءَ جي پٺي لساڙي رهي هئي ۽ ٻئي هٿ سان رسالي جا پَنا اُٿلائي رهي هئي. مرد جو چهرو پگهر سان تَر هو.

عورت ٻليءَ کي رومال سان چڱيءَ طرح ڊڪيو. ”ويچاري تِڪي... گرمي نه لڳيس... گرمي نه لڳيس...“ هوءَ متانئس جهڪي ۽ ٽي ڀيرا چميائينس. مرد اکيون ٻوٽيو ڪُرسيءَ ۾ پيو هو، ڪنهن مٺل ماٺهو وانگر. سندس چهري تي هڪ اهڙي ريکا لنگهي ويئي ڄڻ اجهو سڏڪن ۾ ڇٽندو. هو اٿيو، در کوليائين، ورانڊي ۾ گهڙي وري در بند ڪري ڇڏيائين... اُتي هو وري ڪُرسي تي ويهي رهيو. سندس چوڌاري اونهاري جي گرمي سمنڊ وانگي لهرون هڻي رهي هئي. هو اُتي ويٺو رهيو ۽ پگهرهاڻي چهري سان جهُوٽا کائي رهيو هو. عورت پلنگ تي پٺي ڀر ليٽي، ٽنگون ڊگهيري، ڇت ڏانهن غور سان

نهاري رهي هئي.

جڏهن گرمي ڪجهه جهڪي ٿي، تہ مرد جاڳي پيو. عورت ڪمري کان ٻاهر نڪري آئي. ٻلي سندس ٻانهن ۾ ويٺل هئي. ”گرمي ختم ٿي. هاڻي رات جو ٿڌ پوندي،“ عورت چيو. ’سچ لهي ويو آهي. مان ڇپر تي چهل قدمي ڪنديس.“ هن ٻليءَ کي چمندي مرد کي چيو، ”کن لاءِ نڪيءَ کي تہ ڪٺ.“

جيئن هو ڪُرسيءَ تي ويٺو، تيئن سندس جسم جو سمورو رت سندس ڇهري تي مڙي آيو. پوءِ هو اٿي بيٺو ۽ پنهنجي سموري سگهہ سان ٻليءَ کي اهڙي زور سان ٻاهر ڇپر تي اڇلايائين جو گلن جي ٻوٽن ۾ پيل پٿرن سان ٽڪرائجي لڳس ۽ اتي ئي سانت ٿي ويئي. ـــ

# ٽي خط

(هندي)

## اقبال فرحت اعجازي

### (I) پيءُ جي نالي

جناب بابا سائين

اسلام و عليڪم.

هت سڀ خير آهي ۽ اوهان جي خيريت خداوند ڪريم کان نيڪ چاهيان ٿو.

لکڻ جو مطلب ته اوهان ته هاڻي چڱي موچاري مصيبت بڻجي پيا آهيو. اوهان کي اصل اهو خيال ئي ڪونهي ته اسان کي هاڻي توهان جي ڪا ضرورت ڪانهي. اوهان پنهنجو زمانو، 1907ع جي زماني سان گڏ، ڪڏائي گهڻو پري ڪٿي موڪلي ڇڏيو. خدا جي واسطي اوهان به هليا وڃو. اسان ڪيستائين اوهان جا اعتراض برداشت ڪندا رهنداسين. ڳالهه ٻولهه ۾ اوهان ائين ٺنگ اڙائي ويهي رهندا آهيو، ڄڻ اوهان جي اسان سان پيدائشي دشمني هجي. هاڻي جڏهن اها ڳالهه آهي ته ادب کي پاسيرو رکي ائين چوندس ته اوهان اسان کي پيدا ئي ڇو ڪيو؟ ۽ جيڪڏهن اسان پيدا ٿي ويا هئاسين ته چپ چاپ اسان کي ڏيڊ به تولا آفيم ڇو نه ٿي ڪارائي ڇڏيو.

گستاخي معاف، ڪڏهن ته توهان به جوان ٿيا هوندا، ڪڏهن ته اوهان به مسجد جا چڪر ڏيڻ بدران حسين جي بازار ۾ ڦيرا ڏنا هوندا. ڪڏهن ته اوهان به ڪنهن مِسي لڳائڻ ۽ پان کائڻ واري حسينه سان عشق ڪيو هوندو. پر سمجهه ۾ نٿو اچي ته اوهان جيڪي ڪجهه ڪري چڪا آهيو، انهيءَ کان اسان کي ڇو ٿا روڪيو؟ وڏو پاءُ جيڪڏهن پاپيءَ بدران مُني بائي جا گيت ٻڌي ٿو ته اوهان جو قسم، ڪو گناهه ڪونه ٿو ڪري. مُني بائي هِتان جي وڏي فنڪارا آهي. سندس گلي تان اهڙيون سوين پاپيون قربان

ڪري سگهجن ٿيون. تعريف ڪرڻ گهرجي، هن جي سمجهه ۽ ڄاڻ جي، جيڪا تن، من ۽ ڌن سان فن جي بي لوث خدمت ڪري رهي آهي. وقت اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته جيڪڏهن ڪو بُراين کان بچي سگهي ٿو ته اها 'فن' جي خدمت سان ئي ممڪن آهي. روم باهه ۾ جلندو رهي ته پل جلندو رهي، نيرو جو بربت وڄڻ ئي گهرجي. مون کي خوشي آهي ته هي دنيا چاهي ڪيتري ئي خراب ڇو نه ٿي وڃي، مون لاءِ سٺي ئي رهندي.

اوهان کي نندي ڀاءُ کان شڪايت آهي ته هوُ پنهنجي ڪلاس ۾ سائنس گڏ پڙهندڙ ڪنهن شاهده يا انجم سان محبت ٿو ڪري. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته هوُ ائين ڪري ٿو. پوءِ به ان سلسلي ۾ توهان جو شڪ دور ڪرڻ ضروري آهي. هو ڪنهن هڪ شاهده يا انجم سان محبت نٿو ڪري، پر اهي ٻئي به جدا جدا ڇوڪريون آهن ۽ جيتري قدر مون کي سُڌ آهي، هُو گڏ، هڪ ئي وقت، ٻنهي سان محبت ڪري ٿو. اجا ٻار آهي ۽ ناتجربيڪار آهي، انهيءَ ڪري سندس پسند جون ڇوڪريون به تعداد ۾ گهٽ آهن. مون ته پنهنجي شاگرديءَ جي زماني ۾، 'يونيورسٽي جون ٽيٽون- ٿورو ويجهو اچو' جي عنوان سان هڪ نظم لکي سڄي يونيورسٽيءَ جي ڇوڪرين جي محبت جيتي ورتي هئي، بلڪ هڪ 'ٻيڻ' خاطر گرفتار ٿيندي بچيو هئس. سندس مائٽ توهان وانگر شريف هئا، جيڪي رڳو بدناميءَ جي ڊپ کان چپ رهيا، نه ته ڳالهه پوليس اسٽيشن ۽ زناني اسپتال تائين پهچي چڪي هئي. معاف ڪجوم، نندي ڀاءُ جي ڳالهه ڪندي ٻنڪي پنهنجو قصو ٻڌائڻ لڳس، پر انهيءَ ۾ منهنجو ڪو قصور ڪونهي. اوهان به ته پير جنگلي شاهه جون ڪرامتون بيان ڪندي، پنهنجون خوبيون ڪجهه اهڙي-نموني ٻڌائيندا آهيو، ڄڻ سچ پچ اوهان به اوليا ٿي ويا هجو. بهرحال نندي ڀاءُ جيڪي ڪجهه ڪري پيو، غلط نٿو ڪري. توهان کي ڪهڙي خبر ته ائين زندگي ۾ ڪو لطف نٿو پيدا ٿئي ۽ نه ئي وري ڄاڻ ٿي وڌي. پڙهڻ لکڻ ۾ وڌ ۾ وڌ دل لڳي ڪرڻ، هيڏانهن هوڏانهن گهمڻ ڦرڻ ۽ عيش ڪرڻ ۾ دنيا جو تجربو حاصل ٿئي ٿو، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه اها آهي ته اهڙي طرح ڪو ماڻهو جسماني بيمارين جو شڪار نٿو ٿئي. انهيءَ ڪري هوُ جيڪي ڪجهه ڪرڻ گهري ٿو، ڪيس اُهو ڪرڻ کان نه روڪيو. اوهان بس پنهنجي تسبيح ۽ عبادت سان غرض رکو.

ٻيڻ جي باري ۾ اوهان لکيو آهي ته اوهان سندس آزادي برداشت نٿا

ڪري سگهو. خدا جو قسم، اوهان کان وڏيڪ ري ايڪشنري (Reactionary) مشڪل سان ڳوليو ملندو. اول ته اوهان مٿس ڪهڙا گهٽ ظلم ڪيا آهن، جو رهيل گهٽتائي هاڻي پوري ڪرڻ چاهيو ٿا؟ توهان کي ڪيترو چيم ته ڪيس ايم- اي ڪرڻ ڏيو پر ايم- اي ڪرڻ لاءِ ڪيس ڇوڪرن سان گڏ پڙهڻو هو، جيڪو توهان ڪنهن به قيمت تي برداشت نٿي ڪري سگهيا. اوهان الائجي ڪهڙي مُوڊ ۾ هئا، جو ڪيس برقعي جي لعنت کان آزاد ڪري ڇڏيو، پر انهي آزادي جو فائدو به ڪهڙو؟ ٻاهر نڪري ته ٻهري سان گڏ ۽ اندر هجي ته ٻهري اندر. انهيءَ کان ته نيڪ ائين ٿئي ها، جو توهان ڪيس سٽن ڪوٺن ۾ بند ڪري، ستِ ڪلف لڳائي ڇڏيو ها. سندس هم- ڪلاسي اڄ ليڪچرر آهن، ڊاڪٽر آهن، ريسرچ ڪري رهيون آهن، پر اسان جي ڀيڻ جهڙي 'شبو' ڪالهه هئي، اهڙي ئي 'شبو' اڄ به آهي. ڪاش، اوهان سندس سمجهداري ۽ هوشياريءَ جو اندازو لڳايو ها! اوهان اِن ڳالهه تي ڌيان ڏيو ها ته هُوءَ ڇا بڻجي سگهي ٿي ته اڄ اوهان جي 'شبو' هڪ اهڙي بلنديءَ تي نظر اچي ها، ته نه فقط اوهان جو ۽ اوهان جي خاندان جو، بلڪ پوري ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ٿئي ها. مون ته امان مرحوم جي مؤت جي ڏينهن ئي اهو اندازو لڳائي ڇڏيو هو ته هوُ ڪيڏي نه گريٽ (Great) آهي. ڪيتري نه عظيم آهي. امان جي مؤت لاءِ هن اڳ ۾ ئي پنهنجي لاءِ انيڪ ڊزائينن جا ڪارا وڳا تيار ڪرائي ڇڏيا هئا ۽ جڏهن آئون اهو سوچي سوچي گهبرائجي ويو هئس ته ڪارو سوٽ پائي آئون معيت سان ڪيئن شريڪ ٿي سگهان ٿو، تڏهن هُن مون کي ٻڌايو ته هوُ منهنجي لاءِ به هڪ ڪاري شيروانيءَ جو انتظام ڪري چڪي آهي. اوهان اندازو نٿا لڳائي سگهو بابا سائين ته انهيءَ دک ۽ غم جي موقعي تي به مون کي انهيءَ ڳالهه جي ايڏي ته خوشي ٿي جو منهنجون ٻئي اکيون پاڻي سان پرجي آيون هيون.

اوهان کان 'شبو' جي آزادي برداشت نٿي ٿئي ته ڪيس اڇلايو ڪنهن کڏ ۾. شادي ڪرائي ڇڏيوس پنهنجي انهيءَ الله واري دوست جي بيريسٽر پٽ سان. ٻار پيدا ڪري ڪري ۽ گهر جي سنڀال ڪندي ڪندي ڏٻري ۽ نازڪ شبو جيڪڏهن ٿورن ئي سالن ۾ سڄي مينهن جهڙي ٻجڙي نه ٿي وڃي ته اوهان منهنجو نالو مٽائي ڪاري ڪتي جو رکجو.

اوهان کي مون تي به اعتراض آهي ته آئون شادي ڇو نٿو ڪريان. ڏاڍو غير شاعرانه اعتراض آهي اوهان جو. جنهن کي گهر ويٺي ماني کائڻ لاءِ ملي

وڃي ته هو ٻين جي در تي ٻنڻ ڇو وڃي؟ اوهان اهڙي ماڻهو کي جيڪر ڇا چئو؟ ممڪن آهي ته اوهان جيڪر ڪجهه نه چئو. پر مان ته ڍنڍورو ڏيئي ڪيس بيوقوف ٺي چوندس ۽ وري اولاد: هوُ فلاڻو ۽ هُو فلاڻو- هيءَ فلاڻي جي زال ۽ هوءَ فلاڻي جي زال وغيره وغيره. اوهان جو قسم بابا سائين، اهڙو ته خراب ذڪر آهي جو وار ٺي ڪاندارجيو وڃن.

اوهان کي ٻي شڪايت آهي ته آئون آوارگي ڪريان ٿو. انهي باري ۾ عرض آهي ته آئون پنهنجي سوانح حيات لکڻ چاهيان ٿو ۽ انهيءَ ۾ زندگيءَ جو ڪو حصو نٿو ڇڏڻ چاهيان. هڪ تير سان ٻه شڪار واري ڳالهه ته اوهان ٻڌي هوندي. ڪاروباري نموني ۾ ڏسّو هجي ته مون کي ڏسو. دل به وندرائيندو آهيان ۽ پنهنجي ڪتاب جي لاءِ اَملهه مواد به حاصل ڪندو آهيان. اها ته پڪ اٿم ته اوهان اُن وقت تائين حيات نه هوندا، پوءِ به اوهان جي قبر تي اچي آئون اوهان کي اهو ضرور ٻڌائي ويندس ته منهنجو ڪتاب دنيا ۾ ڪيترو مشهور ۽ مقبول ٿيو آهي. وڏن وڏن نقادن کان اهو فيصلو ملندو ته منهنجي زندگي هر نقطہ نگاهه کان هڪ مڪمل زندگي آهي. دل ته نٿي چوي ته هاڻي اوهان وڌيڪ زنده رهو، پوءِ به جڏهن ڪتاب جي ۽ پنهنجي ناموريءَ جو خيال ٿو اچي، تڏهن ڪجهه لمحن لاءِ اهو ضرور سوچيان ٿو ته ڪاش، اوهان به پنهنجي هونهار پٽ جي اها تصنيف هڪ نظر ڏسي ڇڏيو ها! ڇا ائين نٿو ٿي سگهي ته منهنجي زندگيءَ مان هن وقت جي بيچين ۽ پريشان دنيا کي ڪا اهڙي ڳالهه ملي وڃي، جنهن مان ڪيس سک، شانتي ۽ خوشحالي نصيب ٿئي؟ ڇو نٿي ٿي سگهي؟ پڪ سان ائين ٺي ٿيندو. اوهان هن دنيا ۾ نه هجو ته نه هجو، پر دنيا منهنجي ڪارنامن جي تعريف لاءِ موجود هوندي.

ٽين شڪايت اوهان جي اهڙي آهي جو مٿس دل کولي کلڻ تي دل ٿي چوي. اوهان چئو ٿا ته اهو، جيڪو مان ڪوڙين ۽ نقلي دوائن کي وڏن وڏن جنسي بيمارين جي حڪيمن جي معرفت وڏين قيمتن ۾ وڪڻان ٿو ۽ فحش ۽ گندن ناولن جو پبلشر بنيو ويٺو آهيان، انهن سيني جي ڪمائي حرام آهي. وات سان حرام چوڻ آسان آهي بابا سائين. پر ڪم ڪندڙ جي دل تي ڇا ٿي ته ڪيس ڪيتري محنت ڪرڻي ٿي پوي. اوهان جيڪڏهن ائين سمجهو ٿا ته هر طرح جي سوُر جي دوا فقط مينهن جي پيشاب مان تيار ٿي وڃي ٿي ته اها اوهان جي چُڪ آهي. انهيءَ لاءِ ڪيڏي نه ڪوج ڪرڻي پيئي آهي، انهيءَ جي

تيار ڪرڻ ۾ ڪيتري نہ محنت ڪرڻي پوندي آهي، انهي ڪي يا تہ آئون ٿو ڄاڻان يا اوهان جو خُدا.

فحش ناول ائين ئي نٿا ملن. لکندڙن کي من گهريا پئسا ڏيڻا پوندا آهن ۽ اهو يقين بہ ڏيارڻو پوندو آهي تہ جيڪڏهن سرڪار مقدمو هلايو تہ خرچ وغيره منهنجي ذمي.

اوهان ئي سوچيو. اهو سمورو ڪم ڪيئن حرام ٿي ٿو سگهي ۽ جيڪڏهن حرام بہ هجي، تہ بہ اوهان جي هن ناچيز پٽ جي اها فتويٰ آهي تہ منهنجي ذريعي، جيڪي بي شمار ماڻهو اڄڪلهہ ڌنڌي لڳل آهن. ڪين بيڪار ۽ بکيو رهائڻ بہ حرام آهي. چئو، هاڻي توهان ڇا ٿا چئو؟

'شبو' جي تار جو عرصي کان انتظار ڪري رهيو آهيان. هن لکيو هو تہ توهان جي طبيعت ڪجهہ خراب آهي. جيڪڏهن ڪا هيڏانهن هوڏانهن ڳالهہ ٿي تہ هوءَ جلدي خبر ڏيندي. پراڻ پندرهن ويهہ ڏينهن ٿي ويا آهن، سندس ڪو خط بہ ڪونہ آيو آهي، جيتوڻيڪ مون بہ تمام سٺيون ڪاريون شيروانيون بہ تيار ڪرائي ڇڏيون آهن.

توهان جو فرمانبردار پٽ

.....

## (2) مجنون جي نالي

ماءِ ڊيئر، ڊيئر مجنون.

يار، تون ڪيڏو بيوقوف ماڻهو هئين جو خوامخواهہ هڪ معمولي ليليٰ جي خاطر مري وئين. ڪاش، تو مرڻ کان اڳ غور ڪيو هجي ها تہ دل ۾ سچي محبت جو جذبو هجي تہ قدم قدم تي ليلائون ملي وينديون آهن! آخر اسان بہ تہ مجنون آهيون، اسان ڪنهن ليليٰ خاطر ڇو نٿا مرون؟ ڳالهہ صرف ايتري آهي، جو تون هڪ ڇڳو موچارو دقيانوسي ماڻهو هئين ۽ اسان ٿورو هن زماني جا آهيون. تنهنجي ليليٰ بہ تو وانگي دقيانوسي هئي. اڄ جي ڪا ليليٰ هجي ها تہ توکي ٽڏي ڇڏي ها ۽ پئي، توکان بهتر مجنون کي ڳولي وٺي ها.

هاڻي مون کي ئي ڪٿي ڏس، هڪ ٻن جي خاطر نہ، هزارين ليلائن جي محبت ۾ مجنون ٿيل آهيان، پر آئون ڪڏهن اداس نہ ٿيو آهيان، ڪڏهن غم ڪونہ محسوس ڪيو اٿم، هميشہ پيٽ ڀري کاڌم، هميشہ تندرستيءَ جو

خيال رکيم ۽ رستي تي ڪو ڪنڊو سامهون تي آيو تہ ڪيس توڙڻ جي بدران پنهنجو رستو ئي بدلائي ڇڏيم.

منهنجي مختصر زندگيءَ ۾، مون کي وقت بوقت جيڪي ليلائون ڏسڻ ۾ آيون، اُهي گهڻو ڪري مون وانگي فارورڊ آهن. ڪا ليليٰ اهڙي ڪانہ هئي، جنهن اهو وعدو ڪيو هجي تہ هو آخر تائين ساٿ ڏيندي ۽ جيڪڏهن ڪنهن وعدو بہ ڪيو تہ پئي ڏينهن ڪنهن ٻئي مجنون سان بہ اهڙو وعدو ڪندي خبر پئي.

تو انگريزيءَ جي اها مشهور چوڻي پڌي هوندي تہ وعدو ۽ دل ٺئي ٽوڙيا آهن. سوچيان ٿو تہ اڄ جي زماني ۾ تون زنده هجين ها تہ ڇا ڪرين ها؟ هتي تہ هڪ قدم هلي هزار دفعا مرڻ جي ۽ مرنديئي جيئرو ٿي اُٿڻ جي ضرورت پوندي آهي. تون تہ بس هڪ دفعو مرين ها ۽ ائين پنهنجي سڄي زندگي تباهہ ڪرين ها.

اسان جي ۽ تنهنجي زماني ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق آهي. ڪڏهن فرصت ملي تہ هن دنيا ۾ اچي ڏسي وڃ. (پر پنهنجي دل اتي جنت ۾ ڪنهن حور وٽ امانت طور رکي اچجان. هتي بنا دل جي تمام سٺي محبت ملي ويندي آهي.) تنهنجي زماني ۾ مجنون هڪ هو ۽ ليليٰ بہ هڪ. اڄ ڪلهہ تہ هوش سنڀاليندي ئي هر ٻار مجنون بنجي وڃي ٿو ۽ هر ڇوڪري ليليٰ. تنهنجي زماني ۾ مجنوئن ۽ ليلائن جي پراڊڪشن (Production) نہ هئڻ جي برابر هئي. اسان جي زماني ۾ تون آگرين ڳڻيا چار پنج بہ اهڙا نوجوان ڇوڪرا يا ڇوڪريون ڳولي ڏين، جيڪي ڪنهن ليليٰ جا مجنون يا ڪنهن مجنون جي ليليٰ نہ هجي تہ تنهنجي رقيب جو قسم، منهنجي سموري زندگي تو وانگر ڪنهن هڪ ئي ليليٰ سان عشق ڪندي ڪيس اڌوهي جي نذر ڪري ڇڏيان.

بيشمار مجنوئن ۽ بيشمار ليلائن جي هئڻ جي باوجود، اسان جي ۽ تنهنجي زماني ۾ هڪ وڏو فرق اهو بہ آهي جو هاڻي اسٽينڊرڊ بہ گهڻو ڪجهہ بدلجي ويو آهي. توهان دل بدلائيندا (هڪ ٻئي سان) هئا ۽ اسان دل لڳي (مذاق) ڪندا آهيون. تون هتي اچي ڏس تہ توکي خبر پئجي ويندي تہ غلطي سڀان ڪو مجنون ڪنهن جي محبت ۾ سچ مچ مجنون ٿي وڃي ٿو تہ هو پنهنجي ليلا کي سچي پچي ليليٰ نٿو بنائي سگهي. جيڪڏهن ڪا ليليٰ پنهنجي بيوقوفيءَ جي سبب سچ پچ ليليٰ بنجي وڃي ٿي تہ ڪيس سچو پچو مجنون نٿو ملي. نتيجو اهو ٿو نڪري جو ٻئي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي شرمندا ٿي

وناسپتي محبت ڪرڻ لڳن ٿا ۽ شايد انهيءَ ڪري وناسپتي مجنون به هتي آهن ۽ وناسپتي ليلائون به. تو جهڙو خالص مجنون يا تنهنجي ليليٰ جهڙي خالص ليليٰ هتي هڪڙي به ناهي. خالص گيهه ته محنت ڪرڻ سان ملي به وڃي ٿو پر خالص ۽ بي لاڳ محبت ته تنهنجي دم سان ئي ختم ٿي ويئي.

توکي هڪ نظر ڏسڻ لاءِ دل تڙپي ٿي. منهنجي ليليٰ نمبر.32 به توسان ملڻ جي خواهشمند آهي. بلڪ جڏهن کان مون کيس ائين چيو آهي ته آئون توکي هن دنيا ۾ اچڻ جي دعوت ڏيئي رهيو آهيان، تڏهن کان هوءَ هر روز ڇت تي چڙهي تنهنجو انتظار ڪندي رهندي آهي ۽ هر راهگير سان تنهنجي هئڻ جي شڪ ۾، محبت ڪري ويهندي آهي. تنهنجي ليليٰ جهڙي ليليٰ ته هوءَ ڇا ٿيندي!؟ ها، هن وانگر پنهنجي بدنامي ڏاڍي تيزيءَ سان ڪرائي رهي آهي. تون اچ ته هڪ پاسي هوءَ بدناميءَ کان بچي ويندي ۽ ٻئي پاسي مجنوئن جي چڱي موچاري تفريح به ٿي ويندي. هڪ عرصي کان ڪو اهڙو ماڻهو نه مليو آهي، جنهن جي ڳالهين تي دل کولي کِلي سگهجي.

ٿي سگهي ته الله سائين کان اجازت وٺي هليو آءُ. اسان مجنوئن ۽ ليلائن سان ملاقات جو شرف حاصل ڪري وڃ ۽ اهو به ڏسي وڃ ته توکان هڪ ڳڙهه سٺو ثابت ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڪري جو وٽس اهو سڀ ڪجهه آهي جيڪو تو وٽ ناهي.

ليليٰ کي محبت ڀريا سلام چئج.

تنهنجو نالي ڀائي ۽ هم پيشه

... ... ...

•

## (3) محبوبا جي نالي

منهنجي زندگيءَ جا روح

تنهنجو خط مليو. ڪنهن ٺيڪ چيو آهي: ”خدا ڏيئي ڪري ڇني آٽيندڙ کي.“

تنهنجو خط ڌڙڪندڙ دل سان ميز جي خاني ۾ رکي ڇڏيم، ڇو جو امان سان گڏ پنهنجي ٽيڻ واري سهري سيٺ ٽماٽر والا ڏانهن وڃي رهيو هئس. ٽن ڏينهن کان پوءِ، هڪ ضروري ڪم سان خانو کوليم ته تنهنجو خط به نظر اچي ويو. جلديءَ ۾ لفافو کوليم ۽ جهٽ پٽ سمورو خط پڙهي

پنهنجو مٿو پنهي هٿن ۾ جهلي ويهي رهيس. ڪنهن ڪيڏي نه سچي ڳالهه چئي آهي ته جيڪڏهن محبت ڪرڻ جو اهڙو شوق آهي ته ڪنهن جانور سان محبت ڪر، ڇو جو اهو ئي هڪ اهڙو طريقو آهي، جنهن ۾ سماج دخل نٿي ڏي.

تون سوچي نٿي سگهين ته مون کي تنهنجي شاديءَ طئه ٿي وڃڻ جي خبر ٻڌي ڪيڏو رنج پهتو آهي. اڃا تائين منهنجي اکين ۾ لڙڪ تري رهيا آهن. مون آئيني ۾ پنهنجيون لڙڪن ٻريل اکيون ڏٺيون هيون: ايڏيون خوبصورت ۽ نشيليون لڳي رهيون هيون، جو جيڪڏهن تون ڏسين ها ته منهنجن لڙڪن کي پنهنجن چپن ۾ جذب ڪري ڇڏين ها.

اڄ مون کي سڀ ڳالهيون ياد اچي رهيون آهن. انيڪ ڇوڪرين نشاني طور پنهنجين وارن جون ڇڳون، جيڪي مون کي ڏنيون هئائون. انهن کي ڪٽي، مون پنهنجي سامهون رکيون آهن ۽ اهو ڄاڻڻ جي لڳ ڀڳ هڪ ڪلاڪ کان ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته انهن مان تنهنجي وارن جي ڇڳ ڪهڙي آهي جيئن آئون ڪيس آخري دفعو چمي سگهان.

مون کي اها شام به ياد آهي، جڏهن تنهنجي ۽ منهنجي پهرين ملاقات ٿي هئي. انهيءَ ڏينهن مون ياسمين يا شهزاديءَ سان ملڻ جو واعدو ڪيو هو، پر توسان ملي آئون سڀ ڪجهه ڀلجي ويس. ياسمين، روزي، شاهدا، شهزادي، نرگس، منيرا ۽ خالدا کي ائين وساري ڇڏيم، ڄڻ انهن سان ڪڏهن مليو ئي نه هئس ۽ توسان ملڻ کان پوءِ مون ائين محسوس ڪيو، ڄڻ ته تنهنجي منهنجي ورهين کان ملاقات هجي، ڄڻ اسان ٻالڪپڻ کان وٺي اڄ تائين هڪ ٻئي کي ڄاڻيندا سڃاڻيندا آيا هجون. توکي مون سان ڪيتري محبت آهي، انهيءَ جو اندازو ته مون کي انهيءَ ڏينهن ٿيو هو، جڏهن تو منهنجي ننڍي ڪار گهرائي هئي ۽ چورائي موڪليو هو ته 'تون نه هوندين ته آئون انهيءَ ڪار ۾ ويهي تنهنجي ياد تازي ڪندي رهنديس.' منهنجي پُرخلوص محبت جو توکي به انهيءَ ڏينهن اندازو ٿي ويو هوندو، جڏهن تنهنجي بابا سائين اها ڳالهه چئي هئي ته ڏاج کان سواءِ، هو پنهنجي نانيءَ کي ڏهه هزار رپيا روڪ به ڏيندو ۽ انهيءَ ڏينهن شام جو، منهنجي ماءُ منهنجي ۽ تنهنجي مائٽيءَ لاءِ تنهنجي پيءُ وٽ پهچي ويئي هئي.

اسان ٻئي هڪٻئي سان ڪيتري بي لوث ۽ بي غرض محبت ڪندا هئاسين، جنهن جو مثال پري پري تائين ملي نٿي سگهيو. اڄ شيڪسپيئر حيات هجي ها ته ڪيس روميو جيوليٽ جي تلاش ۾ دماغ تي زور نه ڏيڻو

پوي ها. اسان ٻئي هڻ جي نقلي ڪردارن کان ڪافي گهڻو سچا ۽ پاڪ محبت ڪندا هئاسين.

تون چئين ٿي ته آئون توکان دور ٿيندو ويس. تنهنجو اهو خيال بلڪل غلط آهي ۽ اها تنهنجي ڀُل آهي. تنهنجو پيءُ پنهنجي ڳالهه تان ڦري ويو. هُن ڏهن هزارن جي بدران پنج هزار ڏيڻا ڪيا. منهنجي ماءُ انهيءَ به تي صبر ڪيو. بعد ۾ خبر پيئي ته اهو ريڊيوگرام، جنهن جي اسان غلطيءَ سببان ملڻ جي اُميد رکي ويٺا هئاسين، دراصل هڪ پاڙيسري اڳوڻي چيئرمين جو هو. امان پيو دفعو به صبر ڪيو، پر هاڻي اها خبر پيئي ته توهان جنهن بنگلي ۾ رهو پيا، اهو توهان جو پنهنجو ناهي، ڪسٽوڊين جو آهي، تڏهن سندس دل ڀڄي پيئي. ڪيس ايترو رنج رسيو جو ٻن ڏينهن تائين پنهنجن هٿن سان پنهنجي پياري ٻلي پُسيءَ کي مَلائِي ۽ بسڪوٽ به نه کارائي سگهي. پوءِ به منع ٿي ڪندو رهيس (چو منهنجي دل ۾ صرف تون ٿي وسيل هئينءَ،) پر هن نه مڃيو ۽ منهنجو سنگ سيٺ ٽماٽر والا جي لاڏلي ڌيءَ سان ڪري ڇڏيائين. هاڻي تون ٿي ٻڌاءِ، انهيءَ ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي؟ اهو سڀ ڪجهه انهيءَ ظالم، بي رحم، بيهودي، بدتميز ۽ بي ڍنگي سماج جو قصور آهي. مون ڪجهه به نه ڪيو آهي. سڀ ڪجهه انهيءَ ڪميٽي سماج جو ڪرشمو آهي. آئون هڪ عرصي کان توسان ملڻ به نه آيس، انهيءَ ۾ منهنجي بي پرواهي يا بي رُخيءَ جو دخل ناهي، پر اصل سبب اهو آهي ته آئون انهيءَ وچ ۾ ظالم سماج کي ڳوليندو رهيو آهيان. هڪ وزير کان پڇيم ته ڇا توهان سماج آهيو؟ پر هن صاف ٻڌايو ته هوُ سماج نه هو، پر سماج وادي (Socialist) هو. هڪ سيٺ کان پڇيم، پر هو مِل مالڪ نڪتو. هيڏانهن ڳوليم هوڏانهن ڳوليم. نيٺ هڪ هنڌ خبرِ پيئي ته سماج کي پنهنجي گهر ۾ ڳول. گهر ۾ امان کان سواءِ ڪوبه ڪونه هو. ڊڄندي ڊڄندي پڇيم "امان تون سماج ته ناهين؟"

" ڪهڙو سماج؟ تنهنجو دماغ خراب ٿيو آهي ڇا ڇوڪرا! آئون تنهنجي ماءُ آهيان." امان مون کي پاڳل سمجهي چيو.

آخر ۾ هار کائي، چپ ڪري ويهي رهيس. تون ٿي ٻڌاءِ، ايتري پريشانيءَ جي حالت ۾ تو وٽ ڪيئن ٿي اچي سگهيس؟ ڪاش، مون کي انهيءَ سماج جو ڏَس ملي وڃي، جنهن مون کي ۽ توکي جدا ڪري ڇڏيو! تنهنجي ڳلن سان ڪيڏيندڙ سهڻن وارن جي چڳ جو قسم، بدبخت کي هميشه لاءِ ابديّ ننڊ ۾ سمهاري ڇڏيندس، پريل پستول بلڪل تيار رکيو آهي. توکي جيڪڏهن سماج جي خبر هجي ته ضرور لکج. مون ٿي اها

تنهنجي آخري مهرباني ٿيندي.

مون پنهنجي ڪار واپس گهُري ورتي؟ توکي وهم ٿيو آهي. ڊرائيور کي مون رکو ايترو چيو هو ته ڪار جي صفائي ڪرائي توکي پهچائي ڏي. هُن سَچي ڪار نئي صاف ڪري ڇڏي، يعني ٿيو هيئن جو امان کي هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٻڌائي ڪار وڪرو ڪرائي ڇڏيائين ۽ نئين ماڊل جي ڪار خريد ڪرايائين، جيڪا اڄ ڪلهه امان جي استعمال ۾ آهي. ڏاڍي ڪاوڙ آئي، بلڪ اهو شڪ ٿيو ته متان هي ڊرائيور ته سماج ناهي! بس ائين سمجهه ته رت ۾ هٿ رڱيندي رڱيندي رهجي ويس.

شايد توکي ياد هوندو ته هڪ دفعو نه، هزار دفعا. منهنجي ڪلهي تي پنهنجو مٿو رکي، منهنجي ڇاتيءَ تي پنهنجا وار وڇائي، منهنجي ٻانهن ۾ پنهنجون ٻانهون وجهي ۽ منهنجي رواتيءَ جهڙن کهرن هٿن تي پنهنجن ڳلن جا گلاب رکي، تو ڪيترا قسم کاڌا هئا ته جيڪڏهن اسان کي سماج هڪ ٻئي کان الڳ ڪري ڇڏيو ته تون خودڪشي ڪندينءَ، زهر کائيندينءَ، کوهه ۾ ٽپو ڏيندينءَ يا ندي ۾ ڇلانگ لڳائيندينءَ. آئون روز ڏاڍي حسرت سان اخبار ڏسندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن خودڪشيءَ جي ڪا خبر هوندي آهي، پر اهو ڪڏهن به نه ٿيو، جو ڪا خبر تنهنجي نالي سان ڇپي هجي. (اها منهنجي بدنصيبي ناهي ته ٻيو ڇا آهي.)

تون مون تي بيوفائيءَ جو الزام هڻين ٿي، جيتوڻيڪ جنهن انصاف پسند دل کان چاهين پڇي ڏس ته هوءَ اهوئي چوندي ته تون بيوفا نڪتينءَ. تون خودڪشيءَ جو وعدو ڪرڻ ۽ وڏا قسم کائڻ جي باوجود، اڄ تائين معمولي خودڪشي به نه ڪري سگهينءَ. تو سچي ۽ پاڪ محبت تي داغ لڳايو آهي. بزرگن سچ چيو آهي ته عورت جو ٻيو نالو بيوفائي آهي.

اڄ آئون سچ پچ روئي رهيو آهيان. منهنجين اکين ۾ پريل لڙڪن جا ڦڙا ايڏا پيارا ٿا لڳن جو تون جيڪر هتي هجين ها ته پنهنجي سنگتڙي جي ڦاڪن جهڙن رسيلن چپن ۾، انهن سيني لڙڪن کي جذب ڪري وٺين ها.

تو اسان جيَ ملڪ جي محبت ڪندڙ ڇوڪرين جي روايت جي شان کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو. تنهنجو خودڪشي نه ڪرڻ ۽ بيوفائي جو ثبوت ڏيڻ جو مون کي جڏهن به خيال ايندو، آئون اهڙي طرح روئندو رهندس.

خدا توکي خودڪشي ڪرڻ جي همت بخشي.

تنهنجو وفادار محبوب

... ... ...

# هن مجموعي جا ڪهاڻيڪار

**اَڪيلن** (Akilan) 27 جون 1922ع تي پيرنگ لور (تامل ناڊو) ۾ پيدا ٿيو. هن پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات تامل زبان جي مشهور ادبي ماهوار رسالي ’ڪلائي مگل‘ ۾ لکڻ سان ڪئي. هو پوءِ هفتيوار رسالن ’ڪلڪي‘ ۽ ’آنندوگڊن‘ ۾ لکندو رهيو ۽ آل انڊيا ريڊيو سان به واڳيل رهيو. سندس 30 ناول، 18 ڪهاڻين جا مجموعا ۽ 2 ناٽڪ شايع ٿيل آهن. سندس ادبي ڪاوشن تي ڪيس پارت جا ڪيترائي ايوارڊ مليا. جن ۾ ’گيان پيٺ‘ به شامل آهي. سندس ناولن ۽ ڪهاڻين جي مرڪزي خيال تي ٻڌل فلمون به ٺهي چڪيون آهن. هو 21 جنوري 1989ع تي مدراس ۾ گذاري ويو.

**اَمرتا پريتم** (Amrita Pritam) جو پيدائشي نالو امرت ڪؤر آهي ۽ 31 آگسٽ 1919ع تي گوجرانوالا (هاڻي پاڪستان) ۾ جنم ورتائين. جتي ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين. سندس ماءُ ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويس، جنهن ڪري پڻس گياني ڪرتار سنگهه هتڪاري، جيڪو هنديءَ جو مشهور شاعر ۽ عالم هو، سندس تربيت پٽن وانگر ڪئي. سورنهن ورهين جي ڄمار ۾ سندس پنجابي نظمن جو پهريون مجموعو ’امرت لهران‘ ۽ ٻئي سال ٻيو مجموعو ’چار آنسو‘ شايع ٿيا، پر شهرت مشهور نظم ’اڄ آکان وارث شاهه نون‘ لکڻ کان پوءِ مليس، جيڪا ورهاڱي جي پس منظر ۾ آهي. هن وقت سندس ڪيترائي شعري مجموعا، ناول، ڪهاڻين جا مجموعا، سفرناما، خاڪا وغيره شايع ٿي چڪا آهن. ناولن مان سندس ناول ’پنجر‘ مشهور آهي. جنهن تي تازو فلم پڻ ٺهي آهي. سندس شعري مجموعي ’سنهيوڙي‘ تي 1956ع ۾ ساهتيه اڪادمي پاران ايوارڊ کان سواءِ، کيس ٻين ڪيترن ئي ايوارڊن سان نوازيو ويو آهي. هُوءَ هڪ عرصي کان پنجابي (گورمکيءَ) ۾ ’ناگ مڻي‘ نالي رسالو دهليءَ مان شايع ڪري رهي آهي.

**آصف فرَخي** (Asif Furrukhi) سيپٽمبر 1959ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم اُتان ئي حاصل ڪري، ايم بي بي ايس ڪرڻ کان پوءِ، پبلڪ هيلٿ ۾ هارورڊ يونيورسٽي (امريڪا) مان ڊگري ورتائين. هو تاڃي پيٽي اديبن جي خاندانن سان جڙيل آهي. پروفيسر ڊاڪٽر اسلم فرَخي سندس والد آهي ۽ هو مشهور اردو ناول نگار ڊپٽي نذير احمد ۽ شاهد احمد دهلوي سان خانداني طور لاڳاپيل آهي.

آصف فرَخي پنهنجي ادبي زندگيءَ جي شروعات شاعريءَ سان ڪئي ۽ پهرين ڪهاڻي 1978ع ۾ لکيائين. سندس ڪهاڻين جا مجموعا ’آتش فشان پر کِلي گلاب‘ (1982)، ٻيو مجموعو ’اسمِ اعظم کي تلاش‘ (1984)، ’چيزين اور لوگ‘ (1991)، ’ميَن شاخ سي کيون ٽوٽا‘ (1997)، ڪراچيءَ جي افسوسناڪ واقعن سان متعلق سلسليوار ڪهاڻين جا ٻه مجموعا ’شهر بيتي‘ ۽ ’شهر ماجرا‘ (1995) ۽ هڪ شعري مجموعي کان سواءِ، پرڏيهي

ادب جا ڪيترائي ترجما شايع ٿيل اٿس، جن ۾ ناول، ڪهاڻيون، شاعري ۽ ٻيون صنفون اچي وڃن ٿيون. هن سهيوڳي اردو شاعري ۽ شيخ اياز جي چونڊ شاعريءَ کي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، اردو ادب کان سواءِ، انگريزي ۽ سنڌي ادب تي پڻ گهري نظر اٿس. 1998 ۾ بهترين ترجمن تي ڪيس پرائيم منسٽر ايوارڊ سان نوازيو ويو.

آصف فرخي ڪراچيءَ ۾ يونيسيف سان واڳيل آهي ۽ 'دنيازاد' نالي هڪ ادبي مخزن ايڊٽ ڪري ٿو، جنهن ۾ جديد ۽ سهيوڳي ادب جون تحريرون شامل هونديون آهن. هو 'شهرزاد' نالي هڪ پبلشنگ ادارو به هلائي ٿو، جنهن ڪيترائي اصلوڪا ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب شايع ڪيا آهن.

**اقبال فرحت اعجازي** (Iqbal Farhat Aijazi) جي باري جو احوال ملي نه سگهيو آهي. هن مجموعي ۾ شامل خطن جي صورت ۾ سندس ڪهاڻي 'ٽي خط' الهه آباد مان شايع ٿيل هندي رسالي 'مايا' جي هڪ پراڻي شماري مان ترجمو ڪئي ويئي آهي.

**ايس- ڪي- رامپال** (S. K. Rampal) انگريزي زبان جو ڪهاڻيڪار آهي. هن مجموعي ۾ شامل سندس ڪهاڻي 'لاوارث لاش' السٽريٽيڊ ويڪلي آف انڊيا 16-27 آڪٽوبر 1977ع واري شماري تان ورتي ويئي آهي، جيڪا اُن زماني ۾ خوشونت سنگهه جي ايڊيٽريءَ ۾ شايع ٿيندي هئي.

**ايل- ايس- رامامرتم** (La. Sa. Ramamirtham) 1916ع ۾ جنم ورتو. ننڍپڻ کان ئي لکڻ شروع ڪيائين. انگريزي ۽ تامل، ٻنهي ٻولين ۾ ڪهاڻيون ۽ ناول لکندو آهي. جذبي سان ڀرپور عڪاسي ۽ خيال جي گهرائي، سندس ڪهاڻين جو روح آهن. هو 1944ع تائين مدراس بئنڪ سان وابسته رهيو ۽ پوءِ پنجاب نيشنل بئنڪ مان رٽائر ڪيائين. نوڪريءَ جي مصروفيت جي باوجود هن ادب ۾ گهڻو يوگدان ڏنو. هيل تائين سندس ست ڪهاڻين جا مجموعا ۽ به ناول شايع ٿيل آهن. ڪيس تامل ٻوليءَ جو سٺو ڪرافٽسمين ۽ اسٽائيلسٽ ليکڪ مڃيو وڃي ٿو. سندس ڪهاڻيون ۽ تخليقي چونڊچاڻ يونيورسٽي آف شڪاگو (امريڪا) جي مخزن 'Mehfil' (جلد 4، نمبر 3 ۽ 4/ 1968ع) ۾ ڇپيل آهن.

**بَنَ ڦولُ** (Banaphool) جو اصل نالو بالائچند مکو پاڌيايه آهي. سندس جنم 1899ع ۾ ٿيو. ڪيس بنگالي ادب ۾ پهرين صف جي ڪهاڻيڪار هئڻ جي حيثيت حاصل آهي. هن پوءِ ناٽڪ به لکيا ۽ پنهنجين ڪهاڻين ۾ ٽئگور جي طرز تي ناٽڪ جو عنصر جوڙي ڇڏيائين، جنهن جو مثال سندس رچنا 'پلٽڻ هولو' (مون کي اڏامڻو هو) آهي.

**حليم بروهي** (Haleem Brohi) 5 آگسٽ 1936ع تي حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو. فلسفي ۽ قانون جي شعبن ۾ گرئجوئيشن ڪرڻ کان پوءِ، وڪالت جو پيشو اختيار ڪيائين ۽ گڏوگڏ رسالن ۽ اخبارن ۾ ڪالم ۽ ڪتابڙن جي صورت ۾ لکندو رهيو. هو سنڌي زبان

جي طنز و مزاح جو اڪيلو ليکڪ آهي. جيڪو انگريزي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ساڳي مهارت ۽ فنڪاريءَ سان لکڻ جي سگهه رکي ٿو. هن وقت تائين سنڌس ڪافي ڪتاب ڇپيل آهن، جن ۾ 'اوڙاهه' (ناول-1975)، 'مجموعو' (ڪهاڻيون ۽ مضمون- 1975)، 'حليم شو' (رچنائون- 1983)، مِسز شا وارو ڪيس' (1979)، 'Notes in Sindhi Literature' (سيريز 1986)، 'سنڌ، سنڌي، سنڌي ٻولي، سنڌي ساهت' (سيريز 1985)، 'حليم بروهيءَ جي سنڌي' (1991)، 'هِن پار- هُن پار' (ڊاڪٽر ايسراڻيءَ سان گڏ، ڀارت ۾ 1985 ۾ ڇپيل) کان سواءِ ڪيترائي ڪتابڙا، مضمون ۽ ڪالم ڇپيل آهن. حليم بروهي وڪالت جي پيشي سان منسلڪ هئڻ دوران 1964 ۾ انگريزيءَ ۾ 'Criminal Practice' لکيو. جيڪو سندس ڄاڻ موجب، نهايت دلچسپ ثابت ٿي ها. جيڪڏهن پاڻ اُن موضوع تي لکڻ جاري رکي ها.

هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻي 'عشق ڪرين ته شادي نه ڪر' واحد ڪهاڻي آهي جيڪا هن اردوءَ ۾ لکي هئي.

حليم بروهي سنڌ يونيورسٽيءَ جي انتظامي شعبي ۽ سنڌالاجيءَ جي ريسرچ شعبي سان وابسته رهيو. رٽائر ڪرڻ کان پوءِ، هاڻي هوُ سنڌي ٻوليءَ لاءِ رومن لپيءَ تي ڪم ڪري رهيو آهي.

**حميد ڪاشميري** (Hameed Kashmiri) 1931 ۾ پيدا ٿيو ۽ ادبي ميدان ۾ اردوءَ جي ڪهاڻيڪار ۽ ڊرامانگار جي حيثيت ۾ سڃاتو ويندو آهي. سندس ڪتاب 'ديوارين'، 'وعده' وغيره (ڊائريڪٽري اهلِ قلم؛ اڪادمي ادبيات اسلام آباد مطابق) ڇپيل آهن. هوُ صحافت جي پيشي سان وابسته رهيو ۽ ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ ناٽڪ به لکيائين. تازو 2004 ۾ ڪراچيءَ ۾ وفات پاتائين.

**حنيف قريشي** (Hanif Kureshi) جي ڪهاڻين ۽ ناولن جو موضوع برطانيا ۾ رهندڙ ايشيائي، خاص طور تي پاڪستاني ۽ هندستاني ٿي رهيا آهن. پنهنجي ڊرامي 'My Beautiful Laundrette' کان وٺي هيستائين، هوُ انهيءَ موضوع تي ڪهاڻيون ۽ ناول لکي رهيو آهي. هُن اِنهيءَ موضوع کي جهڙي ريت نباهيو آهي ۽ جنهن سچائيءَ سان نباهيو آهي، اُن تي مٿس گهڻا ايشيائي ناراض رهندا آهن. هتي جنهن ڪهاڻيءَ جو ترجمو پيش ڪيو ويو آهي، اها 'My Son the Fanatic' جي عنوان سان گهڻو ڪري 1994 يا 1995 ۾ شايع ٿي هئي ۽ شايع ٿيندي ئي انگريزي ادب پڙهندڙن، خاص ڪري پاڪستانين ۾ ڇوٻول مچائي ڇڏيو هو. هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيل موضوع کي پيڙهي وڇوٽي (Generation gap) ڪوٺيو، يا وري اَبتو جينريشن گئپ. ڪهاڻيڪار پاڪستانين ۾ پيدا ٿيندڙ لاڙن ڏانهن آگر ڏس اُن وقت ڪئي هئي، جڏهن اُنهن کي غير ضروري ۽ غير اهم سمجهيو ويندو هو. حنيف قريشي برطانيا ۾ رهي ٿو ۽ دنيا جي وڏن ڪهاڻيڪارن، ناول نگارن ۽ ڊراما نگارن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. سندس لکيل ڊرامن تي فلمون به ٺهي چڪيون آهن.

**خوشونت سنگهه** (Khushwant Singh) جو جنم 15 آگسٽ 1915ع تي پاڪستان جي صوبي پنجاب جي هڪ ڳوٺ هڊاليءَ ۾ ٿيو. جتي ابتدائي تعليم وٺڻ کان

پوءِ، گورنمينٽ ڪاليج لاهور، لنڊن جي ڪِنگس ڪاليج ۽ اِنرٽيمپل لنڊن مان ڊگريون ورتائين. اٽان مونڻ کان پوءِ لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪيائين ۽ پوءِ 1942ع کان پرڏيهي اُمور جي شعبي ۾ ڪئناڊا، لنڊن ۽ پوءِ فرانس ۾ يونيسڪو ۾ پنهنجون سفارتي خدمتون سرانجام ڏنائين. 1951ع ۾ آل انڊيا ريڊيو سان وابسته ٿيو ۽ ساڳي سال کان وٺي 1953ع تائين Yojna جو فائونڊر ايڊيٽر ٿي رهيو. 1969ع کان 1979ع تائين The Illustrated Weekly of India جو، 1978ع کان 1979ع تائين National Herald جو، 1979 کان 1980 تائين New Delhi جو ۽ 1980 کان 1983 تائين Hindustan Times جو ايڊيٽر ٿي رهيو. هن ڀارتي توڙي پرڏيهي اخبارن ۾ لکيو ۽ بين القوامي سطح تي مشهور ڪالم نگار ۽ صحافي جي حيثيت سان ڄاتو وڃي ٿو.

هن صحافت سان گڏ ادبي ميدان ۾ بہ وڏو مقام ماڻيو آهي. سندس مشهور ڪتاب 'A History of Sikhs' کي ڪلاسڪ جي حيثيت حاصل آهي. سندس ناول 'A Train to Pakistan' ۾ ورهاڱي جي تصوير چٽيل آهي، جنهن کي 1954 سال جو شاهڪار ناول مڃي، Grove Press Award ڏنو ويو. انهن ڪتابن کان سواءِ سندس ناول (1990) 'Delhi' 'The Company of Women' ۽ آتم جيوني 'Love, Sex and Some Malice'، شايع ٿيل آهن.

خوشونت سنگهہ ڀارتي پارليامينٽ جو ميمبر (1986-1980) بہ ٿي رهيو. ڪيس بيشمار ايوارڊن کان سواءِ، ڀارت جي وڏي اعزاز پدمر ڀوشڻ سان پڻ نوازيو ويو، پر اندرا سرڪار طرفان گولڊن ٽيمپل امرت سر تي چڙهائي جي خلاف احتجاج طور واپس ڪيائين.

هو اڄ ڪلهہ دهليءَ ۾ رهي ٿو.

ڌومر ڪيتو (Dhoomketu) جو اصل نالو گوري شنڪر گووردن داس جوشي آهي. سندس جنم 1892ع ۾ ٿيو ۽ 1965ع ۾ هيءَ جهان ڇڏيائين. ڪيس گجراتي زبان جو وڏو ليکڪ ۽ مک ڪهاڻيڪار مڃيو وڃي ٿو. 45 کان وڌيڪ ڪتابن جي هن ليکڪ جا 'چولا ديوي' (ناول)، 'پگڊنڊي' (سفرنامو)، 'جيون رنگ' (آتم ڪهاڻي)، 'پنگوشتي' (طنز)، 'پَدگها' (ناٽڪ)، 'هيم چندر آچاريہ' (سوانحي خاڪا) ۽ 'تَنکا' (ڪهاڻين جا 4 جلد) شايع ٿيل آهن.

رسڪن بانڊ (Ruskin Bond) جي هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻي 'همسفر' ريڊرس ڊائيجيسٽ ۾ ڇپيل سندس ڪهاڻي The Girl on the Train جو ترجمو آهي، جيڪا مختصر ڪري ڇپي ويئي هئي. رسڪن بانڊ هيءَ ڪهاڻي، ٻين گهڻين ڪهاڻين سان گڏ، تڏهن لکي هئي، جڏهن سندس ڇمار سترنهن ورهيہ هئي. انهن ڪهاڻين جو مجموعو هو 'The Room on the Roof'. هيءَ ڪهاڻي هڪ احساساتي ۽ دل کي ڇهندڙ ڪهاڻي آهي، جيڪا سندس لکڻين جو هڪ نمونو آهي. ڪامن ويلٿ ايوارڊ (1957) ۽ چلڊرين لٽريچر ايوارڊ (1987) حاصل ڪيل هِن ڪهاڻيڪار جو جنم 1934ع ۾ ڪسولي (ڀارت) ۾ ٿيو. هن پنهنجي لکڻ جي ڊگهي عرصي دوران انگريزيءَ ۾ ناول، ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعريءَ سان گڏ ٻارن لاءِ بہ ڪتاب لکيل آهن. هيل تائين سندس ٽيهن کان وڌيڪ ڪتاب شايع

**سعادت حسن منٽو** (Sa'adat Hassan Manto) 11 مئي 1912ع تي اوڀر پنجاب جي هڪ ڳوٺ سمبرالا، ضلعي لڌيانا ۾ پيدا ٿيو. هو هڪ منفرد ڪهاڻيڪار ٿي اڀريو ۽ ورهاڱي جي فسادن ۽ انهن مان پيدا ٿيل دٻاءَ جي اثر هيٺ آيل ماڻهن جون ڪهاڻيون لکي امتيازي حيثيت حاصل ڪيائين. هن روايتي طريقن کان بغاوت ڪري جنس جي موضوع تي نفسياتي ورتاءَ سان جيڪي ڪهاڻيون لکيون، تن کيس گاريون به کارايون ته گلن جي ورکا به ڪرائي. سندس ڪيترائي ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿيل آهن، جن مان پهريون مجموعو 1936ع ۾ شايع ٿيو هو. ڪُجهه سال اڳ ڀارت ۾ سندس ڪهاڻيون 5 جلدن ۾ شايع ٿيون آهن. هو آل انڊيا ريڊيو ۽ بمبئي جي فلم انڊسٽريءَ سان وابسته رهيو. ورهاڱي کان پوءِ لاهور لڏي ويو، جتي گهڻي شراب پيئڻ جي علت سبب 18 جنوري 1951ع تي وفات ڪيائين.

**سنت سنگهه سيکون** (Santsingh Sekhon) 1908ع ۾ لائلپور (هاڻي پاڪستان ۾ فيصل آباد) ۾ ڄائو. ايم- اي انگريزي ادب ۽ معاشيات ۾ ڪيل اٿس. هيل تائين سندس ڪافي ڪهاڻين جا مجموعا شايع ٿيل آهن، جن مان 'خبرين'، 'مزدور اور سورما'، 'ٻاره دري'، 'ٻيج راستي ۾'، 'ٽيجا پهر' ۽ 'سم پهر' اهم آهن. هو گرو گوبند سنگهه ريپبلڪ ڪاليج جنڊيالہ (ضلعو جلنڌر) ۾ پرنسيپال ٿي رهيو. هو پنجابي زبان جو همہ گير اديب آهي ۽ گهڻو ڪري ادب جي سڀني صنفن ۾ لکيو اٿس. سندس هڪ ناول 'لهو مٽي'، نظمن جو هڪ مجموعو، ڊرامن ۽ ون ائڪٽ پليز جا به ڪافي مجموعا شايع ٿيل آهن، جن ۾ 'ڪلاڪار' به شامل آهي. نقاد جي حيثيت سان به کيس اهميت حاصل آهي.

**علاؤالدين الآزاد** (Allauddin Al-Azad) بنگالي زبان جو اهم ڪهاڻيڪار آهي.

اِي. ايم. ڪوؤر (M Kovoor.E) جو جنم متروليہ (ڪيرالا) ۾ 1906ع ۾ ٿيو هو ۽ اعليٰ تعليم ترپويندرم جي آرٽس ڪاليج ۽ لا ڪاليج ۾ حاصل ڪيائين. اول وڪالت جي پيشي سان واڳيل رهيو پوءِ جوڊيشري ڪاتي ۾ ڊسٽرڪٽ سيشن جج جي عهدي تائين رسيو. ڪو وُور پنهنجي جدت لطيف اندازِ بيان سبب مشهور آهي. سندس 14 ناول، 15 ڪهاڻين جا مجموعا ۽ بہ مزاحيہ خاڪن جا ڪتاب شايع ٿيل آهن.

**مليانل** (Milyanal) 1892ع ۾ احمد آباد ۾ جنم ورتو. سندس اصل نالو ڪنچن لال واسديو مهتا هو. هن پئروڊيون، مزاحيہ ڪهاڻيون ۽ افسانا لکيا. ڪهاڻين ۾ سندس ڪهاڻي 'ڳنوارڻ'، جو ترجمو 'ٽي روپ'، هن مجموعي ۾ شامل آهي. اها ڪهاڻي گجراتي زبان جي ڪهاڻين جي پيڙهہ جي پٿر طور مڃي ويئي آهي، جنهن کيس شهرت بخشي. هو 27 ورهين جي ننڍي ڄمار ۾ 1919ع ۾ هي جهان ڇڏي ويو.

**واجده تبسم** (Wajida Tabbasum) حيدرآباد دکن جي هن ليکڪا 1936 ڌاري جنم ورتو. 1955ع کان ڪهاڻي لکڻ سان ادب جي ميدان ۾ پير پاتائين. سندس ڪهاڻيون ۽ ناول حيدرآباد دکن جي تهذيب ۽ تمدن جي پس منظر ۾ آهن، جن ۾ عورت کي مرڪزي حيثيت هوندي آهي ۽ عصمت چغتائي وانگر ۾ جنس ۽ اُن جي مخصوص سماجي پس منظر تان پردو ڪنيل هوندو آهي. پر پوءِ بہ واجده تبسم جي ڪهاڻين ۽ ناولن جو پنهنجو رنگ ۽ روپ آهي. سندس ڪهاڻي 'اُترن' سبب ڪيس شهرت ملي. ڪهاڻين جي مجموعي 'شهرِ ممنوع' کان سواءِ ٻيا مجموعا ۽ ناول بہ شايع ٿيل آهن.

ڪنوار (پوءِ اُها هندو هجي يا مسلمان) جو سينگار نٿ کان سواءِ مڪمل نٿو مڃيو وڃي. هڪ پاسي اهو زيور ايڏو خوبصورت ٿئي ٿو جو بس، تہ ٻئي پاسي اها روايت بہ آهي تہ جيئن نڪ ۾ نٿ پيئي، تيئن ڇوڪريءَ جي آزادي ڇني. هن مجموعي ۾ شامل واجده تبسم جي ڪهاڻي 'نٿ جو بار' سماجي تصوير پيش ڪري ٿي.

**وئڪم محمد بشير** (Vaikkom Muhammad Bashier) مليالم ٻوليءَ جو مشهور ناول نگار، ڪهاڻيڪار ۽ ناٽڪ ڪار آهي، جنهن 1910ع ۾ جنم ورتو. سندس ڪهاڻين جا 17 مجموعا ۽ 18 ناول شايع ٿي چڪا آهن ۽ گڏوگڏ فلمن لاءِ بہ ڪهاڻيون لکندو رهيو آهي. آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتائين ۽ ڪافي ڀيرا جيل بہ ڪاٽيو پيس. سندس ناول (1951) 'Enruppappekoranentarnu' (منهنجي ڏاڏي هڪ هاٿي ڌاريو هو) هندوستان جي ڪيترين ئي زبانن ۾ ترجمو ٿي ساهتيہ اڪادمي طرفان شايع ٿيل آهي.

# ولي رام ولڀ جا لکيل، ترجمو ڪيل ۽ ترتيب ڏنل ڪتاب

- **ترجمو ڪيل ناول**

(1) غدار (اردو): ڪرشن چندر (1968-1980-1983-1990)

(2) سيتا هرڻ (اردو): قرة العين حيدر (1977-1982-1996)

(3) بند دروازو (پنجابي): امرتا پريتم (1978-1991)

(4) ڌاريو (فرينچ): البير ڪاميو (1993)

(5) پوئين پهر جا پانديئڙا (اردو): قرة العين حيدر (2000)

(6) ائنا ڪرينينا (روسي): ليو ٽالسٽاءِ

(7) ڪهاڻي هُن جي (پنجابي): امرتا پريتم

(8) سُمهيل پاڻي (هندي): سرويشور ديال سڪسينا

(9) چِتن ڪُتن جو مسيحا (هندي): سرويشور ديال سڪسينا

(10) ~~ڪارو ڪتاب~~ (هندي): عابد سوُرتي

- **ترجمو ڪيل ۽ ترتيب ڏنل ڪهاڻين جا مجموعا**

(1) ٽين دنيا جون ڪهاڻيون (1980)

(2) ٽڪل سُريت ۽ ٻيون ڪهاڻيون (اٽالين): البرتو موراويا (1983)

(3) نيڻ تارا ۽ ٻيون ڪهاڻيون (هندي ۽ اردو): (2003)

(4) بهشت ۽ دوزخ، ۽ ٻيون ڪهاڻيون (ننڍي کنڊ جون مختلف ٻوليون)

(5) يورپي ڪهاڻيون

(6) امريڪي ۽ لاطيني امريڪا جون ڪهاڻيون

(7) ڏور- اوڀر جون ڪهاڻيون

- **اصلوڪيون ڪهاڻيون**

(1) زندگيءَ جو هڪ ڪپيل ٽڪرو ۽ ٻيون ڪهاڻيون

(2) زندگي سي ڪتنا هوئا ٽڪڙا (اردو ترجمو: بشير عنوان): (2001)

(3) ليڪا نہ اورانگهڻ جهڙا (ڪهاڻي جو انگريزي ترجمو "Barriers That Remained" پينگئن بُڪس جي انڊين ايڊيشن "A Letter from India" (2004) ۾ شامل.

- **شاعري** (طبع زاد ۽ ترجما)

(1) اُڏارون آڪاس ۾


(2) ڪويتا ڦُلواڙي (مختلف ملڪن جي 28 ٻولين جي شاعريءَ جو ترجمو)

(3) لُوَ (شمشير الحيدري جي شعري مجموعي 'لاٽ' جو اردو ترجمو)

- **ڏيهي ۽ پرڏيهي رچنائون ۽ رچناڪار**

(1) ڪير ڏارا (سنڌي ليکڪن ۽ ڪتابن جي باري ۾)

(2) پرڏيهي سرجڻهار ۽ سندن رچنائون



**ولي رام ولڀ** هڪ ناميارو ڪهاڻي ڪار ۽ ترجمي نگار آهي. هُو 18 آگسٽ 1941ع تي مِٺي شهر (ضلعي ٿرپارڪر) ۾ ڄائو. هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان اردو، سوشيالاجي، ماس ڪميونيڪيشن ۽ قانون ۾ ڊگريون ورتيون. ولي رام ولڀ جيڪي سنڌيءَ ۾ طبع زاد ڪهاڻيون لکيون، سي ترجمو ٿي پهريائين اردو ۾ ''زندگی سے کٹا ہوا ٹکڑا'' مجموعي ۾ 2001ع ۾ ڇپيون ۽ بعد ۾ انهن مان هڪ "ليڪا نه اورانگهڻ جهڙا" انگريزي ٻوليءَ ۾ "Barriers that Remained" جي سِري سان ترجمو ٿي، پينگُئن بُڪس جي انڊين ايڊيشن A Letter from Pakistan ۾ شايع ٿي. ان کان علاوه 200 کان وڌيڪ پرڏيهي ڪهاڻيون، پرڏيهي ليکڪن ۽ سندن رچنائن تي مشتمل هڪ وڏو ذخيرو سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿس، جن ۾ ناول خاص طور تي ذڪر جوڳا آهن. سندس انهيءَ ادبي پورهئي منجهان، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب کي نوَن لاڙن ملڻ جي شاهدي ملي ٿي.